سنڌي لازمي ۽ آسان اردو

يونٽ نمبر 1 کان 18 ڪورس ڪوڊ 318

انٽرميڊيٽ

شعبو: پاڪستاني زبانون

علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد
وٽ محفوظ آهن.

ڇاپو: ________ ٻيو
ڇاپي جوسال: ________ 2009ء
ڇاپي جو تعداد: ________ 500
قيمت: ________ -/225 روپيا
ٽائيٽل: ________ محمود احمد قريشي
ٽائيٽل خطاطي: ________ شعيب خان
ڇپائيندڙ: ________ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد
ڇاپيندڙ: ________ صمراز پرنٹرز راولپنڈی
ڪمپوزر: ________ معظم ٻبر

اڳوڻي ڪورس ٽيم حصو سنڌي

چيئرمين: نظير صديقي

فاصلاتي تشڪيل : ڊاڪٽر حيدر سنڌي

نظرثاني: پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري

اڳوڻي ڪورس ٽيم حصو اردو

چيئرمين: نظير صديقي

فاصلاتي تشڪيل : ڊاڪٽر محسنہ نقوي

نظرثاني: ڊاڪٽر نثار احمد قريشي

ايڊيٽر: عفت ياسمين

موجوده ڪورس ٽيم براءِ نظر ثاني حصو-سنڌي ۽ اردو

چيئرمين: پروفيسر ڊاڪٽر انعام الحق جاويد

ميمبر: محترمہ ثمينہ امان، عبدالله جان عابد،
منظور علي ويسريو ، حاڪم علي ٻرڙو،
ضياءُ الرحمان بلوچ، محمد قاسم

ايڊيٽر: دائود رضوان

پروگرام پروڊيوسر: عبدالقادر سهتو

ڪورس رابطہ ڪار: حاڪم علي ٻرڙو

فهرست

صفحو نمبر

- ❖ پيش گفتار — ix
- ❖ مهاڳ — xi
- ❖ ڪورس جو تعارف — xiii

يونٽ نمبر	مضمون	تحرير	صفحو نمبر
1-	قومي جذبو ۽ قومي اخلاق	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	07
	پاڪستاني قوميت جو مقصد	(ترجمو) علي نواز جتوئي	18
2-	تمدن جي ماهيت	ڪريم بخش چنا	35
	ڪامياب زندگيءَ جو	علامه آءِ. آءِ قاضي	
	ڪارگر قاعدو		45
3-	سنڌ جون اڳوڻيون	ڊاڪٽر ع. م. داؤد پوٽو	63
	روايتون ۽ علم ادب		
	ڪوهستاني ڪچهري	الهبچايو سمون	80
4-	ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون	حڪيم فتح محمد سيوهاڻي	109
	علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا	علامه آءِ. آءِ قاضي	116
5-	شاهه جو شعر ۽ شاعري	ڊاڪٽر گربخشاڻي	139
	دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر	علامه آءِ. آءِ قاضي	149
6-	سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي	عبدالقيوم صائب	169
	عام سنڌي شاعري	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	186
7-	پورهيتن جو ڏينهن	رشيد ڀٽي	207
	مصطفيٰ جي الوداعي نصيحت	عثمان علي انصاري	215

(نظم جو حصو)

يونٽ نمبر	شاعر	
8-	قاضي قادن	241
	شاهہ ڪريم	247
	شاهہ عبداللطيف ڀٽائي	253
	خواجہ محمد زمان	266
9-	سچل سرمست	281
	حمل فقير	292
10-	خليفو گل محمد	307
	فقير قادر بخش بيدل	312
11-	مير عبدالحسين خان سانگي	325
	مرزا قليچ بيگ	329
12-	محمد هاشم مخلص	343
	شيخ عبدالله عبد	347
13-	حافظ محمد احسن	363
	شيخ عبدالحليم جوش	365
14-	شيخ اياز	377
	سرويچ سجاولي	381
	حڪيم نياز همايوني	385

حصہ اُردو

موضوعات	مصنف	صفحہ نمبر
یونٹ نمبر 15		**393**
○ نبی کریمؐ کی ہجرت	علامہ سید سلیمان ندوی	399
○ اسلامی حکومت کا امیر سب کا خادم ہوتا ہے	مولوی سلیم عبداللہ	404
○ سب سے بڑا اسلامی شاعر	مولوی سلیم عبداللہ	409
○ پاکستان کے لیے پہلا جہاد	مولوی سلیم عبداللہ	414
○ اسلامی کردار	مولوی سلیم عبداللہ	420
یونٹ نمبر 16		**429**
○ نصوح کا خواب	مولوی نذیر احمد	435
○ جیسی کرنی ویسی بھرنی	خواجہ حسن نظامی	442
○ حج اکبر	منشی پریم چند	447
○ ایک وصیت کی تعمیل	مرزا فرحت اللہ بیگ	457
○ اُردو کی آخری کتاب	پطرس بخاری	464
یونٹ نمبر 17		**471**
○ اردو کی کہانی	مولوی عبدالحق	479
○ مولانا محمد علی جوہر	مولانا عبدالماجد دریابادی	485

○ حالب ہموں کے نام سرسید کا ایک خط	سرسید احمد خان	492
○ نامور ادیبوں کے خطوط	غالب، اکبر، شبلی، نذیر احمد، سرسید	498
○ سید معصوم شاہ بکھری	عبدالواحد سندھی	506
○ ایران کا جاڑا	مولوی محمد حسین	512

یونٹ نمبر 18 521

○ حمد	حفیظ جالندھری	529
○ حضرت صدیق اکبرؓ کا ایثار	علامہ اقبال	534
○ حُبِ وطن	مولانا حالی	539
○ مردِ مجاہد	مولوی شفیع الدین نیر	546
○ آسمان اور تارے	مولوی محمد اسمٰعیل میرٹھی	552
○ آمدِ بہار	احمد علی شوق قدوائی	557
○ آدمی نامہ	نظیر اکبر آبادی	562
○ رُباعیات	انیس، حالی، اکبر، داغ	568

پیش گفتار

عزیز طلبہ وطالبات! میں آپ کو علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی کے انٹرمیڈیٹ کے کورس ''سندھی لازمی اور آسان اردو'' میں داخلہ
ے پرخوش آمدید کہتا ہوں اور دُعا کرتا ہوں کہ خداوند تعالیٰ آپ کو اپنے تعلیمی ارادوں میں کامیاب کرے۔

یہ کورس پہلی مرتبہ 1986ء میں شروع کیا گیا تھا اور یونیورسٹی قواعد کے مطابق اس پر نظر ثانی ضروری تھی۔ میرا خیال ہے کہ
تی ہوئی دُنیا کے جدید تقاضوں کو پیش نظر رکھتے ہوئے تعلیمی نصابات پر ایک خاص مدت کے بعد نظر ثانی ہوتی رہنی چاہیے۔ اسی
رورت کے تحت اب یہ نظر ثانی شدہ ایڈیشن پیش کیا جا رہا ہے، جس میں اس کورس کی دونوں جلدوں کو یکجا کر کے شائع کیا
ا رہا ہے۔ اُمید ہے آپ اب اس کورس کو پہلے سے بہتر پائیں گے۔

عزیز طلبہ وطالبات! سندھی آپ کی مادری زبان ہے، اس لیے اس کورس کے سندھی کے حصے میں آپ کو کم مشکلات درپیش
وں گی۔ تاہم تمام اسباق میں شامل مشکل الفاظ کے معانی ومفاہیم ہر یونٹ کے اختتام پر دیے گئے ہیں اور ساتھ ہی تشریح طلب
ملوں کی آسان اور سلیس عبارت میں تشریح بھی کر دی گئی ہے، تا کہ آپ کو ان کی تفہیم میں کسی قسم کی کوئی دقت درپیش نہ ہو۔

مجھے قوی اُمید ہے کہ سندھ کے وہ طلبہ وطالبات، جو اپنے حالات کی بناء پر باقاعدہ طور پر کسی کالج میں داخلہ نہیں لے سکے، وہ
ں پروگرام کے کورسوں کے ساتھ ساتھ اس کورس سے بھی بھرپور استفادہ کریں گے اور علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی کے فاصلاتی
ظام تعلیم اور اس کی فراہم کردہ سہولتوں سے حتی المقدور فائدہ اٹھائیں گے تا کہ ان سہولتوں کا خاطر خواہ نتیجہ نکل سکے۔

پروفیسر ڈاکٹر محمود الحسن بٹ
(وائس چانسلر)

مهاڳ

سنڌ ۾ انٽرميڊئيٽ جي شاگردن لاءِ جيڪو سنڌي لازمي ڪورس رکيل آهي. تنهن جا ٻه حصا آهن. هڪ حصي ۾ نظم ۽ نثر تي مشتمل هڪ ڪتاب پڙهڻو پوي ٿو ۽ ٻئي حصي ۾ آسان "اردو" جي نالي سان ڪتاب پڙهائجي ٿو. جنهن ۾ پهرين حصي جي پيٽ ۾ مختلف قسمن جا مضمون ۽ شاعري شامل آهي.

اهو ڪورس نه رڳو ڪاليجن ۾ پڙهندڙن لاءِ رکيل آهي ، پر جيڪي شاگرد ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ ذاتي مجبورين ۽ مشغولين سبب اڳتي تعليم حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. تن ڪي پنهنجو تعليمي مستقبل بهتر بنائڻ لاءِ ٻه صورتون آهن. هڪڙي صورت ته ذاتي طور تي استاد جي مدد ڪانسواءِ. پرائيويٽ طور تي تياري ڪري امتحان ڏيڻ جي آهي ۽ ٻي صورت علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي تعليم کي اڳتي وڌائڻ جي آهي.

سنڌ جي اهڙن شاگردن جي تعليمي ضرورتن کي سامهون رکندي "سنڌي لازمي ۽ آسان اردو" جو ڪورس پيش ڪيو پيو وڃي. جنهن لاءِ انهي ٻنهي ڪتابن کي هڪ ڪتابي شڪل ۾ گڏ ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ ۾ انٽر ميڊئيٽ تي رکيل آهن. جيئن ته انهن ٻنهي ڪتابن کي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي فاصلاتي تعليمي سرشتي مطابق آڻڻ. "سنڌي لازمي" کي 14 يونٽن ۽ "آسان اردو" کي 4 يونٽن ۾ ورهائي يڪو هڪ ڪورس تيار ڪيو ويو آهي. انٽرميڊئيٽ جي سند حاصل ڪرڻ لاءِ شاگردن کي اٺ (8) ڪريڊٽ مڪمل ڪرڻا پوندا. انهن مان ٽي ڪريڊٽ لازمي ڪورس جا آهن. باقي پنجن ڪريڊٽن جي لاءِ مختلف اختياري مضمونن يا ڪورسن جي چونڊ ڪرڻي پوندي. هر هڪ مڪمل ڪريڊٽ 18 يونٽن تي مشتمل آهي ۽ نصف ڪريڊٽ 9 يونٽن تي مشتمل آهي. اوهان جو هي ڪورس مڪمل ڪريڊٽ ڪورس آهي.

ڪورس کي سولو ۽ آسان بڻائڻ لاءِ ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي ۽ ڏکين جملن جي تشريح بہ ڪئي وئي آهي. ان جي باوجود جيڪڏهن شاگردن کي ڪنهن بہ ڏکيائي محسوس ٿئي تہ پنهنجي ويجهي مطالعاتي مرڪز ۾ مقرر وقت تي پهچي پنهنجي ٽيوٽر کان مدد وٺي سگهن ٿا.

پروفيسر ڊاڪٽر انعام الحق جاويد

چيئرمين

شعبو: پاڪستاني زبانون

ڪورس جو تعارف

اوهان هن ڪورس ۾ داخلا وٺي پنهنجي قابليت بهتر بنائڻ جو جيڪو فيصلو ڪيو آهي، ان تي اسان توهان کي مبارڪباد ڏيون ٿا ۽ دعا ڪريون ٿا تہ الله تعالىٰ اوهان کي بهتر تعليمي ارادن ۾ ڪامياب بنائي.

انٽرميڊئيٽ جي هن ڪورس ۾ ڪل ارڙهن يونٽ شامل آهن. جنهن ۾ چوڏهن يونٽ سنڌي لازمي جا آهن ۽ چار يونٽ آسان اردو جا آهن. جن جا عنوان فهرست ۾ ڏنا هوندا. هن ڪورس جو عرصو ڇهہ مهينا آهي.

اسان جي يونيورسٽي ۾ لفظ يونٽ مان مراد آهي: ڪنهن هڪ موضوع تي لکيل هڪ مڪمل سبق يا باب، جنهن ۾ ان موضوع بابت سبق يا متن بہ شامل هوندو آهي. هن ڪورس جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ اوهان سنڌي ۽ اردو چڱيءَ طرح پڙهي ۽ لکي سگهو.

هر يونٽ جي شروع ۾ سڀ کان اڳ ۾ يونٽ جو مقصد ٻڌايو ويو آهي. ان کانپوءِ اصل سبق پڙهڻ جو طريقو ٻڌائي سبق ڏنو ويو آهي. پوءِ سبق ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنىٰ ۽ ڏکين جملن جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. آخر ۾ خود آزمائيءَ جا سوال ۽ انهن جا جواب ڏنل آهن.

نصاب ۽ ان جو تفصيل

اوهان جي هن ڪورس جا هيٺيان حصا آهن:

(1) درسي مواد يعني ڪتاب

(2) مطالعاتي مرڪز

(1) درسي مواد يعني ڪتاب

اوهان جي درسي مواد ۾ چوڏهن يونٽ سنڌي جا ۽ چار يونٽ اردو جا رکيا ويا آهن. هر هڪ يونٽ ۾ ايترو درسي مواد آهي جو اوهان ان کي هڪ هفتي ۾ سولائي سان ختم ڪري سگهندا. ڇاڪاڻ جو سيني يونٽن جي ديگهہ هڪ جيتري نہ آهي انهيءَ ڪري ڪي يونٽ

هڪ هفتي کان بہ اڳ ۾ ختم ڪري سگھجن ٿا.

(2) مطالعاتي مرڪز.

ملڪ جي مختلف هنڌن تي يونيورسٽي جا مطالعاتي مرڪز ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مرڪزن ۾ هڪ خاص پروگرام مطابق مهيني ۾ ٻہ ڀيرا ڪلاس ٿين ٿا. اوهان انهن ۾ شريڪ ٿي پنهنجي مشڪلاتن ۾ استاد کان مدد وٺي سگھو ٿا. ان سان گڏ ساڳيو ڪورس پڙهندڙ شاگردن سان ملاقات بہ ڪري سگھو ٿا ۽ صلاح مشورو بہ ڪري سگھو ٿا.

امتحان

اوپن يونيورسٽي جي تعليمي نظام مطابق امتحان ٻن حصن ۾ ورتو ويندو آهي:

(1) امتحاني مشقون (2) آخري امتحان

(1) امتحاني مشقون:

هن ڪورس جي دوران شاگرد مقرر تاريخ تائين چار امتحاني مشقون حل ڪري مطالعاتي مرڪز ۾ استاد جي حوالي ڪن يا ٽپال رستي موڪلي ڏين.

استاد جي راءِ مان اوهان کي پنهنجي ڪارڪردگي جي خبر پوندي. اهڙي طرح اوهان پنهنجي تعليمي حالت بهتر بڻائي سگھندا.

اوهان پنهنجون امتحاني مشقون مقرر تاريخن تائين جيڪي امتحاني شيڊول ۾ درج آهن پنهنجي استادن کي موڪليندا.

(2) آخري امتحان:

ڪورس پوري ڪرڻ تي اوهان آخري امتحان ۾ شريڪ ٿيندا. امتحاني مرڪز ۽ پروگرام جو اطلاع اوهان کي مناسب وقت تي ڏنو ويندو.

ڪورس ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ امتحاني مشقن ۽ آخري امتحان ٻنهي ۾ جدا جدا پاس ٿيڻ ضروري آهي. اميد ته اوهان هن ڪورس مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندا. پنهنجي مشڪلاتن ۾ مطالعاتي مرڪز جي استاد کان رهنمائي حاصل ڪندا. ان هوندي به جيڪڏهن ڪا ڏکيائي ٿئي ته اوهان شعبي سان رابطو قائم ڪريو. هيءُ ڪورس اوهان لاءِ لکيو ويو آهي. ان کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجون تجويزون اسان کي ضرور موڪليو.

حاڪم علي ٻرڙو

رابطه ڪار

يونٽ نمبر 1

1. قومي جذبو ۽ قومي اخلاق

2. پاڪستاني قوميت جو مقصد

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

سنڌي نصاب (لازمي) جو هيءُ پهريون يونٽ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن يونٽ ۾ ٻه سبق توهان کي پڙهڻا آهن. پهرئين سبق جو عنوان "قومي جذبو ۽ قومي اخلاق" آهي. ٻيو سبق "پاڪستاني قوميت جو مقصد" جي سري سان شامل ڪيل آهي. هن يونٽ جي پڙهڻ کانپوءِ اوهين انهيءَ لائق ٿيندا جو:

يونٽ جو مقصد

(1) قومي جذبي جي اهميت ۽ قومي اخلاق کي سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري سگهندا.
(2) قومي جذبي ۽ قومي اخلاق بابت اظهار ڪري سگهندا.
(3) قومي جذبي ۽ قومي اخلاق جي اجتماعي اهميت کي محسوس ڪري سگهندا.
(4) پاڪستان حاصل ڪرڻ واري مقصد کان باخبر ٿي سگهندا.
(5) قوميت ۽ خاص ڪري پاڪستاني قوميت کي سمجهي سگهندا.
(6) پاڪستان کي حاصل ڪرڻ واري جدوجهد کان واقف ٿي سگهندا.

فهرست

	صفحو
1. قومي جذبو ۽ قومي اخلاق	07
1.1 ليکڪ جو تعارف	07
1.2 مضمون جو خلاصو	08
1.3 مضمون جو متن	10
1.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ	15
1.5 خود آزمائشي نمبر 1	16
2. پاڪستاني قوميت جو مقصد	18
2.1 ليکڪ جو تعارف	18
2.2 مضمون جو خلاصو	19
2.3 مضمون جو متن	20
2.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ	23
2.5 خود آزمائشي نمبر 2	24
3. خود آزمائشين جا جواب	26

1. قومي جذبو ۽ قومي اخلاق

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيٺ ڏنل مضمون مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي ڪتاب "ڪمال ۽ زوال" تان ورتو ويو آهي. ان مضمون ۾ حڪيم صاحب، قومن جي ترقي ۽ تنزلي جا سبب، هڪ تاريخي ڪتاب "مقدمہ ابن خلدون" تان ترجمو ڪري لکيا آهن.

حڪيم صاحب جي پيدائش چوڏهين صدي هجريءَ جي آغاز ۾ سيوهڻ ۾ ٿي سيوهڻ ۾ پيدا ٿيڻ ۽ اتي ئي رهڻ ڪهڻ سبب ڪيس سيوهاڻي ڪري سڏين ٿا. وفات ڊسمبر 1942ع ۾ ٿي. پاڻ، سنڌي زبان، ڪي نثر ۽ نظم ۾ وڏو ادبي ذخيرو ڏيئي، ادبي تاريخ ۾ اهم جاءِ والاري اٿائون.

سندن اهم ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

(1) ميرن جي صاحبي.

(2) ابوالفضل ۽ فيضي.

(3) نورالايمان.

(4) حيات النبي.

(5) بهار اخلاق.

(6) آفتاب ادب.

1.2 مضمون جو خلاصو

"قومي جذبو ۽ قومي اخلاق" جي سري واري هن مضمون ۾ مصنف سمجهايو آهي ته سڄي دنيا ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو ماڻهو ملندو، جنهن ۾ پنهنجي قوم لاءِ عزت ۽ قوميت لاءِ جوش نه هجي. چاڪاڻ ته اهو جوش ۽ جذبو، جيڪو مٽي مائٽيءَ يا گهٽين قومن جي بدي ۽ ايڪي مان فطري طور قُٽي ٿو ۽ هر ڪنهن فرد جي پيدا ٿيڻ سان گڏ پيدا ٿئي ٿو. اهو جذبو اهڙي طرح ڏسي سگهجي ٿو، جڏهن ڪنهن شخص جو ڪو عزيز يا مِٽ مائٽ ڪنهن مشڪل يا مصيبت ۾ وڪوڙيل هوندو ته اهو خودبخود ان جي مدد لاءِ اچي رسندو ۽ پنهنجي ان عزيز قريب کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ سواءِ ڪنهن نفعي نقصان واري سوچ جي، ٻي ڏڙڪ اچي ان جي واهر ٻڻجندو.

جيترو اها مٽي مائٽي ويجهي هوندي، اوترو اهو جذبو به گهرو ۽ جذبي جي ڪري لوچ ۾ واڌارو نظر ايندو. اهڙيءَ طرح مٽي مائٽيءَ کان مٿي ٿي جڏهن اهو جذبو هڪ قوم جي، ٻيءَ قوم سان همدردي ۽ خيرخواهيءَ ۾ مٽجڻ لڳي ٿو، تڏهن اها قوم پنهنجي همدرد قوم کي مشڪلات ۽ تڪليف ۾ ڏسي ۽ سهي نٿي سگهي.

ميٺ محبت ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدرديءَ وارو اهو جذبو ڪيترين قومن ۾ ته پڪو ۽ پختو پيدا ٿئي ٿو، جو اهي الڳ قومون نه، پر مٽن مائٽن جو ڪو وڏو ڪيڙ پيو ڀانئبو، جيڪو ڪنهن به اوکي وقت ۾ اچيو هڪ ٻئي جو پرجهلو ٻڻجي. جڏهن به ڪن قومن ۾ اهو جذبو جاڳيو، تڏهن انهن جو آئيندو روشن رهندو ۽ سدائين فتح ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي اٿن. اهي ئي قومون اڳتي وڏي اهڙين ٻين قومن مٿان حاڪم ٻڻجنديون آهن، جن مان قومي جوش ۽ قوميت وارو جذبو عيش ۽ آرام ۾ مٽجي يا گهٽجي ويندو آهي.

مصنف، هن مختصر مضمون ۾ انهن سمورن انفرادي توڙي اجتماعي نقصانن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي قومي جذبي جي گھٽجڻ ۽ قومي اخلاق ۾ ڪمي يا ڪوتاهي اچڻ سبب قومن کي اڳيان ايندا آهن. ان سان گڏوگڏ مضمون جي ليکڪ قومي جوش ۽ جذبي کي نرگو برقرار رکڻ، پر ان ۾ اڃا به پختگي ۽ مضبوطي آڻڻ لاءِ ڪجهه هدايتون به ڏنيون آهن.

1.3 مضمون جو متن

قوميت ۽ قومي جوش انسانن لاءِ قدرتي ۽ بيحد ضروري آهي، جو يا تہ مٽي ماٽي مان پيدا ٿيندو آهي يا گھڻين قومن جي ہڏي ۽ محبت مان.

اهڙو نرالو يا نڪ ٻرجو انسان ڪو مشڪل سان ملندو، جنهن کي مٽي ماٽيءَ ۽ قرب قرابت جو جذبو هوندو، ڇو تہ اهو جذبو انسان جي پيدائشي خاصيت آهي. انهيءَ قدرتي جذبي جي ڪري، پنهنجي ڪنهن عزيز ۽ مائٽ کي ظلم ۽ مصيبت، عذاب ۽ عقوبت ۾ ڏسي، بي اختيار انسانن جو رت جوش ۾ اچي ويندو آهي ۽ غيرت ۽ مائٽي جو جذبو اندر مان اُڌمان ڪاٺي نڪرندو آهي. جڏهن هڪڙو انسان پنهنجي ڪنهن عزيز کي بيڪس ۽ بيوس، ستايل ۽ مظلوم ڏسندو آهي ، ۽ ڏسندو آهي تہ هن تي بيجا ۽ بيواجبي، ظلم ۽ عذاب ٿي رهيا آهن، تہ قدرتي طرح هن جي دل کي جهٻو ايندو ۽ ساهہ کي صدمو پهچندو آهي، جنهن ڪري هن مظلوم مائٽ کي بچائڻ لاءِ، مصيبت جي مچ ۾ ٽپي پوندو آهي سر ۽ ساهہ جو سانگو ڪو نہ ڪندو آهي.

ايترو تہ سڀ ڪنهن عزيز کي جذبو جاڳندو، جو پنهنجي مظلوم عزيز کي عذاب ۽ عقوبت ۾ قاتل ڏسي، بي اختيار دل ۾ ڪڙهندو ۽ خواهش ڪندو تہ هاءِ! جو هيءُ منهنجو عزيز هن مصيبت ۾ مبتلا آهي. هاءِ ! ڪنهن بہ طرح شل قادر ڪريم هن مصيبت کان هن کي ڇڏائي.

پر جيڪڏهن ويجهي مائٽي آهي ۽ ٻنهي جو رت هڪڙو ٿي آهي تہ پوءِ پنهنجي مظلوم ڀاءُ کي بچائڻ وارو جذبو گھڻي جوش سان جاڳڻ لڳندو ۽ رت وڏيڪ ٽهڪندو. اهڙيءَ طرح گھڻين قومن يا گھڻن فرقن جي هڪٻئي سان ہڏي، محبت ۽ حال ڀائي ٿي رهڻ سان بہ ساڳئي قسم جو جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ هڪٻئي سان همدردي ۽ خير خواهي وڏي وجي مٽي مائٽيءَ جهڙي ٿئي ٿي. انهيءَ صورت ۾ هڪ قوم کي مصيبت ۽

تڪليف، ظلم ۽ زبردستي هيٺ نپوڙيو ڏسي، بي اختيار ٻي قوم جوش ۾ اچي ٿي ۽ منجهس همدردي جو جذبو جاڳي ٿو. پوءِ هڪڙي قوم پنهنجي ٻي قوم کي ظلمن هيٺ رهندو ڏسي، ڪڏهن ڪين سهندي ۽ ضرور هن جي مدد ۽ بچاءُ ڪندي. يعني پوءِ سڀئي اهڙيون قومون گڏجي، جڻ هڪڙي قوم ٿيو پون ۽ انهن گڏيل قومن جي گلدستي ۾ اها ٿي ماٺتائي ۽ عزيزائي خوشبو پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ انهن گڏيل قومن واري قوم ۾ به ساڳيو جذبو ۽ جوش موجود رهي ٿو، جهڙو هڪڙيءَ قوم ۾.

قوميت ۽ قومي جذبي واريءَ قوم تي ڪو ڌاريو حڪومت ڪري نه سگهندو. ابن خلدون انهيءَ بابت هڪ وڏو بيان لکيو آهي، جنهن منجهان وٺندڙ نڪتو ۽ حاصل مطلب هيءُ آهي ته "قوميت ۽ قومي جذبو قومن لاءِ هڪ وڏي عزت ۽ انهن جي بچاءُ لاءِ هڪ محڪم قلعو آهي جنهن قوم ۾ قوميت ۽ قومي جذبو قوي موجود آهي، اها ٿي قوم ٻين تي حڪم هلائي سگهندي. انهيءَ تي ٻي ڌاري قوم ڪڏهن به حڪم هلائي نه سگهندي. البت، جيڪڏهن قوميت ناس ٿي وڃي ، قومي جوش ۽ جذبو سنا ٿي يا گهٽجي ويو ته پوءِ اها قوم ضرور ٻيءَ غالب قوم جي حڪم هيٺ رهندي. انهي ڪري لازم آهي ته قوميت ۽ قومي جذبي کي ناس ٿيڻ کان بچائجي ۽ پاڻ قوميت کي مضبوط رکجي ته ڌاري قوم جي حڪومت هيٺ گذارڻ ۽ غلامي کان پاڻ بچائي سگهجي".

جڏهن ڪا قوم، ٻيءَ قوم جي حڪومت هيٺ رهي، عيش ۽ آرام سان گذارڻ لڳي ٿي ۽ ملڪي معاملن ۾ دخل ڇڏي ڏئي ٿي، فقط ٽڪن ڪمائڻ کي لڳي وڃي ٿي، ماڻهو ڌن ۽ دولت، مال ۽ مايا جي زور تي وڏيون محلاتون ۽ عمارتون ٺهرائڻ لڳن ٿا ۽ فقط ڌنڌن کي وڌائڻ ۾ جنبي وڃن ٿا تڏهن انهيءَ حال ۾ رهڻ مان نتيجو اهو ٿو نڪري، جو هنن مان اها قوميت ۽ قومي جذبو، جنهن سان هو پنهنجا حق گهري سگهن ۽ اها جرئت ۽ بهادري، جنهن سان هو پاڻ کي ۽ پنهنجن حقن کي بچائي سگهن، سڀ ڪجهه فنا ٿيو وڃي. هو فقط ناهه نوهه ۽ ناز نخري سان گذارڻ جا عادي ٿيو وڃن. حڪومت پاران جيڪا هنن کي هڙٻهلڻ پوي

تنهن کي نعمت ۽ غنيمت سمجهڻ لڳن ٿا ۽ ملڪ جي هلائڻ چلائڻ جي سڄي واڳ ڌارين غالب قوم، يعني حڪومت جي حوالي ڪريو ڇڏين. اهڙيءَ حالت ۽ وقت ۾ جيڪو اولاد جمي ٿو، سو آرام ۽ ناز سان پلجڻ ۽ پنهنجن وڏن جي غلامي کي ڏسڻ سببان، بلڪل بزدل رهي ٿو، نه منجهس ڪا غيرت ۽ جذبو ۽ نه منجهس جرئت ۽ جوش موجود رهي ٿو. قوميت جي انگ ۽ نگ مان نڪتل ۽ غلاميءَ جي رنگ ۾ رتل رهي ٿو. ٿيندي ٿيندي، هڪ ٻن پيڙهين کانپوءِ ته اهڙي قوم جا مرد زالن جهڙا ۽ زالون جنازن جهڙيون ٿي پون، نه انهيءَ ملڪ جي قوم جو اهو نشان رهي ٿو ۽ نه جرئت. پوءِ حال هيءُ ٿو وڃي ٿئي، جو حڪومت جو موچڙو ۽ قوم جو مٿو! نه اهڙي آرام طلب ۽ عياش قوم ظلم کان پاڻ بچائي سگهي ٿي ۽ نه منجهس اهڙي ڪا طاقت ٿي رهي ٿي. اهڙيءَ عياش قوم ظاهري اگرچه ڏسڻ ۾ جيئري هجي ٿي، پر حقيقت ۾ هو صفا مئل سمجهڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري لازم آهي ته اهڙن عيشن ۽ آرامن، سُکن سهنجن کي صفا ترڪ ڪرڻ گهرجي، جن سان انسان بلڪل بيڪار ۽ ردي ٿيو پوي ۽ جيئري هوندي مئل گذاري ٿو، ڇو ته عيش عشرت قومي جذبي لاءِ اهو قاتل زهر آهي. جيڪو انسانن کي پنهنجي انساني ۽ قومي حقن کان ته بلڪل غافل ڪري ڇڏي، بلڪه ان جي ڪري روحانيت مريو فنا ٿيو وڃي ۽ اندر ۾ روشني ۽ نور بدران ظلمات ۽ انڌوڪار اچيو وڃي جنهن ڪري ڪين سدائين ذليل ۽ هٺن ٻڌو ٻانهو ٿي گذارڻو پوي ٿو.

دنيا جي ڪاروبار کي انتظام سان هلائڻ ۽ دنيا تي حڪومت ڪرڻ انسان لاءِ ضروري آهي ۽ نيڪ عادتون ۽ چڱا اخلاق پڻ انسانيت جي نشاني آهن. جيڪڏهن ڪنهن انسان ۾ نيڪ اخلاق ڪان بد اخلاق وڌيڪ هوندا ته هو انسان نه چئبو! هن کي وحشي ۽ حيوان سڏبو ۽ سمجهبو. انسان، انسانيت جي ڪري هميشه نيڪ عادتن ڏي لاڙو ڪندڙ ۽ چڱن اخلاقن کي وڻندڙ آهي، انهي ڪري حڪومت هلائڻ لاءِ انساني خاصيت موجب لازم آهي ته انسان نيڪ اخلاق وارو هجي ۽ حڪومت هلائڻ ۽ دنيا جي انتظام رکڻ ۾ عدل ۽ انصاف،

نيڪي ۽ انسانيت جو لحاظ رکي. انسانيت ۽ قوميت حڪومت جا ٿڙ آهن ۽ نيڪ اخلاق انهن جون ٽاريون، جي گڏجي انساني شرافت جي وڏندڙ وڻ کي سرسبز ۽ آباد ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن حاڪم ۾ اخلاق نيڪ نه هوندو ته هو هڪ اهڙو انسان چئبو، جنهن جي ڍڍري آهي، پر هٿ پير نه آهن. يا هيئن چئجي ته هو هڪ اڻ وڌندڙ وڻ جي مثال آهي، جنهن جي ٿڙ جو بند ته آهي، پر ٽاريون ڪينهن. هاڻ ڏسڻ گهرجي ته جڏهن ڪنهن قوميت واري شريف خاندان ۾ به نيڪ اخلاق هوندا ئي ڪينهن ته هو به ناقص ۽ نالائق خاندان سڏبو آهي، ته پوءِ به لا حڪومت هلائيندڙ ۾ چڱن اخلاقن ۽ نيڪ عادتن جو نه هجڻ ان جي نالائقيءَ جي نشاني نٿي ٿي سگهي ڇا؟ پڪ سمجهڻ گهرجي ته جنهن قوم ۾ نيڪ اخلاق نه هوندا اها قوم حڪومت هلائڻ جي حقدار ٿي نه چئبي.

حڪومت هلائڻ ۽ دنيا جو انتظام رکڻ آهي ئي الله جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ جو ذمو کڻڻ ۽ خلافت الاهيءَ جا فرض بجا آڻڻ. ان لاءِ ته الله جي بانهن ۾ الله جا موڪليل ڪم جاري رهن. مطلب ته قوم ۾، قوميت ۽ قومي جذبي سان نيڪ عادت ۽ چڱن اخلاقن جو هجڻ انهيءَ کي حڪومت ڪرڻ جي لائق بنائي ٿو. الله پاڪ جنهن قوم کي حڪومت ڏيڻ گهري ٿو، ته پهرين انهيءَ جي عادتن ۽ لڇڻن کي سڌاري سنواري ٿو ۽ منجهس گڻ ۽ موچاريون صفتون پيدا ڪري ٿو، ان کي انسانيت جي اوج تي پهچائي ٿو! پر جنهن قوم کان قادر مطلق حڪومت جي واڳ کسڻ گهري ٿو ته انهيءَ قوم جي راجداريءَ جي اخلاقي حالت خراب ٿئي ٿي ۽ اها بڇڙائين ۾ ڪاهي پوي ٿي، آخر انهيءَ نالائق قوم جي هٿان حڪومت جي واڳ نڪري، بين لائقن جي هٿن ۾ وڃي ٿي. تان ته دنيا کي صاف معلوم ٿئي ته انهي قومن جي ڪڌن ڪمن ۽ ڪنن ڪرتوتن کان ناراض ٿي، قادر قهار پنهنجي برڪت جو پاڇو ۽ پنهنجي مهرباني جي ڇانو، هنن جي مٿان هٽائي ورتي.

گذريل قومن ۽ اُمتن جي تاريخ تي نظر ڪبي، ته اهو ئي خدائي قانون ڦرندڙ ۽ هلندڙ ڏسبو. ڄاڻڻ گهرجي ته ڪنهن قوم جي اقبال ۽ عزت جو وقت ويجهو اچي ٿو ۽ الله

تعالیٰ انهيءَ قوم جي هشن ۾ حڪومت ڏيڻ گهري ٿو، تہ انهي قوم ۾ قدرتي طرح نيڪ صفتون پيدا ٿيڻ لڳن ٿيون ۽ انهيءَ قوم جو هر هڪ شخص شريفن ۽ عزت وارن جي پوري عزت ۽ احترام ڪري ٿو، عالم ۽ صالحن کي تعظيم ڏيئي ٿو، مسافرن ۽ واپارين سان چڱي هلت ڪري ٿو. جنهن قوم ۾ قومي جذبو موجود هجي ۽ اها قوم شان ۽ عزت واري هجي، تنهن قوم جي ماڻهن کي عزت ڏيڻ ۽ انهن سان چڱو ٿي هلڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. چو تہ اها تعظيم پوليٽيڪل يعني سياسي فرض آهي البت ضعيف قوم جي ماڻهن کي بنا ڪنهن غرض جي مان ڏيڻ، خاص اخلاقي فضيلت مندي جي ڪري، ڪماليت جي نشاني آهي. اهڙيءَ طرح عدل ۽ انصاف بہ سبب ڪنهن شخص جي مان مرتبي جي حفاظت ڪري ٿو. جڏهن اهڙيون فضيلتون ۽ خاصيتون، ڪنهن جذبي واريءَ قوم ۾ پيدا ٿينديون ڏسو، تڏهن يقين ڄاڻو تہ اها قوم جلدي ملڪي انتظام هلائڻ واري ٿيندي جو تہ اهوئي قانون آهي.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

جھيواچڻ	روح کي چڪ اچڻ
مبتلا	قائل، وڪوڙيل
بي واجبي	ناجائزي، ناانصافي
سانگو	پرواھ، اونو
محڪم	پڪو، پختو
ناس ٿيڻ	فنا ٿيڻ، ختم ٿيڻ
عادي	هيراڪ
قربت	ويجھڙائي
خيرخواهي	ڀلائي، چڱائي
ترڪ ڪرڻ	ڇڏي ڏيڻ، رد ڪرڻ
سهنجو	سولو، آسان
ڪمال	ترقيءَ جي آخري حد، چوٽي، عروج
زوال	ڪمال جو ضد
مظلوم	جنهن تي ظلم ٿئي، بي ڏوهي
ظالم	ظلم ڪندڙ، جابر

1.5 خود آزمائشي نمبر 1

سوال نمبر (1)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) قومن جي ترقي يا تنزل جا سبب ڪهڙي تاريخي ڪتاب تان ورتا ويا آهن؟

(2) ليکڪ جي ڪن ٻه پنجن مشهور ڪتابن جا نالا ٻڌايو.

(3) قومن جي مٿان تباهي ڪڏهن ايندي آهي؟

(4) ڪهڙي قوم، ٻي قومن مٿان حڪمراني ڪندي آهي؟

(5) قومي جذبي وارو مضمون، ليکڪ جي ڪهڙي ڪتاب تان ورتل آهي؟

سوال نمبر (2)

هيٺ لکيل جملا غلط آهن يا درست؟

(1) اهڙن ماڻهن تي هر هڪ کي ناز رهي ٿو، جن ۾ قوم لاءِ عزت ۽ قوميت لاءِ احترام ناهي.

(2) هو ٻه شخص، ڪنهن مٽ مائٽ جي مدد لاءِ ان وقت اچي ٿو، جڏهن ان کي پڪاريو وڃي ٿو.

(3) جيترو مٽي ماڻٽي پري هوندي، اوترو لوچ ۽ تڙپ وڌيڪ هوندي.

(4) اهي ئي قومون فتح ۽ ڪامراني حاصل ڪن ٿيون، جن ۾ هڪٻئي جي لاءِ ميٺ محبت ۽ همدرديءَ وارو جذبو پڪو ۽ پختو آهي.

(5) هڪ انسان ٻئي انسان کي مصيبت ۾ مبتلا ڏسي جوش ۾ اچي ٿو ۽ منجهس همدردي جو جذبو جاڳي ٿو.

سوال نمبر (3)

ابنِ خلدون جو قوميت ۽ قومي جذبي بابت لکيل مضمون مختصر ڪري، ڏهن سٽن ۾ لکو.

سوال نمبر (4)

قومي جذبي ۽ قومي اخلاق جي اهميت بابت مختصر احوال ڏيو.

2. پاڪستاني قوميت جو مقصد

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون پاڪستان جي پهرين وزيراعظم لياقت علي خان جي هڪ تقرير جو ترجمو آهي. هن تقرير جو ترجمو علي نواز جتوئي ڪيو آهي. لياقت علي خان آڪٽوبر 1895ع اوڀر پنجاب جي شهر ڪرنال ۾ ڄائو هو. سندس اصل نسل، نوشيروان عادل بادشاه سان وڃي ملي ٿو.

هن 1919ع ۾ علي ڳڙھ مان بي اي پاس ڪئي ۽ 1922ع ۾ بئريسٽر بڻيو. 1923ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ 1940ع ۾ ڏکڻ ايشيا جي مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان جو پايو پيو ته کيس ان جو پهريون وزيراعظم بڻايو ويو.

سياست ۾ هيءُ صاحب، قائداعظم محمد علي جناح جو ساڄو هٿ سمجهيو ويندو هو. 16 آڪٽوبر 1951ع تي راولپنڊي ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي کيس گولي هڻي شهيد ڪيو ويو

2.2 مضمون جو خلاصو

شهيد لياقت علي خان ڪليل لفظن ۾ پاڪستان قائم ٿيڻ جو سبب ٻڌائيندي چيو آهي ته مسلمان لا-الہ ملڪ جي گهر ان لاءِ ڪا نہ ڪئي وئي هئي ته ملڪي دولت ۽ ملڪي ترقي وارن ذريعن تي رڳو ٿورڙن ماڻهن جو قبضو هجي ۽ عوام ظلم جي چڪيءَ هيٺ مصيبت ۾ ماربو رهي. هن چيو ته ملڪ لاءِ سرشتو اهڙو هجڻ کپي. جنهن ۾ عام ماڻهو بک ۽ غريبيءَ جي زندگي گذارڻ جي بجاءِ، هر هڪ کي برابريءَ جي بنيادن تي جيئڻ جو حق هجڻ گهرجي، ان کانسواءِ عدل ۽ انصاف بہ هر ڪنهن لاءِ هڪ جهڙو هجي تہ جيئن ڪير بہ ڪنهن جا حق ڦٻائي ۽ ڦري نہ سگهي.

سياسي سرشتي بابت هن جيڪا تقرير ڪئي، تنهن جو خلاصو هيءُ ٿو ٿئي تہ اهو نظام ماڻهن جي مرضيءَ مطابق هجي ۽ ڪنهن بہ عهدي ۽ رتبي کي اهڙي اجازت نہ هجي، جو ڪنهن شهريءَ جي آزاديءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي. اها آزادي جتي سياسي حق جي هجي، اتي سماجي پابندين کان بہ آجي هجي تہ مذهبي فرضن جي بجا آوري ۽ ثقافتي رسمن جي پورائيءَ کان ڪير بہ ڪنهن کي روڪڻ وارو نہ هجي.

هيءُ مدبر چاهي ٿو تہ اهو سڀ ڪجهہ ان وقت حاصل ٿي سگهندو، جنهن وقت پاڪستان جا سڀئي شهري، پنهنجا ويڇا وساري، پاڻ ۾ ڀاڱي ۽ ايڪو قائم ڪندا ۽ نفرت جي جاءِ تي محبت کي پنهنجو ڪندا. هر هڪ شخص اخلاق جو مجسمو بڻجندو، جنهن جو اجتماعي اولڙو پوري پاڪستان جي اخلاق مان جرڪڻ لڳندو. تقرير ڪندڙ انهن سمورين ڳالهين جي اوٽ مان هڪ اهڙو پاڪستان جرڪندو ڏسي ٿو، جنهن کي سڀئي شهري پنهنجو سڏڻ ۾ فخر محسوس ڪندا.

2.3 مضمون جو متن

اسان پاڪستان جو مطالبو ڇو ڪيو هو؟ ڇا اهو مطالبو انهيءَ لاءِ ڪيو سين تہ چند افراد، دولت، اقتدار ۽ اختيار حاصل ڪن؟ يا هڪ گروهہ ٻين تي غلبو حاصل ڪري، سمورا فائدا حاصل ڪري؟ يا عام ماڻهن جي زندگي هميشہ لاءِ مفلسي ۽ بک ۾ بسر ٿئي ۽ مهد کان لحد تائين ناڪامي ۽ نامراديءَ جو شڪار ٿين؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ اسان بيڪار قربانيون ڏنيون، ليڪن ائين نہ آهي.

يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان نڪرڻ کانپوءِ ڏکڻ ايشيا جا شاگرد انهيءَ دور ۾ داخل ٿيندا هئا، جنهن ۾ سياسي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندا هئا ۽ اهڙن سخت اندروني جهڳڙن سان سندن واسطو پوندو هو، جي مختلف تهذيبن جي ٽڪر سبب لازمي طرح وجود ۾ ايندا هئا. هيءُ اندروني اختلاف ۽ جهڳڙا نہ صرف آزادي جي راهہ ۾ رڪاوٽ هئا، بلڪ هيءُ خطرو بہ پيدا ٿي چڪو هو تہ جڏهن بہ آزادي ملندي، تڏهن تلخ نتيجا نڪرندا، ڇو تہ آزاديءَ جو اصل مفهوم هيءُ آهي تہ پنهنجي مرضيءَ پٽاندر رهڻي ڪهڻي اختيار ڪجي ۽ غور و فڪر جي آزادي هجي، ثقافتي ۽ اقتصادي آزادي کانسواءِ صرف سياسي آزادي بي معنيٰ آهي.

انهيءَ ثقافتي آزادي حاصل ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي مسلمانن، پنهنجي سياسي تحريڪ جو نصب العين "پاڪستان" کي قرار ڏنو. سندن نظر ۾ پاڪستان جي حيثيت هڪ تخيل، هڪ مذهب ۽ هڪ سهڻي زندگيءَ جي برابر هئي. اسان پاڪستان وٺڻ جي ڪوشش ان لاءِ ڪئي تہ اسان لاءِ هڪ اهڙو قومي وطن هجي، جنهن کي اسان "پنهنجو" چئي سگهون ۽ جنهن ۾ رهي اسان پنهنجون تقديرون پاڻ ئي سگهون ۽ پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪري سگهون، جنهن ۾ اسان کي پنهنجي مذهب جي پيرويءَ ڪرڻ جي پوري پوري آزادي هجي ۽ پنهنجون روايتون قائم ڪري سگهون. رڳو اهڙيءَ طرح اسين هڪ قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي صلاحيتن کان واقف ٿي سگهنداسون.

پاڪستان هن ڪري بہ وجود ۾ آيو، جو اسان هڪ اهڙو سماجي نظام قائم ڪرڻ ٿي چاهيو، جو انصاف، مساوات ۽ انساني اخوت تي قائم هجي. يعني هڪ اهڙو سماجي نظام، جنهن ۾ اندروني جهڳڙا نہ هجن، هر هڪ شخص کي پنهنجي محنت جو پورو پورو اجرو ملي، ٻين جي محنت تي مزي ماڻڻ وارا مفت خور نہ هجن ۽ خدا خواهہ ٻندي، ٻنهي جي نظر ۾ مقبول هجي.

اسان جي سالن جي جدوجهد ان ڪري ڪامياب ٿي، جو اسان جي قوم جو متحد عزم ڪارفرما هو ۽ ان جي پٺيان اسان جون گڏيل قربانيون هيون. هاڻي جڏهن اسان جو سياسي نصب العين مقرر ٿي چڪو آهي، تڏهن اسان جو فرض آهي تہ انهيءَ تخيل کي عملي جامو پهرايون، جنهن جو خواب اسين ورهين کان وٺي ڏسي رهيا هئاسون. انهيءَ تخيل جو اسلامي نالو معاشرت يا سماج آهي، پر سوال هيءُ آهي تہ اسلامي سماج ڇنجي چاڪي ٿو؟ هي زندگيءَ جي انهيءَ ڍنگ جو نالو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف خدا تعاليٰ تي ايمان هجي ۽ ٻئي طرف هيءُ تسليم ڪيو وڃي تہ تمدن جو بنياد عدل ۽ مساوات تي هجي. انساني معاملن ۾ عقل ۽ عرفان جو حڪم هجي ۽ روحاني ترقيءَ جو بنياد نيڪو ڪاريءَ تي هجي. هيءُ اهڙو سماج آهي، جنهن ۾ سدائين نفس جي پاڪائي، جسماني صفائي ۽ سماجي سڌاري جو امڪان آهي ۽ جنهن ۾ تمام وڏيڪ ماديت ۽ تمام وڏيڪ روحانيت جون خرابيون ڪونهن.

هيءُ آهن اسان جون روايتون ۽ اسان جي بزرگن جو ورثو، جنهن کان اسان جي موجوده تاريخ اسان کي الڳ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي سياسي غلامي، روحاني لحاظ کان اسان کي غلام بنائڻ واري هئي، پر افڪار جو موت مشڪل سان ٿيندو آهي. هيءَ ڳالھ چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اسان هڪ نئين زندگي شروع ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ اسان کي ڪيتري خرابيون نمودار ٿينديون نظر اينديون. مثلاً: صدين جي غلاميءَ، ڪاهليءَ، لالچ ۽ خودغرضيءَ کي جنم ڏنو. بزدليءَ، بيرحميءَ، جهالت ۽ بي انصافيءَ بہ پنهنجا مٿا کڻڻ شروع ڪري ڏنا آهن. پر اسان کي بزدل ٿيڻ نہ گهرجي. اهي ماضيءَ وارن

مرضن جا نتيجا آهن، جي جلد ئي ختم ٿي ويندا. اسان کي گهرجي تہ صبر ڇڏي نہ ڏيون ۽ نااميد نہ ٿيون، ڇو تہ جنهن زندگي ۾ اوهان داخل ٿي رهيا آهيو، تنهن ۾ روشن مستقبل جا آثار ظاهر آهن.

اوهان پنهنجي من جي مرادن پٽاندر پنهنجي دنيا نئين سر جوڙي سگهو ٿا. هاڻي غلاميءَ جي لعنت دور ٿي چڪي آهي، پاڪستان جي صاف صفحي تي توهان نوان نقش چٽي سگهو ٿا، پر انهن جي تڪميل لاءِ، اوهان کي ڪافي محنت ڪرڻي پوندي. بيمار دنيا کي همت ۽ اميد جو پيغام پهچائي سگهو ٿا. جنگ ۽ خون جي عالمگير بيماريءَ جي دوا، انساني اخوت ۽ سماجي ڀائپيءَ ۾ رکيل آهي، جي اسلام جا اصول آهن. اوهان جو ڪم هيءُ آهي تہ انهن اصولن کي عملي جامو پهرائي پيش ڪريو.

اوهان تي ٻيو بہ نيڪ ڪم ڪرڻو آهي، جن ماڻهن پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي، تن کي آءٌ مبارڪباد ڇوان ٿو. اهي ئي شخص قوم جي مستقبل جا معمار آهن ڇو تہ آئيندي جي اديبن، شاعرن، ججن، سائنسدانن، فنڪارن، انجنيئرن، آفيسرن ۽ سپاهين جي دماغن ۽ سيرتن جا ٺاهيندڙ آهن. اڄ جو نوجوان شاگرد سڀاڻي جو شهري شخص ٿيڻ وارو آهي، تنهن ڪري استادن تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. اسان جي روايتي زندگي ۾ هيءَ ڳالهہ داخل آهي تہ عالمن، فاضلن، مفڪرن ۽ معلمن جي عزت ڪئي وڃي. اسان جي تازي گذريل دور ۾ ائين نہ هو. اسان جا اسڪول ۽ يونيورسٽيون انهن خصوصيتن کان خالي هيون، جي هڪ آزاد قوم جي علمي ادارن ۾ هئڻ گهرجن.

نتيجو هي نڪتو، جو اسان جا استاد خواهہ شاگرد سالم ذهنيت کان اڪثر ڪورا هئا. اميد آهي تہ مستقبل ۾ اسان جا علمي ادارا پنهنجا فرض پوريءَ طرح پورا ڪندا، جيئن اسان جو مستقبل شاندار ٿئي.

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

نصب العين	بنيادي مقصد
مدبر	تدبر وارو
مساوات	برابري
مهد کان لحد تائين	پينگهي کان قبر تائين
مفلسي	غربت
نامرادي	مايوسي، يا مراد جو حاصل نه ٿيڻ
اُخوت	ڀائپي
معمار	جوڙيندڙ، اڏيندڙ
گروهه	ٽولو يا چند ماڻهن جو مجموعو
غلبو	حاوي ٿي وڃڻ، حملو
بي معنيٰ	بي مقصد
پيروي	نقشي قدم تي هلڻ
عزم	ارادو، پختو ارادو
ڍنگ	طريقو يا انداز
نمودار	ظاهر ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ
آثار	نشان

2.5 خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) لياقت علي خان کي ڪٿي شهيد ڪيو ويو؟

(2) سياست ۾ لياقت علي خان جو معيار ڪهڙو هو؟

(3) مضمون ۾ پاڪستان جو مقصد ڇا ٻڌايو ويو آهي؟

(4) ليکڪ مسلمانن جي سياسي تحريڪ جو مقصد ڪهڙو ڄاڻايو آهي؟

(5) اسلامي سماج ڇا کي ٿو چئجي؟

سوال نمبر (2)

هيٺ لکيل جملا غلط آهن يا درست؟

(1) مسلمان جي سياسي تحريڪ جو نصب العين گڏيل هندوستان هو.

(2) سياستدانن پنهنجي سياست هلائڻ لاءِ جدا ملڪ جي گهُر ڪئي هئي.

(3) اسان کي موجوده تاريخ پنهنجي بزرگن جي ورثي کان پري ڪري ڇڏيو آهي.

(4) ليکڪ چيو آهي تہ پاڪستاني ٿيڻ کان پوءِ صبر نہ ڇڏيون ۽ نا اميديءَ کي قبول ڪيون.

سوال نمبر (3)

ليکڪ جي نظر ۾ ملڪ جي چٽيل تصور کي مختصر ڪري لکو.

سوال نمبر (4)

سبق پڙهي، اهڙي ملڪي نظام جو مختصر احوال لکو، جنهن سان ملڪ جا سمورا شهري ان ملڪ کي "پنهنجو" سمجهڻ لڳن ٿا.

سوال نمبر (5)

هيٺين ڏنل عنوانن تي مختصر نوٽ لکو.

(1) پاڪستان جي پهرين وزيراعظم جي **پاڪستان بابت سوچ.**

(2) قومي **ايڪتا** ۽ ٻڌيءَ جي اهميت.

3. خود آزمائشين جا جواب

خود آزمائشي (1)

سوال نمبر (1)

(1) مقدمہ ابن خلدون

(2) ميرن جي صاحبي، نورالانسان، حيات النبي، بهار اخلاق ۽ آفتاب ادب.

(3) قومن مٿان تباهي ان وقت ايندي آهي، جڏهن وقت اهي قومي جذبي ۽ قومي اخلاق کي درگذر ڪري، لالچ ۾ اچي ڌن ۽ دولت ميڙن. عيش ۽ عشرت ۾ ڪاهي پوندڙ آهن.

(4) جيڪا قوم، قومي جذبي ۽ قومي اخلاق سان سرشار آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ احترام سان گڏ هڪٻئي لاءِ همدردي موجود آهي. تنهن ڪري ئي قوم مٿان حڪومت هلائڻ جو حق آهي.

(5) ڪمال ۽ زوال تان.

سوال نمبر (2)

(1) غلط　(2) غلط　(3) غلط　(4) درست　(5) درست

سوال نمبر (3)

خود لکڻو آهي.

سوال نمبر (4)

خود لکڻو آهي.

خود آزمائي (2)

سوال نمبر (1)

(1) لياقت علي خان کي راولپنڊي ۾ عام جلسي ۾ تقرير ڪندي شهيد ڪيو ويو هو.

(2) سياست ۾ سندس هميشہ معيار بلند رهيو. جنهن ڪري کيس "قائداعظم جو ساڄو هٿ" ڪري سمجهيو ويندو هو.

(3) مضمون ۾ پاڪستان جو مقصد اهو هو تہ ان ۾ رهندڙ عوام پنهنجي تقدير جو مالڪ پاڻ ۽ پنهنجي قسمت جا فيصلا خود ڪرڻ جي لائق هجي.

(4) ليکڪ آزادي واري سياسي تحريڪ جو مقصد اهو ڄاڻايو آهي تہ اهڙو ملڪ حاصل ڪجي، جتي پنهنجي مرضي مطابق رهڻي ڪهڻي اختيار ڪجي ۽ غور ۽ فڪر جي آزادي هجي.

(5) اسلامي سماج، زندگيءَ جي انهيءَ ڍنگ جو نالو آهي، جنهن ۾ هڪ طرف الله تعاليٰ تي ايمان هجي ۽ ٻئي طرف تمدن جو بنياد عدل ۽ مساوات تي هجي.

سوال نمبر (2)

(1) غلط (2) غلط (3) درست (4) غلط

سوال نمبر (3)

خود لکڻو آهي.

سوال نمبر (4)

خود لکڻو آهي.

سوال نمبر (5)

(1) خود لکڻو آهي.

(2) خود لکڻو آهي.

یونٽ نمبر 2

1. تمدن جي ماهيت

2. ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

هيءُ يونٽ اوهان جي اڳيان آهي. ميءُ يونٽ ٻـ ٻن حصن تي مشتمل آهي. پهرين سبق جي حصي جو عنوان "تمدن جي ماهيت" آهي. جڏهن تہ ٻئي حصي جو موضوع "ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو" آهي. هن يونٽ کي اهڙيءَ طرح مڪمل ڪيو ويو آهي تہ جيئن اوهين ان جو مطالعو مڪمل ڪرڻ کانپوءِ، هي مقصد خود حاصل ڪري سگهو.

يونٽ جو مقصد

(1) تمدن جي وصف ۽ اهميت کان آگاه ٿي سگهو.

(2) ڪنهن بہ معاشري جي جوڙجڪ کان واقف ٿي سگهو.

(3) مضمون نگارن جي علمي فضيلت کان خبردار ٿي سگهو.

(4) شهريت جي اصولن کان باخبر ٿيڻجي سگهو.

(5) ڪارگر زندگيءَ گذارڻ لاءِ هت ڏسيل قاعدن کي رهنما اصول بنائي سگهو.

فهرست

	صفحو
1. تمدن جي ماهيت	35
1.1 ليکڪ جو تعارف	35
1.2 مضمون جو خلاصو	36
1.3 مضمون جو متن	37
1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	43
1.5 خود آزمائي نمبر 1	44
2. ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو	45
2.1 ليکڪ جو تعارف	45
2.2 مضمون جو خلاصو	46
2.3 مضمون جو متن	47
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	51
2.5 خود آزمائي نمبر 2	52
3. خود آزمائشن جا جواب	53

1. تمدن جي ماهيت

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون مسٽر ڪريم بخش چنا لکيو آهي. چنا صاحب جو جنم 1916ع ۾، دادو ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ "پاٽ" جي ويجهو ڳوٺ "ڪلريءَ" ۾ ٿيو هو. هن صاحب 1935ع ۾ ميٽرڪ، 1939ع ۾ بي اي ۽ 1941ع ۾ ايم اي پاس ڪئي.

تعليم کاتي سان سندس تعلق رهيو ۽ رٽائرڊ به ان کاتي جي هڪ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪيائين.لکڻ پڙهڻ جو شوق کيس ننڍپڻ کان رهيو. "تاريخ تمدن اسلام" سندن بهترين ڪتابن مان هڪ آهي. هيءُ مضمون به سندس انهيءَ ڪتاب تان ورتل آهي.

1.2 مضمون جو خلاصو

انساني معاشرو جن ڳالهين جي ڪري وجود ۾ آيو هو، تن ڪي ٻن اهم حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙي حصي کي ضرورتون ۽ ٻئي کي خوف چئي سگهجي ٿو.

ضرورتن جي دائرو انسان جي زندگي گهارڻ وارن طور طريقن ۾، سڌاري ۽ واڌاري اچڻ سان وڌندو رهيو. جيئن جيئن هڪڙو گروهه ڪوشش سان پنهنجون گهرجون ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو ته ٻيا گروهه وقت سر ڪوششون نه ڪرڻ، جهيڙن جهڳڙن ۾ وقت گذري وڃڻ، بيمار رهڻ، سستي ۽ ڪاهليءَ ۾ رهڻ يا ڪن ٻين سببن جي ڪري پنهنجون گهرجون ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. ضرورتون ته هر صورت ۾ پوراٿو چاهين ٿيون، تنهن ڪري ناڪام گروهه گهرجن جي پورائي لاءِ ڦر، چوري ۽ ڌاڙي جهڙيون ڪارروايون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

انساني معاشري کي جتي بيمارين، قدرتي آفتن، دشمن جي حملن ۽ ڪن ٻين ڳالهين جو خوف هو، اتي زبردستيءَ پنهنجون گهرجون پوريون ڪندڙ گروهه واري خطري جو اضافو ٿيو ۽ اڪيلي سر يا ڇڙوڇڙ گهر ناهي رهڻ مشڪل بنجي پيو ۽ گڏجي رهڻ وارو رستو ورتو ويو.

جن قومن سڀ کان پهريائين پاڻ ۾ گڏجي رهڻ سکيو، اتي تمدن جي شروعات اڳ ۾ ٿي ۽ شهر ٻڌڻ جو شعور پهريائين جاڳيو ۽ ضرورتن جي پورائي خواهه خوف خطري کان بچاءُ لاءِ گڏجي اُپاءَ ورتا ويا ۽ گڏ رهڻ لاءِ ضابطي اصول ۽ طريقا تلاش ڪيا ويا.

تمدن جي پيڙهه پوڻ کانپوءِ، تمدن جي وارثن ان کي بهتر کان بهتر ۽ پختي کان وڌيڪ پختو بنائڻ طرف توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. اسان يونٽ جي هن حصي ۾ معاشري جي ڦهلاءَ، گهرجن جي پورائي، خوف ۽ خطري کان بچڻ لاءِ قومن جي ڪيل ڪوشش ۽ گڏجي سڌريل زندگي گذارڻ لاءِ اهي اصول بيان ڪيا آهن، جن تي ڪاربند رهڻ واريون قومون تمدن جي بلندي کي وڃي رسيون ۽ اڄ تاريخ ۾ اهي مهذب ۽ متمدن قومون ڪوٺجن ٿيون.

1.3 مضمون جو متن

انسان اشرف المخلوقات آهي. هن جي زندگيءَ جو لطف هين جي اشتراڪ عمل تي منحصر آهي. جيتريقدر ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ گهڻن ماڻهن جو عمل آهي، اوتريقدر اها زندگي پُرلطف آهي. دنيا ۾ ڪي اهڙا انسان بيشڪ موجود آهن، جن جو روزمره جي زندگيءَ ۾ بلڪل گهٽ ماڻهن سان تعلق رهي ٿو. پر تڏهن به گهڻي غور بعد ڏسڻ ۾ ايندو ته هو به انساني سوسائٽي کان گهڻو پري ڪو نه آهي. مثلاً هڪڙو هاري آهي، جو پنهنجي محدود ڪٽنب سان اڪيلو ڪنهن جهنگل ۾ رهي ٿو. هن جي ٻنيءَ ٻاري جو مدار برسات يا ڪنهن نهر جي پاڻي تي آهي. هو ڪاٺ مان پنهنجو هر پاڻ تيار ڪري ٿو ۽ جهنگل مان ڪانيون وڍي، پنهنجي جهوپڙي تيار ڪري ٿو، پنهنجي ٻڪرين ۽ رڍن مان اُن ڪتري، پنهنجو لباس تيار ڪري ٿو ۽ ٻني ڪيڙي پنهنجو فصل به پاڻ تيار ڪري ٿو. مطلب ته هر ممڪن حيلو هلائي، هو پنهنجي هم جنس جي مدد کان بي نياز رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. تڏهن به ڏسو ته هن ماڻهو جي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ڳالهيون آهن جن ۾ هن کي ٻين جي مدد جي گهرج رهي ٿي. جيڪڏهن اهو انهن جي مدد نه وٺندو ته سندس حياتي خطري ۾ پئجي ويندي يا ته هو ٻنهه جهنگلي ليکجڻ ۾ ايندو، جنهن سان انسانيت جو ڪو به شرط لاڳو ڪري ڪو نه سگهبو.

(1) ڌاڙن ۽ چورن کان بچڻ لاءِ هن کي حڪومتي انتظام جي پناهه جي ضرورت آهي
(2) ٻوڙ ٻاڙيءَ ۽ ڪاٺي ڪليءَ حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي ٻين سان وٺ واپار جي ضرورت پوندي آهي.
(3) هن کي جيڪڏهن ڪو مذهب هوندو ته جم، شاديءَ ۽ موت تي هن کي مُلي ۽ پاڙيسرين جي مدد جي ضرورت درپيش ايندي.
(4) بيماري جي وقت ۾ ڪنهن حڪيم يا ڏاهي جي يادگيري پوندي.
(5) فصل جي پچڻ وقت حد جو تپيدار سندس ڳائي تي چڙهي اچي ويهندو.

(6) بدن جي صفائي ۽ سنائيءَ لاءِ، هن کي اوزارن جي صابڻ يا کار ۽ تيل ميٽ جي ضرورت پوندي، جي ضرور ڪن ماڻهن جي معرفت هن کي ميسر ٿيندي.

اسان ڏٺو ته جيڪڏهن هڪ بلڪل سادي ۽ نيم وحشي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ به، انسان کي هيترن ماڻهن جي مدد جي ضرورت ٿئي ٿي، ته پوءِ هي ُ جيڪو تمدن جو جنسار، انسان، دنيا ۾ صدين جي اشتراڪ عمل سان تيار ڪيو آهي، سو ڪيئن بغير اشتراڪ عمل جي هلي سگهندو؟

هاڻي اسين ڏسون ته تمدن ڇا آهي؟ تمدن، عربيءَ جي لفظ "مدينہ" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي شهر ۽ تمدن جي معنيٰ آهي پاڻ کي شهري بنائڻ يا شهري زندگي بسر ڪرڻ. ان جو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ بدل آهي "سڀيتا" يعني جماعتي زندگي ۽ انگريزي ۾ ان جو بدل آهي سوليزيشن (Civilization)، جنهن جي معنيٰ آهي "شهريت". تمدن انسان جي "اُنس" واري خصلت جي سڌي سنئين پيدائش آهي. اُنس جي معنيٰ آهي قرب، تعلق يا لاڳاپو.

تمدن جي خصلت هر هڪ انسان جي فطري طبع جو مکيہ حصو آهي، جا ان کان ڪڏهن به ڌار ڪري ڪا نہ ٿي سگهجي. تمدن، انساني فطرت جي ٽن مکيہ جبلتن (قدرتي خصلتن يا خواهشن) سان تعلق رکي ٿو.

(1) پنهنجو بچاءُ ڪرڻ

(2) هم جنس سان جماعت ۾ رهڻ

(3) اولاد جي پيدائش، پالنا ۽ پرورش ڪري، انساني نسل کي بقا ڏيڻ

مٿيون ٽي جبلتون، فقط انسان سان لاڳو ڪو نہ آهن، پر هر هڪ ساهواري شيءِ سان لاڳو آهن. رڳو ڪوليون ۽ ماڪوڙيون بہ انهن کان ڇٽل ڪو نہ آهن. اُهي بہ جماعتن ۾ رهن ٿيون. ماڪيءَ جي مکين جو تمدن تہ بنهہ پيچيدو ۽ نرالو آهي.

جهنگلي جانورن ۾ سواءِ شينهن جي، بيا سڀ جانور جماعتن ۾ رهن ٿا، يا رهڻ جي صلاحيت رکن ٿا. پر شينهن بہ بيلي ۾ شينهن کان هرويرو ڇڄي ڌار ڪو نہ ٿيندو آهي.

جيتوڻيڪ هڪ سنڌي پهاڪي ۾ آهي تہ "ٻہ شينهن ٻيلي ۾ رهي ڪو نہ ٿا سگهن" پر آفريڪا ۾ هلندڙ يورپي سياحن جو مشاهدو آهي تہ خود شينهن بہ جماعتن ۾ رهن ٿا ۽ گجگوڙن ڪرڻ ۽ ڊڪن پائڻ ۾ ڏاڍي چٽاڀيٽي لڳندي اٿن. جهنگل ۾ هاٿي بہ جماعت ۾ رهن ٿا. هنن کي باقاعدي پنهنجو ليڊر هوندو آهي. مرڻ جي وقت پنهنجي خاص قبرستان ڏانهن ڊڪي وڃي مرندا آهن ۽ پنهنجي مئن جي هڏن بچائڻ لاءِ جاءِ گيرن سان پنهنجي مقام واري هنڌ تي سخت ويڙهه ڪندا آهن. هاڻي جڏهن تہ جانورن ۾ بہ مختلف درجن تي گڏ رهڻ جي خصلت آهي تہ پوءِ انسان، جو اشرف المخلوقات آهي، تنهن جي معنيٰ ئي آهي "اُنس رکندڙ جانور".

پر سڀني انسانن ۾ اُنس رکڻ جي خاصيت ساڳئي درجي تي ڪا نہ آهي. ڪن ۾ اها وڏيڪ درجي تي آهي تہ ڪن ۾ گهٽ درجي تي آهي. خود ساڳئي شخص ۾ بہ اها خصلت مختلف هنڌن تي، ڌار حالتن هيٺ جدا جدا هنڌن تي بيٺل هوندي آهي ۽ نرالن نمونن ۾ ظاهر ٿيندي آهي. مثال جي طور تي هڪ ٻهراڙي جو ماڻهو آهي، هن ڪُي نہ ايتري سمجهہ آهي، نہ علم آهي ۽ نہ پئسو آهي، جو شهر ۾ رهڻ جي خواهش ڪري يا شهر ۾ رهي، ان جي مختلف سهولتن کان پوري طرح فائدو وٺي. هاڻي انهيءَ ساڳئي ماڻهو کي تعليم ڏيو، صحيح نموني جي تربيت ڏيو ۽ ڪافي انداز ۾ پئسو ۽ ٻيون مناسب حالتون پيدا ڪري ڏيوس، پوءِ ڏسو تہ ڪيئن نہ هو شهري زندگيءَ ۾ پوري طرح پارٽ ادا ڪري ٿو ۽ هن کان جيڪڏهن اوهان پڇندؤ تہ ادا، ٻهراڙي ڇڏي تون وڃي شهر ۾ ڇو ويٺين؟ تہ هو اوهان کي ڪجهہ اهڙي نموني جواب ڏيندو.

(1) شهر ۾ بچاءُ جو بندوبست سٺو آهي، گهٽ ۾ گهٽ جان جو گهڻو خطرو ڪو نہ آهي.

(2) اُتي مختلف ماڻهن سان، ميل جول ۾ رهڻ ۽ ڪين جاچڻ جو عمدو موقعو آهي.

(3) اُتي انساني زندگي کي پر لطف بنائڻ لاءِ، سڀ سهولتون ۽ رونقون موجود آهن.

انهيءَ مان اسان ڏٺو تہ شهرن ۾ انسانن جي تمدن سان تعلق رکندڙ جبلتن جو بهتر نموني ۾ پورائو ٿي سگهي ٿو، بنسبت ٻهراڙيءَ جي. حقيقت ۾ ڏسبو تہ انساني تمدن جي تاريخ ۾ ٻهراڙيءَ

جي زندگي شهري زندگيءَ تائين پهچڻ لاءِ هڪ ڏاڪو يا منزل آهي. شهري زندگي تائين پهچڻ ۾ انسان کي هيٺ ڏيکاريل ڏاڪن کان مٿي چڙهڻو پيو آهي.

(1) ڪٽنب

(2) قبيلو

(3) ڳوٺ

(4) ڳوٺ جي پسگردائي

(5) ملڪ

مٿين منزلن مان ڏسبو تہ هر هڪ منزل کي پنهنجو پنهنجو اڳواڻ آهي ۽ هر هڪ مٿاهين منزل، پنهنجي هيٺاهينءَ منزل کان، انساني تمدن جون وڏيڪ سهولتون مهيا ڪري ڏني ٿي.

تمدني زندگي ۾ رهڻ ڪري، هر هڪ انسان کي پنهنجن پاڙيسرين، شهر پاين ۽ ملڪ پاين وٽان ڪي حق ملن ٿا، جن جي ڪري هو پنهنجي زندگيءَ جو بچاءُ خيرخوبي سان ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي وڏيڪ پر لطف ۽ پر رونق بنائي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ٻچن جي خوشحالي ۽ تربيت جو بندوبست ڪري سگهي ٿو. ساڳئيءَ طرح، هن جي مٿان پنهنجي پاڙيسرين، شهرپاين ۽ ملڪ پاين جي طرفان، جن سڀني کي گڏي، هاڻي "قوم" جو نالو ڏنو ويو آهي، هن تي ڪي ذميواريون لاڳو ٿين ٿيون، جن جي پوري نہ ڪرڻ ڪري يا پنهنجي حقن جي حد اورانگهڻ ڪري، هن کي قوم جي طرفان سزا جو لائق سمجهيو وڃي ٿو. فردن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، حدن اورانگهيندڙن کي سزا ڏيڻ ۽ ساري قوم جي خوشحاليءَ لاءِ اُپاءُ وٺڻ لاءِ انساني جماعت ۾، حڪومت جو بنياد پيو. ساڳئي طرح انساني فرضن، حقن ۽ ذميوارين کي خدائي سند ڏيڻ ۽ انسان جي باهمي تعلقات کي، خدائي خوشنوديءَ مواقف هلائڻ ۾ انساني دل جي عميق روحاني ولولن کي پوري ڪرڻ لاءِ خدا جي طرفان ڪن نيڪ مردن هٿان مذهبن جو بنياد وڌو ويو.

حڪومت ۽ مذهب ٻئي فردن ۽ جماعتن کي ڪنهن مقرر ڪيل عمل جي راه تي هلائي، سڄي قومي زندگيءَ ۾ اتحاد ۽ نظم قائم ڪن ٿا. زماني جي شروعات کان وٺي دنيا جي مختلف

ملڪن ۾ حڪومتي نظام جا مختلف نمونا پئي رهيا آهن. حڪومتي نظام جي ارتقا جي تاريخ، انساني فطرت جي ڪمزورين ۽ قوتن جو عبرت خيز داستان آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾، حڪومتي نظام جا ڪهڙا مختلف طريقا آهن، تن تي بحث ڪرڻ جي هتي ضرورت ڪا نہ آهي، پر اختصار جي طور تي، حڪومت جي سهني دستورن ڪي هيٺين ٻن مختلف قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) شخصي يا استبدادي حڪومت

(2) جمهوري يا عوامي حڪومت

موجوده زماني ۾ انساني فطرت جي هيٺين ضرورتن جي پورائيءَ ڪي، حڪومت جي فرائض ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

(1) **بچاءُ:** هن جا ٽي قسم آهن.

(الف) قومي بچاءُ ـــ هن جي لاءِ فوج رکيل هوندي آهي.

(ب) شخصي بچاءُ ـــ هن جي لاءِ پوليس رکيل هوندي آهي.

(ج) حقن جي بچاءُ ـــ هن جو تعلق عدالت ڪاتي سان آهي.

(2) **عام ڀلائي:** هن کي پنجن مکيہ قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

(الف) تندرستي ۽ صحت.

(ب) تعليم ۽ سکيا.

(ج) ٽپال، تار ۽ ريلوي ڪاتا.

(د) نهرن، جاين ۽ رستن جو ڪاتو.

(ه) زرعي ۽ خوراڪ ڪاتو.

حڪومت ۽ مذهبن کي هلائڻ لاءِ، وري سياسي ۽ مذهبي جماعتون ٺهن ٿيون، جن کي پنهنجا پنهنجا ادارا ۽ پروگرام آهن. ان ڪانسواءِ هر ڪنهن شهر ۽ ملڪ ۾، مختلف طبعي لاڙن جا انسان رهن ٿا، جي انهن پنهنجن لاڙن کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجين طبيعتن وارا ٻيا شخص

ڳولي، انجمنون ۽ مجلسون قائم ڪن ٿا. جن کي علم ادب جو شوق آهي ادبي ادارا، لئبرريون، اسڪول ۽ ڪاليج برپا ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح راڳ، ناچ، نقاشي ۽ تصويرون ڪڍڻ وارن شوقن جا ماڻهو پنهنجون پنهنجون مجلسون ۽ ادارا قائم ڪن ٿا. انهيءَ طبعي لاڙن وارين مجلسن ڪانسواءِ هڪ ٻئي قسم جون انجمنون به آهن، جن ۾ ساڳين ڌنڌن ۽ هنرن وارا ماڻهو گڏجي، پنهنجن حقن جو بچاءُ ڪندا آهن، جيئن ته انجمن قصابان، انجمن خياطين، انجمن محرران وغيره وغيره.

مٿئين سموري تفصيل مان معلوم ٿيو ته مدنيت يا شهريت ڪهڙو نه پيچيدو مسئلو آهي ۽ تمدن کي ٺاهڻ ۾ ڪيترن نه ڪروڙن ماڻهن جون ڪوششون سون ورهين تائين صرف ٿيون هونديون.

اختصار جي غرض سان تمدن جي تعريف هن ريت ڪري سگهجي ٿي. "هر هڪ قوم کي پنهنجون پنهنجون مخصوص، تاريخي ۽ مذهبي روايتون، طبعي ضرورتون، مساوي ۽ روحاني تمنائون آهن، جن جي تڪميل لاءِ اها قوم انفرادي ۽ اجتماعي نموني ۾ پنهنجي روحاني، دماغي ۽ جسماني صلاحيتن موجب ڪوششن ۽ سعيي ۾ لڳي، مختلف قسمن جون سياسي، مذهبي ۽ معاشرتي جماعتون ۽ ادارا، فن معماري، نقاشي، شعر، راڳ ۽ ناچ جا طور طريقا مختلف قسمن جا رواج، خيال، عقيدا، مذهبي فلسفا ۽ روزمره جي ضرورتن ۽ رفاهه عام جون شيون ۽ رسمون ايجاد ڪري ٿي ۽ انهن ڳالهين کي گڏي، اُن قوم جو تمدن چئي سگهجي ٿو.

تمدن ۽ تهذيب کي گهڻن معاملن ۾ هڪٻئي سان گڏيو ۽ منجهايو ويندو آهي. هن معاملي کي صاف ڪرڻ لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي ته "تهذيب اصل ۾ تمدن جي پيدائش آهي. تمدن سڄي قوم جي رسمن، رواجن، هلتن ۽ ادارن جو نالو آهي ۽ تهذيب فقط هڪ شخص جي رسمن، عادتن، هلتن، خيالن، قولن ۽ ڌنڌن جو نالو آهي. تهذيب هڪ فرد سان تعلق رکي ٿي ۽ تمدن جو واسطو سڄي قوم سان آهي".

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

ماهيت	اهميت ۽ دائرو
منحصر	دارومدار
شراڪت	گڏجي، گڏجڻ، شريڪ ٿيڻ
اَٽلُ	اڻ ٽر، پڪو ارادو
محدود	حدن اندر، مخصوص
ماتحت	حڪم هيٺ
حيلو	ڪوشش، بهانو
بي نياز	بي پرواه
بجا آوري	حڪم جو پوراٿو، پيروي
تمدن	پاڻ کي شهري بنائڻ
سڀيتا	جماعتي زندگي
مکيه	اهم، خاص
جبلت	لاڙو، عادت
اُنس	قرب، تعلق، لاڳاپو
بقاءِ	جٽاءُ
جاءِگير	جاءِ والارڻ
اشرف المخلوقات	سجي مخلوق ۾ ممتاز
پيچيدو	منجهيل، مشڪل

1.5 خود آزمائي (1)

سوال نمبر (1)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(الف) مائٹھو، ٻهراڙي ڇڏي شهر وڃڻ لاءِ ڪهڙا دليل ڏين ٿا؟

(ب) شهري زندگيءَ تائين پهچڻ ۾ "اُنس" کي ڪهڙا ڏاڪا مٿي چڙهڻا پون ٿا؟

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل خال مڪمل ڪريو.

(الف) تمدني زندگيءَ ۾ رهڻ ڪري، هر هڪ انسان کي پنهنجن ....

.... ۽ .... وٽان ڪي حق ملن ٿا.

(ب) .... ۽ .... ٻئي، فردن ۽ جماعتن کي ڪنهن مقرر ڪيل

عمل جي راھ تي هلائن ٿا.

سوال نمبر (3)

هيٺ لکيل جزن کي هت ڏنل ٻن شعبن ۾ ترتيب سان رکو.

(1) قومي بچاءُ (2) تندرستي ۽ صحت (3) زرعي ۽ خوراڪ کاتو (4) شخصي بچاءُ

(5) تعليم ۽ سکيا (6) ٽپال، تار ۽ ريلوي (7) حقن جو بچاءُ (الف) عام ڀلائي (ب) بچاءُ

سوال نمبر (4)

تمدن ۽ تهذيب ۾ مختصر طور تي فرق بيان ڪريو.

2. ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون علامہ آءِ آءِ قاضي جي تقرير تان ورتل آهي. سندس پي. و نالو امداد علي ۽ سندس والد جو نالو امام علي هو. پاڻ 1886ع ۾ دادو ضلعي جي تاريخي ڳوٺ .ات شريف ۾ ڄاوا. 1905ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ 1910ع ۾ لنڊن مان قانون جي اعا ، ڊگري بئريسٽري جو امتحان پاس ڪيائون. ان دوران کين اتي فلسفي ۽ مختلف علمن ۾ داخلا وٺي پڙهڻ جو بہ موقعو مليو. واپس سنڌ اچڻ تي ڪجھ عرصي لاءِ کين خيرپور رياست ۾ ڊسٽرڪٽ جج ۽ هوم ميمبر بنايو ويو. پر پنهنجو گهڻو وقت اسلام جي اشاعت لاءِ لنڊن ۾ گذاريائون. 1923ع ۾ هڪ بهترين مضمون لکڻ تي کين لنڊن جي هڪ اداري (Poetry Society) جو نائب صدر مقرر ڪيو ويو. 1928ع ۾ هڪ ٻئي بهترين مقالي لکڻ تي کين ٻئي اداري (Philosophical Society) جو تاحيات فيلو بنايو ويو. 1943ع ۾ جڳ مشهور انگريز اديب برنارڊشا جي مشهور ۽ معروف ڪتاب براؤن گرل (Brown girl) جي جواب ۾ ڪا ،ي نينگر (Black girl) لکيائون. جنهن سندس شهرت ۾ اڃا بہ اضافو آندو.

پاڻ. 1938ع کان 1946ع تائين ڪراچي ۾ لڳاتار تقريرن وسيلي نوجوانن کي اسلام جي عظمت کان آگاهہ ڪندا رهيا. پاڻ 1951ع کان 1959ع تائين سنڌ يونيو .سٽيءَ جا وائس چانسلر ٿي رهيا. 13 اپريل 1968ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائون. سندس ٭زار. سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ موجود آهي. پنهنجيءَ آخري عمر ۾. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي انگريزي ۾ شرح لکيائون. اها شرح بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪئي.

2.2 مضمون جو خلاصو

جيئن تہ هن ڪائنات جي تخليق ۾ هر شيءِ ڪارائتي نظر اچي ٿي تہ پوءِ انسان ڪي بہ ..ڪو اجايو تہ ڪو نہ خلقيو ويو هوندو. هن مضمون ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انسان رڳو جانورن جيان پ..نهنجي حياتي پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ڪو نہ ڪيو ويو آهي، پر ان حياتيءَ کي پنهنجي ۽ ٻين انسانن جي حياتيءَ کي ڪارگر ۽ ڪارائتي نموني گهارڻ لاءِ اصول مقرر ڪرڻ جو ڏانءُ ڏسيو ويو آهي. مضمون نگار ان شخص کي ڪامياب ۽ آبروءَ جي لائق ڪوٺيو آهي، جيڪو نيڪيءَ جي ڪمن ۾ مڙني کان اڳڀري ڪوشش ڪندڙ هجي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو ۽ معا..ري جو هر هڪ شخص رڳو پنهنجي ڀلائي سوچڻ لڳو تہ پوءِ اهو سمورو سماج مفاد پر..تن جو مرڪز بنجي پوندو. پوءِ ڪير بہ ڪنهن ٻئي جي ڀلائي سوچڻ جي بجاءِ پ..نجي خوشيءَ لاءِ هر جائز ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ کان ڪو نہ ڪيٻائيندو. انهيءَ حالت ۾ ..ر بہ ڪنهن جي حقن جي حفاظت ڪو نہ ڪندو ۽ پنهنجي فرض جي پورائيءَ کان پري ڏ...و ويندو ۽ پوءِ پورو معاشرو برائين ۾ وڪوڙجي ويندو نيڪي ڪٿي بہ نظر نہ ايندي. م..ا ي نويس اهڙين نشانين کي معاشري جي زوال جون علامتون ٿو سڏي. پنهنجي مقالي جي پ..ائي ڪرڻ کان اڳ ڪيترائي ڪارائتا قاعدا ڏسيا ائس، جن تي عمل ڪرڻ سان ڪو بہ ..اشرو برائين کان پاڻ بچائي، نيڪين ڏي وک وڌائي، پاڻ کي ڪامياب معاشرو بنائي ..گهي ٿو. جتان قومن کي نہ رڳو بقاءُ ملندو پر کين فتح و ڪامراني ۽ شادمانيون نصيب ..ينديون آهن.

2.3 مضمون جو متن

غور ڪري ڏسبو تہ نہ فقط انسان، پر ساري ڪائنات بہ پابنديءَ مان ڦل پائي ٿي. اسان مان سڀ کان اول اهڙي بندش حضرت آدم عليہ سلام ۽ بيبي حوا تي عائد ٿي، جڏهن کين حڪم ڪيو ويو تہ هن خاص وڻ جي ويجها نہ وڃجو. مول مقصد هيءُ هو تہ کين پنهنجي خواهشن تي ضابطو رکڻ سيکاريو وڃي. جيڪڏهن اسان الله جي فقط هن حڪم جي حقيقت سمجهي، پنهنجين خواهشن تي ضابطو رکڻ سکون تہ ڪامياب زندگي بسر ڪرڻ لاءِ اهو ئي هڪ عمل اسان لاءِ ڪافي آهي.

دراصل زندگيءَ جو بنياد ئي "تقويٰ" آهي. جڏهن اسين پوريءَ طرح سان پرهيزي ٿا سگهون، تہ اسان لاءِ ڇا چڱو ۽ مٺو آهي، تہ پوءِ اسان لاءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن رهنمائيءَ کان سواءِ پنهنجي لاءِ ڪا نئين راهہ مقرر ڪري سگهون!

بهتر ائين آهي تہ اسان پنهنجي عليم ۽ حڪيم خالق جي حڪمن جي اکيون پوري پابندي ڪريون، جنهن ۾ اسان سڀني جي چڱائي آهي، اهائي سچي انسانيت آهي. پنهنجي پالڻهار جي حڪم نہ مڃڻ سببان اجوڪو انسان حيوان جي درجي کان بہ هيٺ ڪري چڪو آهي. ڪتني جهڙو جانور بہ پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ کان ٻاهر نٿو وڃي. ان کي بہ جڏهن وقتن تي کائڻ سيکاريو وڃي ٿو، تڏهن فقط انهن مقرر وقتن تي کائي ٿو، پر اسان مان ڪيترائي اهڙا بہ آهن جي هميشہ پيا کائين. کائڻ کانسواءِ ٻيو کين ڪم بہ ڪونهي پوءِ بہ "انسان" پيا سڏجن! کائڻ پيئڻ تي بندش سيکارڻ وارو مهينو رمضان المبارڪ گذر ڪري وڃي ٿو، پر افسوس جو اسان ان جو پورو پورو قدر ڪو نہ ٿا ڪريون. البت عيد زور شور سان ملهايون ٿا. ڇاڪاڻ تہ عيد اسان تي کائڻ پيئڻ جي بندش نٿي وجهي. محض کائڻ ۽ خوشيون ملهائڻ زندگي نہ آهي، اها ٻي زندگي آهي، جا خيرواري ۽ بقا

واري آهي. انهيءَ زندگيءَ جو دارومدار آهي مقصد مقرر ڪرڻ ۽ ان مقصد کي بلند پايي تي پهچائڻ.

انسان اشرف المخلوقات تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو زندگيءَ جو مقصد مقرر ڪري ٿو. ان مقصد لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري، تڏهن اعلىٰ زندگي هٿ ڪجي.

اسان مان هر هڪ جي اڳو ڪو نه ڪو مقصد هئڻ گهرجي، جنهن ڏانهن ان وقت تائين وڌندا رهون، جيستائين احسن طريقي سان اسان اُن کي حاصل ڪريون. هر هڪ ڳالهه جو ڪو نہ ڪو مقصد ضرور هوندو آهي ۽ مقصد کانسواءِ ڪا بہ ڪوشش ڪامياب نہ ٿيندي آهي. ٿيندي بہ ڪيئن جو ان جو ڪو نتيجو نڪرڻو نہ آهي.

مثلاً اسان جيڪڏهن ڪنهن اداري يا ڪارخاني ۾ ڪم ڪريون ٿا تہ آخر ڇا لاءِ اسان جو ڪو تہ مقصد هوندو يا بس ائين پيا اچون وڃون. اسان جي اڳو يقيناً هڪ عظيم الشان مقصد هوندو آهي ۽ اسين اٽل عزم سان ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندا آهيون.

اينترو ضرور آهي تہ توهين ۽ اسين سڀ پنهنجي پنهنجي انفراديت وساري، هڪ مقصد لاءِ هڪ مرڪزي خيال ماتحت ڪم ڪريون.

جيڪڏهن ان جماعتي نظريي جي بجاءِ اسان مان هر هڪ ائين سمجهڻ شروع ڪري تہ آءٌ فقط پٽيوالو آهيان يا فقط ڪلارڪ آهيان يا فقط رجسٽرار آهيان يا فقط گورنر آهيان وغيره، تہ پوءِ بنهہ ڪم هلي نہ سگهندو. اسان سڀئي هڪ ساڳيءَ مشين جا پرزا آهيون ۽ سڀني کي گڏجي هڪ ئي مقصد حاصل ڪرڻو آهي، اهو آهي انسان ذات يا قوم جي بقا ۽ بهبودي.

جنهن وقت اسان جي گڏيل ڪوششن سان ڪاميابي حاصل ٿيندي، تنهن وقت اسان پنهنجي صالح عملن جي انعام جا حقدار ٿينداسين. اهڙو انعام هر بامقصد ڪم ڪندڙ کي فطرتي طور سان عطا ٿيندو آهي، پوءِ ان جو ڪم ڪيترو بہ خسيس ۽ معمولي چو نہ هجي، اهو ملازم، جيڪو پنهنجي ڊيوٽي چڱيءَ طرح ادا ڪري ٿو، سو پنهنجي انهيءَ

عملدار کان هزار بار بهتر آهي، جو پنهنجي فرض جي بجا آوريءَ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو. پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي نہ ڪندڙ نوڪر، الله تعالیٰ جيءَ اڳيان وڌيڪ معزز آهي. بنسبت انهيءَ آفيسر جي، جو پنهنجو فرض پوري طرح سان پورو نٿو ڪري.

دنيا جي تاريخ شاهد آهي تہ ڪيترائي معمولي حيثيت رکندڙ ماڻهو، پنهنجي فرض شناسيءَ سببان اعلیٰ عهدن تي وڃي پهتا. انهن کي قدرت جي هن اٽل قانون جي فيصلي موجب اهو انعام مليو. ارمان فقط اهو آهي تہ اڄ اسان وٽان اسلامي روايتون ختم ٿينديون وڃن ٿيون. صحيح اسلامي سماج اهو هو جو هڪ جيد عالم، پنهنجي روزگار جو طريقو پاڻ ڳولي لهندو هو. هزارين اهڙا عالم هئا، جن ڪوريءَ، موچيءَ يا ڌوٻيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو هو. اهو ئي سماج هو، جنهن ۾ هڪ شيدي هڪ طرف بانهو هو تہ ٻئي طرف "طائوس الحرمين" هو. عطار، حلاج، سقہ ۽ ٻجاج اسانجي اعلیٰ اڳواڻن منجهان آهن. اسان سڀني منجهان عزت جو حقدار اهو آهي، جو زياده نيڪي ڪندڙ آهي. نيڪيءَ جو مطلب اهو آهي تہ سپرد ڪيل ڪم چڱيءَ طرح سان پورو ڪيو وڃي، پوءِ کڻي اهو ڪم اعلیٰ هجي خواه ادنیٰ. چاهي اهو ڪم حڪمرانن جو هجي يا ڌوٻيءَ جو. پٽيوالي جو هجي يا اعلیٰ عزت واري آفيسر جو. احترام جي لائق اهو ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي لياقت آهر ۽ پابندي سان پنهنجو ڪم پورو ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪو چوي تہ آءٌ هڪ معمولي ڪلارڪ آهيان ۽ وڌيڪ ڇا ٿو ڪري سگهان، تہ هو غلطيءَ تي آهي. حقيقت ۾ هو هڪ نهايت ڪارگر رڪن آهي، بشرطيڪ هو پنهنجو فرض سچائي ۽ سمجهي تہ آءٌ سماجي مشينري جو هڪ اهڙو ضروري پرزو آهيان، جنهن کان سواءِ ڪو بہ ڪم هلي نہ سگهندو!

اڄ ڏسو تہ ملڪ جي حالت ڇوڏاري ڇا لڳي پيئي آهي، آهي ڪا انسانيت؟ هر هنڌ وٺ پڪڙ، ڦر مار لڳي پئي آهي. ننڍو خواه وڏو، ڪو بہ ايمانداري سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. بجليءَ واري کي ڪنهن ڪم لاءِ وٺي اچو تہ هو ايمانداري سان ڪم ڪرڻ جي بدران ٺڳي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ چاهيندو تہ ڪجهہ ناجائز فائدو ڪمائي. ساڳيءَ

طرح سان توهان جنهن شخص کي ڪنهن ڪاروبار هلائڻ لاءِ مئنيجر مقرر ڪريو ٿا، سو به جي ڪا ٺڳي ڪري ڪجهه ناجائز نفعي ڪمائڻ جي ڪوشش ڪري ته پوءِ ٻنهي ٺڳن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت رهيو؟ جهڙو بجليءَ وارو ٺڳ، اهڙو اوهان جو مقرر ڪيل مئنيجر ٺڳ. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو بادشاهه ٻين کان پئسا وٺي گذارو ڪندو ته پوءِ بادشاهه ۽ گدا جي وچ ۾ ڪهڙو فرق وڃي رهندو؟

بنيادي نڪتو هيءُ آهي ته اسان مان جو به ڪنهن ڪم تي معمور هجي ٻنگي کان وٺي وڏي حاڪم تائين، سو پنهنجي سونهيل ڪم کي سهڻي نموني ۾ سرانجام ڪري. تيستائين ڪو به مان ملڻ جي لائق نه آهي، جيستائين هو پنهنجو ڪم سچائي، اخلاص ۽ صلاحيت سان نه ٿو ڪري. جيڪڏهن ڪنهن حاڪم بد ديانتي ڪئي يا پنهنجي نا اهليءَ سبب ڪنهن فرض ادائگي ۾ ڪوتاهي ڪئي ته ان مهل اهو حاڪم انهيءَ ٻنگيءَ کان به بدتر آهي، جو پهنجو پورهيو ايمانداري سان ڪري ٿو. انهيءَ مقصد خاطر ئي هر مسلمان تي حلال جي روزيءَ جي ڳولا فرض ٿي. حلال جي ڪمائي اها آهي، جا پنهنجي صلاحيت مطابق سچائيءَ سان ڪمائجي. اسان کي گهرجي ته جيڪي ڪجهه ڪريون، سو الله خاطر ڪريون. حلال جي ڪمائيءَ ۾ به الله تعالىٰ جي خوشنودي آهي ۽ جنهن ڪم ۾ الله تعالىٰ جي خوشنودي آهي، سو عبادت ۾ شامل آهي. هڪ ڏينهن حضرت عمر رضه جن خطاب ڪري رهيا هئا، ته اذان جي آواز جو پڙلاءُ ڪنن تي پيو. هڪ بدويءَ عرض ڪيو ته "يا اميرالمومنين، عبادت جو سڏ ٿيو آهي." حضرت عمر رضه کي جلال اچي ويو ۽ فرمايائين ته "اسين هت ڇا وينا ڪريون؟" حقيقت ۾ عبادت اها ئي آهي ته جيڪي ڪجي، سو الله تعالىٰ جي رضامنديءَ خاطر ڪجي تڏهن ته شاهه ڀٽائي رحه فرمايو آهي ته:

"سُتا سي سونهن، نند عبادت جن جي"

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

صالح	نيڪ، چڱو
صلاحيت	لياقت، اهليت، قابليت
باهمي	گڏجي
عليم	ڄاڻ رکندڙ، باخبر
عميق	گهرو، اُونهو
عزم	پختو ارادو
نظم	ضابطي يا قاعدي قانون هيٺ
ارتقا	نشونما، واڌارو، ترقيءَ جو جمع
تڪميل	پوراڻو
اختصار	مختصر ڪيل، تت، خلاصو
انفرادي	اڪيلي سر، ڌار ڌار
انفراديت	انوکو، نرالو، عليحده خاصيت
سعي	ڪوشش، حيلو
معمور	مقرر
سونپيل	حوالي ڪيل
اخلاص	خلوص، سچائي
بشرطيڪ	شرط اهو آهي ته

2.5 خود آزمائي (2)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) زندگيءَ جو مقصد ڇا هجڻ گهرجي؟

(2) سچي انسانيت ڇا آهي؟

(3) ليکڪ، عيد جو ڏڻ زور شور سان ملهائڻ جو ڪهڙو سبب ٻڌايو آهي؟

(4) ليکڪ جي نظر ۾ اسين صالح عملن جا حقدار ڪيئن ٿي سگهون ٿا؟

(5) ليکڪ تاريخ جي ڪهڙي شاهدي پيش ڪئي آهي؟

(6) ليکڪ ڪهڙي ڳالهه جو ارمان ڪيو آهي؟

(7) صحيح اسلامي سماج ڇا آهي؟

(8) مضمون نويس، ملڪ جي حالت جا بيان ڪئي آهي؟

(9) انسان کي اشرف المخلوقات ڇو ڪوٺيو ويو آهي؟

(10) سڀ کان وڏيڪ عزت ۽ احترام لائق ڪهڙو انسان آهي؟

3. خود آزمائشين جا جواب

خود آزمائشي (1)

سوال نمبر (1)

الف: ماڻھو ٻهراڙي ڇڏي، شهر وڃڻ لاءِ چوندا آهن ته:

(1) شهر ۾ بچاءُ آهي ۽ جان جو گهڻو خطرو ناهي.

(2) ماڻهن سان ميل جول وڌي ٿو.

(3) انساني زندگيءَ کي پر لطف بنائڻ لاءِ سڀ سهولتون ۽ رونقون موجود آهن.

ب: شهري زندگيءَ تائين پهچڻ ۾ "اُنس" کي هيءُ ڏاڪا مٿي چڙهڻا پون ٿا.

(1) ڪٽنب، (2) قبيلو، (3) ڳوٺ، (4) ڳوٺ جي پسگردائي، (5) ملڪ

سوال نمبر (2)

خال مڪمل ڪريو:

(الف) تمدني زندگيءَ ۾ رهڻ ڪري، هر هڪ انسان کي پنهنجن پاڙيسرين، شهر پاين ۽ ملڪ پاين وٽان ڪي حق ملن ٿا.

(ب) حڪومت ۽ مذهب ٻئي، فردن ۽ جماعتن کي ڪنهن مقرر ڪيل عمل جي راهه تي هلائن ٿا.

سوال نمبر (3)

ٻه اهم شعبا:

(الف) بچاءُ: ٽي قسم،

1. قومي بچاءُ، 2. شخصي بچاءُ، 3. حقن جو بچاءُ

(ب) عام ڀلائي جا چار جزا:

تندرستي ۽ صحت، زرعي ۽ خوراڪ کاتو، تعليم ۽ سکيا، ٽپال، تار ۽ ريلوي کاتو.

سوال نمبر (4)

خود لکڻو آهي.

خود آزمائي (2)

(1) زندگيءَ جو مقصد تقويٰ آهي.

(2) انسان کي پنهنجي عليم ۽ حڪيم خالق جي حڪمن جي، اڪيون پوري پابندي ڪرڻ سچي انسانيت آهي.

(3) ليڪ، عيد جو ڏينهن زور شور سان ملهائڻ جو سبب اهو ٻڌايو آهي، جو عيد، اسان تي کائڻ پيئڻ جي ڪا به بندش نٿي وجهي.

(4) ليڪ ٻڌايو آهي ته جڏهن اسان کي گڏيل ڪوشش سان ڪاميابي حاصل ٿيندي، تڏهن صالح عملن جا حقدار ٿي سگهون.

(5) تاريخ مان شاهدي ملي ٿي ته ڪيتراڻي معمولي حيثيت رکندڙ ماڻهو، پنهنجي فرض شناسيءَ سببان اعليٰ عهدن تي پهتا آهن.

(6) ليڪ کي ان ڳالهه جو ارمان آهي ته هن دور ۾ اسان وٽان اسلامي روايتون ختم ٿينديون پيئون وڃن.

(7) صحيح اسلامي سماج اهو آهي، جو ڪو به شخص روزيءَ لاءِ ٻئي تي ڀروسو نه ڪري، بلڪ هڪ مجيل عالم به پنهنجي روزگار جو طريقو خود ڳولهي لهي.

(8) مضمون نويس لکي ٿو ته ملڪ ۾ ڪا به انسانيت نه رهي آهي، هر هنڌ وٺ پڪڙ ۽ ڦرمار لڳي پئي آهي ۽ ننڍو توڙي وڏو، ڪو به ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

(9) انسان کي اشرف المخلوقات ان ڪري چيو وڃي ٿو جو انسان پنهنجي زندگيءَ جو مقصد مقرر ڪري، ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

(10) سڀ کان وڏيڪ عزت ۽ احترام جي لائق اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي لياقت آهر ۽ پابنديءَ سان پنهنجو ڪم پورو ڪري ٿو.

يونٽ نمبر 3

1. سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب

2. ڪوهستاني ڪچهري

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

توهان هن وقت ٽيون يونٽ پڙهڻ شروع ڪيو آهي. هن يونٽ کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون حصو سنڌ جي اڳوڻين روايتن، علم ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ تي روشني وجهي ٿو. ٻئي حصي ۾ "ڪوهستاني ڪچهريءَ" جي عنوان سان لکيل مضمون ۾، اسان جي قديم ڳوٺاڻي اداري ڪچهريءَ جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙيءَ طرح اهو ادارو صدين کان وٺي پنهنجي علمي، ادبي ۽ اخلاقي قدارن جي لاشعوريءَ طور تي تربيت ۽ معاشرتي اصولن تي پختي رهڻ جي سکيا ڏيندو رهيو آهي.

اسان کي يقين آهي ته هن يونٽ جي اڀياس ڪرڻ کانپوءِ هيٺ ڏنل مقصد حاصل ٿي ويندا.

يونٽ جو مقصد

(1) توهان سنڌ جي ريتن ۽ رسمن بابت ڄاڻي سگهندا.

(2) سنڌي زبان جي اصل نسل ۽ ارتقائي مرحلن کان خبردار ٿي سگهندا.

(3) سنڌي علم ادب ۽ ان جي ترقي ۽ ان جي باري ۾ ڪم ڪندڙن بابت معلوم ڪري سگهندو.

(4) ڳوٺاڻي ڪچهريءَ جي اهميت کان واقف ٿي سگهندو.

(5) ڳوٺاڻن جي علمي ڄاڻ ۽ ٻوليءَ جي وسعت کان واقف ٿي سگهندا.

(6) قديم لوڪ صنفن جي علمي ۽ سماجي اهميت کان واقف ٿي سگهندا.

فهرست

	صفحو
1. سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب	63
1.1 ليکڪ جو تعارف	63
1.2 مضمون جو خلاصو	64
1.3 مضمون جو متن	66
1.4 ڏکين لفظن جي معنىٰ	75
1.5 خود آزمائي نمبر 1	78
2. ڪوهستاني ڪچهري	80
2.1 ليکڪ جو تعارف	80
2.2 مضمون جو خلاصو	81
2.3 مضمون جو متن	82
2.4 ڏکين لفظن جي معنىٰ	97
2.5 خود آزمائي نمبر 2	100
3. خود آزمائشين جا جواب	101

1. سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون ڊاڪٽر شمس العلماءَ عمر بن محمد دائود پوٽي مرحوم جي مختلف مضمونن کي گڏي تيار ڪيو ويو آهي، ڊاڪٽر موصوف جا اهي مضمون "سرها گل" ۽ "مهراڻ" نالي رسالن ۾ ڇپيل آهن. ڊاڪٽر مرحوم 1896ع ۾ دادو ضلعي جي هڪ تاريخي شهر "تلٽيءَ" ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان پوري ڪرڻ کانپوءِ ميٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان پاس ڪيو ۽ تنهن کانپوءِ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي اي جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان کانپوءِ ايم . اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ممبئي ويو ۽ 1923ع ۾ اُتان نهايت ڪاميابي سان ايم . اي پاس ڪيائين. علامه صاحب 1927ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي جنهن جو موضوع "عربي شاعري جو فارسي شاعري تي اثر" هو. پاڻ پهريون سنڌي هو جنهن اها اعليٰ ڊگري حاصل ڪئي.

سندس زندگيءَ جو وڏو حصو تعليم کاتي ۾ گذريو. سنڌي علم ۽ ادب ۾ سندس سرانجام ڏنل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. مخدوم محمد زمان (لنواري شريف) جي شاعري "ابيات سنڌي" ۽ شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام "بيان العارفين"، "منهاج العاشقين" (ترجمو)، "سرها گل" ۽ ڪلام گرهوڙي" نالي مشهور ڪتاب سندس ترتيب ڏنل آهن. علامه صاحب 22 نومبر 1958ع ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪئي سندس مزار ڀٽ شاهه ۾ آهي.

1.2 مضمون جو خلاصو

هن مضمون ۾ سنڌ جي ريتن ۽ رسمن بابت ٻڌايو ويو آهي ته اهي پيار، محبت ڀائپي ۽ هڪ ٻئي سان همدردي ۽ ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ تي ٻڌل آهن. مضمون جي ليکڪ، انهن ريتن ۽ رسمن جي خوبين جو ذڪر ڪندي ٻڌايو آهي ته انهن جي ڪري ئي سنڌي سماج هڪ مضبوط ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهي. ريتن ۽ رسمن سان جيڪو دائرو ٺهيو آهي، تنهن ۾ رهي ڪري، جتي پاڙي پتي ۽ ڳوٺ راڄ جي لاءِ همدردي ۽ احساس هوندو آهي. اتي سڄي سنڌي سماج لاءِ به ساڳيو ئي جذبو پيدا ٿئي ٿو.

هتي ننڍي وڏي جي عزت ڪئي وڃي ٿي. سنگت ۾ سلوڪ ۽ وفاداري آهي ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ عزت ۽ احترام رهي ٿو. ماڻهپي ۽ خلوص جي پيڪر انهن ريتن ۽ رسمن کي مضمون جي ليکڪ سنڌي سماج جون املهه وٿون ڪوٺيو آهي.

مضمون ۾، سنڌ جي ماضي ۽ تاريخ کي اهڙي ته اثرائتي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. جو جڻ ته سڄيءَ سنڌ جا سهڻي ماڻهو اڳيان اچي ڪنا ٿيا آهن ۽ انهن جي اها چرپر اکين آڏو پئي ٿئي. لکڻ جي اهڙي انداز جي ڪري پڙهندڙ کي مضمون، بيان جي بدران اٿين ٿو لڳي، جڻ ته ڳالهين ئي ڳالهين ۾ سڄي سنڌ پيو گهمي ـــ ليکڪ جي لکڻ ۾ اهڙي ته رس ۽ چس پيدا آهي. جو هر ڪو سنڌي پنهنجي سرزمين ۽ ان مٿان آباد باشندن جون اهي ريتون رسمون، راند يرن روند يون، وندر ۽ ورونهن بابت ڳالهيون ٻڌڻ ۾ خوشي پيو محسوس ڪري.

سنڌ جي عظمت جا اهي گڻ، نه رڳو تاريخ ۽ مڃتا وارن ڪتابن تان ورتا ويا آهن، پر انهن جي آڌار تي ليکڪ پنهنجي سانيڀر ۾ به ماڻهن منجهه جيڪي خوشين جا خزانا ڏٺا، ميلن ملاکڙن ۽ عيدن براتن تي سادگي هوندي به سرهائي محسوس ڪئي تنهن جو پيرائتو احوال پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ هن، سنڌي سماج جي اعلىٰ قدرن، لباس ڪاڌي خوراڪ، تازگي توانائي ۽ تندرستي کي به سڄو سربستو بيان ڪيو آهي.

انهن سمورين ڳالهين جو دارومدار ٻوليءَ تي آهي، تنهن ڪري مقالي نگار سنڌي ٻوليءَ ان جي اصل نسل ۽ نشونما جو مرحليوار ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهيو آهي. اهو ذڪر پاڻ اهڙي تہ اثرائتي ۽ انوکي انداز سان ڪيو اٿائين، جو نہ رڳو سنڌي ٻولي پر ان جي ادب جي مرحليوار ڪيل ترقي ۽ هر مرحلي تي ان جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪندڙن جي باري ۾ بہ ڄاڻ ملندي رهي ٿي.

1.3 مضمون جو متن

ڪنهن زماني ۾ اسان جو ديس آريہ ۽ اسلامي تهذيبن جو مرڪز هو، جتي مسلم ۽ هندو پياري وطن جي اڪين جا تارا، ريجهہ رهاڻ ۾ رهندا هئا ۽ جڳ کي وحدانيت ۽ ايڪتا جو سبق سيکاريندا هئا. هينئر تہ اهڙو ڪو هير گنبذ جو واءُ لڳو آهي، جو ماڻهو ٿي منجي ويا آهن وڏڙا ويچارا پنهنجو منهن چپائي، مقامن ۽ مسانن مان شوم بختيءَ جو نظارو ڪري رهيا آهن. انهن جا روح تاٿي رهيا آهن تہ آهي ڪو جو، سڪل ڪسيءَ ۾ پاڻي آڻي ۽ وچايل وڻون وري هٿ ڪري!

اهي مٺيادار مرڪڻ، جن جي صحبت رس ڀري هوندي هئي، جن جي وات مان پلپل سياٽپ جا سندر سخن نڪرندا هئا، جي ڇپي ڇپي تي پهاڪا، چوٽيون ۽ سگهڙن جا قول مثال طور آڻيندا هئا، جن جي ڀاجهاري ٻوليءَ ۾ نڪي عربي ۽ فارسيءَ جا اڻانگا لفظ هوندا هئا، نڪي سنسڪرت جا ڳاٽي ڀڳا شبد، جن جي زبان ۾ عجيب قسم جي روحاني شستگي هوندي هئي، تن جا پويان اڄ اڪثر رڳو شيڪسپيئر ۽ شيليءَ جا شيدائي ٿي، پنهنجو ورثوساري پراون دهلن تي احمق وانگر نچي رهيا آهن. نڪي مغربي تهذيب مان هڙ حاصل ٿي اٿن ۽ نڪي پنهنجن جي وٽ مان، ڪو حصو پڙ پيو اٿن. ڪانءَ وانگر مور جي رفتار تي موهت ٿي، پنهنجو چلڻ بہ ڪاري ڇڏيو اٿن. اها سڀ اسان جي بي پرواهيءَ جي شامت آهي. هينئر بہ جيڪڏهن ڪوشش ڪئي، ۽ هر هڪ ننڍو وڏو پڪو پهہ ڪري،پنهنجي اباڻي ميراث لاءِ ڪجهہ واجهہ وجهي، تہ هوند تاريخ، علم ۽ ادب جو چڱو سرمايو موجود ٿي پوي، اڃا بہ ويل ڪانہ ويئي آهي، ڪنهن نہ ڪنهن قبيلي ۾ وڏا حيات هوندا، جن وٽان اڳين جا سخن سڪڻ گهرجن. جيڪڏهن وڌيڪ غفلت ڪئي سون ۽ وڏڙا سفر سڌاري ويا، تہ پوءِ ارمان ۽ پڇتاءُ جون تريون مهٽيون پونديون.

منهنجي ڪا وڏي جمار نہ آهي پر پنهنجي ٿي ساڃهہ ۾ سنڌ جي حالت اور هئي. ماڻهو زياده خوش ۽ آسودا هوندا هئا ۽ ان پاڻي آججڪر هوندو هو. عيدن براتن ۽ ميڙن ملاڪڙن تي هو پنهنجي سرهائيءَ جو اظهار ڪندا هئا. ملهہ وڙهڻ ۽ ڪشتي ڪيڏڻ ڪري، سندس فوت ڪراري رهندي هئي. مردانيون ڪسرتون جهڙوڪ: ٻيلهاڙو ۽ ونجهوٽي، ڪين لڳن مروڙ ۾ مضبوط رکنديون هيون. اهڙيءَ طرح سندس زالون بہ زبرزنگ هونديون هيون. عيد ايندي هئي تہ صبح جو جماعتون ۽ ماڻهن جا ٽولا مولود چوندا، زيلون ڏيندا، ميدان تي نڪرندا هئا. نماز بعد سماع ٿيندو هو ۽ حلقا لڳندا هئا. جماعتن جي سماع وقت پاڻ ۾ چٽاڀيٽي لڳندي هئي. اوليائن جي درگاهن تي ساليانو ۽ ماهون ۾ پهرين جمعي تي مداحين ۽ معجزاين جو مقابلو ٿيندو هو. خود شاعر بہ حاضر ٿي، پنهنجي هنرمنديءَ جو داد حاصل ڪندا هئا. هينئر ڏسندا تہ اها سُرهائي ۽ خوشي ماڻهن ۾ ڪانهي، سڀ ڪنهن تي ڳڻتين جو بار آهي. آرام ۽ ايڪانت جو مزو نڪري ويو آهي. سڀ ڪو دنيا جي چڪر ۾ اچي، پنهنجون شاندار اڳوڻيون روايتون وساري ويهي رهيو آهي. تان جو اڄ عيد تي سماع جو نالو بہ ڪو نہ ٿو ٻڌجي ۽ هر ڪو ڪن ٻوساٽيو گهر هليو وڃي. سڀني کي هڪ قسم جي مايوسي ۽ غمگيني گهيري ويٺي آهي. ازان سواءِ ورهيارو ڀٽ فقير، دف هٿن ۾ کڻي وڏا پهراڻ پهري، اچيون پڳون ٻڌي، ملائڪن وانگر سفيد لباس ۾ گهوڙن تي چڙهي سڀ ڪنهن در تي ايندا هئا ۽ گذريل زماني جون تاريخي ڪهاڻيون ۽ قصا نهايت خوش اسلوبي سان بيان ڪندا هئا. هاڻي تہ اهي بہ ويچارا هاڻيءَ ۾ هجي ويا، سندن ناخلف ٻوين ٻوٽو ڪو نہ ٻاريو ۽ وڏن جو نالو ۽ نشان گم ٿي ويو. اڳوڻي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ ٻڌن جي هستي بہ هڪ ڪارگر طريقو هو. اسان کي گهرجي تہ جي اهي ڀٽ فقير ملن، اتان ڪين هٽ آڻي، سندن تربيت ڪريون ۽ وچايل تاريخ کي نئين سر لهون وڏن جي روايتن کي هڪ واريءَ برقرار رکون.

سنڌي هڪ جهوني ۾ جهوني زبان آهي، جنهنجو سنڌون سڌو لاڳاپو پراڪرت ٻوليءَ جي "وراچڊا" نالي شاخ سان وڃي ڏو ٿئي. اهو يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي صورت ۾ ڪڏهن آئي پر ڪن عرب سياحن جهڙوڪ: اصطخري ۽

المقدسي، جي بارهين صدي ڏاري سنڌ ۾ آيا هئا، تن جي بيانن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ ديبل منصوره ۽ ملتان ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهيون ويندڙيون هيون.

جيستائين سنڌ جي قديم رسم الخط جو تعلق آهي، تنهن جي باري ۾ البيروني (1048.973) پنهنجي ڪتاب "الهند" ۾ لکي ٿو تہ "ڏکڻ سنڌ جي دريائي ڪناري جي ويجهو ملباري رسم الخط مستعمل هو ۽ ڪن هنڌن تي اردناگري پڻ استعمال ڪندا هئا". جيتوڻيڪ اها خبر پئجي نٿي سگهي تہ اهي ٻئي رسم الخط، عربي رسم الخط ۾ ڪڏهن تبديل ٿيا، پر اها تبديلي لازمي طور درجي بدرجي عمل ۾ آئي هوندي.

اهڃاڻن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ مسلمان جڏهن سنڌ ملڪ ۾ آيا، تڏهن جهونو رسم الخط متروڪ ٿي چڪو هو ۽ ان جي جڳهہ قرآن پاڪ جي زبان (عربي) والاري، سنڌي ٻوليءَ جي عربي رسم الخط جو جهوني ۾ جهونو نمونو شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري (1537. 1622ع) جي ڪلام ۾ مِلي ٿو، جنهن جو ترجمو سنڌس مريد، محمد رضا 1629ع ۾ فارسي ۾ ڪيو. سنڌ جا قديم عالم پڻ عربي ۽ فارسي زبان جو مطالعو ڪندا هئا، جا پندرهين صديءَ تائين ادب ۽ انشا جي زبان هئي ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ڪو بہ توجهہ ڪو نہ ڪيائون. نہ وري ان وقت ڪي راوي، ڀٽ يا رجز گو قبيلي جا ماڻهو موجود هئا. اهوئي سبب آهي، جو قديم سنڌي شاعرن جو ڪو بہ ڏس پتو ڪو نہ ٿو ملي. رڳو اهي هٿرادو ۽ غير معتبر بيت، جي سامونئي درويشن جي سَتن بي ڏڙ سنپين ڏانهن منسوب آهن (جن ساهہ وٺيءَ ۾ سمن جي صاحبيءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ايندڙ زماني جي مشهور واقعن جي باري ۾ پيشن گوئي ڪئي هئي)، سي نہ اڄ بہ موجود آهن ۽ برٽن ۽ هيگ جي ڪتابن ۾ محفوظ آهن پر شيخ حماد جمالي (وفات 1362ع)، شيخ پريو، اسحاق آهنگر، راجي درويش ۽ عامل مجذوب وغيره جهڙن شاعرن جو ڪلام زماني جي لاهين چاڙهين جي نذر ٿي ويو ۽ اسحاق جو رڳو هڪڙو شعر محفوظ آهي.

حقيقت ۾ سنڌي شاعري جي شروعات هالاڪندي جي ٻن شعرن سان ٿئي ٿي، جي مخدوم احمد ڀٽيءَ جي موت سان تعلق رکن ٿا، اهي شعر حيدرآباد ۾ هڪڙي سماع جي

محفل ۾ ڳايا ويا هئا. جا سنہ 1528ع ۾ منعقد ٿي هئي. تنهن کانپوءِ قاضي قاضن (وفات 1551ع) جا ست شعر ملن ٿا. جي شاه ڪريم جدا جدا موقعن تي پڙهيا هئا ۽ سندس ملفوظات ۾ محفوظ آهن. اهي سڀئي شعر تصوف جي رنگ ۾ آهن. جن منجهان اهو ڪمان ٿئي ٿو ته قاضي قاضن جو پنهنجي وقت جو هڪ زبردست عالم ۽ وڏو صوفي هو. سڀهن اهڙي قسم جا بيا بہ ڪيترائي شعر چيا هوندا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مخدوم نوح (1505 . 1590ع) جنهن جي ملفوظات جو سنڌي ۾ ترجمو ٿيو آهي تنهن پڻ ڪيترائي شعر چيا آهن. جن مان هينئر رڳو ڪي بہ . ٽي محفوظ رهجي ويا آهن. لڳ ڀڳ اهو زمانو پير محمد لکوي (وفات 1590ع) جو آهي، جو هڪ وڏو شاعر ۽ خدا رسيده بزرگ هو. سندس هڪ مدح "بياض خادمي" ۾ موجود آهي جنهن ۾ هن صبح جي ٿڌي هير کي خطاب ڪيو آهي ۽ کيس سندس محبوب جو قاصد ۽ پيغام پهچائيندڙ ڪري سمجهيو اٿس. مدح سنڌي شاعري جو هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن کي بعد ۾ مخدوم محمد هاشم، ميان عبدالله مندري ۽ پير محمد اشرف ڪاماري واري ڪمال درجي تائين پهچايو. اهي سڀئي شاعر مدح ۾ ابن العزيد ۽ البوصيري جي "قصيده برده" کان متاثر آهن، جنهن جو اثر قديم مذهبي صوفيانہ شاعري تي تمام گهڻو آهي. خود "قصيده برده" جو ترجمو سنڌي نظم ۾ پاڻ جي مولوي شفيع محمد، مولوي علي محمد مهيري ۽ عبدالله "اثر" ڪيو آهي. سيد شاه عبدالڪريم بلڙي واري جي شاعريءَ جو دامن ايترو وسيع نہ آهي رڳو ايڪانوي بيت، بہ مثلث ۽ هڪ نظم آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ سڀني جا موضوع محدود آهن، پر اڪثر جڳهين تي لطافت کان خالي نہ آهن. منجهن جذبات، خوبصورتي ۽ صوفيانہ رنگ جون سڀ شيون موجود آهن. انهن مان بيت يا ڏوهيڙا، جن جي وڌيڪ ترقي ۽ تڪميل هڪ سئو سالن کانپوءِ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي هٿان ٿي، سي پنهنجي ڪامل صورت ۾ ملن ٿا. ڏوهيڙن جي ٻولي نج سنڌي آهي ۽ منجهن عربي فارسي لفظن جو ميلاپ ڪو بہ ڪونهي.

شاه ڪريم جي وفات کانپوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ قسم جو خال نظر اچي ٿو ۽ انهيءَ وچ ۾ ڪو بہ وڏو شاعر پيدا ڪو نہ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ شاه

عبداللطيف ڀٽائي جي ولادت سن 1689ع ۾ ٿي ۽ ڀاڻ هن دور سان لاڳاپو رکندڙ بزرگن وٽان گهڻو ڪجهه پراپائون خاص ڪري شاه عنايت نصرپوري وٽان. شاه لطيف جو ڪلام اهڙو همه گير آهي جو کيس عظيم شاعر چئي سگهجي ٿو ۽ سندس شعر هڪ قسم جي روحاني سڪونت ۽ اطمينان سان ڀرپور آهي.

"بيت مَ ڀانيو ماڻهئا، آيتون آهين
سڳر سهائين، پريان سندي پار جو."

شاه جو ڪلام هزارين رنگن واري هيري مثل آهي ۽ سندس موضوع پڻ هر طرح رنگارنگي آهن يعني ڪٿي صوفياڻا ته ڪٿي روحاني، ڪٿي ناصحانه ته ڪٿي روماني عشقيه پر انهن سڀني ۾ شاعر جي دل پنهنجي خالق جي قول سان هم آواز آهي، جنهن ڏانهن هر شيءِ کي واپس ورڻو آهي. منجهس سنڌ جي زمين ۽ آسمان جو قدرتي حسن چمڪي ٿو ۽ پڻ سرزمين جا چلڪندڙ درياءَ موجون ماريندا نظر اچن ٿا، يعني منجهس سنڌ وندي جو جلال ۽ عظمت بيان ڪيل آهي. شاه جي شاعري اخلاقي آهي، پر سندس ترنم ۽ تشبيهات جو منجهان ذهني سرور به حاصل ٿئي ٿو. شاه وٽ ڏوهيڙي جي صنف پنهنجي ڪمال درجي تائين پهتل آهي، ان ڪانپوءِ جن به شاعرن کي سندس رنگ نصيب ٿيو آهي. شاه لطيف هڪ ٻي صنف به ايجاد ڪئي، جا آهي وائي يا ڪافي، جنهن کي ڪانئس پوءِ جي شاعرن، خاص ڪري رمضان ڪنڀر، احمد علي، نور محمد ۽ مصري شاه وڏيڪ وسعت بخشي.

شاه لطيف جو زمانو به انگلينڊ ۾ راڻي ايلزبيٿ جي زماني وانگر هڪ اهڙو زمانو هو، جنهن ۾ ماڻهن شعر جي ڪيترين جدا جدا صنفن ۾ نالو ڪڍيو. نظم معرا، جيڪو اشباع جو الف وارن مصرعن تي مدار رکي ٿو، سو پهريائين پهريائين پير محمد لکوي لکيو. مخدوم ابوالحسن (وفات 1165ھ) مخدوم محمد هاشم (وفات 1174ھ) ۽ مخدوم عبدالله منڌري کيس وڌيڪ ترقي ڏني مقبول بنايو. جيئن ته الف تي ختم ٿيندڙ مصرع ڳاهڻ آسان آهي، تنهن ڪري گهڻ درجي جي ڪيترن شاعرن سندس نقل ڪيو.

مخدوم ضياءُ الدين (وفات 1171ھ) جي مذهبي شاعري، جا جدا جدا وزنن وارن گيتن تي مدار رکي ٿي، سا گهڻو خشڪ آهي، جيتوڻيڪ سندس مريد مخدوم محمد هاشم پنهنجي ڪتاب "قوت العاشقين" جي ديباچي ۾ سندس تعريف ڪئي آهي. پر قافيا بي مزه آهن.

خواجه محمد زمان لنواري وارو، جو شاه عبداللطيف جو همعصر، پر عمر ۾ کانئس ننڍو هو ۽ شاه صاحب آخر عمر ۾ کانئس فيض طلب ڪيو هو، سو پنهنجي صوفيانہ ڪلام "ابيات سنڌي" جي ڪري مشهور آهي. "ابيات سنڌي" جو ترجمو سندس مريد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي (1739 ـ 1778ع) ۾ عربي زبان ۾ ڪيو. شيخ عبدالرحيم هڪ فاضل بزرگ ۽ شاعر هو. هن ڪيترائي طويل نظم لکيا آهن، جن کي "ڪلمات" ڪري ٿا ڪوٺين. ان سان گڏ شاه عبداللطيف جي رنگ ۾ ڏوهيڙا بہ لکيا اٿس.

ان دور جي شاعرن منجهان ڪيترا شاعر ڪلهوڙا دور (1657 ـ 1783ع) سان تعلق رکن ٿا. اهو دور سنڌي شاعريءَ جو هڪ سونهري دور هو. جنهن ۾ عام طرح بيتن جو رواج گهڻو هو. انهيءَ خاندان جي هڪ حاڪم ميان سرفراز خان (دور حڪومت 1772 ـ 1775 ع) کي پاڻ بہ شعر گوئي جو ڏاڍو شوق هو ۽ هن پنهنجي لاءِ هڪ نئين اسلوب شاعري مدح جو بنياد قائم ڪيو. جنهن ۾ رسول اڪرم ۽ سندس صحابن جا مناقب بيان ڪيل آهن. مدح کي وڏيڪ ترقي جمن چارڻ، صدرالدين، فتح فقير ۽ حافظ پنهنجي ڏني، جي ٽالپر دور (1783 ع ـ1843 ع) ۾ ٿيا، ڪلهوڙا دور مثنوين لاءِ ممتاز آهي، جنهن ۾ سڀ کان ممتاز داستان "ليلىٰ مجنون" آهي، جنهن کي "فاضل" ۽ خليفي عبدالله نظاماڻي ڏاڍيءَ خوبي سان نڀايو آهي. ٽالپر حاڪم شيعا هئا، پر رواداري کان ڪم وٺندا هئا ۽ ڪنهن بہ عقيدي ۾ دست اندازي نہ ڪندا هئا. هو امامن ۽ اهلبيت جي مدح ۽ توصيف ڪندا هئا، جتان مرثين جو رواج پيو.

ٽالپر دور جو سڀ کان وڏيڪ مقبول ۽ عظيم شاعر، سچل سرمست (سنہ 1739 ـ 1829ع) هو. جيتوڻيڪ سندس شاعري جا موضوع وسيع آهن ۽ سندس هڪ خاص

طرز آهي، پر شاه جي درجي کي نٿو پهچي سگهي. تنهن هوندي بہ سچل سرمست جون ڪافيون ۽ غزل هڪ انفرادي حيثيت رکن ٿا. هو قرآن پاڪ جو حافظ ۽ اسلامي علوم جو فاضل هو پر ڪي ماڻهو ان کي پسند ڪونہ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري جو سندس مذهبي خيالات عام ماڻهن کان الڳ هئا. چيو وڃي ٿو تہ هو اڃا ننڍو ڇوڪرو هو تہ شاه صاحب جي مٿس نگاه پئجي ويئي. پاڻ فرمايائون تہ "اسان جيڪو ڪنو چاڙهيو آهي تنهن جو ڍڪڻ هيءُ ڇوڪرو لاهيندو".

سچل ڪانسواءِ انهيءَ ميدان ۾ ٻين وڏن شاعرن جا نالا نٿا ملن. البت ڪي هندو شاعر سامي، آسو ۽ دليت وغيره آهن، جن جو ڪلام ويدانيت جي رنگ سان ڀرپور آهي. تنهن کانپوءِ وري مسلمانن مان خليفو گل محمد، پير علي گوهر شاه راشدي. تخلص "اصغر" (سنہ 1816 . 1837ع)، سيد خير شاه ۽ حمل لغاري (1226هہ) جا نالا وٺي سگهجن ٿا. خليفو گل محمد (1811 .1856ع)، سنڌي زبان جو اهو پهريون شاعر ڪري ليکيو وڃي ٿو، جنهن علم عروض جي قاعدن مطابق پهريون ديوان مرتب ڪيو. سندس شاعري اسلوب، بيان جي لحاظ سان دقيق آهي ۽ سادگيءَ خواه لطف کان خالي آهي.

سيد خير شاه، هڪ نظم لکيو. جنهن ۾ ٽوپيءَ ۽ پڳ جو جهيڙو آهي، ان منجهان عربي ۽ فارسي جي انهن نظمن جي ياد تازي ٿئي ٿي، جن کي "مناظرو" چوندا آهن.

انگريزي دور (1843 . 1947ع) ۾ سنڌي ۽ فارسي شاعريءَ جي صنفن جو رواج وڌندو ويو ۽ منجهس اها پهرين ڳالهہ نہ رهي، تنهن هوندي بہ، ان دور ۾ ڪي شاعر پنهنجو چڱو ڪلام ڇڏي ويا آهن. جن مان رمضان ڪنڀر جو نالو وٺي سگهجي ٿو، جنهن معجزات نبوي جي متعلق نظمن، مولودن ۽ ڪافين ۾ پنهنجي آسپاس جي ماحول منجهان استعارا اخذ ڪيا آهن.

مولوي الهہ بخش "ابوجهي" جو نالو بہ ذڪر جي قابل آهي، جنهن سنہ 1894ع ۾ مسدس لکيو، جو سنڌي ۾ پنهنجي نوع جو پهريون نظم آهي. شاعرن جو نئون نسل جيتوڻيڪ فارسي شاعري جي صنفن جي تتبع ڪري ٿو، پر تنهن هوندي بہ انهن پنهنجون نيون هيئتون.

جهڙوڪ مسبع، مخمس، مسدس ۽ مثمن وغيره ڪي رواج ۾ آندو آهي ۽ لطف الله "بدوي"، غلام محمد "گرامي"، حافظ "احسن، عبدالله "اثر" ۽ رشيد احمد لاشاري جا نالا قابل ذڪر آهن.

سنڌي نثر جي حالت نظم کان بلڪل مختلف آهي ڪيس، اجا حال ۾ ترقي ٿي آهي ۽ منجهس انگريزي نثر جهڙي صفائي ۽ بي تڪلفي پيدا ڪا نه ٿي آهي ڇاڪاڻ تہ سٺن سٺن لکندڙن سادي ۽ بي تڪلف نثر لکڻ کان احتراز ڪيو ۽ پنهنجي سڄي طاقت اهڙي مذهبي شاعري ۾ ضايع ڪيائون جا زبان جي خوبي ۽ لطافت کان خالي آهي.

سنڌي نثر جا جهوني ۾ جهونا نمونا عبدالرحيم گرهوڙي جي "ملفوظات" ۾ ملن ٿا. شاه ڪريم ۽ خواجہ محمد زمان جي تعليمات بہ اصل سنڌي نثر ۾ آهي، پر پوءِ مريدن انهن کي ترتيبوار عربي ۽ فارسي ۾ منتقل ڪيو. قديم نثر جا ڪتاب عربي ۽ فارسي جي لفظن تي مدار رکن ٿا ۽ سندس فقرن جي بيهڪ بہ اصل جي مطابق رکي وئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان تائين سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو هڪ ترجمو پهتو آهي، جو مٽيارين جي آخوند عزيز الله (1746 . 1824ع) جو ڪيل آهي ۽ ٻيو ديوان ننديرام سيوهاڻي جو ڪيل "تاريخ معصومي" جو ترجمو آهي.

البت مٽيارين جي سيد ميران محمد شاه جا لکيل "مفيدالصبيان" ۽ "سدا توري" جا قصا پڻ آهن. "سدا توري" ۽ غلام حسين جي داستان ۾ تہ زبان نهايت مزيدار استعمال ڪئي وئي آهي.

سنڌي ادب جو بهترين اديب مرزا قليچ بيگ (1853 . 1929ع) هو، جنهن جي جهوني ۾ جهوني نثر جا نمونا شاه لطيف جي سوانح ۾ ملن ٿا. "خورشيد ۽ "زينت" جي ڪيترين تمثيلن ۾ پڻ بهترين نثر آهي.

رنگين ۽ پُر تڪلف سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو مصنف، قاضي هدايت الله "مشتاق" هو، جنهن جو ڪمال سندس "هدايت الانشاء" (جا انشاءِ پردازيءَ جي فن تي لکيل آهي)

"مصباح العاشقين" ۽ "حضرت العاشقين" ۾ ڏسي سگھجي ٿو. پوين ٻنهي ڪتابن ۾ نهايت رنگين انداز ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي ولادت جي باري ۾ روايتون قلمبند ڪيون ويون آهن.

مولوي عبدالخالق "خليق" (موراڻي)، جنهن ڦوهه جواني جي زماني ۾ وفات ڪئي، سو پڻ نهايت صاف ۽ دلچسپ نثر لکندو هو. هن محمد بخش "واصف" سان گڏجي، هندن جي ويدن جو خاص طرح سان مطالعو ڪيو ۽ ٻنهي ڄڻن مناظري جا ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (وفات 1942ع)، جو هڪ مشهور نثر نگار هو ۽ "نورالايمان"، (جنهن ۾ قرآن پاڪ بابت سمجهاڻيون آهن)، "حيات النبي"، يعني رسول اڪرم ﷺ جي سيرت، "ابوالفضل ۽ فيضي"، "ميرن جي صاحبي"، "ڪمال ۽ زوال" وغيره، ڪتابن جي مصنف پڻ هو. تنهن جي نثر جو نمونو به سادو ۽ وڻندڙ آهي. البت ڪٿي ڪٿي ٿوري ۽ لفاظيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي.

گذريل ٻن ٽن سالن ۾ گهڻن ئي ماڻهن سنڌي نثر تي تحقيقاتي ڪم ڪيو آهي ۽ ڪري رهيا آهن. جن مان آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڪتاب "نورجهان" ۽ "مقدمه لطيفي" (شاهه جي رسالي جو مقدمو)، هڪ تاريخي حيثيت اختيار ڪري چڪا آهن.

ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي طرز تحرير ۾ هندو ۽ مسلمانن جي گڏيل تاثر جو هڪ دلچسپ ميلاپ نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح منوهرداس ڪلناڻي ۽ آسانند جا نالا قابل ذڪر آهن.

سنڌ جي نوجوانن اديبن، جهڙوڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وغيره جي ادبي ڪارنامن جي باري ۾ ڪجهه چوڻ، وقت کان اڳ جي ڳالهه ٿيندي پر تنهن هوندي به ائين نظر اچي ٿو ته سنڌس هٿن سان سنڌي نثر ۾ هڪ قسم جي سگهه ۽ قدرتي رنگ پيدا ٿي رهيو آهي، جو اڳتي هلي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ دلڪش ۽ وڻندڙ صورت اختيار ڪندو ويندو.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

وينجهار	موتي ونڌي هار ٺاهيندڙ
ڪراهت	نفرت
بحر بي ڪران	اهڙو سمنڊ يا درياهه، جنهن جو ڇيهو ڪنارو نظر نه اچي
تعثار	پريل
معذور	لاچار، بي وس
ڪشالا	تڪليفون
وندر، هاڙهو، پبُ ۽ هنگور	سنڌ جي جبلن جا نالا
ارڏايون	ڏاڍايون
ترنم	سُر سان
پريتڙون	پيار جو هنڌڻ، ڳانڍاپو
تنوار	آلاپ، صدا
آري	آريائي نسل جو، آري جام، پنهون ڏانهن اشارو آهي، جيڪو بلوچ هو ۽ بلوچ اصلاً آريائي آهن.
مُنڌ	عورت
اٺاٺو يا اٺانگو	ڏکيو
ٻاٻاڻا	مٽ يا مائٽ
سنجهو	رات جو پهريون پهر
سارڻ	ياد ڪرڻ

وصل	ميلاپ ، ملاقات
ڪاٺر	ٺر جي هڪ حصي جو نالو
چاري	پهريدار، محافظ
ڳچ ڳرڻ	تمام گهڻو ڏک ٿيڻ
ڪوسي ٿڌي مان گذرڻ	ڏک سک ڏسڻ
اجهاڳ	جهاڳڻ کان مٿي، جنهن مان پار پئجي نہ سگهجي.
بي انت	جنهن جو پاتال يا ترو نہ ڏسجي
محبوب	شرميلو، حجاب وارو
سنسار	جڳ، جهان
سڳنڌ	سُرهاڻ
سمو	وقت، زمانو
غواص	ٽوبير، ٽٻيون هڻڻ، موتي ميڙڻ وارا
جوت	روشني
ڪانگيرو	ڪانون جي ويهڻ واري جاءِ
اَلَ	ڪانگن جا ٻچا
الماس	موتي
مساڻ	مردن کي ساڙڻ واري جاءِ. (هندو مت وارن جو قبرستان)
شوم بختي	بدبختي، ڦٽل قسمت
وٿُ	قيمتي شيون
شبد	ٻول

شستہ	صاف ڪيل
احمق	نادان، مورک
زبرزنگ	مضبوط جسم جو مالڪ، باهمت
زيلون	ٽينگ ٽپا
ايڪانت	سڪون، قرار، اڪيلائي
متروڪ	ترڪ يا رد ڪيل
ورهيارو	هر سال
ناخلف	نالائق، نافرمان، بي چيو
رجز گو	جنگي بيان ٻڌائڻ وارو
راوي	روايت ڪندڙ

1.5 خود آزمائش (1)

سوال نمبر (1)

هيٺ ڏنل خالي جايون ڀريو.

(1) عربي رسم الخط ۾ سنڌي جو جهوني ۾ جهونو نمونو .... ڪلام ۾ ملي ٿو.

(2) سنڌي شاعري جي شروعات .... جي ٻن شعرن سان ٿئي ٿي جيڪي سماع ۾ پڙهيا ويا هئا.

(3) پير محمد لکويءَ جي هڪ مدح ۾ ....موجود آهي.

(4) شاهه ڪريم جي شاعريءَ جي ڪلام جو نالو ....آهي.

(5) مخدوم محمد زمان لنواري شريف جي سنڌي شاعري.................۾ جمع ڪيل آهي.

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) ڊاڪٽر دائود پوٽي (مرحوم) جي ڪن ڇئن ڪتابن جا نالا لکو.

(2) ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي سانيهه ۾ سنڌ جي حالت ڪهڙي بڌائي آهي؟

(3) ڊاڪٽر دائود پوٽي (مرحوم) پٽن جي ڪهڙي تاريخي اهميت لکي آهي؟

(4) البيرونيءَ سنڌي رسم الخط بابت ڇا لکيو آهي؟

سوال نمبر (3)

ڊاڪٽر دائود پوٽي (مرحوم)، سنڌ جي ماڻهن جا جيڪي گڻ ۽ خاصيتون لکيون آهن، اهي مختصر طور تي بيان ڪريو.

سوال نمبر (4)

ڊاڪٽر دائود پوٽي سنڌي ٻوليءَ بابت جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان جو اختصار لکو.

2. ڪوهستاني ڪچهري

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون مسٽر الله بچائي يار محمد سمي، جي مشهور ڪتاب "سير ڪوهستان"، تان ورتل آهي. مرحوم سمو، مئي 1912ع ۾ ڪراچي جي مشهور علائقي ملير ۾ پيدا ٿيو. سنڌي پرائمري ماستر ٿيو. ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان سنڌي ماستريءَ جي ٽئين سال جي تربيت ورتائين. سنڌي ادب ۾ سندس ڪتاب "سير ڪوهستان" ۽ "لاڙ جو سير" نمايان حيثيت رکن ٿا. هن صاحب، ڊسمبر 1958ع ۾ وفات ڪئي.

2.2 مضمون جو خلاصو

سنڌ ۾ ڪچهريءَ جو رواج ڪيتري ئي زماني کان جاري آهي. اهي ڪچهريون سنڌ ۾ پنهنجي طبعي حالتن مطابق معمولي ردوبدل سان، پر هڪ ئي مقصد خاطر ورهين کان وٺي هلنديون اچن ٿيون. اهي اهڙا ادارا آهن، جتي هڪ پاسي اٿڻ ويهڻ، گڏجي گهارڻ، هڪبئي جي ڏک درد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو سبق ملي ٿو ته ٻئي پاسي لاشعوري طور تي سنڌي سماج ۾ شادي مرادي ۽ موت فوت وارين ريتن ۽ رواجن کان وٺي، ننڍ وڏائي ۽ عزت احترام ڪرڻ تائين. گهڻن کي هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين پهچائڻ وارو ڪم به ٿيندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح انهن ادارن ۾ جتي ادب جي اُپٽار ٿيندي رهي ٿي، اتي رواج ۾ رهڻ وارين علمي ۽ ادبي صنفن ۾ پختگي ۽ نواڻ به ايندي رهي ٿي.

اهو سڀ ڪجهه ڏورن، بيتن، پرولين، ڳجهارتن، ڪافين ۽ ڪلامن وسيلي ورهائبو رهي ٿو. اهو علم ۽ ادب نه رڳو انهن ڪچهرين ۾ موجود علم حاصل ڪرڻ جا شيدائي ۽ شوقين، عالمن جي گفتن، سخنورن جي سخنن، بزرگن جي نصيحتن ۽ اڪابرن جي قولن مان فيض وٺندا ويندا آهن، پر حاصل ڪيل علم کي ڪنهن حد تائين پنهنجي گهرن ۽ ماحول ۾ به ورهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

مطلب ته هتي انهن ڪچهرين جي علمي ۽ ادبي اهميت ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سنڌي سماج جي اعليٰ قدرن کي برقرار رکڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جا اهم ذريعا ثابت ڪرڻ لاءِ مقالي جي مصنف جتي سنڌي ٻوليءَ جي سونهن کي يڪجا ڪري پيش ڪيو آهي اتي هن پنهنجي علميت، اڪابري ۽ عبارت آرائيءَ جي قابليت کي به ظاهر ڪيو آهي.

2.3 مضمون جو متن

اوهان سوين سينيمائن ۾ شغل ڏنا هوندا، ڪيترين محفلن ۾ شريڪ ٿيا هوندا، هزارين پروفيسرن جون علم ادب تي تقريرون ٻڌيون هونديون. ڪيترن ئي سالڪن جي صحبت اختيار ڪئي هوندي ۽ گهڻيئي تعليمي نماءَ ڏٺا هوندا، پر آءٌ دعويٰ سان چوندس تہ انهن سڀني مشغولين ۽ تماشن ڪان پر اثر ۽ بامعنيٰ مشغولي آهي ڪوهستاني وينجهارن جي ڪچهري. ماڻهو ڏسو تہ صفا ڇٽ. لڱن تي پورو لٽو نہ جڙين. ميرا ۽ گدلا. جن سان ماني کائڻ بہ ڪراهت، پر هو جيڪي ٻولين ٿا، سو اسان نہ پڙهيو ۽ نہ ٻڌو. اسان جا سنڌي مصنف. شاهہ صاحب ۽ سامي صاحب جي رسالن مان چند بيت لڌا يو، ڪتاب تيار ڪري ڪٺي اسان جي اڳيان رکن. اسين بہ هر هر ساڳي ڳالهہ پيا پڙهون، پر هنن وٽ اهو قصو ڪونهي. نئين سج نئون سبق. مهمان سان ڪچهري تہ ڪن پر وقت ڪيئن گذري، ڪچهري ڪيئن رونق آفروز ٿئي، تنهن لاءِ جيڪي ڪن ٿا سو سراپا عام جو بحر بيڪران آهي. لٽريچر تي ليڪچر آهي. ڪٿني ۽ وساريل تعليم آهي.

ڪچهريءَ جا گهڻيئي رنگ بدلائين، چو تہ هڪ رنگ هلڻ ڪري، ويئل ڪڪ ٿيو پون. ڪوهستاني ماڻهو ساز سرود ۽ راڳجا ڏاڍا شوقين آهن. ڳوٺ ۾ ٻہ – ٽي ٻنگا مڱڻهارن جا ضرور هوندا. مڱڻهار متل ڪچهريءَ ۾ ازخود اچيو حاضر ٿين. سرندا ساز ڪڏي وڃي وجائين. ڪچهري جو رخ وڏڙن جي مرضيءَ موجب ڦري گهري. ماڻهن ۾ گهڻو رواج آهي نڙ تي بيتن چوڻ جو. وڏڙن ڪي گهڻو ڪري اچي شاهہ صاحب جي بيتن مان مزو. شاهہ جي رسالي کي بلڪل عزت جي نگاهہ سان ڏسن. روحانيت ۽ وحدانيت جو ڪلام سمجهن، تنهن ڪري ان جا بيت گهڻي چاهہ سان ٻڌن، چو تہ شاهہ صاحب جو رسالو سڄو آهي ٺمتار ٿيل جابلو ٻولي سان. ٻين سرن کان سسئي پنهونءَ جي سرن وارا بيت ڪين وڌيڪ رس ڏين، تنهن ڪري اهي ذوق شوق سان ياد ڪن. انهن سُرن ۾ جابلو سنڌي، شاهہ صاحب خوب ڪم آندي آهي، جيئن تہ:

"اڳي اِن هياس، جن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي اِن ٿياس، جن جت نه نيئم پاڻ سين."

هياس، ٿياس، نيئم: اهي لفظ ڪوهستاني زالون عام طرح ڳالهائينديون آهن. سنڌ ۾ ڪٿي به اهڙا لفظ استعمال ڪو نه ٿين. جڏهن ڪچهري رس ۾ ايندي، تڏهن وڏڙا حڪم ڪندا ته ادا، معذوريءَ جو سر وجايو. معذوري شروع ٿيڻ سان درد پري سسئي ڳائيبي. جهنگن جا پنڌ ڪشالا، جبلن جا لڪ لانگها، وندر جا ور وڪڙ، هاڙهي، پب ۽ هنگورجون اوڙايون، واءُ ۽ سج جي بيوفائي، اٺن ۽ اوٺين جي دشمني، اهڙي ته ترنم سان ادا ڪندا، جو جڻ ته اجها پئي سسئي ويچاري اکين آڏو واڪا ڪندي وڃي. هڪڙو ته شاه صاحب جو ڪلام رسيلو ۽ پُر معنيٰ، ٻيو ته موقعي مهل سان ٺهڪي اچي، تنهن ڪري ٻڌندڙن ۽ چوندڙن جا وچ ڪتايو ۽ ڳچ ڳاريو ڇڏي. دنيا جي ڪوسي ٿڌيءَ مان جيڪي لنگهيا آهن تن جا ستا سور جاڳائي. ڇاتيءَ وارا ڇيهه ڏيو ڇڏي. هو جابلو ماڻهو، هنن کي جبل سان پياس. جن بيتن ۾ جبلن جو بيان ۽ نالا اچن، تن کي گهڻي غور ۽ خوض سان ٻڌن. سسئي ويچاريءَ جو به اچي جبلن سان ڪم ڦاٿو هو. تنهن ته هر هر پئي جبلن سان وندر ڪئي.

"ڏونگر! ڏوراپو، پهريون ڇُنديس پرينءَ کي
پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون ڇنيون تو
رحم نه پيو ئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو
واڪو ڪنديس وو! مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري."

پٿر بيجان، بي حس و حرڪت، سسئيءَ کي ڪهڙو جواب ڏين؟ هن جي اندر ۾ پنهونءَ جي سِڪ جا جيڪي اُڌما اٿيا ٿي، سي دل ۾ ساندي ڪين ٿي سگهي. مجبوراً ٻاهر ٻاڦ ڪڍئي ٿي پيس. اهڙو درد جو اظهار ويو ٿي وڻ وڻ کي لوڇيندو ۽ لوساٽيندو.

"ڪي جو ڪڍيائون ٻار، ڏکيءَ ڏونگر ٻاڻ ۾
سٽي سا تنوار، مرون پيا مامري."

سسئي ويچاري، جنهن سان هھڙو هاڃو ٿيو، سا اورڻ پئي ته مون سان هھڙي جاڙ ڪنهن ڪئي؟ ڪنهن کي ڏوهه ڏيان؟ ڪنهن جي دشمني ظاهر ڪيان ۽ ڪنهن سان سور سليان؟ جڏهن هوءَ بلڪل تنگ ٿي ٿئي، تڏهن پٽ به ڏنائين.

ڪيس پڇاڙيءَ تائين پڪ ڪا نه ٿي ته. پنهونءَ کي ملڻ لاءِ، پنهنجي اڳيان ڪير ٿو رڪاوٽون وجهي! ڪڏهن ڏيرن کي پئي ڏوهه ڏئي ته ڪڏهن اٺن کي ويلي لوئي، رستي تي اٽانگائي ڏسندي، جبلن تي پئي ڏمر ڪري ۽ ڪنهن مهل ته ماڳهين سهڻي کي پئي پنهنجو دشمن سمجهي. اهو چئي، وٺي سسئيءَ جي باري ۾ لاڳيتا بيت پڙهيائين. سسئيءَ جو سُر آهي سڄو ڏک ۽ درد. ٻڌڻ وارن تي اهڙو ٿو اثر ٿئي، جو اهي غائبانه طور تي سسئيءَ سان همدرد ٿيا، اوچنگارون ڏيو وينا روئن.

نوجوانن کي وري اڃي لوڙائو بيتن مان مزو، سي انهيءَ مهل سانوڻ فقير کي ياد ڪن. سانوڻ فقير، ناري ڍوري جو ويٺل، ذات جو خاصخيلي، پنهنجي وقت جو چڱو شاعر هو. هو قد جو بندرو ۽ بت جو اپرو هو. سندس شعر ۾ چستي، جوش ۽ جذبو تمام گهڻو ڀريل آهي. دينوي عشق جي ڇهاڻ ڪيس راهه رد ڪري ڇڏيو. پر پوءِ اڃي رستي تي پيو. هو پاڻ به ناڙي هو ۽ پاڻ سان هميشه هڪڙو ناڙي همراهه ڪٽندو هو. ميلن ملاکڙن تي ماٺهو دعوتون ڏئي گهرائيندا هئس. پنهنجا بيت پاڻ نڙ جي سر تي چوندو هو. هر هڪ بيت چوڻ بعد پاڻي جو گلاس پيئندو هو. جيئن ته تخلص جو اثر شاعر تي گهڻو ٿيندو آهي. سانوڻ فقير هر هڪ بيت ۾ پنهنجو تخلص: سڙيو مران "سانوڻ" چئي، يا سورن ۾ آهيان "سانوڻ" چئي، ڪم آڻيندو هو. اٿين چوڻ سان سندس جسم کي گويا باهه وٺي ويندي هئي ۽ سارو بدن جهنجهڪ کائي ويندو هوس. تنهن ڪري پاڻي پيئڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪندو هو. بعضي ته سڄو مٽ پراڻي رکندو هو، جنهن مان لوٽا ڀري مٿان اوتيندو هو.

مثال خاطر، سندس شاعريءَ جو هڪ بند ڏجي ٿو.

سرتيون! پرتيون پير کي، آءٌ جا هلڻ هاري
جيڏيون! منهنجي جيءَ تي، برهه لڳو باري
ساجن ستي سور جي، هڏن تي هاري
اڳيان پنڌيون پنڌ جون، بيحد بيماري
اڳيان پنڌيون پنڌ جون، بر سجن باري
اڳيان پنڌيون پنڌ جون ٻي واٽن تي واري
سورن ۾ "سانوڻ" چئي، ڪندو پنهل پوئواري
لکئي جي لاري، پيئي پنهونءَ جام سين

اهين نه سمجهو ته انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪي فقط ٻُڌيسر هوندا هئا، پر گهڻا جوان سالڪ، سگهڙ ۽ شاعر به هوندا هئا. جيئن جيئن ٻين شاعرن جا جوشيلا شعر ٻڌندا ويندا، تيئن تيئن سندن جذبات ۾ بجلي جون لهرون ڊوڙنديون رهنديون. نيٺ پاڻ جهلي ڪين سگهندا. ساز بند ڪرائي، مائيڪي مجلس شروع ڪندا.

هوڏيل جوان آمهون سامهون ويهي بيت بازي ڪن. سندن وضع قطع ڏسندي، ڪو به اعتبار ڪري ڪو نه سگهندو ته هنن ۾ ڪا ايڏي مٽيا هوندي، پر جڏهن ڪلن، تڏهن ڏندين آڱريون اچيو وڃن.

آءٌ خوش قسمتيءَ سان هڪ اهڙي ڪچهري ۾ وڃي شريڪ ٿيس، جتي رڳو سيائن جي سَٿَ هئي. ٻه جهونا جوڳي نڪري نروار ٿيا. اچي ٻڌائون هوڏ، ڪچهري جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيائون. ٿورو وقت اڳ ٻُڌل، شاعرن جا شعر پٺي چيائون ۽ ٻڌائون. پر هاڻي ته اکين آڏو جوان گوڏا پيچي ويهي وندرائڻ لڳا. هڪڙي جو نالو ابراهيم ۽ ٻئي جو عبدالله. گهڻا ئي موتي چٽياٿون.

شيخ ابراهيم پنهنجو چوهه چنڊيو ۽ جوش ڊرو ڪيو ته يڪدم عبدالله خان پنهرو سرڪي اچي سوڙهو ٿيو. وارو خالي نٿي ڪياٿين، جيئن پوءِ تيئن ويس ٿي جوش وڌندو.

نيٺ بيت بازي بند ٿي. چند منٽن لاءِ ڪچهري تي سناٽو ڇانئجي ويو. وري بہ دليون تحرڪ ۾ آيون. هڪڙي منجهائن هڪل ڪري چيو تہ "ڀائرو! اچيو ٿي سو ڪڙي." سڀني هڪ آواز ٿي چيو تہ "ڀلي ڪري اچي." مون تہ سمجهيو ٿي ڪين تہ ڪهڙو ٿو سوڪڙي پيش ڪري. خبر تڏهن پيئي، جڏهن سڄي ڪچهريءَ جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪائي ڳجهارت ڪٿي ڏنائين. ڳجهارت معنيٰ ڳُجهہ، سو بہ پرائو ڳجهہ. خدا ڄاڻي تہ سالڪ جو خيال ڪهڙو؟ مراد ڪهڙي؟ هو تہ اڳيئي انهيءَ وٽج جا واپاري هئا، سي لڳي ويا ڳجهارت ڳولڻ ۾. ڳجهارت هن ريت هئي:

عورت نالي ڇا ڪريان؟ هو ويا نالو مرد ڇڏي

هنن هڏ ڪيو هڏو، مان نہ رهندي هڏي

ڳَهہ منهنجو ولايت ويو، مٿي لوهہ جن لڏي

دعا ڪريو، ڙي جيڏيون! مان سورت نالي سان گڏي

سالڪ ڳُجهارت ڏيئي خاموش ٿي ويهي رهيو، ٻيا سڀئي اچي ويچار ۾ پيا. اول فيصلو ڪيائون تہ سُر ڄاڄجي. سر هٿ ڪرڻ ڪانيوءَ اوڻاٽتا ڏک هٽيا. سي ڪارگر ٿيندا. ٻي اونو جهنگر جهڳڻ مان هڙ نڪي حاصل. اهي پهہ پچائي، پاڻ ۾ پهي، نيٺ انهيءَ خيال تي متفق ٿيا تہ هي سسئي جو سُر آهي. سُر هٿ ڪري، اچي ٻيا جُهن هٿڻ تي. ڳجهارت ۾ مکيہ بند ست آهن: عورت، نالو، هڏ، لوهہ، ڳهہ، ولايت ۽ عورت.

هاڻي ڪوشش ڪري انهن نالن ۽ بندن جا اصلي نالا ڳولڻ لڳا، جن ۾ سالڪ لڪ ڪري، راز رکيو آهي. ڳجهارت هئي سسئيءَ جي سر ۾، تنهن ڪري، سسئي جي روپ ۾ لکي ويا اهڙيءَ معنيٰ وارا نالا ونندا، جيئن اها مراد برصواب ٿئي. سوين نالا عورتن، هڏن، ڳهن، لوهن ۽ والايتن جا ساري ويا. نيٺ هڪڙي جُهور پوڙهي، عورت حليمان جو نالو ورتو. ڳجهارت ڏيندڙ يڪدم رڙ ڪري چيو، "بس! بس!" اتي چوڌاري واهہ واهہ! پئجي ويئي، چو تہ ڳجهارت ڀڄي پيئي. ڳجهارت جو هڪ بند ٽٽو تہ سڄي ڳجهارت ٽٽي. چياٿونس تہ هاڻي حل ڪرينس. هُن هِن ريت ڳجهارت حل ڪئي.

عورت جو نالو حليمان، مرد جو نالو بيگ، هڏي جو سنڌو، ڳهه جو ورُ، ولايت ڪيچ، لوهه جا ڳُر، عورت سسئي ۽ نالو پنهون.

انهيءَ ريت سيئي بند تروار چئي، پوءِ سڄي ڳجهارت پڇي ٻڌايائين، جا هن ريت هئي.

هلي مان ڇا ڪريان؟ هو ويا ٻي ڳُرا ڇڏي
هُنن هڏ ڪيو سنڌو، مان نه رهندي سنڌي
ور منهنجو ڪيچ ويو، مٿي گورن لڏي
دعا ڪريو اي جيڏيون! مان سسئي، پنهون سان گڏي

حليمان مان مراد: هلي مان.
بيگ مان مراد: ٻي ڳُرا.

جڏهن ڳجهارت جو فيصلو ٿي ويو، تڏهن ڀرسان پاسي کان هڪڙي جوان رڙ ڪري چيو، ته "ادا هيءَ به ونجو." انهيءَ به هڪ ڳجهارت ڪچهريءَ ۾ ڪٿي اچلائي.
چيائين ته:

"جت اُٺ ڪاٺ جي اُتان آءُ ڪيئن ذات ڙي!"

ڪچهريءَ ۾ سيئي سڌير ويٺل هئا. ڳجهارت جو اچڻ ۽ هنن جو سُر سهي ڪرڻ، چئي ڏناڻون ته اها ويچاري سهٽي آهي. ڳجهارت جا بند هئا ٽي، اُٺ، ڪاٺ ۽ ذات. سيڪو پنهنجي پنهنجي منهن ڳولڻ لڳو. مون کي ته وڏي ڪماليت ڳجهارت ڏيندڙ جي ڏسڻ ۾ آئي. بس، هڪڙي ٽولي اُٺ وارو بند ڳولڻ لڳي ويئي، جنهن ۾ چار - پنج ماڻهو شريڪ هئا. پر هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي خيال، جاڻ، سمجهه ۽ يادگيريءَ موجب نالا پيئي ورتا. ٻي ٽولي ڪاٺ جي ڳولا ۾ مشغول، ته ٽين ذات جي ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي هئي. اٽڪل ويهارو کن ماڻهن انهيءَ شغل ۽ شغف ۾ ڀاڱو ورتو. هر هڪ کي به بند جو نالو ونجي ويو، يا ان نالي جهڙو هم آواز لفظ هيو ڪو چئي ويو، تڏهن به ختم سمجهڻ گهرجي، اهڙي پختائيءَ رکڻ لاءِ دماغ کپي.

اٿين بہ نہ ٿئي، جيئن ڪو ماڻهو گهربل نالو وٺي وڃي ۽ ٻڌندڙن جي ڌيان ۾ ئي نہ اچي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ اها ڪاريگر لاءِ عيب ڀري ڳالهہ ٿيندي.

نيٺ ڳجهارت جو ڳجهہ وڃي لڌائون. هڪڙو جوان، اُن جا قسم ۽ عضوا ڳوليندي ڳوليندي، اُٽ جو "تارون" چئي ويو. واهہ واهہ ٿي ويئي! چيائونس تہ هاڻي کولي ٻڌاءِ. چيائين تہ اُٺ جو تارون، ڪاٺ جي ڏکر يا ڏاک، ۽ ذات جي لنگهي. سهڻي اسر ۔ ڳنڍي، جملو هن ريت ٺاهي ويو.

"جت تارو ٿي ڏکيا، اُتان آءٌ لنگهي ڙي!"

سهڻي پنهنجي ساهيڙين کي چئي رهي آهي تہ ميهار جي محبت مون تي اهڙي غالب آهي، جو سندس لاءِ اهڙي ڏکئي وقت، جڏهن درياهہ ۾ ترندڙ ماڻهو، درياهہ جي دهشت کان ڏکيا ٿي، تڏهن بہ آءٌ اتان لنگهي ويس.

پوءِ تہ اچي ڳجهارتن جي پلٽ پلٽان شروع ٿي. هر ڪو واري سان چوندو ٿي ويو. ڳجهارتون بہ سڀ سراٿيون. ٻي سري ڳجهارت غلط سمجهي ويندي آهي، تنهن ڪري اهڙي ڳجهارت پيش ڪا نہ ڪن.

سُروزي ويچارو، جو منهن مونن ۾ پايو ويٺو هو، تنهن کان بہ سٺو ڪين ٿيو. ٻڙڪو ڪاڻي اُٿيو. چيائين تہ "منهنجي بہ ٻڌي ڇڏيو." اڳيان بہ واڳون وات ڦاڙيو ويٺا هئا، چيائون تہ "ادا، تون بہ ٻڌائي ڇڏ." سروزيءَ کنگهڪار ڪري چيو تہ:

"وکر جنين سان هوم، سي ويا ڪاڻيءَ کوهيارا
ڪيهڙي اولارا، رڃ نہ پيس تن تي."

جيئن تہ هن ڳجهارت ۾ لفظ ڪوهيارو اڳيئي استعمال ٿيل آهي، تنهن ڪري سر سمجهڻ لاءِ جهوتن کائڻ جو ڪو ضرور ڪو نہ هو. ڪوهيارو معنيٰ پنهون. تنهن ڪري ڳجهارت سسئي پنهونءَ جي سر ۾ سمجهبي. ڳجهارت جا چار بند آهن. وکر، ڪاڻي، ڪيهڙو ۽ رڃ. دستور

موجب سڀ ڪو هڪ هڪ بند وٺي ڳوليندو ويو. گهڻن ڪنٽي ڇير ٻه ڪجيو وجي. ڳوليندي وجي مٿان پيس. نيٺ ڳجهارت ڀڳي. هڪڙو بند ڀڄو، سڄي ڳجهارت ڇٽي.

ڳجهارت کي وڌيڪ پائيدار ڪرڻ لاءِ، سالڪ جا منجهس لِڪَ رکن ٿا. سا هيءَ آهي. ٻه اسم ساڳي معنيٰ وارا جيڪڏهن گهربل آهن ته انهن مان اهو اسم ڪارائتو سمجهبو، جنهن سان ڳجهارت جو تعلق هوندو. مثلاً ڪڙ ڪي معنيٰ دري. پر جيڪڏهن ڳجهارت ۾ ڪڙڪي گهربل آهي ته دري چوڻ سان ڳجهارت ڪا نه ڀڄندي.

سُروزيءَ جي ڳجهارت ڪاٺ جي ڪڙڪي چوڻ سان ختم ٿي ويئي. تنهن ڪري ڪٿي پڌري ڪياٿين. وڪر جو ڪنڙو، ڪاٺيءَ جي ڪڙڪي، ڪپڙي جي لينگهه. ليڙ يا اڳڙي ۽ رڄ جو طباخ. طباخ عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بورچي. سنڌي ٻولي ۾ لڪر جي وڏي ٿالهه کي ٻه طباخ چون، جنهن ۾ بورچي اٽو ڳوهيندا آهن. جڏهن سيئي بند ظاهر ٿيا، تڏهن سيئي کي گڏي، منجهائن هڪ غير موزون، پر بامعنيٰ ۽ آوازن تي پورو شعر چئي ويو، جو هن ريت هو:

"ڪن رس جنين سان هوم، سي ويا ڪڙڪي ڪوهيارا
لينگهي اولارا، طبع نه پيس تن جي."

سسئي ٿي چوي ته جن سان منهنجي من جو ٻانڌاڻ هو، سي ڪوهيارا لڪي ڇپي هليا ويا. آءٌ انهن جي ڏک ۾ ڪپڙن کي ڦاڙي ڇيري لينگهون ڪري ڇڏينديس. مون کي اهو ٻه ارمان آهي، جو آءٌ جتن جي طبيعت تي پڇي ڪين سگهيس. جيڪڏهن مون کي هنن جي انهيءَ چوراٽيءَ طبع جي خبر پڇي وجي ها ته هوند اٿين رهجي نه وڃان ها.

آخر مهمان جي گڻ پرکڻ لاءِ ڪيس اشارو ڪياٿون. چي "ڪوئي خالي سڪتا نهين، سڀ ڪي اندر لال."

مهمان، جنهن وٽ اچي ميڙو متو هو، سو بہ ڪو وڏو وينجهار ۽ جهانديدو ماڻهو هو. "ياران يي جهرمر لاٿي، ميڏا روح بہ نہ رهيا." اُن جي مصداق، هن جوان ڪان سٺو ڪين ٿيو. چياٿين تہ هڪڙي هتان بہ اچيو ٿي. سهڻي چيو تہ پهلي ڪري اچي.

مهمان ڪچهريءَ ڏي منهن ڦيري، اچي ڳاٽ هڪ ڳجهارت هن ريت ڏني.

نالن ۽ نرناٿن ڪان آيس مان تہ ڪال، ميان!

نالن ۽ نرناٿن لاءِ منهنجو جيءُ سڪي ٿو جال، ميان!

مٿيو بہ هيس مال ميان! پر نالن ڪٿي نانءُ ڪٿي آهيان.

مهمان ڳجهارت ڏني، ماٺ ڪري ويهي رهيو. جوان ڳجهہ ڳولڻ ۾ جنبي ويا. مهمان ٿيو ڏاريو، سو ڪٿي ڪر! انهي طعني تہ هيڪاري ماريا. جيڪو زور هئن، سو هنياٿون، نيٺ ڳجهارت پڳاٿون. ڳجهارت ۾ جي سالڪ لڪون ڪيون هيون، سي هن ريت پڌريون ٿيون:

نالن = ڪرڙن. نرناٿن = ڪندن. نالن = مينهن وساين. نرناٿن = منگهن.

مٿيو= لعل. مال = لگ. نالن = قيدين (قادن). نانءُ = ڪارو.

نوٽ: ڪرڙ. ڪندا ۽ منگها وغيره ماڻهن جا نالا بہ آهن. جڏهن ڳجهارت جا بند ظاهر ٿيا، تڏهن سڄي ڳجهارت هڪ نئون روپ وٺي نروار ٿي.

ڪرڙن ۽ ڪندن ڪان آيس مان تہ ڪال، ميان!

مينهن وسي، منگها ٿيا، جن لئي جيءُ سڪي ٿو جال، ميان!

لِگ بہ هيس لال، ميان! پر قيدن ڪٿي ڪارا ڪيا.

جڏهن هڪڙي واهہ واهہ ٿي ويئي، تڏهن چياٿين اچيو ٿي ہي. هاڻي گويا ڪچهريءَ جي شين سٿين شروع ٿي. جيڪي اوجهريا ٿي، سي بہ سجاڳ ٿيا. چياٿين تہ:

ڍنڍ نرناٿ ڪي نہ وٺي، جنهن جا واٽن تي هشيار، ميان!

نار نرناٿ سامٺي، جنهن ڪي مال جي ناهي پچار، ميان!

سڻ تون آگي جا اختيار، ميان! جو نالو وٺيو ٿي ذاتين ڪي.

ڳجهارت آئي ۽ لقمو ٿي ويئي. سنئين سرائتي ڳجهارت ڪٿان ٿي سٽ سهي؟ جنهن
جا بند گهٽا، تنهن کي حل ڪرڻ ۾ ويرم ٿي ڪا نہ لڳي. ڳجهارت جڏهن پڳي، تڏهن هن ريت
پڌري ڪئي.

ڍنڍ = ماروئي. ٽرنانءِ = عمر. واءُ جي "هير." هشيار جان قربان. نار= سهڻي.
ٽرنان= ساهڙ. مال جو پوئي. نالو = لاکو. ذات جو "اوڏ."

جڏهن بند سڀ، بيان ٿي ويا، تڏهن سڄي ڳجهارت هن نموني وڃي بيٺي.

مارئيءَ عمر نہ وٺي، هير رانجهي تان ٻلهار، ميان!
سهڻي ساهڙ سامهون، جنهن جي پٺيان ناهي ويچار ميان!
سڻ تون آڳي جا اختيار ميان! جو لاکو وٺيو ٿي اوڏڻ کي.

نوٽ: لاکي ڦلاڻيءَ نالي هڪ ڪڇ جو حاڪم ٿي گذريو آهي. هن تي لکپ جي رهاڪو
هر ميتشي اوڏ جي ڌيءَ عاشق ٿي پيئي هئي.

هن ڳجهارت ۾ سالڪ عمر سومري تي ٺٺول ڪئي آهي. چوي ٿو تہ عمر مارئيءَ کي نٿو
وٺي، پر ڏسو تہ هير، رانجهي تان ٻلهار پئي ٿئي. سهڻي بہ اهڙيائي عورت هئي، جا ساهڙ جي
سامهون سدائين پئي ويئي. الله جي قدرت جو لاکي جهڙو ڪڇ جو حاڪم اوڏڻ کي وٺيو، پر
مارئيءَ کي عمر سومرو سنڌ جو بادشاهہ ڪين وٺي، ڪين وٺيو.

آءُ ڪچهريءَ جي رس ٻڌندو رهيس، پر منهنجي اندر جا ڪشمڪش پيدا ٿي. تنهن
منهنجي طبع ۾ عجيب انقلاب آڻي ڇڏيو. آءُ انهيءَ وقت پنهنجن خيالن ۾ محو ٿي ويس ۽ ائين
ڀانيم تہ ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي پهتو آهيان. ڪچهري ۾ ڇا هو؟ عجب فلسفو ۽ عجيب
شاعري. نج سنڌيءَ ۾ اهڙو پيچيدو ۽ ڳوڙهي معنيٰ وارو شعر نہ اوهان اڳ ٻڌو هوندو ۽ نہ مون ئي
سمجهيو هو. شعر ۾ اهڙو ڳجهہ رکي وجڻ ڪا گهٽ ڪماليت ڪانهي. سنڌ جي سالڪن ۽
شاعرن کي جيڪڏهن ڳولي هٿ ڪبو ۽ سندن گوهر افشانيءَ کي ڪاغذ جي صفحي تي آڻي،
عوام جي اڳيان پيش ڪبو، تہ آءُ يقين سان چوان ٿو تہ دنيا جو ڪو بہ ملڪ ادب ۽ ساهت ۾ اسان

سان ڪلهي جوسي ڪو نہ ٿيندو، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سوين ۽ ڪوهستاني دنيا ۾ هزارين، اهڙا اُملهہ موتي گوشہ نشين آهن، جي نہ پنهنجي پڌرائي پسند ڪن ٿا ۽ نہ ڪين ڪنهن پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اوهين صرف چند منٽ مٿين ڳجهارتن تي ويچار ڪريو ۽ پاڻيهي نتيجي تي اچو. آءُ تہ انهن اڻ پڙهيلن جا اهڙا ٻول ٻڌي، حيران ٿي ويس. اهڙي ڪيميا اٿين مٽيءَ ۾ پئي رهي ۽ ڪلر ڪائي وڃيس، تنهن مان ڪهڙو سود؟ اهي رهن ٿا جهوپڙين ۾، ڳوٺن ۾ ۽ جهنگلن ۾، اتي وڃڻ لاءِ نہ موٽر ڪم اچي ۽ نہ گاڏي پيرين پيادو سڄ جو سفر ڪبو. اهڙي تڪليف غريب گوارا ڪندا، باقي ساون ڪي سمرتي ڪا نہ ٿيندي. غريبن جي ٻڌي ڪير؟ انهن کي وسهي ڪير؟ جڏهن خوشامد ملڪ کي کائي ويئي، تڏهن تہ اهڙا ملهائتا موتي بيقدرن آڏو اچڻ کان آر پيا ڪن.

هيءَ بہ هڪ شاعري آهي، پر ڪهني، دانائيءَ جا نڪتا آهن، پر اسان جي سمجهہ کان پري. اڄ بہ دنيا شاعرن کان خالي ڪانهي، پر اهڙو هڪڙو تہ مثال پيش ڪريو! اڳين ۽ پوين کي جاچي، پيٽي جي اندر جهاتي پائي ڏسو تہ دنيا شاهراهہ ترقي تي گامزن آهي، يا پويان پساهہ کڻي رهي آهي. ويچاري سنڌڙي جنهن جي ڪڇ ۾ اُها ڪوهستاني آبادي بہ آباد هئي، جا باب الاسلام سان گڏ دارالعلم والادب بہ هئي، پر اڄ ڇا آهي؟ "هنجهہ هلي ويا ملڪ مان، جاءِ جهلي زاغن."

مهمان بہ جڻ ڪا چور بلا هو – اهڙي تي وٺي پلٽ پلٽيائين، جو ڪچهريءَ ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو. هن سپني ڏي منهن واري هام پري، اوچي ڳاٽ ٿي چيو تہ هڪڙو هنر ٻڌو:

آڙي چوُ انهن کي، جي ٻولهاڙيون آهين
هنجهہ چوُ انهن کي، جي منگهن ۾ پائين
تو کي ڪانئيرا ڏاهين، تون نير ڳي ڏين ٿو تن کي

ويچارا واتڙا ٿي ويا! هيءَ ڳجهارت تہ ڪين آهي، جنهن جا بند ويهي ڳولين. هن کي چون هنر، تنهن کي اهو پڄي، جو سربستو سمجهي. ٿوري مٺاڪڻ ڪرڻ بعد اجازت ڏنائونس تہ "ادا، انهيءَ واپار مان اجان اسان کو نہ پرايو آهي، تنهن ڪري ڏي بہ تون ۽ وٺ بہ تون."

مهمان هنن جو خيال لاهي، پاڻ هنر حل ڪرڻ لڳو. بدايائين تہ هن نموني جي شعرن ۾ شاعر اصلي لفظ کان ٿورو ڦريل لفظ ڪم آڻي، پنهنجي شعر کي وڌيڪ ڳجهو ۽ اهميت وارو ڪندو آهي. وينجهار ڦريل لفظن کي ويچاري ۽ هوش هلائي، اصلي مدعا جي مدنظر لفظن کي بيهاري معنيٰ حاصل ڪندا آهن. هي عمر مارئي جي ڪشمڪش ۽ سوالن جي پوشيده نقشو آهي، جنهن تي ٿورو ويچار ڪبو تہ ساري معما خودبخود کلي پوندي. هتي مٿئين هنر کي بالترتيب سمجهايو وجي ٿو.

آڙي ٻولهاڙي، هنجهہ، منگهہ، ڪانيرا ۽ ٽيرڳي، اهي ڏار ڏار پکين جا نالا آهن. سالڪ هنر جو راز، ڳجهارت جي ڳجهہ کان ٿورو ڦيرائي، سولي نموني ۾ رکيو آهي.

ڳجهارت ۽ هنر ۾ تفاوت فقط هيءَ آهي. ڳجهارتن ۾ اسم، بلڪل پوشيده، پنهنجي مطلب لاءِ بيٺل ۽ ڪم آيل هوندا آهن. انهن کي اظهار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو خيال ۽ حافظو کپي. ڳجهارتي بندن ۾ آيل اسمن ۽ انهن جي ڀاڱن جو پورو پتو رکڻ ضروري آهي. مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي لحاظ سان، اهڙيءَ طرز ۾ مشاڪت ڪرڻ فائدي واري ٿيندي، جا اصلي ڳجهہ سان ويجهو تعلق رکڻ واري هوندي. مثلاً:

جيڪڏهن ڳجهارت ۾ ڪپڙ، ڪَپڙَ جو، ڪَپڙَ جي لفظ ۾ ڪم آيل هوندا تہ اهي پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب پٽيان ڳولبا. جيڪڏهن صرف "ڪپڙ" لفظ ۾ ڳولڻو هوندو تہ وينجهار ڪپڙ مان ڪنهن بہ ٺهيل شيءِ مثلاً پٽڪو، ڪوٽ، سٿڻ وغيره جو نالو ڪو نہ نهاريندا. پر ٽاڪيو، بافتو، هرڪ وغيره نموني سان نالا وٺندا. جيڪڏهن "ڪپڙ جو، لفظ ڪم آيل هوندو تہ پوءِ هر ڪنهن انهيءَ شيءِ جو نالو وٺندا، جا ڪپڙي مان ٺهيل هوندي، جيئن تہ شال، قميص، رومال وغيره. مؤنث جي حالت ۾ "ڪپڙ" جي لفظ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪپڙي جي ڪنهن بہ جنس مؤنث واري نالي لاءِ ڳولا ڪندا، جو پڻ ڪپڙ جو ڪو ڀاڱو يا حصو هوندو. جيئن تہ ليڙ، ٻانڊڻي، اگڙي وغيره. اهڙي ويچار رکڻ سان اهي ئي ماڻهو ڳجهارتون ڳولي سگهندا، جن کي تمام گهڻي عام واقفيت هوندي ۽ تيز حافظو رکندا هوندا.

هنر جي ڳولا لاءِ حافظي جي گهٽ ۽ اعليٰ خيالن جي گهڻي ضرورت آهي. هنر ڳولين
جو ڪم ٿيندو هنر ۾ ڪم آيل پيچيدن لفظن کي چنڊي ڇاڻي، منجهانئن اصلي سچن لفظ
جي صورت ناهڻ. جهڙي ريت مهمان پنهنجو هنر صاف ڪري ڏيکاريو.

لفظ آڙي مان ورتل آڙي.

لفظ ڀولهاڙيءَ مان ورتل لفظ ڀول هاري يا ڀول واري.

لفظ هنجهه مان ورتل هنج معنيٰ گود.

لفظ منگهه مان ورتل لفظ منگهه. بادگير.

لفظ ڪانشيرا مان ورتل ڪان + وير نشان چٽيندڙ.

لفظ نير ڳيءَ مان ورتل نير رنگ نيرو رنگ.

مارئي عمر سومري کي ٿي چوي ته "اي عمر! تو اڙي انهن کي چوُ. جيڪي توسان ب
واريون آهن." "اڙي!" جو لفظ نڪاح واريءَ زال لاءِ صرف سندس مرد ڪم آڻي سگهي ٿو. ٻيو ڪ
ٻه مرد هن لاءِ اهو لفظ استعمال نٿو ڪري سگهي. اها حجت اُشاريندي، مارئي عمر کي چوي ٿ
ته پنهنجين نڪاح ٻڌل زالن کي "اڙي" چئو. چو ته اهي توسان ڀول ٻڌل آهن. هنج ۾ ويهڻ جي آ
انهن کي ڪر، جيڪي تنهنجي محلاتن ۾ بادگيرن هيٺان رهن ٿيون. يعني جيڪي تنهنج
راڻيون آهن. اي عمر! توکي شال بندوق جا ڪان ڌاهي ناس ڪن. تون اشراف عورتن ۽ انهن
شريف مائٽن کي چو ٿو بدنامي جا نيرا ٽڪا ڏين.'

جڏهن اهڙو ذومعنيٰ شعر مائهن ٻڌو. تڏهن زور ڪياڻونس ته "اجا ٻه الله جي ڏني
کي ٻڌاءِ." مهمان چيو ته "ادا! منهنجي زبان ڪا نه ٿي گسي. مون کي ٻه آهي ويهي اپا
تنهن ڪري ٻلي وينا ٻڌو."

تو نه ڀاري، سومرا! سا ڀاري ڀليتن
ڪڏهن ٻڌي سين ڪا نه ڪا، ڀٽ تي ڀليتن
آئي چاڙهي، سومرا! ڀٽي ڀليتن

سانگي ماٺهو پڻ چرا، رات ٻه پليتن

جوڙي ڏنئي جان ۾، هوند ٻه پليتن

اهو پهه پليتن، اڇيو عمر چام کي

هيءُ هنر اڳئين کان نرالو آهي. هتي صرف هڪ لفظ پليتن ۾ سڄي معنيٰ لڪائي وئي آهي. فقط لفظ "پليتن" هر هڪ سٽ ۾ جدا جدا معنيٰ رکي ٿو. اهي مختلف معنائن وارا لفظ گڏجي وري سڌي سنواٽي معنيٰ وارو شعر پيش ڪن ٿا، جو حقيقت تي ٻڌل ۽ بامعنيٰ آهي.

1. پليتن = پلي تن = تن پالي تاتي وڏي ڪئي.

2. پٽ تي پليتن = تن جي گهر ۾ ان جي پلي.

3. پٽي پليتن = تن مٽرن جي پلي پٽي.

4. رات ٻه پليتن = رات ٻه تن گذاري چڙي.

5. پليتن = پليتي واري بندوق.

6. پليتن = پليد، بدنيت.

مارئي ٿي عمر کي چوي، ته "اي عمر! تو مون کي پالي وڏو ڪين ڪيو آهي. مونکي منهنجن مائٽن ئي پاليو آهي، تنهن ڪري آءٌ انهن سندي آهيان. منهنجا مائٽ اهڙا ته غريب آهن، جن وٽ ڪڏهن به ان جي پلي رکيل ڪا نه ٻڌيم. هنن هميشه مٽرن ۽ چٽن جي پلي پٽي، آٽي چاڙهي ۽ انهيءَ تي ويلا واريو. هو مال جي سانگي تي رهندڙ ڏوٿي ماٺهو آهن. اڄ رات ٻه هنن وٽن جي پٽن يعني ڏٽ تي گذاري آهي. منهنجي مائٽن کي تنهنجي هن ڪڏي ڪرتوت تي اهڙي ته ڪاوڙ آهي، جو جيڪڏهن هو توکي ڏسن ها ته پليتي واري بندوق تنهنجي جان ۾ هٽي، توکي، پورو ڪن ها.

تون جو پرڏيهان پنڌ ڪري، فقط مون مسڪين عورت کي ڪٽي آيو آهين، تنهن لاءِ آءٌ سمجهان ٿي ته اهو ڏسُ توکي ڪن پليد ۽ بدنيت ماٺهن ڏنو آهي. اهڙي طرح هنرن

مٿان هنر ۽ ٻيتن مٿان ٻيت ڏيئي، مهمان ڪچهري کي چڱو وندرايو ويٺو هو تہ اوچتو ڪڪڙ ٻانگ ڏني. چيائون تہ "اٿو سهاٿو ٿي ويو." ڪچهريءَ خير خوبي سان برخاست ٿي. سڀ ڪو ويو گهروگهر. آرام ڪرڻ لاءِ تہ باقي وقت بچيو ئي ڪو نہ هو. سيئي ھٿا مالدار، وڃي مال جي ميڙياٺيءَ ۾ لڳا. اسين بہ مهمان پڙچ تي پئجي رهياسين. اُها ٿي مهل هئي تہ ماني تي چاٺو مکڻ جو رکي، بہ وٽا مهيءَ جا ڀري کڻي آيا. ماني کائي هر ڪنهن ورتو پنهنجو رستو.

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

منسوب ڪرڻ	نسبت يا لاڳاپو جوڙڻ
پيشن گوئي	اڳواٽ ڳالهيون ٻڌائڻ
مجذوب	پنهنجون پاڻ کي جذب ڪرڻ
ملفوظات	سمورو ڪلام، شاعري، بزرگن جي قولن تي ٻڌل ڪتاب
خدا رسيد	الله تعاليٰ کي پهتل، بزرگ، درويش
مثلث	ٽڪندو يا ٽن سٽن وارو شعر
پرائڻ	حاصل ڪرڻ
همه گير	گهڻن مقصدن وارو
ناصحاڻو	نصيحتن وارو
تقليد	پيروي
دست اندازي	هٿ چراند
توصيف	ساراهه، واکاڻ
وحدانيت	هيڪڙائي، توحيد
دقيق	ڳوڙهو، سنهو
نوع	نمونو، قسم، طريقو
تتبع	پيروي
هيئت	طرز، نمونو
تڪلف	جهجڪ، حجاب
تمثيل	ڪهاڻي جي روپ ۾

سنگهار	مالوند، ڀاڳيو
ڀاڻا	مال ويهارڻ جا هنڌ، جايون
آس	اُميد
سُڄڻ	ڀڙڄڻ، معلوم ٿيڻ
برهه	عشق
وضع قطع	قد بُت، قد ڪاٺ
سٽ	قطار
جنگ	دلير، بهادر، ويڙهه
جنجال	ڏکيو، مشڪل
ڀلنگ	وحشي جانور، جيڪو چيتي جهڙو چالاڪ ٿئي ٿو
روبه	گدڙ
کُپَرُ	ڊيگهه ۾ ننڍڙو، پر نهايت زهريلو نانگ
جهن	ڌڪ، وار
برصواب	صحيح، برابر
سُڌير	عقلمند، سجاڳ ذهن جو مالڪ
ڀاڱو	حصو
ڪانپ ڪڍڻ	گوڏن کي ڇاتيءَ سان ڀڙي، ٻي اوڏو ٿي ويهڻ
جهانديدو	زماني کان واقف
لقمو	گرهه
ٻلهار	قربان
گوهرافشاني ڪرڻ	موتين جهڙا گفتا ٻولڻ
زاغُ	ڪانءُ

تاريڪي	اونداهي، ڪاراڻ
سهانو	صبح جو سوجهرو
پرڄ	تڏو
اوڄ	پوشاڪ، اوڇڻ
ڏندين آڱريون اچڻ	حيران ٿيڻ

2.5 خود آزمائي (2)

سوال نمبر (1)

درست لفظن مٿان نشان لڳايو.

(1) سانوڻ فقير ڪٿان جو رهاڪو هو؟ پاڳ ناڙي جو/ ڏوري ناري جو.

(2) "ناڙيءَ" جو مطلب آهي پاڳ ناڙيءَ جو باشندو/ نڙ وڄائيندڙ/ ذات جو ناڙي.

(3) هياس، ٿياس ۽ ڪياس، اهي لفظ سنڌ جي اتر/ لاڙ/ ٿر/ ڪوهستان ۾ استعمال ٿين ٿا.

(4) "ادا، منهنجي ٻه ٻڌي ڇڏيو." اهي لفظ آهن ٻڌير جا/ سروزي جا/ سالڪ جا.

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) ڳجهارت کي وڏيڪ پائيدار ڪيئن بنائين؟

(2) ڪلهي جوسي هجڻ جي معنىٰ لکو.

(3) "ڏندين آڱريون اچڻ" جملي ۾ استعمال ڪريو؟

(4) هنر جي ڳولهڻ ۾ ڇا جي گهٽي گهرج پئي ٿي؟

(5) صنچهريءَ ۾ ڪهڙين لوڪ صنفن جا نالا ورتا ويا آهن؟

سوال نمبر (3)

ڪچهريءَ جي اهميت تي مختصر، مگر جامع نوٽ لکو.

سوال نمبر (4)

سانوڻ فقير جي پڙهيل شاعريءَ کي نثر ۾ لکو.

3. خود آزمائشن جا جواب

خود آزمائي (1)

سوال نمبر (1)

(1) شاھ ڪريم جي ڪلام ۾

(2) ھالا ڪنڊيءَ جي

(3) بياض خادمي

(4) بيان العارفين

(5) ابيات سنڌي

سوال نمبر (2)

(1) ابيات سنڌي، بيان العارفين، العاشقين، ڪلام گرھوڙي.

(2) ماٺيو آسودا، ان پاڻي جام، عيدن براتن ۽ ميڙن ملاکڙن تي ماٺين ۾ سرھائي ھئي.

(3) پڻن وٺان سنڌ جي اڳوڻي تاريخ ھٿ ڪري، ان کي ترتيب ڏيڻ سان ھڪ مستند تاريخ جڙي سگھي ٿي.

(4) البيروني لکي ٿو تہ "ڏکڻ سنڌ جي درياھي ڪنارن جي ويجھو ملباري رسم الخط جو استعمال ھو ۽ ڪن ھنڌن تي ارڌناگري بہ رواج ۾ ھئي."

سوال نمبر (3)

خود لکڻو آھي.

سوال نمبر (4)

خود لکڻو آھي.

خود آزمائي (2)

سوال نمبر (1)

(1) ڏوري ناري جو

(2) ٽڙ وڇائڻ وارو

(3) ڪوهستان

(4) سُروزي

سوال نمبر (2)

(1) ڳجهارت کي وڌيڪ پائيدار بنائڻ لاءِ ٻن هڪجهڙيءَ معنيٰ وارن گهربل اسمن مان هڪ کي ڪاراڻتو ڄاڻبو آهي.

(2) هڪ جهڙو. برابري ڪري سگهڻ ڙ

(3) بازيگر جا ڪرتب ڏسي، ماڻهن کي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون.

(4) آڙي پکي آهي ۽ هيو هيءُ لفظ "اڙي" سان ملندڙ آهي. اڙي، سنڌ جا مرد زال کي سڏڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. ان مان گار جو مفهوم ظاهر ٿئي ٿو.

(5) هنر جي ڳولها لاءِ اعليٰ خيالن جي گهرج پوي ٿي.

(6) مدح، ڳجهارت، رسالو، ڏگها بيت، ٽڙ بيت ۽ ڏور

سوال نمبر (3)

خود لکڻو آهي.

سوال نمبر (4)

خود لکڻو آهي.

يونٽ نمبر 4

1. ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون
2. علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا

يونٽ جو تعارف

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

چوٿون يونٽ پڙهڻ لاءِ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن يونٽ جا ٻه معمول موجب ٻه حصا آهن. "هڪڙي حصي ۾ "ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون" جي سري سان ۽ ٻئي حصي ۾ "علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا" جي عنوان سان ٻه الڳ الڳ مضمون ڏنل آهن. ٻئي مضمون علمي ۽ ادبي لحاظ کان تاريخ ۾ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. توهان کي ٻه انهن جي ابياس مان انهن جي علمي ۽ ادبي فضيلت معلوم ٿي ويندي. ٻنهي اهم مضمونن جي مطالعي کانپوءِ اسان کي پڪ آهي تہ توهان انهيءَ لائق ٿي ويندا جو هيٺ لکيل مقصد حاصل ٿي ويندا.

يونٽ جو مقصد

(1) ٻوليءَ جي سمورن رخن کان واقف ٿي ويندؤ.

(2) ٻوليءَ جي صلاحيتن، لياقتن ۽ خوبين کي خود پرکي سگهندؤ.

(3) پنهنجي ٻوليءَ جي ارتقائي رخن کان آگاهہ ٿي سگهندؤ.

(4) ادب بابت هڪ تفصيلي مضمون لکي سگهندؤ.

(5) تهذيب ۽ ادب جي لاڳاپي کي سمجهائي سگهندؤ.

(6) سوانح نگاري ۽ ان جي اهميت ٻڌائي سگهندؤ.

فهرست

	صفحو
1. ڀولي ۽ ان جون ادبي خوبيون	109
1.1 ليکڪ جو تعارف	109
1.2 مضمون جو خلاصو	109
1.3 مضمون جو متن	110
1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	114
1.5 خود آزمائي نمبر 1	115
2. علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا	116
2.1 ليکڪ جو تعارف	116
2.2 مضمون جو خلاصو	116
2.3 مضمون جو متن	117
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	127
2.5 خود آزمائي نمبر 2	129
3. خود آزمائشين جا جواب	130

1. ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون، مشهور ليکڪ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو آهي، جيڪو سندس ڪتاب "آفتاب ادب" تان ورتو ويو آهي. حڪيم صاحب جو تعارف اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

1.2 مضمون جو خلاصو

ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون جي عنوان سان هن مضمون ۾ ٻوليءَ جي مختصر لفظن ۾ مڪمل وصف ٻڌائي ان جي علمي ۽ عقلي دليلن سان پٺڀرائي ڪئي وئي آهي. ان کانپوءِ انهيءَ نتيجي کي عالمن جي راءِ سان اڃا به پختو ڪيو ويو آهي.

اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ڪا ٻولي پاڻ ۾ ادبي خوبيون پيدا ڪرڻ تائين ڪيترن ۽ ڪهڙن مرحلن مان پار پوندي آهي ۽ هر مرحلي تي ان ۾ ڪهڙا گڻ ۽ خاصيتون جنم وٺن ٿيون. ٻولين جون خاصيتون ۽ اهي گڻ اهڙي ته پيرائتي انداز سان پيش ڪيا ويا آهن جو جتي ٻولين جي باري ۾ پروڙ پوي ٿي، اتي ٻولين جي حيثيت ۽ اهميت به نمايان ٿيو پوي ٿي.

جيتوڻيڪ موضوع کي جامع انداز سان پيش ڪرڻ لاءِ اڃا به وڏي مضمون جي ضرورت هئي پر پوءِ به وڏي قابليت سان هيڏي ساري مقصد کي جنهن جامع صورت ۾ سمايو ويو آهي، ان تي مضمون نگار جي علميت کي داد ڏيڻو پوي ٿو. جنهن وڏيءَ سياڻپ سان ٻولي ۽ ان جي ادبي خوبين جو اهڙو سربستو ذڪر ڪيو آهي جو مضمون جي سهڻي رخن تي روشني پوي ٿي.

1.3 مضمون جو متن

پهرياڻين سمجهڻ گهرجي تہ ٻولي ڇا آهي؟ "ٻولي چئبو آهي اهڙي تلفظي ۽ معنيٰ دار آوازن کي، جن جي وسيلي هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان (ساڳي ٻولي ڄاڻيندڙ) کي پنهنجو مطلب ۽ مراد، سمجهائي سگهي." ٻين اکرن ۾ "ٻولي چئبو آهي اهڙي ڳالهائڻ کي، جو ڳالهائيندڙ ڳالهائي تہ سندس هم زبان ٻڌندڙ ان جو پورو مطلب پوريءَ طرح سمجهي سگهي."

جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو اهڙي ٻولي ڳالهائي ٿو، جو ٻڌندڙ جيتوڻيڪ اها ٻولي ڄاڻيندڙ آهي، تہ اُن جو مطلب سمجهي نٿو سگهي تہ ان کي عام ٻولي نہ چئبو. پهرين ڳالهايل لفظن ۽ جملن ۾، ڳالهائيندڙ جي مطلب ۽ مراد موافق، معنيٰ رکيل هجي، پر جڏهن تہ ٻڌندڙ ڪجهہ بہ نہ سمجهيو، تڏهن انهيءَ کي عام ٻولي سڏي ٿي نہ سگهبو ۽ اهڙو ڳالهائيندڙ "گونگو ڳالهائيندڙ" چئبو. گهٽي ۾ گهٽ اهڙي ٻولي فقط اهڙي ڳالهائيندڙ جي حق ۾ ٻولي چئبي، پر ٻڌندڙ جي حق ۾ نہ. پر جيڪڏهن ٻڌندڙ اها انوکي ٻولي سمجهي سگهندو هجي تہ بہ اها ٻولي بلڪل محدود دائري جي ٻولي چئبي، جا عام ٻوليءَ جي احاطي اندر اچي نٿي سگهي. وڏيڪ صفائي لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ سچ پچ ٻولي اها آهي، جا ننڍو ڳالهائي تہ وڏو سمجهي، وڏو ڳالهائي تہ ننڍو سمجهي، شهري ڳالهائي تہ ڳوٺاڻو سمجهي، ڳوٺاڻو ڳالهائي تہ شهري سمجهي، زال ڳالهائي تہ مڙس سمجهي، مڙس ڳالهائي تہ زال سمجهي، هندو ڳالهائي تہ مسلمان سمجهي، مسلمان ڳالهائي تہ هندو سمجهي. اها آهي نج ۽ اصلي ٻولي ۽ انهيءَ جو ٻيو نالو آهي "عام ٻولي."

ادبي ٻوليءَ جو درجو عام ٻوليءَ کان بالا ۽ برتر آهي. انهيءَ درجي جي ٻوليءَ کي ادبي يا ساهتيہ سڏبو آهي. ٻولي انهيءَ درجي ۾ اچي، هڪ گلزار پُربهار بڻجيو پوي ٿي. ٻوليءَ جي انهيءَ ادبي گلستان ۾، قسمين قسمين چمن ۽ ٻارا ٻَڌجن ٿا. گونا گون گل ۽

گلبن ڀوڪيا وڃن ٿا، طرحين طرحين واس ۽ سڳنڌ ڦهلجن ٿا، ڀانت ڀانت جون رونقون ۽ رنگ پسجن ٿا، ڀري ڀري ڪان ادبي گلن ۽ ڦلن جون ڇڪيون، ادبي وڻن ٻوٽن جون جنسون آئي ڀوڪجن ٿيون، يعني اهو سڀ ڪجهہ سامان، موجود ڪرڻو ، وي ٿو، اهي سڀ مانداڻ منڊڻا ڀون ٿا، جن مان ادب جي گلزار ۾ سدا بهار اچي. عاشقانہ امنگ هجن يا مجاهدانہ جذبا، عيش پرستيءَ جا اسباب هجن يا محنت ڪشيءَ جا اوزار، سرمائيداريءَ جو سامان هجي يا مزدوري جو مانداڻ، شاهيءَ جو تخت هجي يا غربت جو تختو، بادشاهي تاج هجي يا گدائي جو پيالو، سڪندري تخت هجي يا دارا جو اقبال، محتاجي جو حل هجي يا اڪبري جلال، ابوالفضل جو ڪمال هجي يا علم ۽ ڪمال جو تال، انهيءَ هر هڪ حالت جي پرزور بيان ۽ اثرائتي اظهار لاءِ ادب يا ساهت ئي هڪ بهترين وسيلو آهي.

ادب، زبان جو زيور آهي ۽ ساهت ٻوليءَ جو سينگار. ادب ڪلام جو ڪمال آهي ۽ ساهت ٻولي جو ساهہ. ادبي رنگ ۾ وويڪ جي واٽي ۽ ضمير جو آواز وڌيڪ زوردار، اثرائتو ۽ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ٿو. ادب ۽ ساهت جو جوهر، شمشير جي هردار کان بہ وڌيڪ تيز آهي.

دنيا جي انقلابن ۽ صحيح انقلابن ۾، تيغ ... کان وڌيڪ، ادبي ڪلام ۽ ساهت جي سخن جو هٿ رهيو آهي. تاريخ جي ڪتابن ۾ جاڳايل آهي تہ دنيا جون حڪومتون ترار کان ايترو ڀئو نہ کائينديون آهن، جيترو قلم کان. قلم ، ادبي نويسي جو تيز اوزار آهي، انهي ڪري ڪيس "شمشير قلم" سڏيو ويو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ دنيا جي ڪا بہ سڌريل ٻولي، ادب ۽ ساهت جي خزاني کان ڪڏهن بہ خالي نہ هوندي. جي ... ڪا بہ ٻولي، ادب ۽ ساهت جي موجودات ۾ سڃي آهي تہ پوءِ هوءَ سڌريل ٻولي نہ چئبي.

دنيا ۾ هزارين ٻوليون آهن جن مان ڪي سڌريل ۽ ادبي آهن ۽ ڪي جهنگلي ۽ اڻ سڌريل آهن. اڻ سڌريل ٻولين ۾ ادب ۽ ساهت جو ذخيرو يا تہ بنهہ ڪو نہ هوندو آهي، يا هوندو آهي تہ بلڪل گهٽ. اهو ڇو؟ اهو هن جي ڪري جو اڻ سڌريل ۽ جهنگلي ٻولين ۾ اها ڪشش، اهو مقناطيسي اثر، اهو قرب ۽ ميلاپ ۽ اها هردلعزيزي ڪا نہ هوندي آهي، جا

ڪنهن ادبي زبان ۾ هئڻ گهرجي. ملڪ جا اهي ڀاڱا يا ٽڪرا، جن ۾ سڌريل انسان ۽ انسانن جي گونا گون ضرورتن جا اسباب موجود هوندا آهن، يا اهي ڀاڱا جن جو لڳ لاڳاپو ملڪ جي سڌريل ڀاڱن سان هوندو آهي، تن ڀاڱن ۾ ئي ادبي زبان ۽ سڌريل ساهتيہ جنم وٺندي آهي.

ادبي ۽ سڌريل ٻولي جي لياقتن مان، ڪي لياقتون هيٺ ڏجن ٿيون. انهن لياقتن جي ڪسوٽيءَ تي ٻوليءَ کي پرکڻ سان ئي خبر پئجي سگهندي ته هو ادبي زبان آهي يا نہ.

(1) ادبي زبان اها چئبي، جنهن جي حرفن ۽ لفظن جا آواز، بدآواز جانورن جهڙا نہ هجن، بلڪ سريلا ۽ سوادي هجن. منجهن ڪراهت ۽ گراني يا تہ بلڪل نہ هجي، يا هجي تہ بلڪل گهٽ.

(2) ادبي زبان ۾ اصطلاح ۽ محاورا، تشبيهون ۽ ڪنايا، مثال ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن. انهيءَ ڪري فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون بہ منجهس جججهيون هونديون آهن جي قدرت جي نظارن ۽ انقلابن موجب ملڪ جي رسمن ۽ رواجن پٽاندر ماڻهن جي طبيعتن ۽ سڀاءُ مرافق، گهڙيل هونديون آهن.

(3) دنيا جي هر ڪنهن شي جا نالا ۽ هر هڪ معنيٰ جا لفظ ادبي زبان ۾ لهندا آهن. جيڪڏهن ڪن لفظن ۽ نالن جي وٽس گهٽتائي هوندي آهي تہ ٻئي هنڌان بہ هٿ ڪري پوراٺو ڪندي آهي.

(4) ادبي زبان ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هونديون آهن.

(5) هم قافيہ تڪ ڀائي لفظ ۽ تجنيس حرفيءَ وارا لفظ بہ ادبي زبان جي خاص خوبين مان هڪڙي خوبي آهي.

(6) ادبي زبان ڏارين ٻولين مان بہ ڪيترائي لفظ پاڻ وٽ آڻي، پنهنجا بڻائي ڇڏيندي آهي، يعني منجهس جذب ۽ هضم ڪرڻ جي طاقت چڱي هوندي آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي وٽس ادبي لفظن جي ڪمي ۽ ڪوتاهي نہ بہ هجي، تہ بہ پنهنجي ساهت وڌائڻ لاءِ بنا ڪنهن هٽڪ ۽ هٻڪ جي، ٻين ادبي ٻولين کان بہ مدد وٺڻ عيب نہ سمجهندي آهي.

(7) ادبي ٻوليءَ جي هيءَ خاصيت هوندي آهي، جو ٻين ٻولين کي پنهنجي ذخيري ۽ خزاني مان مدد ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ۽ ڪنجوسي نہ ڪري، بلڪ ڪشادي دل سان سخاوت جو هٿ ڊگهيري ۽ پنهنجو مال کڻي، ٻين جي اڳيان رکي.

(8) جيئن جيئن دنيا ۾ علم ۽ هنر پيا وڌندا، سائنس نوان ايجادون پيون ٿينديون، نوان نوان اصطلاح پيا گهڙبا، تيئن تيئن سڌريل ۽ ادبي زبان، اهڙن علمن ۽ هنرن، اهڙن اصطلاح ۽ ايجادن جي معنائن لاءِ پاڻ وٽان نہ، تہ ٻين سڌريل ۽ ادبي ٻولين مان وٺي ڪي نہ ڪي لفظ پيش ڪري سگهندي ۽ انهيءَ ڏس ۾ پوئتي نہ پوندي.

(9) ادبي زبان ۾ هيءَ بہ لياقت هوندي آهي جو هن ۾ جيڪڏهن انسائيڪلوپيڊيا يعني علمن ۽ هنرن جو ذخيرو تيار ڪجي تہ ڪري سگهجي.

(10) ادبي زبان ۾ صرف ۽ نحو جا قاعدا ۽ قانون جاچيا کڻي تہ قدرت طرفان ضرور موجود هوندا، جن کي ترتيب ڏيئي علمي صورت ۾ آڻي سگهبو.

(11) سڌريل ۽ ادبي زبان ۾ "علم بديع و بيان" ۽ "علم معانيءَ" جو خزانو خوب ڀريل هوندو آهي.

اهي ڪجهہ ٿورين لياقتون جاڻايون ويون آهن، جي ادبي زبان ۾ لهنديون آهن.

1.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ

جهبو اچڻ	روح کي چڪ اچڻ
وويڪ جي واڻي	اندر جو آواز، معنیٰ بي مقصد بحث ڪرڻ لاحاصل ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ
تيغ برهنه	اگهاڙي تلوار
ڪو	خوف، پشو
فصاحت	سمجهائڻ جي خوبي
پٽاندر	مطابق، موجب
تجنيس حرفي	هڪجهڙي آوازن وارا لفظ
شهري	شهر ۾ رهندڙ
نج	خالص
ساهت	علم ادب
گونا گون	قسمين قسمين، طرحين طرحين
سڳنڌ	خوشبو
پانت پانت	قسمين قسمين
اُمنگ	آرزو، اميد
ڪمال	اوج
مقناطيسي	چڪ مڪ
ڪوتاهي	غفلت، سستي

1.5 خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

هيٺ ڏنل خالي جايون ڀريو:

(1) ادبي ٻوليءَ جو درجو .... کان بالا ۽ برتر آهي.

(2) زبان جو .... ۽ .... ٻوليءَ جو سينگار آهي.

(3) ادب نويسيءَ جي تيز اوزار کي .... سڏبو آهي.

(4) دنيا جون حڪمتون، ترار کان ايترو نه ڏچنديون آهن، جيترو .... کان

(5) جيڪڏهن ڪا به ٻولي .... ۽ .... جي موجودات ۾ .... آهي ته
پوءِ هوءَ سڌريل نه چئبي.

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) عالمن ٻوليءَ جي وصف ڪهڙي بيان ڪئي آهي؟

(2) عامي ٻولي ڇا آهي؟

(3) علم ادب جي صحيح معنيٰ لکو؟

(4) صرف ۽ نحو ڇا کي ٿو چئجي؟

(5) تهذيب جي معنيٰ لکو؟

سوال نمبر (3)

ادبي ۽ سڌريل ٻوليءَ جون پنج اهم لياقتون مختصر ڪري ڳڻايو.

2 . علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون علامہ آءِ . آءِ قاضيءَ جو آهي جيڪو سندس هڪ صدارتي تقريب تان ورتل آهي. ليکڪ جو تعارف اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

2.2 مضمون جو خلاصو

"علم ادب جي ترقي جا طريقا" واري هن مضمون جي ابتدا ادب جي وصف ڏيڻ سان ڪئي وئي آهي. ادب جي معنيٰ ۽ مفهوم کي جتي لغوي معنيٰ سان ظاهر ڪيو ويو آهي، اتي عالمي مفڪرن جي قولن سان ان کي پختو ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ان کان ادب جي معيار پرکڻ واري ڪسوٽيءَ جو بہ ڪم ورتو ويو آهي.

ادب جي سلسلي جي پاڙ تهذيب ۽ ثقافت ۾ کتل ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ سوچ ۽ فڪر کانسواءِ ادب تخليق ٿي نٿو سگهي ۽ اها سوچ وري ثقافت کان آجي رهي نٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن بہ تهذيب ۽ ثقافت جو عڪس ان جي ادب ۾ نظر ايندو آهي، اها ڳالهہ بہ هن مضمون پڙهڻ کان پوءِ وڏيڪ سمجهي سگهجي ٿي.

ان کانپوءِ تاريخ ۽ ادب جو جيڪو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، تنهن کي تہ علمي ۽ عقلي ڳالهين سان واضح ڪيو ويو آهي، پر ساڳئي وقت ادب جو معيار ڪهڙو هجڻ کپي، تنهن کي بہ نقل ۽ شاعريءَ مان مثال ڏيئي چٽو ڪيو ويو آهي.

مضمون ۾ انهن ڳالهين کانپوءِ ادب جي اهميت بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪهڙيءَ طرح ڪنهن قوم جو بقاءُ ۽ جٽاءُ بہ ادب تي دارومدار رکي ٿو، پر جيڪڏهن ڪنهن قوم معياري ادب اُپائڻ ڇڏي ڏنو تہ ان جا نقصان ڪهڙا نڪرندا، پر جي قومون ادب جي واڌاري ۾ رڌل رهن ٿيون، انهن جو قدر ڪهڙو ٿو ٿئي، سي سڀ نڪتا هن مضمون ۾ چٽا ڪيا ويا آهن.

2.3 مضمون جو متن

جيتري قدر مون کي ياد آهي تہ پهريون ڀيرو هن ادبي ڪانفرنس جي دادوءِ واري اجلاس جي موقعي تي مون پنهنجي موڪليل صدارتي تقرير ۾ لفظ "ادب" جي معنىٰ تي روشني وڌي هئي ۽ ٻڌايو هو تہ لغت جي لحاظ سان، لفظ "ادب" جي معنىٰ آهي، "ريڙهيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ" يا پنهنجي سنڌي اصطلاح موجب، جڻ "اڻ گهڙيل ڪاٺ کي رندو هڻي سڌو ڪرڻ." انهيءَ مقصد سان ئي اسان جي معاشري ۾ استاد مقرر ٿيندا هئا، جن کي "اديب" سڏيو ويندو هو، چاڪاڻ تہ "تعليم" سان گڏ ٻار جي "تاديت" بہ سندن ئي ذمي هئي. ٻئي ڪنهن موقعي تي آءٌ اهو پڻ واضح ڪري چڪو آهيان تہ "علم ادب" جي صحيح معنىٰ آهي، "اها تحرير جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري."

حقيقت هيءَ آهي تہ قدماءِ جي نظر ۾ "ادب" ۽ ان جي مفهوم ۽ مقصد کي وڏي اهميت حاصل هئي، چاڪاڻ تہ انهن "ادب" کي جملي علم انساني تي حاوي ٿي سمجهيو. اصولي طور "ادب" جو مفهوم انهيءَ ڏينهن کان واضح ٿي چڪو، جڏهن کان "لاتقربا هذه الشجره وارو حڪم پهتو. پر هن موجوده دور ۾ "ادب" جون سڀئي راهون ايتر يقدر تہ ميئجي مسخ ٿي چڪيون آهن، جو لفظ "ادب" جي معنىٰ پوريءَ طرح پروڙي نٿي سگهجي.

فڪر ۽ ذڪر:

ڪانفرنس جي دادو واري اجلاس کي خطاب ڪندي، مون پڻ اهو واضح ڪيو هو تہ "علم ادب" جي واڌاري جو مدار "فڪر" تي آهي، جو تہ "فڪر" ئي هر مضمون ۽ بيان جو سرچشمو آهي. انهيءَ حقيقت کي هن مجلس ۾ اجا بہ قدري واضح ڪرڻ خاطر آءٌ اوهان صاحبن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿو تہ "فڪر" جو سڄو دارومدار وري "ذڪر" تي آهي. "ذڪر" جي معنىٰ آهي "يادگيري." انهيءَ لحاظ سان "ياد" يا "حافظو" ئي اها زرخيز زمين آهي، جنهن

۾ "فڪر" جو سلو انگورجي ٿو. انهيءَ ڪري ٿي يونانين "حافظي جي ديوي"، نيموصين کي نون (9) نياڻين جي ماءُ قرار ڏنو جن ۾ تاريخ، غنسي شعر، عشقيه شاعري ۽ علم النجوم، چارئي شامل آهن. اهو ظاهر آهي تہ علم ادب جي گهڻن حصن جو مدار "تخيل" تي آهي ۽ "تخيل" جو مدار وري يادگيري يا حافظي تي آهي. هي بذات خود هڪ اهم نفسياتي مسئلو آهي، جنهن جي تشريح لاءِ اجوڪي خطبي ۾ گنجائش ڪانهي. حقيقت ۾ ڪانفرنس جي عام نشستن ۾ پيچيده نفسياتي نڪتن، فلسفيانہ مسئلن، يا ڳوڙهن ادبي بحثن ۽ نظرين جي وضاحت ٿي بيسود آهي. گذريل ڇهن - سَتن سالن جي تجربي مان آءٌ ڪم از ڪم انهي نتيجي تہ پهتو آهيان تہ اسان جي جلسن ۽ ڪانفرنس جو حال بلڪل "نشستند و گفتند و برخاستند" وارو وڃي رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ ڳوڙهين ڳالهين ڪرڻ مان نڪي هڙ نڪي حاصل.

تهذيب:

هي اسان جون ڪانفرنسون، خرچ ۽ انتظام تڏهن سجايا ڇٽبا، جڏهن اسان "علم ادب" کي ڪا عملي ترقي ڏيڻي سگهنداسون. انهي ڪري وڏن خيالن ۽ خوابن جي بدران بهتر ٿيندو تہ پنهنجي وس آهر ٿورو ٿي ٿورو، پر ڪو عملي قدم کڻون. جيئن اسان وري پنهنجي "ادب" کي حاصل ڪري سگهون، جو اسان بلڪل وڃائي ويٺا آهيون. اڄڪلهہ جي محاوري ۾ وڃائڻ جي معنیٰ آهي "بي تهذيب" ٿيڻ. ڇاڪاڻ تہ "ادب" جي اصلي معنیٰ آهي "لطافت"، "تهذيب" يا "شائستگي". هن زماني ۾ جنهن شيءِ کي "ڪلچر" چيو ٿو وڃي ان جي معنیٰ آهي "حراثت" يا "تهذيب". "تهذيب" "هذب" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنیٰ آهي سنوارڻ. ماڻهو کي "مهذب" بنجڻ لاءِ مسلسل سوڌ ۽ سنوار جي ضرورت آهي. خود زمين جي ڪلچر جو مدار بہ پهريائين جهنگ ڪڍڻ، پوءِ هر ڏيڻ، پوءِ ٻج ڇٽڻ، پوءِ پاڻي ڏيڻ، پوءِ سلن جي نگهباني ڪرڻ وغيره تي آهي. ساڳي طرح انسان جي ادب ۽ ڪلچر جو

مدار بہ تربيت، تاديب ۽ تعليم تي آهي. جيئن بہ ٻني صاف ڪرڻ ۽ ٻج ڇٽڻ کانسواءِ فصل جي اميد اجائي آهي، تيئن تربيت، تاديب ۽ تعليم کانسواءِ "ادب" جو پيدا ٿيڻ مشڪل آهي.

تاديب:

"تاديب " جو مقصد آهي "گهڙڻ" ۽ "اصلاح" واري رندي سان ڇلجي سنئون سڌو ٿيڻ. جيئن واڍو اڻ گهڙيل ڪاٺ جي ٽڪر کي واهولي، رندي ۽ رواٽ جي مهميزن سان هڪ خوبصورت شڪل ڏئي ٿو، تيئن انساني ٻار بہ والدين ۽ استادن جي تنبيهن، زماني جي لوڏن ۽ گردشن ۾ گسڻ پيسڻ واري "تاديب" بعد وڃي ڪنهن مهذب ۽ شائستہ شخصيت جو مالڪ بڻجي ٿو. اهي مهميزون ۽ تلخ تجربا ئي ڪيس ماڻهو بڻائين ٿا.

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ "ذڪر" ئي اها زرخيز زمين آهي جنهن ۾ "شعر" توڙي "فڪر" جا سلا انگورجن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ذڪر جي معنيٰ آهي "حافظو" يا "يادگيري" جنهن ۾ "تخيل ۽ "تخليق" جو راز سمايل آهي. اها حقيقت نہ صرف فرد واحد سان تعلق رکي ٿي، پر جماعت، قبيلي، قوم، بلڪ پوري بني نوع انسان سان لاڳو آهي. فرد واحد جي حافظي جو سرمايو سندس ذاتي ياداشت تي منحصر آهي، پر قوم جي حافظي کي سڏجي ٿو "تاريخ." عام تاريخ کي زنده رکڻ، قوم جي حافظي کي زنده رکڻ جي برابر آهي.

تاريخ ۽ علم ادب:

ڪنهن قوم جي تاريخ جو گم ٿي وڃڻ ڄڻ ڪنهن شخص جي حافظي ختم ٿي وڃڻ جي برابر آهي. "نسليت" جي اعتبار سان ڪنهن بہ گروهہ جي تاريخ، ان گروهہ جي نظرين، جذبن ۽ احساسن ذريعي زنده رهي ٿي، پر نفسياتي توڙي ظاهري لحاظ سان اها انهن ڳالهين ۽ ڪهاڻين، نقلن ۽ نظيرن رستي محفوظ رهي ٿي، جيڪي ان گروهہ ۾ رائج آهن. اهي آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا ساڳئي وقت "علم ادب" جو هڪ اهم حصو بہ آهن. انهي لحاظ سان جيڪڏهن "علم ادب" کي جيارڻو آهي تہ پوءِ ضروري آهي تہ قومي ياداشت جو اهو سرمايو هر حالت ۾ محفوظ ڪيو وڃي.

هاڻي سوال آهي تہ هن ڏس ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙي ريت ميدان سنوارجي؟ جيئن اهڙي قسم جي اعلىٰ "علم ادب" کي فروغ ملي. جو حقيقي معنىٰ ۾ "خلق" يا قومي مزاج جي برابر هجي، بلڪ قومي "خلق" ۽ قومي "روح" جو آئينو بنجي. ان لاءِ منهنجو جواب ساڳيو آهي. جيڪو قرآن شريف ۾ اڳ ئي موجود آهي، يعني تہ پنهنجي سرمايي کي ڳولي هٿ ڪري، ان کي قلمبند ڪريو.

اسان مان هر هڪ لکيو پڙهيو، جنهن ۾ ذرو ڪجهہ لياقت آهي انهيءَ ڪم ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. شايد اسان مان ڪو چوي تہ "پر سائين! اهو ڪم تہ عالمن ۽ مؤرخن جو آهي، اسان اهو ڪم ڪيئن ڪري سگهنداسون؟" هيٺئين عملي اشاري سان اُميد تہ هن قسم جي شڪ شبهي جي تلافي ٿي سگهندي.

وتائي فقير جو نالو شايد اوهان مان گهڻن ٻڌو هوندو، پر ويلن مان ڪو اهڙو بہ آهي، جنهن وتائي جا نقل، جيڪي سنڌ جي هند ڪڙڇ ۾ مشهور آهن، تن جي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي؟ ٻيجا نہ ٿيندو، جيڪڏهن آءُ هن موقعي تي وتائي جا فقط ٻہ نقل نموني طور بيان ڪريان، جيئن معلوم ٿي سگهي تہ انهن نقلن ۾ نہ صرف اسان لاءِ سبق سمايل آهي پر جيڪر سڄيءَ دنيا جي ملڪن جا ماڻهو انهن مان سبق حاصل ڪري سگهن.

چون ٿا تہ هڪ ڀيري وتايو فقير ڪنهن پاسيري ڀيڇري مان اڪيلي سر پنڌ ويو ۽ سندس ٻوڇڻ جي پلاند ۾ هڪ ڪلدار رپيو ٻڌل هو. خيال آيس تہ متان هن اڪيلي واٽ تي ڪو چور نہ گڏجي وڃي جو نہ رڳو ڪانٽس رپيو ڦري، پر هٿي ڦٽي بہ وجهي. سو ڇا ڪيائين جو رپيو ڇوڙي، ڪٿي گس جي پرسان بيٺل اَڪ جي پاڙ ۾ رکيائين. پوءِ الله جا شڪرانا بجا آڻيندي، چيائين تہ "اي ڏٿي منهنجا! چڱو جو هن جزا مان جند ڇڏايئي، هاڻي هٿين خالي ڪو ڊپ ڪونهي! نڪي هڙ ۾ هوندو، نڪي ڪير ڦريندو." ائين چئي اُٿي پنڌ پيو. ڪجهہ وقت گذري ويو ۽ واءُ لڳڻ سببان رپئي مٿان مٽيءَ جو تهہ وري ويو. هڪ ڏينهن ڪو مسافر ساڳئي گس تان اچي لنگهيو ۽ قضا حاجت لاءِ انهيءَ اَڪ جي پاڙ ۾ ويٺو. رپئي

واري جاءِ تي پاٽيٽ پيو. سو مٽي لهي وٺي ۽ هيٺان ڪلدار رپيو چمڪڻ لڳو. ٻنا هيڪ جي هن يار ٻه جهٽ ڪٽي هٿ ۾ ڪنيو. پانياٺين تہ اهو اڪيلو رپيو ڪو نہ هوندو. پر اتي ڪو خزانو پوريل آهي. سو سنبري وڃي مزور وٺي آيو ۽ اچي کوٽائڻ شروع ڪياٺين. چوڌاري کڏون لڳي ويون ۽ اڪ جي پاڙ کي پاڙن سوڌو کڏي ڪٽي ٻاهر ڪياٺون. پر هٿا ڪاريءَ واري ڪک، سو مِلين ڪو بہ ڪين. نيٺ سور پٽي، ڪک ٿي روانا ٿيا. هڪ ٻہ ڏينهن بعد وتايو ٻه وري ساڳئي انهي گس تان لنگهيو. ڏسي تہ مار! چوڌاري کڏون لڳيون پيون آهن ۽ اَڪ پاڙ سوڌو ٻاهر پيو سُڪي اُتي ٻٽي هٿ مٿي ڪٽي چياٺين تہ "شڪر اٿئي اي منهنجا مولا! جيڪڏهن آءٌ انهي رپئي مان جند نہ ڇڏايان ها تہ مون سان بہ ساڳي انهي اَڪ واري ڪار ٿئي ها."

دوستو! جيڪڏهن هي نقل ڪير ويهي ٺاهي لکي تہ جيڪر شاعرن کي بہ شهہ ڏيئي ڇڏي. سوچيندڙن لاءِ هن نقل ۾ ڪهڙو نہ قيمتي سبق سمايل آهي!

ٻيو نقل هن طرح آهي:

چون ٿا تہ وتايو ڏسي تہ هڪ گهورڙيو پيو گدرا وڪڻي. ڪيس رڳو چار پيسا گنڍِ ۾ هٿا سي ڪڍي ڏناٺينس ۽ گهورڙئي کيس هڪ چڱو ٺاهوڪو گدرو ڪٽي ڏنو. وتائي ڏٺو تہ گهر ۾ ماٺهو گهڻا آهن ۽ هن گدري مان تہ پورت ٿي ڪا نہ ٿيندي، وٽس وڌيڪ پئسو بہ ڪو نہ هو. ويچار ڪياٺين تہ گهورڙيي جي آڏو گدرن جو ڍڳ لڳو پيو آهي، سوال ڪريانس تہ من هڪڙو ڪٽي ڏئي. سو سوچي چياٺينس تہ "هڙ ۾ پئسو ڪو نہ اٿم جو ٻيو گدرو وٺان، پر پويان اڪهہ وڏي آهي ۽ هن گدري مان تہ هڪ ڦار ڦار بہ هٿ ڪا نہ ايندي، سو سائين جي نالي تي ٿو توکي سوال ڪريان تہ نامِ خدا انهيءَ مولا جي محابي هڪڙو ٻيو گدرو ڏيار! گهورڙيو ڪجهہ ويرم تہ ڪاوڙ وچان گهور ڪري ڏانهنس نهارڻ لڳو. آخر خفا ٿي، ڪُسندي مُنسدي، هڪ اهڙو ڪنو ڦٽل گدرو هٿ ڪياٺين، جو پانياٺين تہ ڪو بہ ڪو نہ وٺندو. سو ڪٽي وتائي فقير جي هٿ ۾ هنياٺين. وتائي هيءُ لقاءُ ڏسي، گدرو تري تي رکي

ڪٿي مٿي ڪنيو ۽ ڳوڙهن ڀريل اکيون آسمان ڏي ڪندي چيائين ته "اي الله! ماڻهن وٽ تنهنجو قدر اجهو اهو آهي، تنهن جي نانءُ ۽ نالي تي اجهو هيءُ مليو اٿم. ڏسان ٿو ماڻهن وٽ تنهنجي نالي کان چئن پئسن جو مان مڙيوئي مٿي آهي."

عزيزو! اوهان هن نقل کي شايد چرچو ڪري ڀانيو، پر عقلمند لاءِ هي نقل، عقل جي موتين سان ڀريل آهي. هنن ٻن نقلن جهڙا سوين نقل سنڌ ۾ رائج آهن. پر اوهان مان ڪنهن انهن کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ اسان جڏهن ٻه وتائي جو نالو ٻڌون ٿا ته رڳو کلون ٿا ۽ بس سچ چيو اٿن.

"قدر زر، زر گر بداند، قدر جوهر جوهري!"

اهو ڪو تاريخي وڏو مسئلو ڪونهي. جنهن کي سمجهڻ ۽ لکڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. اهي عام مقبول نقل ۽ نظير آهن. چا، انهن کي گڏ ڪرڻ ۽ لکڻ به ڪو مشڪل ڪم آهي؟

سوانح نگاري:

آءٌ هت هڪ ٻي تجويز به اوهان جي آڏو پيش ڪريان ٿو. سچ پڇو ته ڪي بهترين ڪتاب جن کي مون نهايت ئي ذوق سان پڙهڻ چاهيو آهي، سي ڪن شخصن لاءِ پنهنجو پاڻ بابت لکيل دستاويز آهن. انهن شخصن ۾ وڏين توڙي ننڍين حيثيتن وارا ماڻهو شامل آهن. ڀل ڪٿي ڪو افلاطون هجي يا ڪو عام غريب هاري. جيڪر هو پاڻ ويهي پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي ته ان جهڙو دلچسپ ٻيو بيان ٿي نٿو سگهي. بشرطيڪ هو پنهنجو پاڻ سچو ٿئي ۽ بنا ڪنهن هٻڪ جي، ته ماڻهو ڪيس ڀلو يا برو چوندا، ايمانداريءَ سان ويهي پنهنجو پاڻ بيان ڪري. محض سچائي ۽ ايمانداري هن ڪم لاءِ درڪار آهي. آخرڪار "من آنم ڪه من دانم"، ته پوءِ ڊپ ڪهڙو ته ماڻهو چا چوندا ته فلاڻو ڪهڙو ڪي ڪهڙو هو!

ٻئي طرف اٺين پائنٽ تہ آءُ ڪو وڏو ماڻهو ٿي ويو آهيان. مٿان منهنجي وڏ ماڻهپيءَ ۾ ڪو خلل پيو، اهو خود ڪي ڪُجهڻ جي برابر آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان مان گهڻن جي حالت جڻ هڪ اڻ جاول ٻارڙي جهڙي آهي. عاقل بالغ ٿيڻ تہ خير، پر جڻ تہ جاول ئي ڪين آهيون. جاپندي جام تہ ڪو بہ ڪونهي. محض جسمي طور جمڻ ۽ وڏو ٿيڻ هڪ ڳالهہ آهي ۽ ذهن جو جمڻ ۽ سمجهہ جو سُلو اُسرڻ ٻي ڳالهہ آهي. "بزرگي بعقل است، نہ بہ سال." پل حياتي ختم ٿي وڃي پر جي سمجهہ جو سلو نہ اُسريو تہ ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقت جي خبر ئي ڪانہ پوندي. شاهہ صاحب چوي ٿو تہ.

"هيهر جاپي جاڻ، اِبر جي اوصاف ڪي."

هاٿي جيڪڏهن "شيءِ جي وصفن" ڪي سمجهڻ لاءِ بہ هيهر جاپڻ جي ضرورت آهي تہ هن ڪائنات ڪي سمجهڻ لاءِ تہ سوين هزارين حياتيون کپن.

انهيءَ لاءِ ڪم از ڪم ايترو ٿي سگهي ٿو تہ هر شخص پنهنجي حياتي جي حڪايتن ڪي لکي تہ من ٻين لاءِ اها ڪارآمد ٿي سگهن. اهڙيءَ طرح هر شخص ٻين سون هزارن حياتين جي تجربي مان سبق حاصل ڪري سگهي ٿو. غور ڪريو تہ هڪ ٻار لاءِ اها ڪهڙي نہ دلچسپ ڪهاڻي ٿيندي تہ اڪثر ٻارڙا ڇا ڪندا آهن؟ ۽ ڪن خاص موقعن تي ڪيئن اُٿندا ويهندا آهن؟ خود عاقل بالغ لاءِ بہ پنهنجي ٻاروتڻ جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترو نہ سبق سمايل آهي. من پنهنجي ننڍڙائي محسوس ڪري! حقيقت ۾ انسان جيترو پنهنجي ننڍڙائي محسوس ڪندو، اوترو خدا جي وڏائيءَ کان آگاهہ ٿيندو. ڇا اسان مان هر هڪ پنهنجي ڪهاڻي نٿو لکي سگهي؟

ڪرٿو فقط هيءُ آهي تہ واندڪائيءَ ۾قلم کڻي، نهايت سچائيءَ سان پنهنجو ٻاروتڻ ياد ڪري ويهي. ان جو بيان لکون تہ اسان ان وقت ڇا هئاسون؟ اسان جو اٿڻ ـ ويهڻ ڪهڙي نموني سان هو؟ اسان کي ڇا ڇا وڻندو هو ۽ ڇا ڇا نہ وڻندو هو؟ اسان کي ڪنهن سان پيار هو ۽ ڪنهن سان نفرت هئي؟ مطلب تہ بناڪنهن اُڪي جي تہ ماڻهو اسان کي ڇا ڪري

سمجهندا، اسين نهايت ايمانداريءَ سان ويهي پنهنجي ٻاروتڻ جي ڪهاڻي لکون. منهنجي استدعا آهي تہ اوهان مان هر هڪ اها ڪوشش ڪري. جي سڀني پڙهيلن نهايت سچائي سان پنهنجي سوانح لکڻ شروع ڪئي تہ آءٌ اوهان کي خاطري ڏيان ٿو تہ اسان مان ڪيترا ئي فقط انهيءَ سوانح لکڻ سان مصنفن جي صف ۾ شمار ٿيندا ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪن جا قلمي داستان اهڙا تہ معياري ڪتاب بنجي پون جو انهن جهڙا ڪي ورلي لکيا ويا هجن. سينٽ آگسٽين، روسو، گوئٽي ۽ گانڌي، مڙني ائين ڪيو ۽ ٻيا بہ سو اهڙا نڪرندا. ڪن مصورن پنهنجون تصويرون ڪڍيون، سَون وري پنهنجوُن سوانح عمريون لکيون.

صداقت جو معيار:

پر آءٌ اوهان کي خاطري ڏيان ٿو تہ اسان جي سوانح ۽ ٻاروتڻ وارا فطري باب جذبن ۽ احساسن سان لبريز هئڻ سبباب پڙهڻ ۾ نهايت دلپذير ٿيندا. البت ايترو سو ضرور آهي تہ تحرير ۾ سچائي ۽ محض سچائي جو معيار برقرار رکيو وڃي. ڇو تہ "صداقت" نہ صرف سوانح نگاري پر شاعري توڙي علم ادب جو روح آهي. ڪوڙ ۽ علم ادب جو پاڻ ۾ گڏجڻ جو ڪوڙو ئي نٿو لڳي، اهي ٻئي متضاد شيون آهن. حق ئي علم ۽ ادب ٻنهي جي واٽ توڙي منزل مقصود آهي، بلڪ "سرِ دين صدقِ مقال، اڪل حلال آهي."

صداقت، تاريخ جو روح آهي ۽ انهيءَ "صدق" ڪانسواءِ "فن لطيف" ايجاد بہ امر محال آهي تہ "علم ادب" جو اُسرڻ بہ ناممڪن آهي. افسوس جو هن پوئين دور ۾ "قوميت" جو تنگ نظريي ۽ "قومي حڪومتن" جي قيام جيڪي رجحانات پيدا ڪيا آهن، تن تاريخي حقيقتن کي محض "قوميت" جي عارضي ۽ محدود مطلبن خاطر مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن حرڪتن سبباب "فنون لطيفہ" توڙي اعلىٰ علم ادب جون بلڪل جڙون ڪٽجي ويون آهن.

شعائر الله:

اسلام ۾ "تاريخي تحقيق"، ديني فرضن ۾ شامل آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخي نشان "شعائر الله" مان آهن جن کي ڳولڻ ۽ برقرار رکڻ هر مسلمان جو فرض آهي. پل تہ يورپ وارا ٿي سندس رنگ، نسل ۽ قوميت وارن مخصوص نظرين جي پرورش خاطر، تاريخي حقيقتن کي لڪائڻ ۽ منگهڙت قصن کي رائج ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان هوڏون هڻن. اهو شغل ڪين ٿي نيبھ هجي! پر حقيقت کي لڪائڻ حماقت آهي ڇاڪاڻ تہ هميشہ لاءِ لڪي ڪا نہ سگهندي. عارضي طور ڀلي ڪوڙ هلائي پر آخر ڪار سچ پڌرو ٿي پوندو. مثال طور ڏسو تہ يورپ وارن پاڻ کي نج آريائي نسل ثابت ڪرڻ لاءِ انساني نوع ۽ نسل بابت ڪهڙا نہ عجيب ۽ غريب نظريا گهڙيا ۽ ڪيئن نہ تاريخ تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي! پر فقط ملڪن، ماڻهن ۽ شهرن جي نالن، مثلاً ايران، افغانستان جي "آريانا"، بلوچستان جي "آري"، قديم ايران جي شهر "اردبيل" سنڌ جي بندر "ديبل" وغيره، قديم نالن لارڊ ڪرزن ۽ ٻين جي دليلن ۽ دعوائن جي قلعي کولي وڌي ۽ ثابت ڪيو تہ موجود، ايران، افغانستان ۽ بلوچستان وارا خطوئي آرين جو ماڳ ۽ مڪان آهي. قديم شهر ۽ کنڊرات تہ ڇڏيو، پر فقط اسم ۽ نالا بہ وڏا تاريخي نشان آهن ۽ تاريخي حقيقت تي شاهد آهن. هر هڪ نالو هڪ تاريخي حقيقت جو حامل ۽ محافظ آهي ۽ ان کي بدلائڻ جڻ تاريخي حيقيقت کي مٽائڻ جي برابر آهي. انهيءَ هوندي بہ عجب جي ڳالھ آهي جو محض ڪن شخصن يا جماعتن جي خوشنودي خاطر، يا "قوميت" جي تنگ نظريي جي زير اثر، تاريخي نشان توڙي نالا مٽايا ٿا وڃن.

فطرت طرفان اهڙي حرڪت ڪڏهن بہ معاف ٿي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ اهو گناه خود "حق" ۽ "روح يا قدس" جي خلاف آهي. مسلمانن جي شايان شان نہ آهي جو نالا ڦيرائي ۽ تاريخ جا نشان مسارين. تاريخ جا نشان خدا جا نشان آهن، انهيءَ ڪري آثار صناديد مٽائڻ ڪفر آهي.

ساڳيءَ طرح شخص واحد جي سوانح جا سچا نشان نهايت اهم حقيقتن جا رازدان آهن، جن جي محافظت سان ئي سوانح نگاريءَ جو حق ادا ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ڳالهيون ۽ مصنوعي اضافا، جي اسين پاڻيون ٿا، ته اسان جي حياتي جي بابن کي رنگين بنائين ٿا، سي درحقيقت ان کي ڪوڙي قصي ۾ تبديل ڪن ٿا. ٻئي طرف انساني ڪوتاهين ۽ خطائن جا سچا بيان هزارن اکين ۾ ڳوڙها آڻيندا. اسين پنهنجن ڪن سچن واقعن بيان ڪرڻ سان پنهنجي وقت وڃائي نٿا سگهون. اهي سچا بيان وري به اهو ثابت ڪندا ته ماڻهو ايترو بلند به ٿي سگهي ٿو، جو خود کي وساري ويهي! "وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چوّ" وارو شرط جيترقدر عبادت سان لاڳو آهي، اوترو ئي تحرير سان به لاڳو سمجهڻ کپي.

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

تخليق	پيدا ڪرڻ. خلقڻ
تاديب	ادب سيکارڻ
واضح	چٽو. کليل
سرچشمو	بنياد
زرخيز	سرسبز. شاداب
نشتندو گفتندوبرخاستند	ويهي بحث مباحثو ڪرڻ ۽ اٿان اٿي ڇڙوڇڙ ٿيڻ
نگهباني	نظرداري. سنڀال
مهميز	چنبڪو يا جهٽڪو
تخيل	پيش ڪيل خيال
منحصر	دارومدار
فروغ	واڌارو
مؤرخ	تاريخ لکندڙ. تاريخ دان
تلافي	پورائو
ڪلدار	روڪڙو
لقاءُ	نظارو
سوانح نگار	پنهنجي باري ۾ لکندڙ
عاقل	عقل وارو يا بالغ
جاپي	جمي. پيدا ٿي
اِبر	سئي
استدعا	عرض. گذارش. درخواست

صداقت	سچائي
متضاد	ضد وارو، مخالف
شعائر الله	الله جون نشانيون
حماقت	بي عقلي
محافظ	حفاظت ڪندڙ
خوشنودي	مرضي
صناديد	سچائي، حقيقت
محال	مشڪل
تشريح	واضح، چٽو
اوصاف	وصف جي جمع. گڻ، خوبيون
مفيد	فائديمند
وِنڌڻ	موٽي ڀوڻ
لاتقربا هذه الشجرة	انهيءَ وڻ جي ويجهو نه وڃو (هيءُ اشارو، حضرت آدم عليه السلام کي ڪڻڪ جي ٻوٽي کان منع ڪرڻ واريءَ ڳالهه طرف ڪيل آهي.)
بزرگي بعقل است نه به سال	برزگي عقل تي آهي عمر تي ناهي
قدر زر، زر گر بداند	قدرجوهر جوهريءَ: سون جو قدر سوناري کي ۽ موتيءَ جو قدر جوهري کي هوندو آهي.

2.5 خود آزمائشي (2)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) علم ۽ ادب جي صحيح معنيٰ ٻڌايو.

(2) عالمن جي نظر ۾ ادب ۽ ان جي مفهوم ۽ مقصد کي ڇو اهميت ڏني وڃي ٿي؟

(3) تهذيب جو مطلب ڪهڙو ٻڌايو ويو آهي؟

(4) "ذڪر" جي اهمت ڪهڙي بيان ڪئي وئي آهي؟

(5) تاريخ کي ڇو اهميت ڏني وئي آهي؟

(6) معياري علم ادب لاءِ صداقت ڇو ضروري آهي؟

(7) علم ادب کي محفوظ رکڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(8) "شعائر الله" مان ڪهڙي مراد ورتي وئي آهي؟

3. خود آزمائشن جا جواب

خود آزمائي (1)

سوال نمبر (1)

(1) عامي ٻولي

(2) ادب ۽ ساهت

(3) شمشير قلم

(4) نيموصين

(5) قلم

(6) ادب، ساهت، سڃي

سوال نمبر (2)

1. ٻولي اها آهي جو ڪو ڳالهائيندڙ ڳالهائي سگهي ته سندس هم زبان ٻڌندڙ ان جو پورو مطلب پوري طرح سمجهي ۽ ساڳيءَ طرح جواب ڏئي سگهي.
2. عام ٻوليءَ اها آهي جنهن ۾ ننڍو ڳالهائي ته وڏو سمجهي، وڏو ڳالهائي ته ننڍو سمجهي، مرد ڳالهائي ته عورت سمجهي، عورت ڳالهائي ته مرد سمجهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن به ڳالهه جو هر عمر، هر مذهب ۽ هر طبقي ۾ هڪ جيترو ۽ هڪ جهڙو مطلب سمجهڻ ۾ اچي.
3. اها تحرير، جا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.

4. صحيح ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ مقرر ڪيل قاعدن ۽ اصولن کي صرف ۽ نحو چئجي ٿو.

5. تهذيب جي معنيٰ آهي سنوارڻ.

سوال نمبر (3)

1. ادبي زبان جي حرفن ۽ لفظن جا اُچار سُريلا هجن ٿا.

2. ادبي زبان ۾ اصطلاح، استعارا، تشبيهون، ڪنايا، محاورا، مثال ۽ پهاڪا گهڻا ٿين ٿا ۽ ان ۾ فصاحت، بلاغت ۽ سلاست جون خوبيون جام ٿين ٿيون.

3. ادبي زبان ۾ دنيا جي ڪنهن به شيءِ لاءِ لفظ موجود هوندا آهن يا اهڙن لفظن گهڙڻ جي ان ۾ گنجائش موجود هوندي آهي.

4. ادبي زبان ۾ هڪ لفظ لاءِ گهڻيون معنائون هونديون آهن.

5. ادبي زبان ۾ هم قافيه ۽ تڪبنديءَ واري لفظن جي به کوٽ نه هوندي آهي.

خود آزمائي (2)

1. اهڙي تحرير، جيڪا ادب، لطافت طبع، زيب ۽ زينت واري عمل ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن خوبين حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري.
2. عالمن جي آڏو، ان ڪري ادب ۽ ان جي مفهوم ۽ مقصد کي اهميت ڏني وئي آهي جو اهي ادب کي انسانذات بابت سمورن علمن کان مٿيرو ڄاڻن ٿا.
3. تهذيب جو ماخذ "هذب" آهي، هذب جي معنىٰ آهي سڌارڻ يا سنوارڻ. تهذيب اهو عمل آهي جنهن سان فرد کي مسلسل معاشرتي ڪوششن وسيلي سڌاري ۽ سڌاري معاشري جو ڪارگر ۽ ڪارائتو جزو بنايو وڃي ٿو.
4. "ذڪر" کي اهڙي زرخيز زمين سان ڀيٽ ڏني وئي آهي، جنهن ۾ شعر توڙي فڪر جا سلا انگورجن ٿا.
5. تاريخ کي ڪنهن به معاشري ۾ رائج نظرين، جذبن ۽ احساسن کي ڳالهين، ڪهاڻين، نقلن ۽ نظرين وسيلي محفوظ رکڻ جو ذريعو ڄاڻايو ويو آهي.
6. صداقت کي نه رڳو سوانح نگاري، پر شاعري توڙي علم جو به روح ڪوٺيو ويو آهي، پر صداقت کانسواءِ، فن يا ڪنهن به ايجاد جي تخليق ممڪن ناهي ۽ نه ئي علم ادب اُسري سگهي ٿو.
7. هر شخص طرفان پنهنجي علمي، ادبي ۽ تاريخي سرمايي کي ڳولهي، سموهي ۽ سهيڙي معاشري جي پڙهيلن ڳڙهيلن تائين پهچائڻ جون لڳاتار ڪوششون جاري رکڻ سان علم ادب کي محفوظ رکي سگهجي ٿو.
8. تاريخي نشانن کي الله تعالىٰ جون نشانيون ڪوٺيو ويو آهي.

يونٽ نمبر 5

1. شاھ جو شعر ۽ شاعري

2. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

توهان هيءُ پنجون يونٽ پڙهي رهيا آهيو. هن يونٽ ۾ شامل ٻن مضمونن مان هڪڙي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري جو جائزو ورتل آهي ۽ ٻئي مضمون مان پڙهندڙن کي اهڙي نئين سوچ ملي ٿي، جنهن سان اهي خود ئي ڪنهن شاعر جي شاعريءَ جو جائزو وٺي سگهن ٿا. اسان کي يقين آهي ته هن يونٽ جي مطالعي ڪرڻ کانپوءِ اوهان به ان لائق ٿي ويندا جو.

يونٽ جو مقصد

1. عظيم شاعريءَ جي اصولن کان واقف ٿي سگهندا.
2. مقرر ڪيل اصولن جي آڌار تي شاعري جو معيار پرکي سگهندا.
3. وڏن شاعرن بابت ملڪي ۽ غير ملڪي ماهرن جي راين کان آگاهه ٿي سگهندا ۽ شاعرن جو معيار خود به مقرر ڪري سگهندا.
4. سٺي ۽ رواجي شاعري ۾ فرق معلوم ڪري سگهندا.
5. شاهه جي شعري خوبين کان باخبر ٿي سگهندا.

فهرست

	صفحو
1.شاھ جو شعر ۽ شاعري	139
1.1 ليکڪ جو تعارف	139
1.2 مضمون جو خلاصو	140
1.3 مضمون جو متن	141
1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	146
1.5 خود آزمائي نمبر 1	148
2. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر	149
2.1 ليکڪ جو تعارف	149
2.2 مضمون جو خلاصو	149
2.3 مضمون جو متن	150
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	156
2.5 خود آزمائي نمبر 2	158
3. خود آزمائشين جا جواب	159

1. شاهہ جو شعر ۽ شاعري

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون سنڌ جي مشهور عالم ۽ اديب، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي محنت جو ثمر آهي. سندس پورو نالو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي آهي. علمي ۽ ادبي اعتبار کان ادبي تاريخ ۾ سندس مان ۽ مرتبو گهڻو مٿي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت سندس ڪيل تحقيق ۽ تحرير کي هر هنڌ سند طور مڃيو وڃي ٿو. موصوف جي پيدائش جو سال 1884ع ۽ جنم جي جاءِ حيدرآباد سنڌ آهي. پاڻ ابتدائي تعليم به اتي ورتائين.

1905ع ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي. اي پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ممبئيءَ ويو، جتي 1907ع ۾ ولسن ڪاليج مان ايم اي جي سند ورتائين. ان کان پوءِ پي. ايچ. ڊي ڪرڻ لاءِ ولايت ويو ۽ اتان "انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" جي عنوان تي 1928ع ۾ علم جي اها اعليٰ ڊگري حاصل ڪري موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ آخري عمر تائين پنهنجي پڙهڻ واري ڊي. جي ڪاليج ڪراچي ۾ پروفيسر ۽ پرنسپل جي حيثيتن ۾ ڪم ڪندو رهيو. فيبروري 1947ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائين.

سنڌي ادب ۾ "شاهه جو رسالو" ٽن جلدن ۾، "نورجهان" ناول ۽ "لنواريءَ جا لال" سندس علمي فضيلت جي ساک پرين ٿا. هيءُ مضمون، سندس ادبي شاهڪار "مقدمہ لطيفيءَ" تان ورتو ويو آهي.

1.2 مضمون جو خلاصو

شاه جي شعر ۾ اسان کي اهي سموريون خوبيون ۽ خاصيتون ملن ٿيون جيڪي ڪنهن اعليٰ پائي جي شاعري ۾ هجڻ کپن. شاه صاحب جي ڪلام ۾ پنهنجي دور کان اڳ وارن وڏن شاعرن جي پيٽ ۾ نوان به آهي ته سندس دور جي برک شاعرن جي پيٽ ۾ خيالن جي بلنديءَ به بهتر ملي ٿي.

شاه صاحب سنڌي سماج، ثقافت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌين جي مزاج کان به پورو پورو واقف هو، تنهن ڪري پاڻ جتي سنڌي ثقافت جي اعليٰ قدرن کي شاعري ۾ بهتر نموني پيش ڪيو اٿائين، اتي سنڌي سماج جي خوبين ۽ خاصيتن کي به اوليت ڏني اٿس. شاه سائين جتي ٻولي لاءِ ڪم ڪري، ان جي اوڻاين ۽ ڪمزورين کي ڪڍي ڀرپور بڻايو آهي، اتي هن ٻولي جي سهڻي صلاحيتن ۽ لياقتن مان به مڪمل فائدو وٺي پنهنجو پيغام پهچايو آهي. جيئن ته پاڻ سنڌين جي مزاج کان به واقف هو، تنهن ڪري موضوع به اهڙا چيندڙ چونڊيا اٿس، جيڪي عوامي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو شاه جو شعر هر ننڍي خواه وڏي، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، عورت توڙي مرد لاءِ يڪسان ڪشش رکي ٿو. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي.

1.3 مضمون جو متن

سنڌ ڏيهہ ۾ شاعرن جي ڪمي ڪانهي. گهڻن ئي درجن جا شاعر ٿي گذريا آهن ۽ اڃا تائين بہ پيا پيدا ٿيندا. جيستائين حسن ۽ حق، عشق ۽ خوبي دنيا ۾ موجود آهن، تيستائين شعر جو ميدان پڻ گرم رهندو. پر شعر ڪي بہ لاها چاڙها آهن، بعضي سندس زمين آباد آهي، بعضي غير آباد. جڏهن انساني سياءُ روحاني شين کان وڌيڪ جسماني شين ڏي مائل ٿيندو آهي، تڏهن شعر جي بازار بہ البت بي رونق ٿي ويندي آهي، پر وري نوان نوان رنگ روپ ڌاري، وڃي پنهنجي اصلوڪي اوج تي رسندو آهي. شعر نيڪ نيتن، پاڪ خيالن ۽ عشق جي اُمنگن جو ترجمان آهي. ڪير جاڻي؟ تہ ڪَرَ هان پڻ، ڪو وڏو شاعر فطرت جي ڪک ۾ سمايل هجي، جنهن جي اَچي ٿيڻ جو اڃا وقت نہ آيو آهي.

سچل ۽ ساميءَ، بيدل ۽ بيڪس، يوسف ۽ صادق جا نالا هر ڪنهن سُڻا هوندا. هر هڪ جي ڪلام ۾ پنهنجي پنهنجي خوبي ۽ لذت آهي. ڪن پڙهندڙن کي هڪڙي مان مزو ايندو، تہ ڪن کي ٻئي مان. شاهہ عبداللطيف جهڙو هر وجہ ڪامل ۽ هر دلعزيز شاعر، سنڌ ۾ اڃا ٻيو ڪو نہ پيدا ٿيو. اهڙو ڪو سنڌي خواندو مشڪل ليکندو، جنهن کي سندس ڪلام جي سڪ نہ هوندي ۽ اهڙو ڪو هنڌ خالي نہ هوندو جتي سندس شعر جو پڙاڏو ڪن نہ پوندو. سندس شاعرائيءَ "ڪستوريءَ جي خوشبو سڀ ولات واسي ڇڏي آهي." شاهہ ئي آهي جنهن ۾ هڪ وڏي شاعر جون ڪلي لياقتون موجود آهن. سندس خيالي قوت جو هڪ وڏو پرياڻ هيءُ آهي تہ جيئن جيئن سندس شعر تي اونهون غور ڪنداسين تيئن تيئن اسان ۾ نئين نئين حيرت اُٿين ٿيندي. ٻين شاعرن جي خيالي قوت پڻ چڱي آهي، پر شاهہ جي دز کي بہ نہ رسي سگهندا. شاهہ جو ڪلام، خواهہ خلوت ۾ پڙهيو وڃي، خواهہ محفل ۾، خواهہ ڪنهن مثال يا ٽيڪا طور ڪتب آڻبو تہ نيون نيون خوبيون اسان جي اچرج جو ڪارڻ ٿينديون ۽ سندس طبع جي فراوانيءَ جون شاهديون ڏينديون ۽ وري وري پڙهڻ سان سندس شعر ۾ ضرور اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي

اڪ ڪان گُسي ويٺي هوندي، اهڙو ڪو ورلي لڀندو، جنهن کي شاهه جي مهراڻ مان معنيٰ جا موتي هٿ نه آيا هجن، يا جو سياڻپ ۽ ساڃاهه جي سبق پرائڻ کان محروم رهيو هجي.

"جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي."

ڪنهن به شاعر جي بزرگي اوتري قدر قبول ڪئي ويندي، جيتري قدر منجهس جمال جي مشاهدي ماڻڻ جي قابليت آهي ۽ جيتري قدر ان مشاهدي جي ڪري سندس جيءَ ۾ جذبا ۽ اُمنگ اُٿن ٿا. جمال جا پڻ ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ طبيعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني، پر درحقيقت سڀني جو مول هڪ ئي آهي ۽ جنهن جنهن ويس ۾ پاڻ کي پڌرو ڪري ٿو تنهن تنهن ويس جي پسڻ سان نينهن کي نوان نوان نيش اڃن ٿا. دنيا ۾ ادنيٰ ۾ ادنيٰ انسان به حسن تي حيران آهي ۽ ڏانهس رغبت اڪثر رکي ٿو پر اها رغبت اڪثر منجهس پنهنجي ڪامنا پوري ڪرڻ جي اڃا اُتپن ڪري ٿي، پر نه اها اِڃا ڪيترو اُٿلڪي هجي. اهڙو ماڻهو صرف مشاهدي سان گهڻي تائين ريجهه رهاڻ ڪرڻ جي قابل نه آهي، سنت ٿي پنهنجي ڪامنا سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جو ئي سندس اصلي ۽ آخرين مقصد آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو قدرتي توڙي صنعتي حسن جي نظاري مان سگهو ئي ڪڪ ٿيو پوي. پر شاعر جي حالت ۾ ڀهريون ئي ڀهريون اثر جو حُسن جي مشاهدي ڪري مٿس پيدا ٿئي ٿو، سو آهي سندس "وجود جو ورق" ڌوئي صاف ڪرڻ. سندس ساري هستي سونهن واري شيءِ جي مشاهدي سان پرجي ٿمتار ٿيو پوي، پوءِ اها شيءِ خواهه ڪو قدرتي نظارو هجي، جهڙوڪ چمن جو ڇهڇٽو، درياهه جي لس ليٽ، چنڊ جي چٽائي، تارن جي جهرمر، ڪڪرن جي ڪارونڀار وغيره، خواهه انساني حُسن جو جلوو هجي، جهڙوڪ سپرينءَ جي سونهن، پاڻ کي محو ڪيو ڇڏي ۽ پنهنجي شخصيت کي وساري خودخوشيءَ جي آرسي بڻيو پوي. اهڙي وقت ۽ اهڙي حالت ۾ پروڙيل حقيقت نس پس اها شيءِ نه آهي، پر خود "سونهن جو سُر جنهن مان اها شيءِ ڦٽي نڪتي، آهي. پروڙيندڙ ۽ پروڙيل شيءِ ٻيئي پنهنجو پاڻ وڃايو لئي ٿيو وڃن. يوسف نالي شاعر اها حالت هن ريت نروار ڪئي آهي.

"محبوب ڪي صورت مين گم هوڪي ويک نظارا، آپ سارا."

شاعر ڪي نہ فقط اهڙو نڪشام يا لاطمع مشاهدو نصيب ٿئي ٿو، پر ان جي اظهار ڪرڻ لا پڻ سندس دل ۾ هڪ زبردست جنبش جاري ٿئي ٿي ۽ سيمابي صورتن جي مشاهدي بعد سندس خيال اڳيان تري رهيا آهن تن کي هڪ محڪم ۽ سهڻي شڪل ڏيڻي ٻين انسانن جي دلين ۾ پڻ اهڙن جذبن اثارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جهڙا مشاهدي وقت سندس دل ۾ اُٿيا ٿيا آهن. هو هاڻ پاڻ کي گويا هڪ پيغمبر يا داعي ڪري سمجهي ٿو. حق ۽ حسن جو هوڪو ڏئي ٿو ۽ انسان ذات جي انتيءَ ۽ آسائش جو ڪارڻ بنجي ٿو ۽ ماڻهو پڻ اهڙي اعلىٰ انسان وٽان حياتيءَ جي سچي مقصد جو سبق پلئ‍ءِ پت پرائي سگهن ٿا. سندس پيغام هڪ قسم جو الهام آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو.

"شاعري جزويست از پيغمبري"

شاعريءَ ۾ فقط حُسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پرورڻ جي قابليت هئڻ گهرجي، پر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت جي وسيلي پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اشرائتن لفظن ۾ اهڙي سليس پر رنگين عبارت ۾ اهڙن نون ويسن، ورنن ۾ ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڇڪجيو وڃن ۽ اها نقش ڪيل تصوير سندس اکين اڳيان پيئي ڦري. ازنسواءِ وزن ۽ قافيي جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لطيف ۽ لذيز ٿئي ٿو، پر ڪلام اهڙو هئڻ گهرجي. جو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شاعر ۾ هئڻ پڻ واجب آهي، جن جي دوران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شعر جي آخرين منزل آهي. اهي خاصيتون آهن. فصاحت. بُلاغت. سلاست. جدت ۽ جوش.

فصيح ڪلام اهو آهي جنهن ۾ هر هڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪا بہ تڪليف يا ٺهڪ نہ ٿئي. اهو نمونو نہ فقط ڪڏهن ڪڏهن. مگر

هميشہ شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نہ تہ سندس ڪلام کي فصيح نہ چئبو. بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ طرح طرح جا پور ۽ جذبا اٿن ٿا ڪڏهن غم ۽ غصو، ڪڏهن ڪل ۽ خوشي، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهن عشق ۽ محبت، ڪڏهن بيتابي ۽ بيقراري وغيره وغيره. شاعر کي اهي سڀئي حالتون اهڙي صفائي، چٽائي ۽ درستيءَ سان مختصر، مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي ڏيان کپي وڃي ۽ سندس سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون.

سلاست جي معنیٰ آهي تہ ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن جيڪي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا. استعارا، تشبيهون ۽ ٻيون ڪلامي صفتون اهڙيون ساديون ۽ سوليون هجن جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سڀ ڪان سهڻو شعر انهيءَ کي چئبو. جو جڏهن ڪو ماڻهو ان کي پڙهي يا ٻڌي تڏهن ازخود ائين چوي تہ "سچ آهي" ۽ ان جي سلاست ۽ سادگي ڏسي، دل ۾ اچيس ٿو تہ اهڙو ڪلام "آءُ پڻ چئي سگهان". مگر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪري تہ وايون ٻتال ٿي وڃنس.

جدت جي هيءُ مراد آهي تہ شاعر کي گهرجي تہ مضمون اهڙا عليحده عليحده اختيار ڪري جن تي ٻين شاعرن پنهنجي طبع آزمائي نہ ڪئي هجي يا جيڪڏهن ڪئي هجين تہ انهن کي اهڙيءَ طرز ۽ نموني ۾ ادا ڪري، جو ائين معلوم نہ ٿئي تہ ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. اڙان سواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون طريقن سان بيان ڪري ۽ هڪڙي خيال کان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي جو پڙهندڙن جو ڌيان ٽٽي نہ وڃي ۽ پڻ سندس لفظن ۽ جملن ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هجي جو ڀانئجي تہ اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اُڌما ڏيئي نڪتا آهن.

شاه عبداللطيف ۾ مٿيون جاٺايل لياقتون هر طرح موجود هيون. رواجي شاعرن جي ڪلام تي غور ڪبو تہ ڏسبو تہ ٻــو ٿي ٻــو آهي، يا تہ مضمون ساڳيو ئي ساڳيو اٿن يا تہ طرز ساڳي ئي ساڳي يا تہ رڳو حسن جون هاڪون ۽ عشق جون صدائون آهن يا رڳو تصوف ۽

ويدانت جا مٿا مڙهيل آهن يا تہ فقط ويدانت جي واڪان آهي يا تہ روڳو ڀڳتي مارگ جي پلٽ آهي. اهو حاصل نہ فقط سنڌي شاعرن جو آهي پر اڪثر ڪري ڏکڻ ايشيا جي ٻين ٻاڳن جي شاعرن جو پڻ. پر شاهہ عبداللطيف جو شعر طرحين طرحين قسمن جو آهي ۽ نهايت رنگين ۽ گونا گون آهي. هو هر قسم جي شاعرن جو اُستاد هو. سنڌ ڇڏيو ڏکڻ ايشيا ۾ بہ سندس مٽ ڳولڻ مشڪل آهي. سندس نالو دنيا جي نامر ڪٿين شاعرن جي دفتر ۾ داخل ٿيڻ جي هر وجہ لائق آهي. شاهہ جي شاعرائي ذات اهڙي اعلىٰ درجي جي هئي جو شاعري جو ڪو بہ فن نہ آهي، جنهن ۾ سندس دماغ درياءَ جي لهرن وانگر چوليون نہ ماريون آهن. هر طرح جا مضمون سندس خيالي خزاني ۾ ميسر آهن ۽ هر قسم جون خوبيون سندس عبارت ۾ موجود. مختلف موقعن لاءِ سندس عبارت مختلف آهي. هر طرح کان سندس ذات باڪمال هئي. جيڪڏهن صرف شاعر ڪري ليکبس تہ شاعرن جو شاهہ هو. جيڪڏهن صوفين جي صف ۾ شمار ڪبس تہ فاني في الله هو ۽ جيڪڏهن عاشقن جي قطار ۾ ڳڻبس تہ عاشقن جو تاج هو. سندس ڪماليت جو دامن نهايت وسيع آهي.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

پريان	پارُ، نشان، علامت
اُتپن	جاڳڻ، پيدا ٿيڻ
خِلوت	اڪيلائي
اچرج	حيرت
ڪارن	وجهه، سبب
فراواني	گهڻائي
ورلي	ڳولهيو
جلوو	ڏيکائي، تجلي
لبيس	لباس، گفتگوءِ جو انداز
نس پس	هوبهو
صنعت	ڪاريگري، ڪارخانو
ورن	نموني، قسم
سحر	جادو
مائيدار	ڀرپور
سلاست	سادگي
فهم	ڄاڻ، عقل
فاني	فنا ٿيندڙ
فاني في الله	الله ۾ گم ٿيل
شاعري جزويست از پيغمبري	شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي
استفادو ڪرڻ	فائدو حاصل ڪرڻ، لاڀ حاصل ڪرڻ

مٽ	برابر، ثاني
واکاڻ	ساراهه، تعريف
بسوڻي بسر	خالي خالي
صداڻون	بلند آواز
جيءُ	اندر، روح
مول	مقصد
ويس	روپ، لباس

1.5 خود آزمائشي (1)

سوال نمبر (1)

شاھ جي شعر جون چند اھم خوبيون ٻڌايو.

سوال نمبر (2)

ھيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) فصاحت ڇا آھي؟

(2) شعري صنعت ڇا کي چئبو آھي؟

(3) جدت مان ڪھڙي مراد ورتي وئي آھي؟

(4) بلاغت ڪنھن کي ڪوٺيو ويو آھي؟

(5) سلاست جي معنىٰ ڇا آھي؟

سوال نمبر (3)

عالمي مفڪرن جي راين کي ڪسوٽي بنائي، شاھ جي شعر جو معيار مقرر ڪيو.

2. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر

2.1 ليڪڪ جو تعارف

هيءُ مضمون مرحوم علامه آءِ. آءِ قاضي جن جو لکيل آهي. اصل ۾ هيءُ مضمون، ليکڪ جي انگريزيءَ ۾ شاه جي رسالي جي لکيل شرح جو سنڌي ترجمو آهي، ليکڪ جو تعارف اڳ ۾ اچي ويو آهي.

2.2 مضمون جو خلاصو

هر قوم کي ٻيءَ قوم جي ڀيٽ ۾ پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ ۾ هر هنڌ ۽ هر وقت خوبيون ۽ گڻ نظر ايندا آهن. جن جي آڌار تي اها مٿن ناز ڪندي رهي ٿي. اها انهيءَ ادا ۾ ڪافي حد تائين درست به آهي، ڇاڪاڻ ته ٻولي ثقافت مان وسعت تڏهن جڏهن ادب تخليق ڪرڻ لائق ٿيندي آهي، تڏهن پنهنجي سوچ، فڪر، احساس ۽ جذبي جي اظهار لاءِ ان جا اديب ۽ شاعر ادب اُپائڻ لڳندا آهن. بامقصد ادب اپائيندڙ ۽ اعليٰ آدرشن واري شاعري تخليق ڪندڙن لاءِ پنهنجي قوم وٽ وڏي عزت ۽ احترام ملندو آهي.

ان قوم کي پنهنجن اهڙن شاعرن ۽ اديبن تي ناز ڪرڻ ته سونهين ٿو. پر انهن کي ٻيون ٻوليون ٻوليندڙن ۽ انهن ٻولين جي شاعري ۽ اديبن جي ڀيٽ ۾ مٿاهون ڪري پيش ڪرڻ تيستائين نٿو جڳائي، جيستائين ڪا ڪسوٽي ڪني انهيءَ تي ڪين پرکي ۽ سندن تخليق کي پروڙي سگهجي.

ڪي قومون پنهنجي شاعرن جي گهڻي ڪلام کي سندس وڏائي طور پيش ڪنديون آهن. پنهنجي طرفان ڪنهن کي وڏو مڃڻ ٻي ڳالهه آهي، پر وڏو اهو آهي جنهن ٻي ٻيا وڏ مڃين. هن مضمون ۾ دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي ته وڏو شاعر اهو آهي، جنهن جي شاعري ۾ پيش ڪيل مواد ڪو مقصد پيش ڪري. اصلاح ۽ سڌاري جو سڏ ڏئي، هر مصرع

ترنم واري ۽ سمورو ڪلام ڳائڻ جهڙو هجي. سندس شاعري اهڙي ته مڪمل ۽ پختي هجي جو ان ۾ لفظ جي تبديلي جي به گنجائش نه هجي.

اهڙيءَ طرح مضمون نگار هڪ ڪسوٽي پيش ڪئي آهي، جنهن تي هر ڪو پڙهندڙ ڪنهن شاعر جو معيار مقرر ڪري سگهي ٿو.

2.3 مضمون جو متن

اسان جو موجوده دور "بين الاقواميت" تي نازان آهي، حالانڪ انهيءَ نظريي جو بنياد ديني خواه قانوني طور اڄ کان تقريباً چوڏهن سئو سال اڳي رکيو ويو. پر انهيءَ هوندي به سين مسلمان اڄ به دل و جان سان پڪا قوم پرست آهيون. عجب ته اهو آهي جو خود قرآن جي دين کي "قومي نظريي" ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو هر معاملي ۾ "ٻانهنجو" ۽ "تنهنجو" خيال ڪارفرما آهي ۽ انهي ڪري هر ڪوئي "پنهنجن" شاعرن تي فخر ڪري ٿو. اهڙي خيال ۾ ڪو به هرج ڪونهي. بشرطيڪ ڪو صاحب محض "پنهنجي" کي چمڪائڻ خاطر ٻئي جي گهٽتائي نه ڪري. درحقيقت، صحيح ذوق حسن مقصود آهي ۽ انهيءَ ڪري ٿي حسن کي انهي لاءِ نٿو ساراهيو وڃي جو هو حسن آهي. پر محض انهيءَ لاءِ ته اهو "منهنجو" آهي. لهذا شاه عبداللطيف رحه متعلق ڪنهن به راءِ قائم ڪرڻ لاءِ اسان ڪيس انهي ڪسوٽي تي پيٽڻ ٿا گهرون جا اسان جي پنهنجي دل چاهي ٿي. پر ان لاءِ اسان اهي تنقيدي معيار مدنظر رکنداسون، جي اجوڪي ادبي دنيا ۾ مسلم ۽ مروج آهن.

پهريون معيار: اٽڪل هڪ سئو سال اڳ ڪارلائيل (Carlyle) پاڻ نظم کي جڏي نثر اختيار ڪيو ۽ چيائين ڪڪڪڪ آهي ... انجيل ۽ قرآن به نثر ۾ آهن ته منهنجي لاءِ به اهو ڪافي آهي. نظم ۾ ڪيمن جي اسان جي خاطر ڪو هيئن به چيائين ته جيڪڏهن اوهان

جو نظم ، ڳائڻ جي لائق نہ آهي تہ ان کي شعر هرگز نٿو چئي سگهجي ۽ ان جو لکڻ ئي فضول آهي.

هاڻي اچو تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکيون. ڇو ءِ ڪٿي اهو شيڪسپيئر (Shakespeare) هجي يا ملٽن (Milton) ، گوئٽي (Goethe) هجي يا دانتي (Dante) ، ويندي واشيٽمين (Whitman) تائين. ڏسون تہ اهو انهيءَ معيار تي پورو اچي ٿو؟

پر انهي فيصلي کان اڳ اچو تہ انهي مطابق جيڪي ڪجهہ پائمرادو طيءِ ٿي چڪو آهي، انهيءَ تي غور ڪريون. سوال آهي تہ آيا سندس شعر جي هر هڪ مصرع خود سندس ملڪ ۾ هن کان اڳ ڳائجي چڪي آهي يا نہ؟ هن سلسلي ۾ هن سوال کي تہ آيا سندس ڪلام هن وقت بہ ڳائڻ جي لائق آهن يا نہ. پل ڪٿي درڪنار هجي. انهيءَ باري ۾ موجوده نئين روشني جو صاحب مبادا مرڪي چوي تہ "پر، سندس سمورو ڪلام ڪو Lyrical تہ آهي. پر اهڙن بين عنوانن تي مشتمل آهي جن جو ڳائڻ لازمي نہ آهي" هاڻو پر اهو دليل ڪارلائيل جي نظريي جي عين مطابق نہ آهي.

لطيف پنهنجن بيتن کي ڪڏهن بہ "ڪارنامو" (Works) ڪري نہ ڄاتو. ڇاڪاڻ تہ سندس واسطي انهيءَ جي چوڻ ۾ ڪنهن بہ خاص قسم جي "ڪوشش" جي ضرورت ئي ڪا نہ هئي. هن اهي بيت هڪ اهڙيءَ وجداني ڪيفيت ۾ چيا جنهن ۾ "ڪوشش" جي گنجائش ئي ڪانہ هئي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي شعر ۾ "نياپو" ڪري سڏيو ۽ سندس شعر جي هر هڪ مصرع، بنا ڪنهن خاص تنقيد جي ڳائجي رهي آهي. جن ماڻهن سندس ڪلام کي سمجهيو آهي. خواه اهي ماڻهو جن ان کي ذري جيترو بہ ڪين سمجهيو آهي سڀني سندس بيتن کي الاپين پيا. بهرحال، سندس شعر ڳائجي پيو ۽ ماڻهن کي ان جي ڳائڻ کان ڪير بہ موڙي نہ سگهي. هيءَ حقيقت ڪارلائيل جي نظريي

مڪمل تائيد ڪري ٿي تہ بيشڪ شعر اهو آهي جنهن کي هر هڪ ماڻهو پڙهڻ جي بدران ڳائڻ چاهي ٿو.

جيئن اسان راڳ کي "آوازن جي تنظيم" سمجهون ٿا. تيئن هڪ عرب مصنف شعر کي "لفظن ۾ سمايل راڳ" ڪري ڄاڻايو آهي يعني تہ هو انهيءَ نظريي کي ترجيح ڏئي ٿو تہ هر مصرع ۾ ترنم جي خصوصيت جو هجڻ شعر جو هڪ لازمي جز آهي. بس! دنيا جي سڀني وڏن شاعرن جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ اها پهرين ڪسوٽي آهي. ڪو بہ صاحب ان کي انهي ڪ... وٽي تي پيٽي پنهنجو نتيجو ڪڍي سگهي ٿو.

ممڪن آهي تہ ڪو صاحب مختلف شاعرن جي ڪلام جي ضخامت جي حجت اٿاري. پر انهيءَ ڏس ۾ بہ لطيف جي ڪلام جو ذخيرو دنيا جي اڪثر وڏن شاعرن جي ڪلام جي ذخيري جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪجهہ آهي. سندس رسالي ۾ ڪم و بيش 36 مختلف عنوان ۽ انهن مان هر هڪ جا ڪيئي مختلف داستان آهن. انهيءَ لحاظ سان بہ سواءِ شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي ٻين ڪن ٿورن شاعرن جي ڪلام جو ذخيرو سندس ڀيٽ ۾ اچي سگهندو.

ٻيو معيار: ٻيو معيار، جو موجوده دور جا وڏا نقاد شعر کي پرکڻ لاءِ تسليم ڪن ٿا سو هيءُ آهي تہ آيا شعر جي ڪلام جي ڪنهن بہ مصرع ۾ ڪو بہ اهڙو لفظ بدلائي سگهجي ٿو جا. جو انهيءَ تبديلي سان مصرع کي زياده موثر يا فصيح بنائي سگهي يا ان ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪري سگهي؟

هڪ دفعي جڏهن بن جانسن (Ben Jonson) کان پڇيو ويو تہ هو پنهنجي نظم جي ڏهن ڪان بہ زياده دفعا تصحيح ڪري ٿو. حالانڪ شيڪسپيئر ڪڏهن بہ پنهنجي شعر جي دوبارہ اصلاح ڪا نہ ڪئي. تڏهن جواب ڏنائين تہ سندس خيال موجب بهتر ٿئي ها. جيڪڏهن شيڪسپيئر ويهہ دفعا پنهنجي شعر جي اصلاح ڪري ها. پر انهيءَ هوندي بہ زمانو شاهد آهي تہ سندس اهو نظم، جنهن جي ڏهہ دفعا تصحيح ڪئي وئي آهي. ان ۾ اجا

بہ اصلاح جي گنجائش باقي آهي. پر شيڪسپيئر جون في البديهہ چيل مصراعون اصلاح کان بالاتر آهن ۽ انهن مان گهڻن ۾ ڪنهن بہ هڪ لفظ جي ڦير گهير سڄي مصرع جي ترنم کي تباهہ ڪري ڇڏيندي. بهرحال اهڙي تبديلي سڌاري جي بدلي نقصانڪار ثابت ٿيندي.

حقيقت ۾ ڪنهن ورلي شاعر جو ڪلام هن معيار تي پورو بيهي سگهندو. پر لطيف جي ڪلام ۾ تہ فقط هڪ لفظ جي تبديلي بہ سڄي لئي جي ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي، بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بنائي ڇڏي ٿي. بس! امڪان نہ آهي جو ڪنهن بہ مصرع ۾ رڳو هڪ لفظ بہ هٽائي يا مٽائي سگهجي. سندس سڄو ڪلام انهيءَ نفيس توازن ۽ نزاڪت جو حامل آهي. نہ فقط هر هڪ مصرع پر هر هڪ لفظ ۽ ان جي بيهڪ کي هڪ خاص اهميت آهي ۽ ان جو بدلائڻ محال آهي. دنيا جو ڪو بہ شاعر سندس ڪلام جي سڄي ذخيري جي نقطہ نگاهہ کان هن پرک ۾ پورو بيهي نہ سگهندو. ٻين شاعرن کي تہ ڇڏيو پر خود شيڪسپيئر جي بہ ڪيترن ئي مصراعن کي ترميم بعد بهتر سمجهيو ويو آهي. موجوده يورپي نقادن ڪنهن بہ شاعر کي پرکڻ واسطي اهو بہ معيار مقرر ڪيو آهي.

ٽيون معيار: اهي مٿيان ٻہ معيار ڪنهن بہ شاعر جي دنيا جي شاعرن جي قطار ۾ درجي مقرر ڪرڻ واسطي ڪافي آهن . پر اجا بہ ٽيون هڪ آخرين نهايت اهم ۽ ناگزير معيار آهي، جو ازروءِ جامع تنقيد، قطعي طور ڪنهن بہ شاعر جي درجي قائم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي. اهو معيار آهي زبان جو استعمال جنهن جي ذريعي شاعر پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو.

چيو وڃي ٿو تہ ملٽن پنهنجي جملي ڪلام ۾ انگريزي زبان جا اٺ هزار لفظ ۽ شيڪسپيئر سورهن هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. لفظن جي صحيح استعمال کي درڪنار ڪندي بہ خيالات جي وسعت کي تورڻ تکڻ جو هيءُ فقط هڪ طريقو آهي. درحقيقت زبان واري معياري پرک جو اهو (الفاظ جو ڳاڻيٽو) ڪو موزون ترين طريقو نہ آهي. سوال آهي تہ سورهين صديءَ واري انگريزي زبان اندر، خيالات جي اظهار جي وسعت جيڪا شيڪسپيئر

پيدا ڪئي. انهيءَ ڪان وڌيڪ وسعت پيدا ڪرڻ جو بہ ڪو امڪان هو ڇا؟ بين لفظن ۾ معيار آهي زبان ۾ وڌ کان وڌ خيالات جي اظهار لاءِ وسعت پيدا ڪرڻ. سواءِ شيڪسپيئر جي ٻئي ڪنهن شخص جي نہ وهم گمان ۾. نڪي امڪان ۾ ٿي هو تہ هو ايلزبيٿ جي دور واري انگريزي ٻولي ۾ اهي خيالات اظهار ڪري، جي شيڪسپيئر ڪيا. ڊانٽي ۽ گوئٽي جي حالت ۾ بہ اهو چوڻ صحيح ٿيندو پر سواءِ شيڪسپيئر جي ٻوليءَ جي وسعت پيدا ڪرڻ واري جنهن منزل کي هو پهتا، سا نسبتاً گهٽو گهٽ هئي. بمقابلہ انهي ارڙهين صدي واري سنڌي زبان جي جنهن کي لطيف نباهيو. وڌايو ۽ ويجهايو. ڪنهن جي وهم گمان ۾ ٿي نٿو اچي تہ لطيف واري زبان ڪا انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر ڳالهائي ويندي هئي! سنڌي، جا وڌ ۾ وڌ تہ بہ هڪ صوبائي محاوري جي منزل تي هئي، سا شاهہ صاحب جي هٿن ۾ هڪ نهايت گرانمايہ ۽ وسيع ترين ٻولي بنجي پئي، ايتري جو اسين نہ سچائي ٿا سگهون ۽ نڪي سمجهي ٿا سگهون تہ زبان ڪا اها ساڳي سادي صوبائي ٻولي آهي. لهذا انهيءَ ناگزير معيار مطابق پڻ جو يورپ جي وڏن نقادن آخرين تصور ڪيو آهي، ڪاميابي جو سهرو لطيف جي سر تي ٿي آهي.

اهي ٽي معيار، جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن سي اسان جا نہ. پر دنيا جي نهايت ترقي يافتہ قومن جا تجويز ڪيل آهن ۽ انهن جي ذريعي اهو آساني سان معلوم ٿي سگهندو تہ سواءِ لطيف جي دنيا جو ڪو بہ شاعر انهن تي هر پهلوءَ کان پورو نٿو اچي سگهي.

هت اسان تصوف جي گهرائي، تخيل جي پرواز، شاعرانہ فهم نظر ۽ فطري نغمہ سرائيءَ وارن نڪتن جو بيان ئي نٿا ڪريون اهو هڪ جدا گانہ باب آهي. اسان هت انهي مسئلي کي بہ ڇڏي ڏيون ٿا تہ شاهہ جو شعر ڪيتريقدر انساني زندگي جي هر پهلوءَ کي روشن ڪري ٿو ۽ نڪي وري اسان انهيءَ پنهنجي عام مروج مسئلي کي ئي ڇيڙيون ٿا تہ شاهہ جو شعر ڪيتريقدر قرآن کان متاثر آهي ۽ ڪيتريقدر ان جو تفسير. نڪي وري اسان جو

مقصد آهي تہ ڪو شاهہ جي بيت روميءَ سان ڪريون جنهن جي "مثنوي" متعلق چيو ويو آهي تہ:

"هست قرآن در زبانِ پهلوي"

اهي جملي نُڪتا اسان جي محققن جي ... جي لائق ... تي ... جا ڪتاب لکجي سگهجن ٿا. انهن جي اپنا ... هي موقعو آهي ... سهل ... ڪري اسان انهن ٽن معيارن تي اڪتفا ڪريون ٿا، جي مٿي بيان ٿي چڪا ... تہ دنيا ڀان ڏسي بشرطيڪ ان ڪي اهي اکيون آهن جن تي تنگ "قومي" جذبات جو پردو چڙهيل ناهي!

2.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ

نازان	فخر ڪرڻ
حرج	نقصان، ڇيهو
مفقود	غائب
مسلم	پڪو، پختو
درڪنار	پري
مبادا	متان
مشتمل	ٻڌل
وجداني	وجد ۾ آڻڻ واري ڪيفيت
ترجيح	مٿيرو، اهميت
ضخامت	گهاٽائي، ٿولهه، ڪشادگي
تصحيح	درستي، سڌارو
في البديهه	بغير ڪنهن ڪوشش جي چيل شعر
بالاتر	مٿاهون
نقاد	تنقيد ڪندڙ
گرنمايه	تمام قيمتي، املهه
ناگزير	اٽل
سهرو	موڙ، ڪلنگي
محقق	کوجنا ڪندڙ

ايثار	تفصيل
اڪتفا	ڪافي ڄاڻ
آيا	ڇا
بامرادو	پنهنجو پاڻ
مروج ڪامل	سڀني پارن مڪمل، پورو

2.5 خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

ڪنهن شاعر جي حيثيت ۽ معيار مڃرائڻ لاءِ عالمن جي مقرر ڪيل ڪسوٽي جا ڪجھ اهم نڪتا بيان ڪريو؟

سوال نمبر (2)

علامہ آءِ آءِ قاضي شاهه لطيف جي ڪلام ۾ هڪ لفظ جي تبديلي جي حوالي سان ڇا لکيو آهي؟

سوال نمبر (3)

هيٺ ڏنل جملن ڪي خالي جاين سان ڀريو:

(1) اڄو ۔ ۔ما جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي .... تي پرکيون.

(2) جيئن اسان راڳ کي .... سمجهون ٿا، تيئن هڪ عرب مصنف شعر کي ....ڪري ڄاڻايو آهي.

(3) ڇيو وڃي ٿو تہ ملٽن پنهنجي ڪلام ۾ انگريزي زبان جا .... لفظ ۽ شيڪسپيئر .... لفظ استعمال ڪيا آهن.

(4) اهي ٿي معيار جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن سي اسان جا نہ پر دنيا جي نهايت .. ..ڪيل آهن.

3. خود آزمائشن جا جواب

خود آزمائي (1)

سوال نمبر (1)

1. جيئن جيئن شاهه جو شعر پڙهندو رهجي ٿو تيئن تيئن ان ۾ نوان نوان نڪتا ۽ نيون نيون خوبيون نظر اچن ٿيون.
2. شاهه جي شعر کي وري وري پڙهڻ سان نيون معنائون ملن ٿيون ۽ پڙهندڙ کي بيزاري نٿي ٿئي.
3. شاهه وٽ حسن جي پرک جو معيار انوکو آهي. هر شيءِ ۽ ان جي عمل مان اهڙيون لڪل لياقتون ۽ خوبيون ڳولهيو لهي، جن تائين هر هڪ جي نگاهه نٿي پهچي.
4. شاهه وٽ طبعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني جمال جي مشاهدي جا اڻ ڳڻيا مان پريل آهن، جتان هر شعر ۽ هر موضوع لاءِ نوان نظارا نروار ٿين ٿا.
5. شاهه شعر جي صنعتگريءَ جو وڏو ڄاڻو آهي.
6. شاهه صاحب فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ نواڻ وارين خوبين کان بہ باخبر آهي.

سوال نمبر (2)

1. اهڙو ڪلام جنهن جو هر لفظ اچارڻ ۾ آسان هجي.
2. اهڙي انداز جي شاعري، جنهن ۾ شاعر پنهنجن خيالن، جذبن ۽ مشاهدي کي اثرائتي ۽ عمدي نموني پيش ڪيو هجي.

3. شاعري ۾ اهڙا نوان خيال شامل هجن جن تي ٻين شاعرن اڳ ۾ شاعري نہ ڪئي هجي.
4. جيڪا شاعري وقت ۽ حالتن مطابق هجي.
5. اهڙين تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ڪجي جيڪي عام رواجي زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ هجن ۽ انهن جي معنيٰ اڪثريت کي ايندڙ هجي.

سوال نمبر (5)

خود حل ڪرڻو آهي

خود آزمائي نمبر ٻہ جا جواب

سوال نمبر (1)

ڪنهن شاعر کي ممتاز مڃڻ لاءِ عالمن جيڪا ڪسوٽي قائم ڪئي آهي تنهن جا اهم نڪتا هي آهن:

1. شاعر جي سموري شاعري پڙهڻ جي بجاءِ ڳائڻ جي لائق هجي.
2. شاعري جي هر مصرع ۾ ترنم هجي.
3. شاعري ويهي رديف قافيا ملائي ڪيل نہ هجي پر اها وجداني ڪيفيت ۾ ڪيل هجي.
4. شاعري بامقصد هجي ۽ ان ۾ پيغام ڏنل هجي.
5. جنهن ٻولي جي شاعري هجي تنهن جي ڳالهائيندڙن جي اڪثريت ان شاعري جي مفهوم کان واقف هجي.

6. شاعر جو ڪلام شعر يا ڪنهن به مصرع ۾ ڪنهن به لفظ تبديل ڪرڻ سان شعر يا مصرع کي وڌيڪ مؤثر بنائڻ يا ان ۾ اڃا به ترنم پيدا ڪرڻ جي گنجائش نه هجي.

7. لفظن جي جڙاوت اهڙي هجي جو نه رڳو انهن ۾ ترنم هجي، پر اهي معنائن جي موتين سان ڀريل ۽ مؤثر مفهوم ڏيندڙ هجن ۽ اهي عام فهم به هجن.

8. خيالن ۾ نواڻ هجي.

9. شاعري اهڙي هجي جو ان کي ڪيترا ڀيرا به پڙهجي ته هر ڀيري ان مان معنيٰ جا اهڃا نوان نڪتا ملن جو پڙهندڙ ڪڪ ٿيڻ بدران چاهه سان پڙهي پسند ڪري.

10. شعري صنعتگري اهڙي هجي جو ان ۾ سمايل معنيٰ کان سڄو معاشرو يڪسان واقف هجي.

سوال نمبر (2)

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ هڪ لفظ جي تبديلي سڄي لئي جي ترنم کي بگاڙي ڇڏي ٿي، بلڪ ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ناقابل برداشت بنائي ڇڏي ٿي. بس امڪان نه آهي جو ڪنهن به مصرع ۾ رڳو هڪ لفظ به هٽائي يا مٽائي سگهجي. سندس سڄو ڪلام انهي نفيس توزان ۽ نزاڪت جو حاصل آهي.

سوال نمبر (3)

خالي جايون

(1) ڪسوٽي

(2) آوازن جي تنظيم — لفظن ۾ سمايل راڳ

(3) اٺ هزار — سورهن هزار

(4) ترقي يافته قومن

يونٽ نمبر 6

1. سنڌي ٻولي ۾ ناول نويسي

2. عام سنڌي شاعري

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

ڇهون يونٽ اوهان جي اڳيان مطالعي لاءِ موجود آهي. هن کي موضوع جي لحاظ کان ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڀاڱي کي "سنڌي ٻولي ۾ ناول نويسي" جي نالي سان لکيو ويو آهي. هن ۾ ناول جي وصف ۽ جوڙجڪ کان وٺي ويندي، سنڌي ناول جي اوسر وارن سڀني ڏاڪن جو جُز وار ذڪر ڪيو ويو آهي.

ٻئي ڀاڱي کي "عام سنڌي شاعري" جي سري سان مڪمل ڪيو ويو آهي. هنن ٻنهي مضمونن ۾ ڏنل مواد جي مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي پڪ آهي ته اوهان هن لائق ٿيندؤ جو هيٺ ڏنل مقصد حاصل ڪري سگهو.

يونٽ جو مقصد

(1) ناول، قصي ۽ افساني ۾ فرق کي سمجهي سگهو.

(2) ناول جي جوڙجڪ ڪندڙن جزن کان خبردار ٿي سگهو.

(3) ناول جو معيار مقرر ڪري سگهو.

(4) سنڌي ناول جي تاريخ ۽ اوسر کان آگاهه ٿي سگهو.

(5) عام سنڌي شاعريءَ جي اهميت معلوم ڪري سگهو.

(6) عام سنڌي شاعري جي ٻولي ۽ تخليق ڪندڙن جي سڃاڻ کان واقف ٿي سگهو.

فهرست

	صفحو
1. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي	169
1.1 ليکڪ جو تعارف	169
1.2 مضمون جو خلاصو	169
1.3 مضمون جو متن	170
1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	183
1.5 خود آزمائي نمبر 1	185
2. عام سنڌي شاعري	186
2.1 ليکڪ جو تعارف	186
2.2 مضمون جو خلاصو	187
2.3 مضمون جو متن	187
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	196
2.5 خود آزمائي نمبر 2	197
3. خود آزمائشين جا جواب	198

1. سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون محترم عبدالقيوم "صائب" جو لکيل آهي. "صائب" صاحب شاعريءَ سان گڏ تحقيقي ۽ تخليقي نثر به لکندو رهيو آهي. سنڌن علمي معيار هن مضمون مان پڌرڪي سگهجي ٿو.

1.2 مضمون جو خلاصو

يونٽ جي هن حصي کي اهڙي نموني لکيو ويو آهي جو ان جي پڙهڻ کان پوءِ جتي ناول جي معنيٰ ۽ وصف ظاهر ٿئي ٿي اتي ان جي تاريخ ۽ پس منظرن جو به پتو پوي ٿو. هن حصي ۾ ناول جي جوڙجڪ وارن جملي جزن جو احوال به اهڙي طرح ڏنو ويو آهي جو پڙهندڙن کي هر هڪ جزي جي اهميت به معلوم ٿي وڃي ٿي.

مضمون نگار، هن مختصر مضمون ۾ ناول ۽ قصي، ناول ۽ افسانوي جي صنفن ۾ فرق کي به اهڙي اثرائتي انداز سان بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ انهن سڀني صنفن جو فرق سمجهي سگهي.

مضمون جي آخري حصي کي جيتوڻيڪ "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ" جي عنوان سان سڏيو ويو آهي، پر اهو حصو سنڌي ناول لاءِ ڪيل ڪوشش، ڪوششون ڪندڙن ۽ انهن ڪوششن جي وسيلي ٿيل واڌاري جو احوال ڏيئي، جتي ادب جي هن اهم صنف لاءِ ٿيندڙ جاکوڙ جي اُپٽار ڪئي وئي آهي، اتي ان جي مرحلي وار ترقيءَ کي به اجاگر ڪيو ويو آهي.

1.3 مضمون جو متن

ناول انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي نئين يا عجيب شيءِ. هڪ ادبي صنف جي حيثيت ۾، سنڌي ۾ ناول، انگريزي ادب جي ذريعي داخل ٿيو ۽ ان تي اهو نالو صرف انهيءَ ڪري پئجي ويو جو شروعات ۾ داستانن ۽ قصن جو رواج هو، جن ۾ رڳو خيالي ڳالهيون هونديون هيون. اهي خيالي ڳالهيون ان وقت جي رائج ڀرمن ۽ سنسن جي بنيادن تي ٻيٺل هيون، جن ۾ جنن ۽ ڀوتن، پرين ۽ ديون وغيره کي مکيه ڪردارن جو وڳو ڀهرائي پيش ڪيو ويندو هو، پر پوءِ ان جي جاءِ تي ناول ۾ روزمره جي زندگيءَ جي اصلي واقعن ۽ حقيقتن جي عڪاسي ٿيڻ لڳي.

ادب ۾ ناول انهيءَ نثري قصي کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ ڪنهن خاص نقط نگاه سان زندگي جو حقيقي ۽ سچو روپ پيش ڪيو ويو هجي. ناول ۽ قصي ۾ فرق هيءُ آهي، جو پراڻن قصن ۽ داستانن ۾ گهڻو ڪري، مافوق الفطرت شين کي اهميت ڏني ويندي آهي ۽ ناول انساني زندگيءَ جي چوڏاري ڦري ٿو. قصي يا داستان تي ڀرم ۽ سنسو ڇانيل ٿئي ٿو، پر ناول انساني زندگي جي روزمره جي واقعن جو مظهر هوندو آهي.

جيئن ته ناول زندگيءَ جي حقيقتن ۽ واقعن کي اکيان رکي اڳتي وڌيو آهي، تنهن ڪري ان جو ميدان به ايترو ئي ويڪرو ۽ وسيع آهي، جيتري ٻاڻ زندگي، جنهن ۾ ماڻهن جا قول ۽ فعل، خيال ۽ جذبا، ڪاميابيون ۽ ناڪاميون، تڪليفون ۽ پريشانيون، بيوقوفيون ۽ ڏاهپون، تفريحون ۽ دلچسپيون، مطلب ته حياتي جي عظمت ۽ ذلت جي پوري ڪهاڻي سمائجيو وڃي. اهڙي طرح ناول انسان جي انفرادي توڙي اجتماعي زندگي جي تصوير ڪڍيو ڪٿيو رکي. اڄڪلهه ادب برائي زندگيءَ جا دلداده ناول ۾ ڪجهه اهڙي قسم جي زندگيءَ خلقي رهيا آهن جيڪا نڪي اسان جي اڄڪلهه جي زندگي سان لاڳاپو رکي ٿي ۽ نڪي پراڻي زندگي سان. انهن ماڻهن جو زندگي مان

طلب آهي اها زندگي جيڪا نفسياتي يا سياسي نظرئي جي عينڪ لڳائي ڏٺي ويئي هجي.
هن جون واٽون اڻ ڳڻيون آهن، پر هيٺيون نمايان آهن.

1) ته جديد علم نفسيات جي اصول آهر انساني فطرت جو عڪس چٽجي، دماغي ڪيفيتن جو هوبهو نقشو ڪڍجي، ڪردار جي دماغ ۾ اُبتا سبتا جيڪي خيال ڪنهن به وقت يا ڪنهن به حالت ۾ آيا هجن، انهن سڀني کي هوبهو ظاهر ڪري ڇڏجي. جيمس جوائس انهي واٽ جي مکيه اڳواڻن مان آهي.

2) ٻي واٽ به جديد نفسيات تي مبني آهي، پر ان ۾ فوائڊ جو اثر وڌيڪ نمايان آهي جنهن ۾ گهڻو ڪري جنسياتي محرڪن سان واسطو هوندو آهي ۽ عريان نگاريءَ کي ئي فطرت نگاري، بلڪ زندگي جي صحيح مصوري سمجهيو وڃي ٿو.

3) ٽين واٽ هيءَ آهي ته زندگيءَ کي ڪارل مارڪس جي اشتراڪي انقلابي نظرئي سان ڏٺو وڃي. هن رستي وارا خواه مخواه سماجي، مذهبي ۽ اخلاقي قدرن جي خلاف آهن.

اهڙن نظرين جي اثر ۾ اچي، ناول نگار زندگي جي يڪ رخو ڪري پيش ٿا ڪن، جنهن ڪري طرفداري ۽ تعصب جي فضا پيدا ٿيو پوي. ان مان نه رڳو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن تصادم پيدا ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو بلڪ زندگي هڪڙي شڪنجي ۾ جڪڙجيو پوي.

ناول جا قسم ڳڻائيندي سهيل بخاري لکي ٿو. "موضوع جي لحاظ کان ناول جا گهڻائي قسم آهن، پر سهوليت خاطر ان جا ٻه وڏا قسم ليکي سگهجن ٿا . هڪڙو رومانوي ته ٻيو نفسياتي. رومانوي ناول ۾ واقعن تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي ۽ ان مان وندر، سڌاري يا ڪل خوشي پيدا ڪرڻ جو ڪم نٿو ورتو وڃي ۽ نڪي ان ۾ حاضر مسئلن تي ڪو بحث ٿو ٿئي، بلڪ ان ۾ لاڙو عجائب نگاريءَ، مثاليت پسنديءَ، جنگ آزمائيءَ، بزم آرائيءَ، اخلاق سيکارڻ، محبت اختيار ڪرڻ ۽ سونهن پيدا ڪرڻ. مطلب ته انهيءَ هر ڪنهن پاسي رهي ٿو جتي تخيل جي اُڏام هڪ بلند ۽ آزاد ٿي سگهي. ان جون ٻيون ننڍيون ننڍيون شاخون آهن. پرچاري، علمي، اسراري يا جاسوسي، تاريخي، مهماتي، عشقيه، سياحتي ۽ سائنسي. پرچاري ناول ۾ مذهبي يا اخلاقي

سبق ڏنو وڃي ٿو. علمي ناول تعليمي مسئلا سمجهائي ٿو. اسراري ناول ۾ اسرار، جادو يا ڪنهن راز جي ظاهر ڪرڻ ڏي ڌيان ڇڪايو وڃي ٿو. تاريخي ناول ۾ ڪنهن تاريخي شخصيت، يا واقعي جو بيان هوندو آهي. مهماتي ناول ۾ جنگين ۽ معرڪن جو بيان هوندو آهي. عشقيه ناول ۾ حسن ۽ عشق جا داستان ھڏايا ويندا آهن. سياحتي ناول ۾ بري، بحري ۽ هوائي سفر ۽ نون نون ملڪن جا حالات درج ٿيل هوندا آهن ۽ سائنسي ناول ۾ موجوده دور جون ايجادون ۽ سائنسي امڪانن جو نقشو ڪڍيو ويندو آهي.

ناول جو ٻيو وڏو قسم آهي نفسياتي ناول، جنهن ۾ تخيل ۽ ڳوڙهي ويچار کي ايتري آزادي نٿي ملي ۽ ان ۾ حقيقت نگاري وڌيڪ هوندي آهي. ناول نگار جو ذهن ۽ تخليل پاڻي ۽ مٽيءَ جي دنيا جي جملي پابندين ۾ وڏي حد تائين جڪڙيل رهندو آهي.

هن وقت ناول بذات خود سنڌي ادب لاءِ نئين صنف آهي، پر ان جو جيڪو تاجي پيڙو ورهين کان وٺي موجود هو، تنهن کان سنڌي ادب گهڻو اڳي واقف هو.

اسان جي ٻوليءَ ۾ شروع شروع ۾ قصا، ڪهاڻيون ۽ داستان هئا جيڪي اسين گهر جي وڏڙن ۽ ٻڍڙن جي واتان ٻڌندا هئاسين. جن مان ڪي الف ليليٰ جو داستان، امير حمزي جو داستان، ممتازدمساز جو قصو. گل بڪاوليءَ جو قصو، شهزادو بهرام جو قصو وغيره ناﻟﻦ سان ڇاپي هيٺ آيل آهن ۽ ڪي ته وري اڄ ڏينهن تائين واتان وٺي ٻڌجن ٿا. جهڙوڪ ڏمڻ سوناري جي آکاڻي، صورت جي مورت وغيره. انهن قصن ڪهاڻين ۽ داستانن اڳتي هلي ناول جي نئين صورت ورتي پر ناول سموري جو سمورو ڪو قصي يا داستان جي ارتقائي صورت ڪانهي. البت ناول ۾ ڪي عنصر انهن قصن ۽ داستانن کان ورتا آهن، جهڙوڪ آکاڻي، منظر ڪشي، ڪردار نگاري، مثاليت پسندي ۽ ديگهه ان ڪري ناول ۽ داستان ۾ ڪي قدر هڪجهڙائي نظر اچي ٿي، پر ان کان اڳتي ناول پنهنجو رخ اختيار ڪري ويو. ناول اهو رخ اختيار ڪندي فني اصولن، مرڪزي خيال، تنظيم ۽ ترتيب، رٿا ۽ واقعن جي ٻيهڪ، ماحول ۽ ڪردار نگاري ۾ نئين واٽ وٺي هلڻ لڳو ۽ ائين ٿي ناول ۽ داستان جو فرق معلوم ٿئي ٿو. فني لحاظ کان ناول، زندگيءَ جون جيڪي منزلون ماري

تڪميل جي پايي تي پهچي ٿو، تن ۾ داستان وارين منزلن ۾ اُپ ۽ ڏرتيءَ جو فرق آهي جو داستان ۾ زندگي بابت جيڪو چٽڀو سو سونهندو. ڇاڪاڻ جو اهو صرف خيالي پلاءُ هوندو ۽ مافوق الفطرت ڪ. دارن لاءِ ٺهڪي ايندو. پر ناول ۾ روزمره جي زندگيءَ بابت ٻوٽو پوي ٿو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن جيڪي اسين سمجهون ته برابر اسان جهڙن انسانن ۾ ٿي سگهن ٿيون ۽ ٿين پيون. ناول جو مرڪزي خيال، زندگيءَ جي مختلف نظرين مان ورتل ٿئي ٿو ۽ داستان گهڻو ڪري، نفس جي سڌاري ۽ اخلاقي سکيا تائين محدود رهيو آهي. ناول جي تنظيم ۽ ترتيب جي ڪڙي ۾ ڪڙي مليل هوندي آهي جيڪا ان جي رٿا، واقعن جي تناسب ۽ بيهڪ کي ارتقائي صورت ڏيندي ويندي آهي پر داستان جي تنظيم ۽ ترتيب گهٽي قدر ڍري هوندي آهي ۽ ان ۾ صرف قصي جي دلچسپي ڏانهن ڌيان ڏنو ويندو آهي. باقي ڪڙي ڪڙي ۾ ملي سو ڪو لازمي نه آهي. ناول جو ماحول بنيادي طور تي انساني زندگيءَ جي ارد گرد ڦرندو آهي ۽ ان ۾ غير فطرتي واقعا ۽ ڳالهيون گهٽ، بلڪ نه جهڙيون هونديون آهن، پر داستان ته غير فطرتي ڳالهين سان ڀرپور ٿيندو آهي. مطلب ته داستان نگار جيڪي ۽ جهڙيءَ طرح گهرندو آهي، تهڙيءَ طرح ٿيندو آهي ۽ ورهين جون واٽون گهڙين ۾ طئي ٿي وينديون آهن. ناول ۾ انهي دنيا جي تصوير ڪڍبي آهي، جنهن ۾ اسان ۽ توهان رهون ڪريون ٿا. ان ۾ اتفاق اٽي ۾ لوڻ برابر به ڪو نه ٿين ۽ واقعا، سبب ۽ نتيجي جي منطقي ڊوڙ جي سڄي ۾ ٻڌل هوندا آهن. ان ريت ناول جي واقعن جو لاڳاپو امڪاني دنيا سان داستان جو ڳانڍاپو تخيلي دنيا سان ٿئي ٿو. ناول سبب سان بحث ڪري ٿو ته داستان اتفاقن سان.

جهڙيءَ طرح ناول ۽ داستانن ۾ فرق آهي تهڙيءَ طرح ناول ۽ افسانن ۾ به فرق آهي. اهو صحيح ڪونهي ته ناول ۽ افسانن ۾ رڳو عمر يا ڊيگهه جو فرق آهي يا ناول هڪ وڏي آڪاڻي آهي ۽ افسانو ننڍي آڪاڻي يا ناول ڪن افسانن جو مجموعو ٿئي ٿو يا افسانو ناول جو ننڍو ڀاڱو آهي. هن قسم جا رايا ڪنهن حد تائين صحيح ٿي سگهن ٿا پر سراسر صحيح نه. حقيقت ڪري ناول ۽ افسانن ۾ بنيادي ۽ فني فرق آهن. ناول ۾ انساني زندگيءَ جو مڪمل نقشو ڪڍبو آهي ۽ افساني

۾ زندگيءَ جي ڪنهن هڪڙي موقعي يا واقعي جي تصوير پيش ڪبي آهي. قصي جو داستان وارو لطف ناول مان حاصل ٿي سگهي ٿو، نڪي ڪي افساني مان. ناول ۾ مرڪزي پلاٽ سان گڏوگڏ ضمني پلاٽ به ٿيندا آهن جن مان مرڪزي پلاٽ جي تعمير ۽ تاثير جي وڏي حد تائين تڪميل ٿيندي آهي، پر افساني ۾ هڪڙو پلاٽ ٿيندو آهي. ناول ۾ ڪردار افساني جي مقابلي ۾ گهڻا هوندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ان ۾ ڪردار نگاري جو وجهه پڻ وڌيڪ ملندو آهي. ناول پنهنجي ڪردارن جي ذهني ارتقا جا پورا پورا نقش اجاگر ڪندو آهي پر افسانو ڪنهن ڪردار جو هڪڙو رخ يا وقتي خصوصيت ڏيکاري سگهي ٿو. ان ڏس ۾ به ناول کي جيڪو وسيع ميدان ۽ ماحول مليل آهي سو افساني کي نصيب ڪونهي. اهڙيءَ طرح ڏسبو ته ناول زندگي جي هر ڏس ۾ نقش ڪڍيو آڻيو اسان جي اڳيان بيهاري، پر افسانو ڪنهن هڪڙي ڪنڊ تائين محدود رهجيو وڃي. چاڪاڻ جو ان وٽ ايترو وقت ئي ڪونهي جو هو ويهي هر هڪ جزي ۽ جذبي جي نقش گري ڪري. اهو ئي سبب آهي جو افسانو صرف مرڪزي اهم ڳالهيون ڪري جند ڇڏايو وڃي ۽ باقي خانه پري خود پڙهندڙ تي ڇڏيو ڏئي ۽ ناول پنهنجي وسعت جي ڪري هر هڪ جزي ۽ جذبي جي مڪمل تصوير ڪڍيو رکي ۽ پڙهندڙ کي وڌيڪ سوچڻ جي تڪليف ئي ڪو نه ڏئي. هڪ نقاد لکي ٿو "اها آکاڻي جنهن مان دنيا ۾ افساني جي شروعات ٿي هئي سا هڪ طرف گهڻن ئي واقعن جي پيچيدگيءَ سان موجوده ناول جي شڪل ۾ جلوه گر ٿي ته ٻئي طرف پنهنجي وحدت ۽ اختصار سادگيءَ ۽ پرڪاري سان افساني جي قالب ۾ ظاهر ٿي. ان ريت ناول ۽ افسانو، ساڳئي بنياد هوندي به، پنهنجين ارتقائي منزلن، شڪلين ۽ فني خصوصيتن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کا گهڻو مختلف ٿي ويا."

ناول جا عناصر آهن: قصو، پلاٽ، ڪردار نگاري، ماحول ۽ منظر نگاري. چاڪاڻ ته رڻ مان فنڪار جي فڪر جي سڌ پوي ٿي. آکاڻي گهڙڻ سولي آهي پر آکاڻي جي وسيلي پنهنجي ڳالهه چوراڻڻ ڏکي آهي. اها رڻائي آهي جنهن جي ذريعي فنڪار پنهنجن پڙهندڙن ۾ کوجنا جي لذت پيدا ڪري ٿو ۽ پنهنجن آکاڻي کي يقين آفرين بنائي ٿو. اها ڳالهه ته هيئن چو نه ٿيو ۽

جي اُبتڙ جو ٿيو تنهن تي ايمان آڻائڻ ۾ اها رٿا مدد ڪري ٿي. رٿا جي هيٺائي معنيٰ فڪر جي ڪمزوري يا ته پوءِ حقيقت جي خلاف ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪمزوري.

واقعن جي ترتيب ۾ هڪ قسم جو ڳانڍاپو ۽ سلسلو هئڻ گهرجي ورنه اها هڪ هٽرادو، اوپري ۽ زوريءَ مڙهيل رٿا ٿي پوندي ۽ پڙهندڙن کي ڪک ڪري وجهندي. "ناول ڇا آهي؟" ۾ لکيل آهي. "رٿا تيار ڪرڻ هڪڙي قسم جو تعميري فن آهي ۽ سٺي رٿا واري ناول جو هر هڪ حصو ان طرح ٺهندو آهي، جيئن ڪنهن عمارت جا ڏار ڏار ڀاڱا. سڌي رٿا جا عام طور تي پنج حصا هوندا آهن. پهرئين ۾ سڀني ڪردارن جي سڃاڻپ ٿي ويندي آهي. ٻئي حصي ۾ انهن ڪردارن جي معاملن ۾ مونجهارا پوڻ لڳندا آهن. ٽئين حصي ۾ مونجهارا ان حد تائين پهچندا آهن جو انهن جو سمجهڻ ڏکيو لڳندو آهي. چوٿين حصي ۾ سڀئي مونجهارا سمجهڻ لڳندا آهن ۽ پنجين حصي ۾ مڙئي معاملا اچيو اَنت ڪن. جذبات نگاري، گفتگو يا مڪالمو، ٻولي ۽ بيان، نقطه نظر ۽ ٽيڪنيڪ يا فنڪاري هڪڙي ناول جا مکيه جُزا آهن.

1. **قصو:-** قصو ناول جو ضروري عنصر آهي جنهن کانسواءِ ناول کي ناول چئي ڪو نه سگهبو. داستان لاءِ به قصو ضروري آهي پر ٻنهي ۾ فرق هيءُ آهي جو ناول جو قصو ٿي سگهڻ واري ڳالهه تي ٻڌل هوندو آهي، جڏهن ته داستان جي قصي ۾ اڻ ٿيڻي ڳالهه کي اهميت ڏبي آهي.

2. **پلاٽ :-** ناول جي قصي کي ئي پلاٽ چئبو آهي پر قصو اصل ۾ واقعن جي مجموعي کي سڏبو آهي، جڏهن ته پلاٽ انهن واقعن جي فني ترتيب ۽ رٿا کي چئبو آهي.

3. **ڪردار نگاري :-** هيءُ ناول جو تمام اهم عنصر آهي. هن جز جي روءِ کان ڪردار اهڙا هجن جو پڙهندڙ کي پنهنجائپ محسوس ٿئي. ٻيو ته ڪردار اهڙا هجن جن کي مثال ڪري مڃيو وڃي ۽ ڪرادرن کي ماحول جي مناسبت سان پيش ڪيو وڃي.

4. **ماحول ۽ منظر نگاري :-** ناول ۾ ماحول جو مطلب آهي "زمانو ۽ طرز زندگي" يعني ناول ۾ ڏنل قصي جو لاڳاپو ڪهڙي دور ۽ زماني سان آهي، جڏهن ته منظر نگاري مان مراد اها آهي ته جنهن به نظاري، جهنگ جهر، باغ بستان، ميلي ملاڪڙي، محفل ۽ موسم وغيره جو نقشو اهڙو چٽجي،

جو اهو نظارو هوبهو اڳي اڳيان تہ بيهي، پر انهيءَ منظر جو لاڳو واقعن ۽ ڪردارن سان هجڻ ضروري آهي.

5. **جذبات نگاري** :۔ انساني زندگيءَ سان هر قسم جا چڱا توڙي مٺا جذبا وابستہ آهن. ڪامياب ناول نگار صرف اهو آهي، جيڪو اهڙن جذبن جي اهڙي تہ سچي ۽ صحيح تصوير پڙهندڙ کي پيش ڪري جو هُو پاڻمرادو اصل حقيقت تائين پهچي وڃي.

6. **گفتگو يا مڪالمو** :۔ ناول، مڪالمو ڊرامي کان وٺي پنهنجي اندر سمائي، پنهنجو ڪري چڪو آهي. مڪالمي جي ذريعي ڪردار جي خاصيت، احساسن، ارادن، جذبن، اختلافن ۽ انفراديت جي پلي پٽ سڌ پوڻ ضروري آهي. تنهن ڪري مڪالما اهڙا صاف ۽ موزون هجن جو انهيءَ ڪردار کي صاف ۽ چٽو ڪري بيهارين ۽ ناول جي رٿا ۽ ان جي اوسر جو بہ پتو پئجي وڃي.

7. **ٻولي ۽ بيان** :۔ ناول نگار کي ٻوليٰ جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي اٿين نہ ٿئي جو اٿلهڪندڙ ورجيسون ۽ پهاڪا ڪتب آڻي ٻولي جي چيلهہ ئي ڀڃي ڪري وجهجي. حقيقت ۾ ٻولي اهڙي ڪتب آڻجي جيڪا ڪردارن جي منهن تي پوي. اها سليس ۽ سہڪ، عام فهم، پر محاوريدار، رس ڀري ۽ ويا ڪرڻ جي اصولن تي بيٺل هئڻ گهرجي. بيان وري اهڙي دلنشين پيرائي ۾ هئڻ گهرجي جو ناول هٿ ۾ کڻجي تہ وري ڇڏڻ تي روح ئي نہ چوي، تان جو پڙهي وڃي پورو ڪجيس. اهڙي ٻولي ۽ بيان نہ رڳو ادبي سونهن پيدا ڪن ٿا، بلڪ دل ۽ دماغ کي طراوت بخشيو جذبي کي اُڀاريو ڇڏين جنهن ڪري ماڻهو ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو چاهہ پيدا ٿيو پوي جا ڳالهہ ڪنهن قوم کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ وڏي وٿ آهي.

8. **نقطہ نظر** :۔ هر هڪ ليکڪ زندگي ۽ سماج کي پنهنجي پنهنجي خيال ۾ سمجهہ آهر ڏسندو آهي. هن جو فڪر ۽ فن، تجربو ۽ مشاهدو جيترو وسيع، همہ گير ۽ اونهون هوندو، اوترو ئي سندس لکڻين ۾ رس، ميناج ۽ اثر وڌيڪ ٿيندو. ناول نگار بہ ليکڪ آهي. هو بہ پنهنجي نقطہ نگاهہ موجب ناول جا ڪردار تخليق ڪندو ويندو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ چوڻو هوندو اٿس سو سڀ ڪجهہ انهن ڪردارن کان چوارائيندو ۽ ڪرائيندو ويندو آهي. ان ريت ناول نگار ناول ۾ پاڻ کي

سمائي چڙهيندو آهي. البت ڪي ناول نگار اُئين ڪندي پاڻ ظاهر ڪري وجهندا آهن ته ڪي اهو ڪم اهڙي فنڪاريءَ سان ڪندا آهن جو پڙهندڙ کي پتو ئي ڪو نه پوندو آهي ته هو ڪهڙي وهڪ ۾ وهي رهيو آهي ۽ اها ئي ناول نگار جي صحيح ڪاميابي چئجي. جيڪي ناول نگار زندگيءَ جو اونهون اڀياس ڪندا آهن، سي ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي ضرور پهچندا آهن. اهڙا نتيجا پڙهندڙن کي به متاثر ڪندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو اعلى اخلاقي قدر وارا ناول سماج کي سڌارڻ ۾ وڏو ڪم ڪيو وڃن ۽ ڪريل ڪرتوتن جي نمائندگي ڪندڙ وري سماج جي ستياناس ڪرڻ ۾ وسان ڪو نه گهٽائين. ناول نگار جي نقطه نظر کي پرکڻ لاءِ اسان کي اهو ڏسڻو پوندو آهي ته هو جنهن ڳالهه جي طرفداري ڪري ٿو تنهن کي ڪهڙي فنڪاري سان ناول ۾ سمايو اٿس.

9. **فنڪاري** :- ناول نگاري به هڪڙو فن آهي جنهن کي پنهنجا اصول آهن. ناول نگار انهن اصولن کي ڪٿي اڳتي وڌندو آهي ۽ ناول کي تڪميل تي پهچائيندو آهي. هو ناول لکندي، جي وجي اصولي پيچيدگين ۾ ڦاٿو ۽ نهائي ويو ته اهڙو ناول فن جي لحاظ سان ڪيڏو به ڪٿي اوچو ٿو وجي پر ان ۾ تصنع وڌي ويندو، تنهن ڪري ناول نگار کي گهرجي ته ٽيڪنيڪ کي قدري ڍرو رکي ته جيئن (آورد) جي بدران (آمد) جو سلسلو پيدا ٿيڻ ۾ سهوليت ٿئي. عام پڙهندڙ اصول ۽ فنڪاري کي گهٽ ڏسندو آهي. هن کي ته قصي سان ڪم هوندو آهي، تنهن ڪري اصول اهڙي طرح ڪم آڻجن جو اڳلي تي بار نه ٿي پون. هونئن به فن ۽ اصول کي اهي سمجهندا، جيڪي اهي ڳالهيون سمجهڻ ۽ پرکڻ جي صلاحيت رکندا هوندا. ظاهر آهي ته اهي ماڻهو ٿورا هوندا ۽ ناول رڳو ٿورن ماڻهن لاءِ ڪو نه لکيو ويندو آهي، پر ان ۾ زندگي جي رنگا رنگيءَ جو چٽ چٽيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڍنگ به هوندو آهي ته بي ڍنگي به، ترتيب به هوندي آهي ته بي ترتيبي به تنهن ڪري ناول جي رٿا توڙي بين اصولن ۾ فني ڳالهين ۾ قدرتي ڍرائي هئڻ گهرجي.

سنڌي ناول جي مختصر تاريخ

سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ ورتي ۽ انگريزي تعليم ۽ ادب کي ملڪ ۾ ڦهلائڻ شروع ڪيو. 1885ع ۾ پادري ٻمبرج سنڌ ۾ Literary Society نالي سان ڪراچي ۾ هڪڙي ادبي جماعت قائم ڪئي جنهن جون هفتيوار گڏجاڻيون "ڊينسو هال" ۾ ٿيڻ لڳيون. انهن گڏجاڻين ۾ سنڌ جي اوائلي اديبن پڻ حصو ورتو ۽ انگريزي ادب سان ڪافي واقفيت حاصل ڪئي ۽ انهن ئي ادبين سنڌي ناول نگاري جو بنياد وڌو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جو پهريون ناول آيو، سو هو "راسيلاس" جيڪو جڳ مشهور انگريز اديب، ڊاڪٽر جانسن جي ساڳئي نالي واري ناول جو ترجمو هو. ساڌو نولراءِ ۽ منشي اڌارام ٿانور داس گڏجي هيءُ ترجمو (1870ع) ۾ اهڙي سليس، سپڪ ۽ عام فهم سنڌي ٻولي ۾ ڪيو جو ان مان اصلوڪي ناول جو ڀلاءُ پيو اچي ۽ اڄ تائين سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاريو ويٺو آهي. هن ناول جو موضوع آهي، تلاش ۽ کوجنا. هن ۾ حبش جي شهزادي "راسيلاس" ۽ سندس ڀيڻ "نيڪايا"، "عملاڪ" نالي هڪڙي سائنسدان جي سنگ ۾ اچي، شهزادن واري ڀڪرخي زندگي مان ڪڪ ٿي، مائٽن کي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ لڪ چوري نڪري، دنيا جو سفر ڪري، وڏو تجربو حاصل ٿا ڪن. هن ناول ۾ سائنس جي ايجاد جي وسيلي هوا ۾ اڏامڻ جي اڳڪٿي پڻ ڪئي ويئي هئي. ان بعد مرزا قليچ بيگ "دلا رام" (1888ع) نالي ناول لکيو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون اصلوڪو ناول ليکيو وڃي ٿو پر فني لحاظ سان خام ۽ ڪچو آهي. هيءُ ناول، داستان کان ڏاڍو متاثر ٿيل آهي جو ان ۾ مافوق الفطرت ڳالهين ۽ واقعن سان گڏ غيبي مدد ۽ اتفاق جو وڏو سهارو ورتو ويو آهي. حالانڪ مرزا صاحب جي چوڻ موجب ان ۾ رواجي اتفاقن جو ذڪر اچي ٿو ۽ نيڪي بدي ڪرڻ مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي چڱيءَ طرح منجهس ڏيکاريل آهن. مرزا صاحب هڪڙو ٻيو اصلوڪو ناول "زينت" (1890ع) ۾ لکيو، جنهن بابت اها غلط فهمي عام آهي ته اهو "صحت النساء" نالي ڪتاب جو ترجمو آهي پر تازو مرزا صاحب جي سوانح حيات

"سائو پن ۽ ڪارو پنو" سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي، جنهن اها غلط فهمي دور ڪري ڇڏي آهي. ازانسواءِ "صحت النساء" جو اڳتي هلي ڀاڻ مرزا صاحب سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو ناول نہ، بلڪ ٻارن جي پرورش بابت صحت جي اصولن تي مبني آهي. هن ناول ۾ مسلم سماج ۽ ان ۾ هلندڙ ريتن رسمن جو عمدو نقشو چٽيل آهي. فني لحاظ سان بہ هي هڪ عمدو ناول آهي. ساڌو هيرانند جي مخزن "سرسوتي" ۾ سر والٽر اسڪاٽ جي تاريخي ناول Talisman جو ترجمو "طلسم" (1891ع) نالي سان قسطوار ڇپجڻ لڳو. هن ناول جو ترجمو شروع ۾ ٻولچند ڪوڏو مل ڪيو، پر پوءِ ان جي گذاري وڃڻ ڪري باقي حصو ڪاڪي ڀيرو مل ترجمو ڪري ناول کي مڪمل ڪيو، ڇاڪاڻ تہ سرسوتي ۾ مترجم جو نالو ڪو نہ هو، تنهن ڪري اها غلط فهمي پڻ عام آهي تہ هن ناول جي شروعاتي، حصي جو ترجمو ساڌو هيرانند ڪيو هو، ورنہ اها حقيقت نہ آهي. ان بعد "عجيب ڀيٽ" (1892ع) نالي اصلوڪو ناول ملي ٿو، جيڪو ديوان پريتمداس حڪمت راءِ لکيو هو. هن ناول ۾ حيدرآباد جي هندن ـ عاملن ۽ ڀائيبندن جي سماج جو نقشو چٽيل آهي. هي ناول هوندي تہ فني لحاظ کان بہ عمدو آهي پر ان جي وچ ۾ هڪڙي اهڙي اڪائي آيل آهي، جنهن جو ناول سان ڪو بہ واسطو ڪونهي ۽ اوپري اوپري پئي لڳي ۽ ناول ۾ پڻ وڏ پيدا ٿي پئي آهي. ڪراچيءَ مان وري "سناتن ڌرم پرچارڪ پتر" نالي هڪ ماهوار رسالو، سناتن ڌرم سڀا وارن 1901ع ۾ ڪڍيو هو جنهن ۾ پڻ ناول قسطن ۾ ڇپجڻ لڳا. هن جو پهريون ناول هو "هندو ڪٽنب" (1902ع)، جيڪو هنديءَ ۾ لکيل ناول "هندو گرهست" تان، جيٺانند رتنسي ترجمو ڪيو هو ان ۾ طوائف جي زندگيءَ تي روشني وڌل آهي. هيءُ ناول گهڻو پسند پيو ۽ وري وري پئي ڇاپيو ويو. انهيءَ ساڳئي رسالي ۾ ٻيا هيٺيان ناول شايع ٿيا.

"هندو سنسار"، "نول لڪشمي"، "چڙواڳ رما ۽ پروس سندري"، "نقائون يا چندالن جي چوڪڙ ڪري"، "نقلي مندم"، "لتا للتا"، "راج لڪشمي"، "سهاڳڻ"، "پتورت ناري"، "ليلان" ۽ "گنگا جو ڪٽنب" وغيره. ترجمن جو هيءُ سلسلو لڳ ڀڳ 1915ع تائين هلندو رهيو. هن رسالي جي هلائڻ وارن جو مطلب هو سماج جو سڌارو، سو هنن جيڪي ناول ڇاپيا تن ۾

سماجي ۽ گهرو اوڻاين کي چٽو ڪري ڏيکاري. انهن کي سڌارڻ لاءِ واٽ ڏسيل آهي. جا ڳالهہ ان وقت گهٽڻ وڌڻ ۽ ابن ڏاڏن جي رسمن تي پختيءَ طرح هلندڙن کي ڏاڍي ڏکي لڳي هئي پر پوءِ ڪم ڪرڻ وارا ڪم ڪندا ويا ۽ سماج ۾ مناسب سڌارو ايندو ويو. لعلچند امر ڏني مل وري سرسوتي رسالي ۾ "چوٽ جو چنڊ يا پرم جي پلاٽي" (1905ع) لکيو جنهن جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي. مکي سيرومل ساگرائيءَ 1910ع کان سلسليوار ناول شروع ڪيا، جن مان پهريائين 28 . ڀاڱن ۾ "چندر ڪانتاستني" شايع ڪيائين، جيڪو ديوڪي نندن کتريءَ جي هنديءَ ۾ لکيل ناول تان ورتل هو. هن ۾ طلسم ۽ عياري جو اهڙو دلچسپ جار وڇايل هو جو ماڻهن ۾ وڏو چُوبول پيدا ٿي پيو، جنهن ڪري ناول هٿو هٿ وڪامي ويو هو. هن اڳتي هلي وري "پوتنات جي جيوني" جا 24 ڀاڱا شايع ڪيا، جيڪو بہ ڏاڍو وڪاڻو. هن ناول ۾ جيتوڻيڪ مافوق الفطرت واقعن جي ڀرمار آهي پر ڪردار نگاري اهڙي ڪيل آهي جو انهن جا ڪردار تيجسنگ، پوتنات جي ڪملني ۽ مايا راڻي جهڙڪ مثالي ڪردار بڻجي پيا. هنن ناولن جي ڪري هندي ٻوليءَ جي لفظن جو وڏو ذخيرو سنڌي ٻولي ۾ داخل ٿي ويو. آهستي آهستي نت نوان نوان ناول لکيا ويا، جن ۾ قليچ بيگ جا "گلن جي نوڪري" (1911ع) ۽ "ٽي گهر" (1913ع)، هريسنگ جو "راجڪماري پنا ۽ فيروز شاهہ" (1912ع) دوارڪا داس جا "راڻي جي ٻانهہ" ۽ "وردنا جو انگ" ۽ گربخشاڻي جو "نورجهان" (1915ع) وغيره اچي وڃن ٿا. هنن سڀني ناولن ۾ "نورجهان" ڪر کنيو بيٺو آهي، توڙي جو غلط تاريخي روايتن تي ٻڌل آهي. سنڌي ۾ هيءُ پهريون تاريخي ناول آهي. انهيءَ ساڳئي دور ۾ جاسوسي ناولن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جنهن جو بنياد جيٺانند ٿڌيمل، رينالڊ جي ناولن "جوزف ولمٽ" ۽ "ميري پراڻيس" جي ترجمن سان وڌو. هيءُ ناول منشي خوسيرام هيرانند پنهنجي ماهوار رسالي "ناول" ۾ ڇاپيا هئا. ڪاڪي ڀيرومل جي اصلوڪا ناول هندو سماج جي ريتن ۽ ڪريتن کي اڳيان رکي لکيا، سي هئا آنند سندريڪا" 1910ع ڌاري ۽ "موهني ٻائي" (1917ع) ۽ مسلم سماج تي ٻيهاريل جاسوسي ناول "وريل ۽ نعمت" جو، پوءِ

ايم. آر. ماٿيداساڻي "جاسوس" (1946ع) جي ناليِ سان ٻيهر ڇپايو هو. حڪيم عبدالخالق خليق موراڻيءَ وري هندو سماج تي ٻيهاريل ٽي ناول "سندري"، "ستيءَ جي سيتا" ۽ چتر پٽي" 23-1922ع ڌاري سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيا، جن مان "سندري" گوءِ کٽي ويو ۽ ٻولي توڙي فن جي لحاظ کان گربخشاڻي جي "نورجهان" سان برميچيو بيٺو آهي. اهڙيءَ طرح 1930ع تائين دکي انسان، زٽنوني، طوفان، سون ورنيون دليون، ايسٽ لن، هٿلير ٽن جا ناول ڏاڪڙا وينسبري اَکهه جو قصو، گولن جا گوندر، دلبر دل نينگر، تارن جو اپياس ۽ بلو کوکر. ٿامس هارڊي جي ناول The Mayor of Casterbridge جو ترجمو سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ ٺهڪايو ويو آهي. تارن جو اپياس Tow on a Tower جي ترجمي کي وري سنڌ جي هندن جي شهري جيوت جو رنگ ڏنو ويو آهي. اڳتي هلي ملڪ جون سياسي حالتون گهڻو بدلبيون ويون ۽ مختلف سياسي تحريڪن جو وڏو اثر پوڻ لڳو، جنهن ڪري انهن تحريڪن جي نظرين ۽ ويچارن آهر ناول به پنهنجو سفر شروع ڪيو. هن ڏس ۾ ديوان ڪوڙي مل بنگالي ناول نويسن جي ناولن جا ترجما "چندر مکي" ۽ "روهني" نالن سان ڪيا. 1947ع تائين ڪافي سياسي چوٻول هليو. ديوت ڪندارام وري "آنند مٺ" جو ترجمو ڪيو هي ٽيئي ناول بنڪم چندر چٽر جي جهڙي ناول نويس جي قلمڪاري جو نتيجو آهن. انهي ساڳئي دور ۾ مرزا علي نواز جا "انتقام" (1928ع) ۽ "ملڪ سرفراز" 1931ع ۽ محمد صديق ميمڻ جا "حياتي جو پهريون دور" (1931ع) ۽ "حياتي جو ٻيو دور" (1932ع)، غلام احمد نظامي جو "حور دمشق" (1929ع)، محمد عثمان ڏيپلائي جا تاريخي ناول "ڏاهري رنگ محل"، "گلستان حسن"، "نور توحيد"، "مصطفىٰ ڪمال"، "سوڊان جي سونهن"، "سنگدل شهزادي"، "عيد جو چنڊ" وغيره ڇاپي هيٺ آيا ۽ 1925ع کان وٺي سنڌي ادب تي به ترقي پسند تحريڪ جو اثر پوڻ لڳو، جنهن ماتحت پڻ ڪيترائي ناول جهڙوڪ "انقلابي شاهراه"، "آنچل" ۽ "ساٿي" وغيره شايع ٿيا. هتي مامتو راءِ "شاعر" ۽ پنهاڻيءَ جي "وڏوا"، "مالهڻ" ۽ "غريبن جو ورثو" جو ذڪر مناسب آهي، جيڪي ناول فني توڙي ٻئي هر ڪنهن لحاظ کان ناول نگاريءَ جي

دنيا ۾ پنهنجو نالو وجايو بيٺا آهن. ان ڏس ۾ رام پنجواڻيءَ جي "قيدي"، ديو سپاڻي جي "انقلاب" ۽ گلي سدا رنگاڻي جي "اتحاد" کي وساري نٿو سگهجي.

ورهاڱي کان پوءِ ناول جيڪا ترقي ڀارت ۾ ڪئي آهي سان سنڌ ۾ ڪا نه ٿي آهي پر حالتون سازگار نه هئڻ ڪري ڀارت ۾ ڇاپيل ناولن جي گهٽ دستيابي سبب انهن جو وڌيڪ وستار نٿو ڪري سگهجي، البت انهيءَ تي نالي ماتر روشني وجهجي ٿي. گوبند مالهي "آنسو"، "زندگيءَ جي راهه تي"، "جيون ساٿي"، "عشق ناهي راند"، "شرم هوٽي"، "چنچل نگاهون" ۽ "پکيئڙا ولر کان وڇڙيا" ناول لکيا آهن. جن مان "زندگي جي راهه تي" وڌيڪ ڪامياب آهي. سندري اُتمچندانيءَ "ڪرنڊڙ ديواريون" ۽ "پريت پراڻي ۽ ريت نرالي" لکيا آهن. جيڪي ٻئي پنهنجي جاءِ تي ڪامياب ناول آهن. رام پنجواڻيءَ "آهي نه آهي"، "زندگي ۽ موت" ۽ "شل ڏيئر نه جمن" ناول لکيا آهن. جن مان پوئين ناول ۾ سماج جي ڏيتي ليتي جي ڪري جيڪي ڪُڪرم ٿيندا رهيا آهن تن تي روشني وجهندي ڪڙي نڪته چيني ڪيل آهي. موهن ڪلپنا، "زندگي" ۽ "آواره"، داس طالب "چيخ"، شوي رامناڻي "گمان"، موتي پرڪاش "انڌيرو اُجالو"، آنند "مجو"، لڇمڻ ساٿي "اُڏري وڃ ڪونج" ۽ "ساهيڙي"، ڪلاپرڪاش "هڪ دل هزار ارمان" ناول لکي سنڌي ادب کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي.

سنڌ ۾ پڻ ناول جو ذوق ۽ شوق ڏينهون ڏينهن ويتر وڌندڙ آهي. ورهاڱي کانپوءِ هتي جيڪي ناول لکيا ويا آهن تن ۾ شوق جو "اديون ڏيوم صلاح"، محمد حسين جو "بولي"، گل نصرپوريءَ جو "درياءَ جي ڪپ تي"، قاضي عبدالڪريم جو "نوران"، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جا "سانگهڙ" ۽ جپاني گڏي"، "1857ع جو بلوو" ۽ "امڙ"، سراج جو "پڙاڏو سو سڏ"، فضل احمد بچائيءَ جو "عاشي"، الهه بخش ٽالپر جو "پرديسي جو پيار" ۽ صائب جو "ڪوماڻو ڪنول"، ذڪر ڪرڻ جوڳا ناول آهن.

ناول سماج تي سڌو سنئون گهرو ۽ گهڻو اثر ڪري ٿو ۽ سماج جي اوڻاين ۽ عيبن جي اوگهڙ ڪري انهن کي عوام تائين آڻي، سڌاري جون سوين راهون کوليو ٿو ڇڏي. تنهن ڪري

جيڪڏهن اسين گهرون ٿا تہ سماج ۾ سڌارو اچي ۽ ان ۾ نت نيون خواهشون ۽ امنگ پيدا ڪجن تہ پوءِ اسان کي ناول جهڙي صنف ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

مافوق الفطرت	حقيقت کان پري
مظهر	ظاهري صورت واريون شيون
جامعيت	مجموعي، سڀني پارين
هيئت	بناوٽ
همعصر	ساڳئي عهد وارو، ساٿي، دوست، هم عمر
زوال	انت، پڇاڙي
نقاشي	نقش يا چٽ ناهڻ
عڪاسي	عڪس يا هوبهو شڪل تيار ڪرڻ
دل داده	دل سان چاهيندڙ
عرياني	اگهاڙپ
تعصب	ساڙ، بغض
تصادم	مقابلو، ٽڪراءُ
انديشو	امڪان، گمان
شڪنجو	ڦاسٽي
بزم	محفل
برميچڻ	برابري ڪرڻ
واکاڻ	ساراهہ، تعريف

ڏاهپ , سياڻپ	داناڻي
طريقا	اطوار
ڳوٺاڻا	دهقان
ڏاڍو ڏاڍو ڪري ڪٺو ڪرڻ	سهيڙڻ
بستي, آبادي	وستي
ڏي وٺ	ڏيتي ليتي
بيزار	ڪڪ

1.5 خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

هيٺ ڏنل خالي جايون ڀريو:

(1) سنڌيءَ ۾ لکيل پهرين ناول جو نالو .... آهي.

(2) قصي يا داستان ۾ .... ڪردارن کي اهميت آهي.

(3) ناول ۾ ....ڪردارن کي جاءِ ڏجي ٿي.

(4) افسانې ۾ حقيقت جو .... شامل هوندو آهي.

(5)ناول ۾ .... ڀريل هوندو آهي.

(6) .... نالي، ناول جا 24 ڀاڱا شايع ٿيا آهن.

(7) .... جو "ڀڙاڏو سوڻي سڏ" ناول لکيل آهي.

سوال نمبر (2)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) ناول جي معنيٰ ڇا آهي؟

(2) ادب ۾ ناول ڇا کي ٿو چئجي؟

(3) فرانس وارو انقلاب ڪهڙي سال آيو هو؟

(4) ناول جا اهم جزا ڪهڙا آهن؟

(5)ناول جي موضوعن کي ڪهڙن اهم عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي؟

سوال نمبر (3)

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي ارتقا بابت خيالن جو اظهار ڪيو.

2. عام سنڌي شاعري

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مشهور ڪتابن مان هڪ "ٻيلاين جا ٻول" تان کنيو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو، سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ جنم ٿيو. ابتدائي تعليم اتي ئي حاصل ڪرڻ کانپوءِ هن 1935ع ۾، نوشهري فيروز واري مشهور مدرسي مان ميٽرڪ پاس ڪئي. ان کانپوءِ 1940ع ۾ ممبئي مان بي. اي پاس ڪري اعلىٰ تعليم لاءِ آمريڪا ويو، جتان تعليم (Education) ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺي واپس وطن وريو. ڪجهه وقت مرڪزي حڪومت جي ملازمت ڪرڻ کانپوءِ 1952ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي "تعليم ۽ سنڌي" جي شعبن جو صدر مقرر ٿيو. تنهن کانپوءِ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسلر مقرر ٿيو. جتان وفاقي حڪومت جي مختلف اعلىٰ عهدن تي اسلام آباد ۾ ڪم ڪندو رهيو. ڪيس تاحيات پروفيسر هجڻ جو اعزاز بہ حاصل آهي. سنڌي ٻولي جي با اختيار اداري جي باني چيئرمين هجڻ جو اعزاز پڻ حاصل آهي.

ڊاڪٽر موصوف کي سنڌ، سنڌي ادب، لغت، ادبي تاريخ، لطيفيات ۽ سنڌي لوڪ ادب تي کوجنا ڪرڻ سبب سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر وڏي عزت ۽ مرتبو حاصل آهي. پاڻ ڪيترن ئي عنوانن تي بيشمار مقالا ۽ مضمون لکندا رهيا آهن. سنڌ جي لوڪ ادب سهيڙڻ ۽ سموهي ان کي شايع ڪرائڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب جيڪا خدمت سرانجام ڏني آهي سا سدائين ياد رهندي.

2.2 مضمون جو خلاصو

عام سنڌي شاعري ڇا آهي، ان جي هيئت ڪهڙي آهي ۽ ان جا تخليق ڪندڙ ڪير آهن ۽ ان جي اهميت ڪهڙي آهي؟ اهي اهڙا سوال آهن، جن جا سربستا جواب "عام سنڌي شاعري" جي عنوان هيٺ لکيل مضمون ۾ ڏنل آهن.

مضمون نگار، عام سنڌي شاعري کي اهڙو عام وکر وهاڻيندڙ سڏيو آهي، جنهن وٽ سون جهڙا قيمتي قول به آهن ته سماج جي ترقيءَ لاءِ گهربل لوهه جهڙو خام مال به ملي ٿو. سنڌس راءِ آهي ته اها ئي شاعري آهي، جيڪا اصل سنڌ جي حيات لاءِ آبحيات جو ڪم ڪري ٿي.

عام سنڌي شاعري پنهنجي سماج جهڙي سادي آهي ۽ ان ۾ رک رکاءُ يا ٺاهه ٺوهه جو نالو نشان به نٿو ملي، ان ۾ نج ۽ نهار ٻولي ڪتب آيل آهي ۽ ان جو دائرو سنڌي سماج جي حدن کي وڃيو ڇهي. اها شاعري، جتي لوڪ صنفن ۽ سنڌي ٻولي جي محافظ ۽ ترقي جي امين آهي، اتي قديم روايتن جي پاسباني به ڪري ٿي ته اسان جي عوام کي پنهنجي سماجي ۽ اخلاقي اقدارن ۽ سرزمين سان لنو لائڻ جو سبق به سيکاري ٿي.

2.3 مضمون جو متن

وڏائي ۽ واکاڻ تنهن واحد کي جڳائي جنهن اسان جي زبان کي اثر ڏنو ۽ منجهس بيان جو سحر سمايو. قربان سندس نبي ڪريم ﷺ جن تان، جن فرمايو ته "شعر ۾ حڪمت ۽ دانائي آهي".

عربي شاعريءَ متعلق خليفو حضرت عمر رضي الله عنه چوندو هو ته "هيءُ عربن جو عام دفتر آهي، ان کي ياد ڪريو ۽ ان جي حفاظت ڪريو!" خليفي حضرت عمر رضي الله عنه جو قول نهايت وزندار آهي. تحقيق شاعري هر قوم جو عام دفتر آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي سٽاءَ ڪانسواءِ انهيءَ قوم جي اخلاق، عادات، اطوار، ريتن رسمن، تاريخ، فلسفي، سمجهه ۽ عقل جو سرمايو محفوظ آهي. سنڌ جي دهقاني يا نج شاعري خاص سنڌين جي حيات جو آئينو آهي جنهن تي اک

وجهڻ سان اهل سنڌ جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي اصليت پنهنجي سچي جوڀن جنسار، رنگ روپ، خال ۽ خط، خوبين توڙي خامين سميت سربستگيءَ سان نظر اچي ٿي.

پر افسوس جو اسان يا تہ رڳو جڙتو وزني شاعري جي دام ۾ گرفتار ٿي سنڌ جي اصلي ۽ نج شاعري ڏانهن توجهہ ئي ڪونہ ڪيو. يا تہ وري پنهنجي اڻڄاڻائيءَ ۽ ناداني‌ءَ سبب انهيءَ ڳوڻائيءَ شاعريءَ جي جواهر پارن کي مٽي جا ڪوڏ سمجهي ڪٽي ڦٽو ڪيو. اسان جي اونڌي سمجهہ ڏسو، جو اسان سنڌ جي شاعرن جي سرتاج ۽ سردار سونهاري سيد عبداللطيف رحہ جي شاعري جو بہ رڳو اڌورو قدر ڪيو! سندس ڳوڙهن خيالن جا بيشڪ ڳڻ تہ ڳايا، پر سندس شاعري جي فن کي ڪين سڃاتو. جيڪڏهن اسين سندس فن جو قدر ڪريون ها تہ هن اُستاد جي حقيقي شاگردن جي هنر، يعني تہ سنڌ جي عام شاعرن جي شعر تي جيڪر بلڪل پاڻي نہ ڦيري ڇڏيون ها.

سنڌ جي عام شاعري هڪ اعلىٰ ۽ عجيب فن آهي، جنهن کي قابل اُستادن سموهي، سينگاري، هڪ مستقل علم يا سائنس جي درجي تي وڃي پهچايو آهي. هن فن جون گونا گون شاخون آهن. ترڪيب جي لحاظ سان دوهيڙو، بيت ۽ ڪافي ئي مکيہ قسم آهن ۽ معنوي لحاظ کان ڏٺ، معما، ڳجهارت، هنر، ڏور، دراها، ڏهس نامو ۽ سينگار مڙيئي هن فن جا محاورا آهن. وري هن فن ۽ هنر کي پڪيڙڻ ۽ پڌري ڪرڻ لاءِ بہ سمجهہ وارن جو هڪ خاص نظام آهي. هڪڙا شاعر جي اٽڪليون ۽ اٽڪليون ڳالهيون پنهنجي شعرن جي ذريعي نروار ڪن، ٻيا سگهڙ يا انهن شعرن جا راوي جي شاعرن جي گفتن ۽ بيتن کي ياد ڪري ٻين تائين پهچائين. سٽڻ ٻڌڻ وارن مان هڪڙا سالڪ، جي ڳالهہ جو سُر سهي ڪن ۽ گفتن جي معنىٰ ۽ مراد ڪن، ٻيا سمجهو، جي ٻُڌي سمجهي واهہ واهہ ڪن ۽ ٽيان نالي ماٺهو، جي سٽن پر سمجهن ڪين. اهڙن جاهلن کي عام شاعرن جانورن برابر ڪيو آهي.

رڳن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيہ ٿيا.

تان هوءَ ڳلي ڳس نہ ڇڏي ۽ جوڙي ڏٿي نہ جواب........ الخ

يا جيئن "ڀيلي جي شاھ" ڪبير شاھ چيو آھي تہ.

ڳوھ اڳيان ڳالهاءِ توڙي ڪٿي مرليون محبت جون هٿي،

تان هن موڳيءَ ڪي مجلس جو نالي سُر سماءُ.....الخ.

لسڀيلي جي شاعري عام سنڌي شاعري جو هڪ مکيہ ڀاڱو آھي ۽ جڻ ڪ بهتر ڀاڱو، جو تہ لسڀيلي جي شاعري ڀيلي جي سجاڻ سگهڙن ۽ سمجهو سالڪن جي ذوق سبب پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود ۽ مروج آھي ۽ زماني جي لٽ ۾ اجا لٽجي نہ ويئي آھي، پر سنڌ جي عام شاعريءَ مان رڳو ڀڏل ڀيڙيءَ واريون هريڙون وجي رهيون آهن جن کي بہ ڪو سهيڙڻ ۽ سنڀالڻ وارو ڪونهي. جيئن ڀيلي جي شاعريءَ بہ عام سنڌي شاعري جو جز ۽ جگر آھي، انهيءَ ڪري هن عام شاعري جي اصليت پرکڻ ۽ پروڙڻ ضروري آھي.

"عام سنڌي شاعري" مان اسان جي مراد اهو سنڌي شعر آھي، جو سنڌ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آھي. اهو شعر جو صرف پڙهيل تائين محدود ڪونهي بلڪ سنڌ جي اڻ پڙهيل ڪڙمي خواه ڪاسبي، هاري توڙي ڀيليءَ جي ذوق جو ورد وظيفو آھي. اهو شعر جو سنڌ جي جهر جهنگ، واهڻ، وسينءَ، ڳوٺ ۽ ڀنيءَ ۾ جاري ساري آھي. اهو شعر جو رڳو شهرن جي شهرت کان آجو آھي: اهو شعر ڀهراڙيءَ جي عام ٻوليءَ ۽ مضبوط محاورن ۾ چيل آھي ۽ شعر جي بگڙيل ٻولي ۾ ضعيف اصطلاحن کان پاڪ آھي. اهو شعر، جنهن جي زبان پڙهيل جي عبارت کان وڌيڪ پختي ۽ جنهن جي سٽا ڪتاب خوانن جي ايجاد ڪيل لفظن ۽ لفظي بناوتن کان وڌيڪ شستہ ۽ بلند آھي.

عام سنڌي شاعر جو خطاب عوام الناس ڪي آھي ۽ نہ خاص پڙهيل ڪي. انهيءَ ڪري سنڌي شعر علمي پيچيدگين کان آجو آھي. عام شعر جي وزني سٽا لچڪيدار آھي، انهيءَ ڪري عام شاعري علم عروض جي نپايل موزون شاعريءَ کان مختلف آھي. موزون شاعريءَ بہ عام شاعريءَ جي دائري کان خارج ڪانهي، بشرطيڪ موزون شاعري جو خطاب عام هجي. خليفي گل محمد موزون شاعري کي عام محاوري ۽ اصطلاح ۾ نباهڻ جي ابتدائي ڪوشش ڪئي، پر

آهستي آهستي موزون شاعري جا مخاطب خاص علم وارا بنجي ويا، جنهن ڪري موزون شاعري ۽ عام شاعري ۾ هڪ وڏي گهاري پئجي ويئي. عروضي شاعر بہ پنهنجي عام خطاب سان عوام جو شاعر بنجي سگهي ٿو، بشرطيڪ سندس خطاب عام هجي. انهي معنيٰ ۾ خليفو گل محمد حافظ حامد عام شاعر هئا، حالانڪ سندن شعر اڪثر عروض جي نهايت موزون شاعريءَ ۾ چيل آهي. انهيءَ معنيٰ ۾ اڄ جي شاعرن مان مولوي ثناءُ الله ثنائي ۽ مولوي احمد ملاح عام جا شاعر آهن.

عام شاعريءَ جو مول متو ۽ سناءُ نهايت سادي ۽ فطري آهي ڇو تہ جهڙي آهي عام شاعرن جي زبان، تهڙو آهي سندن ڪلام. شعر جي واسطي خاص الفاظ بازي يا محاورن جي جڙتو جوڙجڪ وٽن ڪانهي. سندس لفظي ۽ اصطلاحي پيچ. گهڻ تہ بلڪل فطري آهي. ٺيڪ عروضي وزن جي ڪين ضرورت ڪانهي. سندن ساهمي جي ترازي ۾ اٽل جي ڪافي گنجائش آهي. رڳو ايترو لحاظ رکئو آهي تہ جيئن هيو ترازو بلڪل پٽ سان نہ وڃي لڳي. قافيو عام شاعري ۾ بہ بلڪل ضروري آهي پر عام شاعري جو قافيو عروضي قافيي جي قيد ۽ بند کان آزاد آهي. ضروري صرف ايترو آهي تہ هر قافيو آواز ۾ لازمي طور مناسبت رکي. ڪن عام شاعرن پنهنجي آزاد طبع سان وزني ڊار خواه قافين ۾ نوان نوان رنگ پيدا ڪيا آهن. مثلاً ڏگهي وزن ۽ اندورني قافين جي سلسلي کي شيخ ابرهيم ۽ ڪبير شاه ڪمال تي پهچايو جيئن اڳتي بيان ٿيندو.

عام شاعري لغت جي اٽڪ ڪاڻ آهي. عام جو شاعر سر زمين سنڌ جي هر خطي ۽ ماحول جو نيپاڄ آهي. هو عام فهم زبان ۽ ان جي اصطلاحن جي علاوه پنهنجي تر ۽ جوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو بہ ماهر آهي جن کي پنهنجي شعر ۽ فطري طور ان جي اصلي ۽ حقيقي خواه اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هر ماحول ۽ پاڳي جي شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شعر جي ماني ۾ ولوڙيو آهي. ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي پنهنجي ڪٽي. مٿي جهڻ گاڏئون، مکڻ جي ڦٽين مثل پارکن جي آڏو پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن ملڪ جي هر ونهين ولوڙيندڙ شاعر وٽان انهيءَ مهيءَ ۽ جهڻ جي ورج وٺجي تہ هوند لفظن ۽ لغت جي گهڻ مکڻ جا ڍڳ

لڳي وڃن ۽ اسان جي سنڌي زبان سائي سُرهي ۽ سٺيي ٿي پوي. پر ويچارا نازڪ مزاج پڙهيل شهري، بدقسمتي سان اڄ اسان جي سنڌي ٻولي جا وارث بڻجي ويٺا! جن جو ذائقو رڳو چپن جي چس تائين محدود آهي، سي ڪٿي ٿا هنن ڀاڳوند ڀاڳين ۽ ولوڙيندڙن جو قدر سڃاڻن . هي ويچارا گاڏڙ ڪير پيئندڙ ڪٿي ٿا پلر پِي سگهن. هي ڏيک ۽ صفائيءَ جا ستايل ڪٿي ٿا پٽ تي ويهي جَهڻ ڪي جڳهي سگهن. هيءَ تہ انهيءَ سٺيي جهڻ کي ڪٽي لسي سمجهي ان جي ويجهو ئي ڪين ويا آهن. ويچارن ابوجهن کي اها ڪل ئي ڪا نہ آهي تہ ڪو مکڻ انهيءَ جهڻ جهڳڻ مان هٿ ايندو. هنن رڳو بيڪار هيستائين پٽي پاڻي ولوڙيو آهي.

عام جا شاعر اصلي نج سنڌي ٻولي جا ابا آهن! هنن جي اردگرد روزمره جي گفتگو ۾ لفظن جي وڍ ٽڪ ۽ اصطلاحن جي ڌطري پيچ گهڙ لڳي پئي آهي. نوان نوان محاورا ۽ الفاظ برجستہ زبانن مان نڪري عام ڪچهرين ۾ پچي پختا ٿي پيا رواج ۾ اچن. ٻوليءَ جي اصلي لفظن جو قديم ذخيرو بہ نج ٻهراڙين ۾ جن کي شهري هوا اجا گندو نہ ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت بہ پشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا، اصلي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مروج آهن. لوهارن، واڍن، ڪورين، ڪنڀارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن. درحقيقت سنڌ ۾ لوهارن، واڍن، ڪورين، موچين، ڪنڀارن ۽ ٻين اهڙن ڪاسبين جا دوڪان مارڪن ۽ ڪچهرين جا اڏا ٿي رهيا آهن. جتي هميشہ محفل ۽ مجلس، رس ۽ رهاڻ جا رات ڏينهن رنگ لڳل هئا ۽ گفتي جي ملوڪت ۽ پيچ گهڙ جا منڊل متل هئا. اجا تائين بہ انهن ماڳن مڪانن تي، هُرلن ۽ نارن تي يا ڀاڳين جي ڀاڻن تي انهيءَ جهوني وندر ۽ ورونهہ جا اهڃاڻ نظر ايندا. عام سنڌي سگهڙ شاعر لاءِ وکر وٺڻ توڙي پنهنجي وکر وڌڻ جون جايون اهيئي ڀاڻ ۽ انوکن محاورن سان مالا مال آهي. بلڪ عام شاعري هڪ بي بها بٺي آهي، جنهن جي ذريعي نوان لفظ ۽ محاورا زبان زد عام ٿي پچي راس ٿين ۽ رائج ٿين ٿا.

عام شاعري پنهنجي آزاد هوليءَ ۽ آزاد خيالي سبب نهايت پختي ۽ زوردار آهي. اسان چيو ته جا عام شاعرن جي زبان، سو سندس ڪلام. جڙتو ناهه ئوهه ڪان عام شاعر جو ڪلام آجو آهي، ڪيس جيڪي زبان تي چڙهي آيو سو چئي ڏنائين. هنن سنئين سڌي ڳالهه ڪري پنهنجو حال اوريو آهي ۽ پنهنجي صاف ساديءَ زبان ۾ پنهنجي اندر جو احوال ۾ بيان پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري جو لاهو چاڙهو سندس زبان ۾ آهي، سو ئي سندس ڪلام ۽ بيان ۾ آهي. عام شاعر پنهنجي هٿي عام غير شاعر پاٿر وانگر ٺلهو ڪاٺيندڙ، ٺلهو هنداٺيندڙ ۽ ٺلهو ڳالهائيندڙ آهي. سندس ٺلهو ۽ کهرو ڳالهائڻ سندس ڪلام مان ظاهر آهي، پر خوبي به انهيءَ ٺلهي ۽ سادي ڪلام جي اصل صورت ۾ آهي. سندس ڪلام انهي ڪنوار جي مثل آهي، جنهن جون خاميون توڙي خوبيون سندس صورت ۾ ڪليل ۽ پڌريون آهن. پر هڪ ته پاڪيزگي ۽ سادگي سبب، ٻيو وري، اُٺاهه جواني جي زور سبب سندس حسن ٻهڪي پيو. جواني موٽڻ بعد به نج نسل ۽ صاف خون سبب سندس رونق ۽ ڏيا باقي رهي آهي. ان عام شاعري جي برعڪس، علمي ۽ عقلي شاعري جي صورت انهيءَ سالي خورده عيار ۽ نازڪ مزاج عورت جي مثل آهي، جنهن صابڻ جي صفائي، مساڳ جي لالائي، وڳن جي سينگار، ڳهن جي جنسار سان پنهنجي حسن کي ٻهڪايو آهي ۽ آواز جي لطافت سان پاڻ وٺايو آهي، پر حقيقت ۾ سندس اها سوڀيا رڳو انهن جڙتو ٽيڪن تي بيٺل آهي ۽ سندس رنگ ۽ لالائي رڳو پائوڊر جي مهٽ سهٽ ۽ مسي مساڳ جي آهي ۽ نه جواني ۽ جوڀن جي. اهڙيءَ طرح علمي ۽ عقلي شاعري جي چٽڪو ۽ چشڪو رڳو وقتي آهي. سندس دلچسپ نزاڪت ۽ دلچسپ رنگت، زبان جي لهس لهيٽ، لوڏ ڏوڏ ۽ اُٿل پٿل بعد جهڪي جهمي ٿي وڃي. پر ان جي برعڪس عام شاعري فطري ۽ پائيدار آهي. جيئن ڳاءِ تيئن مٺي، جيئن مهٽ، تيئن سُرهي.

عام شاعر ڳوٺ ۽ ٻهراڙي جو پليل ۽ جهنگ جهر جو نپايل آهي. صاف پاڻي، صاف هوا، سادي کاڌي، سادي ڪپڙي ۽ سادي رهڻيءَ ڪهڻيءَ سبب سندس طبع ۾ به سادگي ۽ صفائي سمايل آهي. انهيءَ سادگيءَ سبب جسم پهلوان آهي، اوترو سندس ذهن جوان آهي. سندس طبع جي

صفائي ۽ ذهن جي قوت سبب سندس ڪلام ۾ بہ زور پيدا ٿئي ٿو. جڏهن هو شعر چوي ٿو، تڏهن پنهنجي طبع جي زور ۽ رواني سبب ڪلام جي اُٿل ڪري، بات بيان جون موڪون لائي ڇڏي ٿو. نہ آهي وٽس الفاظ جي ڪمي، نہ بيان جي گهٽتائي، نہ محاورن جي کوٽ ۽ نہ معنائن جي ڪوتاهي. جڏهن زبان چوري ٿو تہ پلٽجي پوي ٿو. جڏهن ٻولي ٿو، جڻ ٻوڙي ٿو. انهيءَ زور ۽ برجستگيءَ سبب، انهيءَ اوچتي ٻول ۽ ٺهہ پهہ گفتي سبب، عام شاعر جو ڪلام کهرو پر کرو آهي.

عام شاعر عام وکر جو وهائو آهي. انهيءَ ڪري سندس سٽاءُ ۾ لوهہ توڙي سون ٻيئي نظر ايندا، ڪوڏ ۽ سپون توڙي موتي ۽ ماڻڪ ٻيئي ملندا، سڪا ڪڙا توڙي ساوا سلا ٻيئي گڏوگڏ نظر ايندا. هن پنهنجي پارس زبان سان لوهہ مان سون پيدا ڪيو آهي، پر پنهنجي لوهہ واري سامان کي لڄ وچان لڪايو ڪو نہ آهي. هن لوهہ وارو سرمايو ۽ ان مان پيدا ڪيل سون جا داڻا گڏي پيش ڪيا آهن. هن ٿڌيون هٿي ڪوڏ ۽ سپون ڪٺا ڪري ان مان موتي ۽ ماڻڪ ڪڍيا آهن، پر ڪوڏن ۽ سپن جا ڪرڪٽا لڪايا ڪين آهن. بلڪ انهن کي بہ موتين ماڻڪن سان لڳو لڳ پيش ڪيو آهي. هن سڪيءَ زمين کي ٻاڻي ڏيئي، ٻج ڇٽي سلا اُپايا آهن. پر انهن ساون سلن کي فطري طور ڪيڙيءَ ۾ ٻيٺل ڏيکاريو اٿس. اها عام شاعر جي سادگيءَ ۽ ايمانداري جي حد ڪمال آهي جو مخاطب کي ٻيئي جنسون گڏوگڏ پيش ڪري، ذهن نشين ڪرايو اٿس تہ هي لوهہ، ڪوڏ، سپون ۽ سڪا ڪڙا ٻي ڪما نہ آهن. بلڪ هي سون، موتي، ماڻڪ پيدا ڪندڙ ۽ ساوا سلا اُپائيندڙ آهن. انهيءَ طور وکر وندڻ تي سندس لياقت ۾ ڪمي نٿي اچي، بلڪ سندس مرتبو، سندس ايمانداري ۽ اخلاص ۽ سندس هنر اڳئين کان اڳرو نظر اچي ٿو. چو تہ هر ڪو سالڪ ۽ پارکو سمجهندو تہ شاعر پارس آهي، جنهن لوهہ کي هٿي سون ڪيو. بلڪ ٽوٻو آهي، جنهن اونهي عميق مان ڪوڏ ۽ سپون ڪڍي موتي ۽ ماڻڪ پڌرا ڪيا. بلڪ استاد هاري آهي، جنهن سڪي زمين کي سر سبز ۽ سائو بنايو. مطلب تہ عام شاعرن جهڻ مکڻ گڏي پيش ڪيا آهن. ممڪن آهي تہ اڻجاڻ جهڻ ڏسي منهن موڙي، پر عاقل خوب سمجهي سگهي ٿو تہ مکڻ جَهڻ مان ئي ملندو. عام شاعري اهو

هار آهي، جنهن ۾ لعلون، مرجان، پٿريون توڙي موتي، ماڻڪ ۽ ڪرڪنا گڏ پوتل آهن، پر جنسون سڀئي حقيقي ۽ اصلي آهن ۽ نه بناوتي. نقلي مٽين ۽ موتين خواه ڪوڙي ڪچ ۽ ڪاٺي جو عام شاعريءَ ۾ نالو ئي ڪونهي.

عام شاعري اصل سنڌ جي حيات جو آئينو آهي. عام شاعر سنڌ جي سرزمين جو اُپايل آهي. ﻣﻦ جي نظر تيز ۽ ذهن سليم آهي. هو پنهنجي ملڪ جي حال احوال ۽ ريتن رسمن کان واقف آهي. هو راڄ ڀاڳ جي اُٿڻ ويهڻ کان واقف آهي. هو مال متاع جي هڏڻ چوڙڻ کي سمجهي ٿو ۽ جهنگ جهر جي وڻن ٻوٽن کي پروڙي ٿو. هو زمين جي ننڍي وڏي ڀيچري کي جاچي ٿو ۽ آسمان جي ڪٺ نڪٺ کي سڃاڻي ٿو. جيتوڻيڪ سندس خيال جو پرواز هڪ علم واري شهريءَ کان گهٽ آهي پر سندس نظر ۽ حافظو وڏيڪ تيز آهن. هن جي عام زندگي جي جملي شعبن ۽ طرفن تي هڪ گهري نظر آهي، جا سندس روزمره جي فطري طبيعت جو نتيجو آهي. سندس ڪلام جو واسطو به عام زندگيءَ جي عام شعبن ۽ شغلن سان آهي، جن تي گهري نظر ۽ ٻوليءَ تي ملڪي هئڻ سبب کيس وصف ۽ بيان جي بي انتها طاقت آهي. جيئن ته رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي جملي اطوارن جو "جزئياتي تفصيل" کيس ازبر آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڳالهه ڪندو ته ذري پُرزي بيان ڪندو ۽ انهيءَ بيان ۾ سڀئي سڄي سوڌا ڀار پتا ڏيندو.

اسان چيو ته سندس نظر حياتيءَ جي سڀني شعبن، شغلن ۽ شين تي آهي. اُٺ، گهوڙا، مينهون، رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيو سڀ مال متاع، جهنگ جهر، گاهه گلزار، ٿر بر، رڻ راڻو، اهي سڀ سندس شعر جا اعلىٰ عنوان ۽ سٺا مضمون آهن. انهي کانسواءِ عزت، غيرت، مردانگي، سيرت، صورت، سورهياڻي، سچائي، سخا ۽ ٻين سڀني سهڻن گڻن کي، جي مرد خواه عورت ۾ سونهن ٿا، تن کي خوب ڳايو اٿس. وري زندگيءَ جي جذباتي پهلو مثلاً حسن ۽ عشق، ڏک ۽ درد، جهيڙا ۽ جهڳڙا به پوريءَ طرح بيان ڪيا اٿس. ان کانسواءِ سنڌي زندگي جا تمدني پهلو، مثلاً نسب ۽ ذاتيون، ريتون ۽ رسمون، پليون خواه لايون به پنهنجي شعر ۾ شايع ڪيون اٿس. مطلب ته عام سنڌي شاعر اهل سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ راڄ ڀاڳ جي تمدن ۽ تهذيب کي پنهنجي شعر ۾ پوري

طرح محفوظ ڪيو آهي ۽ بقول حضرت عمر رضي الله عنه جيڪڏهن "عربي شعر عربن جو عام دفتر آهي" تہ عام سنڌي شاعر اهل سنڌ جو عام دفتر آهي. انهي عربي "ديوان" وانگر سنڌي شعر جو دفتر ۽ "ديوان" بہ نهايت مڪمل آهي، جنهن ۾ ہيو تہ خير پر وڻ ٽڻ، گاهہ ڏٿ ۽ رڍ ٻڪري جو ذڪر بہ پوريءَ طرح ڏنل آهي. شايد سواءِ عربن جي دنيا ۾ ٻي ڪنهن قوم جيڪڏهن حياتي جي انهن ننڍڙن شعبن، شغلن بابن ۽ ڀاڱن کي بہ ايتريقدر چٽي ۽ گهري طرح ۽ پوري "جزئياتي تفصيل" سان بيان ڪيو آهي تہ اهي سنڌ جا سگهڙ ۽ شاعر آهن، جن پنهنجي عام سنڌي مقولن ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي وقت جي چال چلت ۽ حال حقيقت متعلق جڻ سڀ ڪجهہ چٽي ڦٽو ڪيو بمصداق "جف القلم بِما هُوَ ڪائنَ."

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

عوام الناس	عوام، جمهور
علم عروض	شعر جوڙڻ وارن قاعدن جو علم
موزون	مناسب، وزن تي پورو
جُوءِ	علائقو
ڀاڳيا	اهڙا مال وارا ماڻهو، جن جا واڙا مال سان ڀريل هجن
ڀَلر	بارش جو پاڻي
جهڻ	لسي، ڏڌ جي گجي
موروثي	ورثي ۾ مليل
پُشت بہ پُشت	پيڙهي بہ پيڙهي، نسل بہ نسل
سال خورده	پوڙهپائي، پيرسني
عيار	ٺگ،چالباز
پارس	اهڙو پٿر، جيڪو لوهہ کي لڳي تہ اهو بہ سون ٿي پوي
جف القلم بما هو کائن	اهو قلم، جو تقدير لکي سگهي ويو

2.5 خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) شاعري بابت حضرت عمر رضي الله عنه جو ڪهڙو قول آهي؟

(2) نج سنڌي شاعري بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪهڙي راءِ آهي؟

(3) عربي شاعري بابت حضرت عمر رضي الله عنه ڪهڙو تاڪيد فرمايو آهي؟

(4) عام سنڌي شاعري مان ڪهڙي مراد ورتي وئي آهي؟

(5) عام سنڌي شاعري ۾، شاعر ڪنهن سان مخاطب هوندو آهي؟

سوال نمبر (2)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب عام سنڌي شاعري جون موضوع جي اعتبار کان ڪهڙيون شاخون ٻڌايون آهن ۽ ماڻهن جا ڪهڙا قسم ڳڻايا آهن؟

سوال نمبر (3)

عام سنڌي شاعريءَ جون ڪجهه اهم خوبيون ڳڻايو.

3. خود آزمائين جا جواب

خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

(1) راسيلاس

(2) مافوق الفطرت يا جن شين جو دنيا ۾ وجود نہ هجي. خيالي ڪردار

(3) حقيقي

(4) جز

(6) ڀوتنات جي جيوني

(7) سراج

سوال نمبر (2)

(1) ناول جي معنیٰ نئين يا عجيب شيءِ.

(2) ادب ۾ ناول اهڙي نثري قصي کي ٿو چئجي، جنهن ۾ هڪ خاص مقصد سان زندگي جو حقيقي روپ پيش ڪيو وڃي.

(3) 1789ع

(4) قصو، پلاٽ، ڪردار نگاري، ماحول ۽ منظر نگاري، جذبات نگاري، گفتگوءِ يا مڪالما، ٻولي ۽ بيان، نقط نظر، فنڪاري.

(5) ٻہ وڏا قسم آهن۔ هڪڙو رومانوي ۽ ٻيو نفسياتي.

سوال نمبر (3)

مضمون جي مطالعي کانپوءِ خود تيار ڪرڻو آهي.

خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

(1) حضر عمر رضي الله عنه جو قول آهي تہ "شاعري هر قوم جو عام دفتر آهي" جنهن ۾ ٻولي جي سٽاءَ کانسواءِ انهيءَ قوم جي اخلاق، عادتن، طور طريقن، ريتن رسمن، تاريخ، فلسفي، سمجهہ ۽ عقل جو سرمايو محفوظ ٿيل هوندو آهي.

(2) نج سنڌي شاعري، سنڌين جي زندگي گهارڻ وارن طور طريقن جو آئينو آهي، جنهن تي اک وجهڻ سان سنڌ واسين جي رهڻي ڪهڻي جي اصليت، پنهنجي سڄي جوڀن جنسار، رنگ روپ ، خال خط ۽ خوبين توڙي خامين سميت سڄي ساري نظر اچي ٿي.

(3) عربي شاعري بابت حضرت عمر رضي الله عنه تاڪيد فرمايو آهي تہ "اها عربن جو هڪ عام دفتر آهي. ان کي ياد ڪيو وڃي ۽ ان جي حفاظت ڪئي وڃي."

(4) اهڙو سنڌي شعر جيڪو بغير ڪنهن مذهبي فرق جي، امير ۽ غريب، شهري ۽ ڳوٺاڻي جي تفريق کانسواءِ هر هڪ وٽ هڪ جيترو مقبول ۽ پسند پيل هجي.

(5) عام ماڻهو جنهن کي عام طور تي عوام الناس چيو ويندو آهي.

سوال نمبر (2)

ڊاڪٽر موصوف ٻڌايو آهي تہ عام سنڌي شاعريءَ ترڪيب جي لحاظ سان ڏوهيڙي، بيت ۽ ڪافي جي صنفن ۾ ورهائي سگهجي ٿي، پر معنوي اعتبار کان ان جا موضوع ڏٺ، معما، ڳجهارت، پرولي، هنر، ڏور، ڊراهو، ڏهسنامو ۽ سينگار کي بنائي سگهبو، ليڪن فن جي خيال کان ان جا تخليق ڪندڙ اهڙا شاعر آهن، جيڪي جذبي ۽ احساسن

هيٺ شاعري ڪن ٿا. ٻيا سگهڙ آهن جيڪي هڪ طرف سوچ ۽ فڪر سان سهٽا، سبيتا ۽ پُر معنيٰ نڪتا گهڙين ٿا ته ٻئي طرف شاعرن جي شاعري ۽ سگهڙن جا سخن ڪٿي عام ڪي رسائين ٿا. ٻئي طرف ٻڌندڙن ۾ هڪڙا ٿين سالڪ، جيڪي شاعرن توڙي سگهڙن جي قولن، ڪلامن ۽ سخنن جا سُر سهي ڪري، گفتن جي معنيٰ ۽ مراد ڪي من سان هنڊائين.

ٻڌندڙن جو ٻيو طبقو آهي، سمجهو ۽ سياڻن جو، جيڪي ٻڌل ڳالهين مان مقصد واري مام پروڙيو وٺن. البت ٽيون طبقو، رڳو اهڙن انسانن جو وجي رهي ٿو، جن ڪي رڳو ماٺهو چٺجي. جن ڪي اهڙي ڳالهين سان ڪابه رغبت نٿي رهي.

سوال نمبر (3)

عام سنڌي شاعري جون چند اهم خوبيون هي آهن.

(1) عام سنڌي شاعريءَ جو مول، متو ۽ سٽاءُ تمام سادي ۽ فطري ٿئي ٿي.

(2) عام شاعرن جي ڪلام ۾ روز مره زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي ڪتب آيل هوندي آهي.

(3) عام سنڌي شاعري اجائي لفاظي ۽ محاورن جي جڙتو جوڙجڪ کان آجي هوندي آهي.

(4) هن قسم جي شاعري ۾ جيڪا لفظي ۽ اصطلاحي ڀيچ گهڙ هوندي آهي، اها پنهنجي اصلي فطري رنگ ۾ هوندي آهي.

(5) هن قسم جي شاعري ۾ به قافيو هوندو آهي، پر اهو عروضي شاعري وانگر هجڻ جي برعڪس رڳو آواز جي مناسبت سان هوندو آهي.

(6) عام سنڌي شاعريءَ ۾ لغت جي اٽڪٽ ڪانه هوندي آهي.

يونٽ نمبر 7

1. پورهيتن جو ڏينهن

2. مصطفىٰ جي الوداعي نصيحت

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

هيءُ ستون يونٽ آهي. هن ۾ شامل ٻن مضمونن مان هڪ جو تعلق پورهيتن جي هلايل عالمي هلچل جي حوالي سان آهي. انهيءَ هلچل ۾ پورهيتن کي وڏيون قربانيون ڏيڻيون پيون. مشڪلاتن ۽ مصيبتن جهڙين ڪيترين ئي آزمائشن مان پار پوڻو پيو. پر پوءِ به ٻڌي، اتحاد ۽ مقصد حاصل ڪرڻ واري جذبي کي هٿان نہ ڇڏيائون ۽ نيٺ سوڀارا ٿيا.

ٻيو مضمون هڪ نصيحت آهي، جيڪا اسان جي اديب هڪ تصوراتي ڪردار مصطفيٰ جي واتان پنهنجي معاشري جي مختلف طبقن کي ڪئي آهي. ان نصيحت ۾ به اهڙيون ڪارگر ۽ ڪارائتيون هدايتون ڏنل آهن جن تي عمل ڪرڻ سان معاشري جي اصلاح ۽ سڌاري جي واٽ ملي ٿي. اسان کي پڪ آهي تہ هن يونٽ جي مطالعي ڪانپوءِ اوهين ان لائق ٿي پوندا جو:

يونٽ جو مقصد

(1) محبت جي مفهوم ۽ مفادن کان واقف ٿي سگهو.

(2) مقصد ماڻڻ لاءِ پنهنجي اصول تي اٽل رهي سگهو.

(3) معاشري جي اجتماعي ڀلائي وارن ڪارگر نڪتن کي پروڙي ۽ انهن تي عمل ڪري سگهو.

(4) پورهيتن جي حقن واري هلچل جو قدر ڪري سگهو.

(5) ڀيرين مٺي جي اهميت جاڻي سگهو.

(6) پورهيتن واري هلچل جي پسمنظر کان آگاهہ ٿي سگهو.

فهرست

صفحو	
207	1. پورهيتن جو ڏينهن
207	1.1 ليکڪ جو تعارف
208	1.2 مضمون جو خلاصو
209	1.3 مضمون جو متن
213	1.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ
214	1.5 خود آزمائي نمبر 1
215	2. مصطفیٰ جي الوداعي نصيحت
215	2.1 ليکڪ جو تعارف
215	2.2 مضمون جو خلاصو
217	2.3 مضمون جو متن
228	2.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ
229	2.5 خود آزمائي نمبر 2
230	3. خود آزمائشين جا جواب

1. ڀورهيتن جو ڏينهن

1.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون جناب رشيد ڀٽي صاحب جو لکيل آهي. ڀٽي صاحب پيشيءَ جي اعتبار کان سکر جي وڏن وڪيلن ۾ شمار ٿيندو هو. 6 جولائي 1933ع ۾ سکر ۾ پيدا ٿيو ۽ 16 فيبروري 1988ع تي وفات ڪيائين.

ڀاڻ ننڍي لاڪون لکڻ شروع ڪيائين ۽ اجا شاگرد ئي هو، جو سندس لکڻيون، وقت جي وڏن رسالن ۽ مکيه اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳيون هيون. ٿوري ئي وقت ۾ سندس نالو سنڌ جي سڄاڳ اديبن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

موصوف نثر جي سُٺن ليکڪن ۾ ليکجي ٿو. نثر ۾ بہ طنز ۽ مزاح سندس من پسند موضوع هو. البت، سنجيده ۽ تاريخي عنوانن کي بہ سٺو نڀائي ڄاڻيندو هو. هيءُ مضمون سندس علميت جو آئينو آهي.

1.2 مضمون جو خلاصو

اوڻيهين صديءَ ۾ پورهيتن پنهنجن حقن جي پوراڻي جا مطالبا شروع ڪيا. ڪين انسان ڄاڻڻ جي بجاءِ حيوان سمجهي، مزوري ڪرائي ويندي هئي، جڻ ته اهي ڪنهن مشين جا پرزا هئا، جيڪي نه بيمار ٿيندا، ڪاڏو ڪاٿيندا، آرام ڪندا، سک ڏسندا ۽ نه وري ڪين ڪي سماجي ذميواريون نڀاهڻيون آهن. جنهن لاءِ انهن کي ڪي مالي ضرورتون به پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. بس، انهن کي رڳو ڪارخاني وارن يا دولتمندن جي مرضي مطابق سواءِ ڪنهن معقول معاوضي جي سدائين ڪم ڪرڻ گهرجي.

انهن ڏاڍاين جي خلاف انهن آواز اٿاريو ته مڙئي مزور هڪ آواز ٿي ويا، جن کي خاموش ڪرائڻ لاءِ سخت ڪارروايون ڪيون ويون، جن جي نتيجي ۾ پنهنجي حقن جي گهر ڪندڙ انسان، رڍن ۽ ٻڪرين وانگر مارجڻ لڳا. اهڙي ظلم کي سدائين سهڻ جي بجاءِ، آمريڪا جي مزورن هڪ هڪاڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ مٿن سختيون ٿيون، اذيتون مليون ۽ مصيبتن جا پهاڙ ڪڙڪي پيا، پر پنهنجي تحريڪ کي پوئتي پوڻ نه ڏنائون. نيٺ ڪامياب ۽ ڪامران ٿيا. ٻڌي ۽ اتفاق سان ثابت ڪيائون ته ٻڌي ۽ اتفاق ۾ وڏي برڪت آهي.

اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون اسان جي پڙهڻ لاءِ هت موجود آهن، جن جي پڙهڻ ڪانپوءِ پهرين مئي 1886ع واري انهيءَ عالمي تحريڪ جي پسمنظر ۽ نتيجن جي پروڙ پوي ٿي.

1.3 مضمون جو متن

پورهيتن جي جدوجهد ۽ پنهنجي حقن لاءِ لڙڻ جي تاريخ ۾ ، 1 - مئي جي ڏينهن کي وڏي اهميت آهي. سڄيءَ دنيا ۾ هر سال، هي ڏينهن "پورهيتن جو ڏينهن" ڪري ملهايو ويندو آهي. سن 1886ع جي مئي مهيني جي پهرين تاريخ تي آمريڪا جي مزورن ۽ پورهيتن، سرمائيدارن ۽ نفعي خورن خلاف بغاوت جو جهنڊو هٿ ۾ کنيو. ان ڏينهن سڄ اُڀرڻ سان ئي لکن جي تعداد ۾ مزور اچي شڪاگو ۽ ٻين شهرن جي گهٽين ۾ ڪٺا ٿيا. هو شاهوڪارن ۽ ملن جي مالڪن جي ڏاڍاين ۽ ظلمن خلاف آواز اُٿاري رهيا هئا ۽ پنهنجا حق گهري رهيا هئا. مٿن ٿيندڙ ظلمن کين هڪ ڪري ڇڏيو هو. پنهنجا سمورا ويچا وساري، ڏاڍ سان منهن ڏيڻ لاءِ هو پاڻ ۾ ٻڌ ٿي چڪا هئا. هو حق ۽ سچ جي راهه تي هئا. هنن کي پنهنجي جدوجهد ۾ ويساهه هو ۽ سوڀ جي پڪ هئي. هنن جي مکيه گهر اها هئي تہ "هو سورهن يا ارڙهن ڪلاڪن بجاءِ، رڳو اٺ ڪلاڪ روز ڪم ڪندا."

پورهيتن، سرمائيدارن يا موڙيءَ وارن خلاف اها بغاوت ڇو ڪئي؟ مالڪ ۽ مزور جو اهو جهڳڙو ڇو پيدا ٿيو؟ ان سمجهڻ لاءِ اسان کي سماجي سرشتن جي اوسر جي تاريخ جو اڀياس ڪرڻو پوندو.

جاگيرداري ۽ زميندار‌ي سرشتي واري سماج ۾ شين جي پيداوار ڳوٺائين دستڪارين ۽ گهرو هنرن وسيلي ٿيندي هئي. ساڳيو ئي گهر جو مالڪ ۽ سندس پاتي ان ننڍڙي ڪارخاني جا مالڪ بہ هوندا هئا تہ مزور بہ. ماڻهن جون گهرجون ٿوريون هونديون هيون، ان ڪري اها ننڍڙي پيماني واري پيداوار ئي انهن جو پورائو ڪري ڇڏيندي هئي. زماني جي ترقي سان گڏ هوريان هوريان ماڻهن جون گهرجون بہ وڌنديون ويون. ان ڪري شين جي لوڙ بہ وڌندي ويئي. هٿن سان ماڻهو گهڻيون شيون پيدا ڪري نٿي سگهيا. چوندا آهن تہ "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي". سو انسان تڪڙي ۽ گهڻي پيداوار هٿ ڪرڻ لاءِ مشينون ۽

ڪلون ايجاد ڪيون. ان مشيني دور ۾ سرمائيداري سرشتي جو پايو پيو. اڳ جو مالڪ پاڻ پورهيو ڪندو هو. تنهن مشين تي ڪم ڪرڻ لاءِ مزور لڳايا. مزور محنت ڪندو رهيو ۽ مالڪ رڳو سرمايو يا موڙي سيڙائي ويٺو. ان جو نفعو ۽ ڪٽيو ڪائيندو هو. اهڙي ريت سماج ۾ ٻہ طبقا يعني سرمائيدار ۽ پورهيت پيدا ٿيا. طبقن جو اختلاف تڏهن بہ جاري رهيو. جاگيرداري سرشتي ۾ جاگيردار ڦورو ۽ هاري ڦرجندڙ، تہ وري هن سرشتي ۾ اها جاءِ سرمائيدار ۽ مزور والاري. پيداوار جي وسيلن تي ڪن ٿورن سرمائيدارن جو قبضو رهيو جي پورهيت جي پورهئي جي ڦُرمار ڪندا رهيا.

پورهيتن جي پورهئي جي ڦُرمار يا ڦرلُٽ ئي سرمائيدار ۽ مزور جي طبقاتي جنگ جو ٻايو وڌو. اسان ڏسون ٿا تہ هر شيءِ جي پيداوار ۾ گهڻي ۾ گهڻو حصو پورهيت جي پورهئي جو هوندو آهي. پر ڪٽيو گهڻو. يا اجا بہ چئجي تہ ذري گهٽ سارو، سرمائيدار ٿو ڪائي. هو رت ست ڏيئي. لکين ميٽرڪ ٽن ڪوئلو ڪائين مان ڪوٽي ڪڍي ٿو. پر ڪيس ايترو ڪوئلو بہ نصيب نٿو ٿئي، جو بہ ڏينهن چلهہ گرم رکي سگهي. هو هڏ گڏ ٿڪائي، هزارين ميٽر ڪپڙو اڻي ٿو، پر ڪيس بت تي پائڻ لاءِ بہ ڪپڙو نصيب نٿو ٿئي. هو گهاڻي جي ڏاند جيان ڳهي ڳهي هزارين ميٽرڪ ٽن کنڊ تيار ڪري ٿو، پر ڪيس عيد برات تي بہ ڪا چپٽي مشڪل ملي ٿي. ٻئي پاسي سرمائيدار، ان جي پورهئي مان پيدا ٿيل شين جو وڪرو ڪري. ناجائز نفعو ڪائي ، وجي ٿو ڏينهون ڏينهن ڪروڙپتي ۽ ارب پتي ٿيندو. ان اڻ برابريءَ، بي انصافيءَ ۽ ظلم ئي مزور کي سرمائيدار خلاف ڀڙڪايو.

ان اختلاف چٽي ۽ چوکي صورت تڏهن اختيار ڪئي، جڏهن شين جي گهرج وڌي وڃڻ سبب سرمائيدارن ۽ ڪارخانن جي پاڻ ۾ چٽاڀيٽي ۽ ڊوڙ شروع ٿي، هر مل جو مالڪ چاهڻ لڳو تہ سندس مال گهڻي ۾ گهڻو پيدا ٿئي ۽ ججهي انداز ۾ وڪامي. گهڻي مال ٺهڻ لاءِ ضروري آهي تہ مزور گهڻو وقت ڪم ڪن. گهڻي وڪري لاءِ وري اهو ضروري آهي تہ مال سستو وڪامي. مال سستو تڏهن وڪرو ٿيندو جڏهن ان تي لاڳت ٿوري ايندي. ان ڪري

هر ڪارخانيدار اها ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ سندس مزور ٿوري ۾ ٿوري مزوري يا اجرت تي گهڻي ۾ گهڻو ڪم ڪن. ان ڪري هو نہ رڳو مزورن جي مزوري گهٽائڻ لڳا، پر هنن کان ڪم بہ گهڻو وٺڻ لڳا. نتيجو اهو نڪتو جو گهٽي ڪم سبب مزور ويو هيٺو ۽ بيمار ٿيندو. ٻئي پاسي، ڪيس ايترو بہ ڪين ملندو هو. جو هو ڪاڏو خوراڪ خريد ڪري. پاڻ کي سگهارو رکي سگهي يا دوا درمل ڪري. صحت قائم رکي سگهي. هو سک سهنج تہ ڇا، پر جيئڻ رهڻ جي ضرورتن کان بہ محروم ٿيو. سٺو ڪاڏو، چڱي رهائش، تعليم ۽ تندرستي تہ هو خواب ۾ بہ ڏسي نہ سگهندو هو. ٿوري ۾ هو انسان نہ پر جانور وجي رهيو هو. هن کي اٽي، لٽي ۽ اجهي جهڙين بنيادي ضرورت کان بہ نهٺ جواب ٿي مليو.

مزورن پنهنجي حقن گهرڻ لاءِ هڙتالون شروع ڪيون. سرمائيدارن سندس گهرون پوريون ڪرڻ بجاءِ ڪين نوڪريءَ مان ئي نيڪالي ڏيڻي پئي چڏي. هو انهن جي جاين تي نوان مزور ڀرتي ڪندا هئا يا وري هڙتالي مزورن کي هرڪائي، ريهي ريبي ڪم تي آڻيندا هئا يا وري غير هڙتالي مزورن کي وڌيڪ روز جي لالچ ڏئي، ڪائنن ڀيٽو ٽيٽو ڪم وٺندا هئا. ان حالت مزورن کي پاڻ ۾ ٻڌي ڪرڻ جو احساس ڏياريو. هنن ملي ڪري جماعتون (ٽريڊ يونين) ٺاهيون ۽ پنهنجي هل چل ۽ جدوجهد کي اڳتي وڌايو.

پهرين مئي وارو مظاهرو بہ ان هل چل جي هڪ چمڪندڙ ڪڙي آهي. ان ڏينهن تي آمريڪا جي ڪن صنعتي شهرن ۾ مزور پر امن جلوس ڪڍي، پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هل چل هلائي. سڀ کان وڏا جلوس ۽ مظاهرا شڪاگو شهر ۾ ٿيا. سرمائيدارن جي سرڪار مظلومن جي حق ۽ سچ جي آواز ٻڌڻ کان انڪار ڪيو. سچ ۽ انصاف جي نعرن تي هو مچرجي ويٺي. انهن مظلومن ۽ امن پسند مزورن تي سرڪار جي حڪم سان بي روڪ ٽوڪ گولين جو مينهن وسايو ويو. ڪيترائي مزور مري ويا. شڪاگو جا رستا رت سان وهڻ لڳا. سرمائيدارن ۽ انهن جي چاڙتي سرڪار سمجهيو هو تہ ائين ڪرڻ سان مزورن کي ماري مات ڪندا ۽ سندس اُٿيل آواز کي گهٽي ڇڏيندا! پر هو ڀليل هئا. حق کي ڪو بہ دٻائي نہ

سگهيو آهي. هو مانجهي مڙس بہ مُڙڻ وارا نہ هئا. هو اڳتي وڌندا رهيا، پٺتي نہ هٽيا. هنن پنهنجي ساٿين جي هاريل رت مان ڪپڙا رڱيا ڪري پنهنجا جهنڊا ٺاهيا. هنن اٿين مزور تحريڪ کي جهنڊو ڏنو. اڄ بہ سڄي دنيا جي مزورن جي جهنڊي جو رنگ ڳاڙهو آهي. ان تي سرڪار صبر نہ ڪيو. هزارين پورهيت اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا. سون کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو. سرمائيدارن مزورن کي ماري تہ سگهيا پر سندس هل چل کي مات نہ ڪري سگهيا. اهي خوش نصيب حق جي راهہ تي جان ڏيئي شهادت جو پيالو پي ويا، پر مزورن جي آواز ۽ نعري کي زنده ڪري ويا. آخر دنيا کي ائن ڪلاڪن واري اصول کي مڃڻو پيو.

اڄ بہ سڄي دنيا جا مزور ۽ پورهيت هر سال پهرين مئي تي انهن شڪاگو جي شهيدن کي سلام ڪري، پنهنجي هل چل ۾ نئين جان وجهندا آهن ۽ اڳتي وڌندا آهن. اڄ بہ هي انسان دنيا جي پورهيتن لاءِ وهائو تاري جي حيثيت رکن ٿا. انهن جو رت پورهيت تحريڪ جون راهون روشن ڪري ويو آهي. اهو ڏينهن پري نہ آهي، جڏهن هو پنهنجي جائز حقن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا ۽ هر ڪنهن کي پنهنجو حق ملندو. هينئر ڪو ڪنهن جي ڦرلٽ نہ ڪندو نہ وري ڪنهن رت پٽ تي پلجندو. اوچ نيچ جا سنڌا ميٽجي ويندا ۽ سڄي انسان ذات صحيح معنيٰ ۾ "اشرف المخلوقات" ٿي پوندي ۽ هي سڀ خوبيون اسان کي مذهب اسلام ۾ موجود نظر اينديون.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

سوڀ	ڪاميابي
اڀياس	مطالعو
لوڙ	گهرج، ضرورت
ڪلون	انجڻيون، مشينون
چٽاڀيٽي	مقابلو
نپٽ	بلڪل، صفا
هرڪائڻ	لالچ ڏيڻ
ريهڻ ريبڻ	ورغلائڻ
مچرجڻ	چڙڻ، ڪاوڙجڻ
وهائو تارو	ڏينهن ٿيڻ کان اڳ ڏينهن ٿيڻ جو پيغام ڏيندڙ صبح وارو روشن تارو.
نفعي خورن	فائديمندن
ٻٽ	گڏ
ويساهه	ڀروسو، يقين
اوسر	ڦٽڻ
موڙي	دولت، سرمايو
ڦرمار	ڌاڙو هڻڻ، طاقت جي زور تي کسڻ
چٽي	واضح، پڌري
ججهي	ڪثرت، لاتعداد
ماري مات	خاموش ڪرائڻ

چاڙتي	من پسند
گهٽي	دباني چڏڻ
اوچ نيچ	ننڍ وڏائي
سنڌا	فرق، تفاوت

1.5 خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو.

(1) پورهيتن جي پهرين جڳ مشهور هلچل ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙي شهر ۾ هلي هئي؟

(2) پورهيتن اها هلچل ڪهڙي سن ۾ هلائي هئي؟

(3) پورهيتن جي اهم گهر ڪهڙي هئي؟

(4) سرمائيدار ۽ مزور جي طبقاتي جنگ جو پايو ڪنهن وڌو؟

(5) مالڪ ۽ مزور جي انهيءَ جهڳڙي جو سماجي سبب ڇا هو؟

(6) ڪهڙي طاقت مڙني مزورن کي هڪ ڳالهه تي متفق ڪيو؟

(7) سرمائيدار سرشتي جو پايو ڪڏهن پيو؟

(8) مزورن پنهجن حقن ميراڻ لاءِ ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟

سوال نمبر (2)

مالڪن کي اها ضرورت چو پيش آئي، جو انهن مزورن کان ڪم وڌيڪ ورتو ۽ کين اُجرو گهٽ ڏنو.

2. مصطفيٰ جي الوداعي نصيحت

2.1 ليکڪ جو تعارف

هيءُ مضمون، مرحوم عثمان علي انصاري جي ڪاوش آهي. جيڪو سنڌس مشهور ڪتاب "ادبي انتخاب" تان ورتو ويو آهي. انصاري صاحب 1901ع ۾ شڪارپور شهر ۾ پيدا ٿيو. سنڌس وابستگي تعليم جي شعبي سان رهي ۽ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن اِن سنڌ جي عهدي تي بہ فائز رهيو. انصاري صاحب 1948ع ۾ سچل سرمست جو رسالو بہ ايڊٽ ڪيو. سنڌس افسانن جو مجموعو "پنج گنج" اهم آهي. هن جيڪو ڪجهہ لکيو سو سنڌس شهرت جو باعث بڻيو سندن وفات 1962ع ۾ ٿي.

2.2 مضمون جو خلاصو

اسان جي اديب، هن يونٽ ۾ شامل "مصطفيٰ جي نصيحت" واري هن شهپاري ۾ زماني جي تجربن کان باخبر هڪ بزرگ جي خيالي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. انهيءَ ڪردار کي هن مصطفيٰ جو نالو ڏنو آهي. مصطفيٰ ڪنهن شهر ۾ وڏو عرصو گذارڻ کانپوءِ پنهنجي وطن واپس ورڻ چاهي ٿو. کيس الوداع چوڻ لاءِ زندگي جي اهم شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا نمائندا وٽس ملڻ اچن ٿا، انهن ملڻ وارن ۾ عورتون، مرد، ٻڍا، نوجوان، شاگرد ۽ عالم شامل هئا. هر طبقي جو اڳواڻ کيس اهڙي نصيحت ڪرڻ لا ءِچوي ٿو. جيڪا هن کي ڪارائتي ۽ ڪارگر زندگي گهارڻ ۾ مدد ڏئي.

درويش پنهنجي علم، تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي هر هڪ کي جيڪا نصيحت ڪري ٿو، تنهن جو بنياد پاڻ ۾ پيار ۽ محبت سان ڀڌي ۽ اتحاد ۾ رهڻ واري سبق تي آهي. ان کانپوءِ هر هڪ طبقي جي نمائندگي ڪندڙ کي پنهنجي سماجي، اخلاقي ۽ مذهبي ذميوارين نڀائڻ ۽ معاشري طرفان مٿن مقرر ڪيل فرضن جي پورائي جي به هدايت ڪري ٿو. اهي هدايتون اهڙن نڪتن تي ٻڌل آهن، جن تي هلي ڪري سڄي سماج جي اصلاح ڪري سڌاري سگهجي ٿو.

2.3 مضمون جو متن

مصطفیٰ محبوب. پنهنجي زماني جو سج. ٻارهن سال پرديس ۾ گذاري پنهنجي وطن ڏي ويو. موٽڻ واري ڏينهن ٽڪري جي چوٽي تان ڏٺائين ته ڪيس واپس وٺي هلڻ لاءِ. هڪ ٻيڙي سمنڊ جي ڪناري تي بيٺي هئي. بيحد خوشيءَ جي ڪري، اکيون ٻوٽي خاموشيءَ سان شڪر ڪيائين. پر جيئن ٽڪريءَ تان هيٺ لٿو، تيئن سندس خوشي ڏک ۾ بدلجي ويئي. دل ۾ چيائين.

"هن شهر ڇڏيندي منهنجي دل کي درد ٿو رسي. مون هن شهر ۾ ٻارهن ورهيه مٺيءَ مٺيءَ مصيبت جا گذاريا آهن. هينئر هن شهر کي ڪيئن ڇڏيان؟ ميرو ڪپڙو هجي ته لاهي اُڇلايان، پر بندن جي کل ته ايذاءَ کان سواءِ ڪين لهندي؟ ڪو خيال هجي ته وساري ڇڏيان، پر پنهنجي درد مند دل کي هتي ڪيئن ڇڏي وڃان؟ اهي بک ۽ اُڃ جون راتيون ۽ ڏينهن ڀلا وسري به سگهندا ڇا؟ دل ٿي گهري ته هتئون جو سڀ ڪجهه ساڻ کڻي وڃان پر کڻي نٿو سگهان. باز پنهنجي آکيري کي ڇڏڻ وقت ڪو وڻ کي به کڻي سگهندو ڇا؟

جيئن ٻيڙيءَ ڏي ٿي آيو تيئن ڏٺائين ته شهر جا مرد ۽ زالون، پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، سندس پٺيان پئي آيا. بزرگ خيال ڪيو ته "هي سڀ مون کي چوندا ته ڪين ڪجهه نصيحت جا به لفظ چئي پوءِ هتان روانو ٿيان. مان ڀلا ڪين ڪهڙي نصيحت ڪري سگهندس؟ مان گهٽي ۾ گهٽو ته پنهنجو اونداهو فانوس مٿي جهلي، قدرت جي مالڪ کي عرض ڪندس ته منجهس تيل ۽ وٽ وجهي، روشن ڪري، جيئن اُها روشني انهن جي اندر کي به اجالو ڏئي...."

بزرگ کي ٻيو به ڪجهه دل ۾ هو پر چئي نه سگهيو، ڇو ته شهر جا ماڻهو هينئر اچي ڪيس مليا. پوءِ هڪ ٻڍو شخص اڳتي وڌي آيو ۽ اچي بزرگ کي چيائين ته "سمجهون

ٿا تہ توهان کي پنهنجي وطن جي سڪ لڳي هوندي. اسين اوهان کي روڪيون ٿا. فقط هيءُ عرض ڪريون ٿا تہ پنهنجي معلومات جي نور مان ڪجهہ روشني اسان کي بہ ڏيئي وڃو.“

بزرگ فرمايو. ”اوهان کي ڇا ٻڌايان؟“

هڪ شخص اڳتي وڌي آيو ۽ چيائينس، ”اسان کي محبت بابت ڪجهہ ٻڌايو!“

بزرگ منهن مٿي ڪري سيني ڏي نهاريو. سڀ خاموش بيٺا هئا.

بزرگ فرمايو: ”محبت جو رستو ڪيترو بہ مشڪل هجي تہ بہ اوهان سندس سڏ ۾ سڏ ڏيو ۽ جڏهن محبت پنهنجا پيار ڀريا پر کولي اوهان کي پنهنجي آغوش ۾ وٺڻ لاءِ تيار ٿئي، تڏهن اوهان هي خوف نہ ڪجو تہ مٿان سندس پرن ۾ ڪا تلوار لڪل هجي، جا اوهان کي ڦٽي وجهي.

”محبت جا لفظ جيڪڏهن اوهان جي خوشيءَ جي دنيا کي تاراج ڪري رکن، جيئن خزان جي موسم، باغن کي ويران ڪري ڇڏيندي آهي، تہ بہ اوهان اکيون پوري دل جي ڪنن سان لفظ ٻڌندا رهو ڇو تہ محبت جي دنيا نرالي آهي، جنهن ۾ تخت ۽ تختي جو فرق ڪونهي، جنهن ۾ هر خوشي غم جي شروعات آهي ۽ هر غم خوشيءَ جي تمهيد، جنهن ۾ انسان خادم ٿيندو آهي مخدوم ٿيڻ لاءِ، ۽ مخدوم ٿيندو آهي خدمت لاءِ.

”محبت اوهان کي پاڻ وٽ ائين گڏ ڪندي، جيئن هڪ ڪڙمي پنهنجي ٻار ۾ ڪڻڪ گڏ ڪندو آهي، پوءِ اوهان کي ڳٽين جي ڳاهہ ۾ ڳاهي، اوهان جي تُهہ ۽ مٽي جدا ڪري، اوهان کي جدائي جي جنڊ ۾ پيهي، اچو اٽو ڪندي، پوءِ وري پريت جو پاڻي وجهي اوهان کي ڳوهي، برھ جي ٻاھ ۾ پچائي، اوهان کي انهيءَ لائق ڪندي جيئن اوهان پاڻ کي پنهنجي محبوب جي مهماني لائق بنائي سگهو. پر جيڪڏهن اوهان خوف کاڌو ۽ محبت جي مُهريءَ کان پاڻ بچايو تہ پنهنجن تُهن ۽ مٽيءَ ۾ حياتي جا ڏينهن گذاري مري ويندا. اوهان جي حياتي اهڙي بي حس گذرندي، جنهن ۾ نہ سيارو هوندو نہ اونهارو، نہ خزان هوندي نہ بهار. اوهان کلندا، فقط وات وڏي ڪرڻ سان نہ روح سان، اوهان روئندا تہ فقط اکين سان ۽ نہ دل سان.“

"محبت اوهان کي ڏيندي بہ محبت ۽ وٺندي بہ محبت. نہ اوهان جي ٿيندي ۽ اوهان کي پنهنجو ڪندي. چو تہ محبت فقط محبت جي ٿيندي آهي ۽ فقط محبت کي پنهنجو ڪندي آهي."

"محبت ڪرڻ وقت ائين نہ چئو تہ محبت اسان جي دل ۾ آهي بلڪ چئو تہ اسين محبت جي دل ۾ آهيون. چو تہ جا شيءِ اوهان وٽ آهي، تنهن تي اوهان حڪم هلائي ٿا سگهو، پر محبت اوهان تي حڪم ٿي هلائي چو تہ اوهان وٽس آهيو."

"محبت ڪانسواءِ جيڪڏهن ٻي ڪا بہ خواهش اوهان جي دل ۾ پيدا ٿئي تہ اها محبت نہ پر اوهان جي خواهش آهي."

"محبت جي هر هڪ امتحان ۾ جدا جدا قسم جي لذت پيل آهي. مثلاً جي اوهان کي فراق جي ڪوٺاريءَ ۾ وجهي ڳاريو وڃي تہ اوهان خوش ٿيو چو تہ اوهان کي رقيق بنائي، درد، جي رقت جو مزو چکايو ويو."

"هر روز صبح جو اٿي، اول شڪر ڪريو تہ اوهان کي هڪ وڌيڪ ڏينهن محبت ڪرڻ لاءِ نصيب ٿيو ۽ هر رات جو وري شڪر ڪريو چو تہ اوهان کي اڃا هڪ رات ملي تہ پاڻ کي فراق ۾ پچائي پختو ڪريو ۽ پچائڻ واري کي دعائون بہ ڪريو."

پوءِ هڪ ٻڍيءَ عورت جنهن جي گود ۾ ٻار هو تنهن چيو تہ "سائين، اولاد بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟"

بزرگ فرمايو: "اولاد اوهان جو نہ آهي. قدرت جا اهي پٽ ۽ نياڻيون آهن، جي انسان ذات جي تخم کي فنا ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ قدرت پيدا ڪرائيندي ٿي رهي.

"اولاد اوهان مان دنيا ۾ نٿو اچي، البت اوهان جي معرفت ٿو اچي ۽ توڻي جو اوهان انهن کي پاليو ٿا تہ بہ هو اوهان جي ملڪيت نہ آهن."

"اوهان پنهنجي ٻارن کي پيار ڏيو ٿا چاڪاڻ تہ اهڙي پيار ڏيڻ ۾ اوهان کي خاص لذت ٿي اچي، اهو ڪو هنن تي احسان نٿا ڪريو."

"ٻارن کي اوهان پنهنجا خيال نہ ڏيو ڇو تہ هو قدرت کان پنهنجا خيال بہ وٺي آيا آهن، جي بلڪل تازا ۽ نوان آهن."

"اوهان هنن جي گهٽي ۾ گهٽي بدني پرورش ڪري سگهو ٿا. سندن ذهن جي پرورش، اوهان جي قدرت کان ٻاهر آهي، ڇو تہ سندن ذهنيت انهيءَ مستقبل جي محلات ۾ ٿي پلجي، جتي اوهان جي خيال کي بہ وڃڻ جي اجازت نہ آهي."

"هنن کي پاڻ جهڙي بڻائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪجو، البت جي ٿي سگهي تہ پاڻ هنن جهڙا ٿي وڃجو، ڇو تہ ارتقا جو اصول آهي تہ دنيا ترقي ڪندي رهي، مستقبل کي ماضي جو انتظار ڪو نہ ٿيندو آهي."

"والدين جڻ تہ هڪ ڪمان جا بہ پاسا آهن جي نڪاح جي زه سان ٻڌا ويا آهن، جن ٻنهي جي گڏيل عمل سان قدرت پنهنجي مرضي موجب جيترا تير، اولاد جي صورت ۾ ڪنهن خاص نشاني جي چٽڻ لاءِ هٽندي ٿي رهي، جن مان ڪي ٺيڪ نشاني تي وڃي ٿا لڳن، ڪي اوري ڪري ٿا پون."

"قدرت جي انهيءَ مشغلي ۾ جيترو حصو ڪمان جو آهي، اوترو ٺي تيرن جو تنهن ڪري ٻيئي سندس محبوب هستيون آهن."

پوءِ هڪ دولتمند چيو، "سائين، خيرات ڏيڻ بابت بہ ڪجهہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو تہ، "اوهان جڏهن پنهنجي ملڪيت مان ڪجهہ خيرات ڏيو ٿا، تڏهن حقيقتاً ڪجهہ بہ نٿا ڏيو، البت جڏهن پاڻ مان ڪجهہ ڏيو ٿا، تڏهن سچ پچ خيرات ڏيو ٿا، ڇو تہ اوهان جي ملڪيت ۾ دراصل اهو ڪجهہ آهي جو توهان احتياطً سنڀالي رکيو آهي تہ جيئن آئي ويل ڪم اچي، پر ممڪن آهي جو اها آئي ويل اوهان جي اڳيان ڪنهن ضرورت جي پيش ڪرڻ جي بدران، انسانيت جي آخرين ضرورت يعني موت آئي بيماري، تنهن ڪري آئيءَ ويل جو بهانو ڏيئي، دولت گڏ ڪرڻ هڪ انساني ڪمزوري آهي جا ڏيڻ واري داتا مان اوهان جو ايمان گهٽ ڪندي رهي ٿي.

"اوهان مان ڪي پنهنجي گهڻي مان ڪجهہ ڏين ٿا، انهيءَ لاءِ تہ نالو ٿئي، تن بہ جڻ تہ ڪين ڏنو. ڪي پنهنجي ڪافيءَ مان ڪجهہ ڏين ٿا، تن قدرت جي ڏيڻ، وٺڻ جي اصول کي سمجهيو. ڪي پنهنجي ٿوري مان بہ ڪجهہ ڏين ٿا، تن انسانيت جي لذت ورتي."

"سائل کي ڏيڻ بہ چڱو، پر سوال کان اڳ ڏيڻ بهتر. حقيقي سخي اهو آهي، جو سائل کي ڳوليندو ٿو رهي."

"اوهان مان ڪي چوندا تہ اسين ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر ڪو مستحق بہ تہ هجي! خيال ڪريو تہ جيڪڏهن اهڙي چوندا اوهان جي باغن جا ميويدار وڻ بہ ڪن، تہ هوندا دنيا ميوي کان خالي ٿي وڃي. ميويدار وڻ، ميوو هن خيال سان نٿو ڏئي تہ ڪير لائق کائيندو يا نالائق. هن کي فقط پنهنجي قدرت کان مليل ڏات کي ظاهر ڪرڻو آهي، تنهن ڪري اول ڪُلندو آهي، پوءِ ميوو ڏيندو آهي ۽ وري ٻئي فصل جي تياري ۾ لڳي ويندو آهي. محنت ڪري زمين جي پاتال مان رس چوسي، ميوو تيار ٿو ڪري انهيءَ لاءِ تہ هر ڪو کائي."

پوءِ هڪ مزور چيو، "سائين، محنت بابت بہ ڪجهہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: "محنت جو بهترين مظاهرو محبت آهي.

قدرت ڏينهن ـ رات محنت ڪندي ٿي رهي انهيءَ لاءِ تہ انسان بہ سبق سکي، جو تہ حياتي، اُمنگ کانسواءِ بي معنيٰ، اُمنگ، عقل کانسوءِ انڌو، عقل، محنت کان سواءِ خالي، دهل، ۽ محبت محنت کانسواءِ هڪ عذاب آهي."

"ڪوري ڪپڙو ٿو اُڻي ڪيس گهرجي تہ هڪ هڪ تار اهڙي محنت سان وجهندو رهي، جو جڻ تہ اهو ڪپڙو پنهنجي محبوبن لاءِ ٿو تيار ڪري."

"رازو گهر ٿو ٺاهي. ڪيس هڪ هڪ سر اهڙي پريم سان هڻڻ گهرجي جڻ تہ انهيءَ گهر ۾ سندس پريتم اچي رهندو."

"آرائين باغ ٿو ويهاري. ڪيس هر هڪ ٻوٽي جي اهڙي سنڀال ڪرڻ گهرجي جو جڻ تہ سندس باغ جو سمورو ميوو ۽ گل سندس حبيب اڳيان ويندا."

"هڪ پگهاردار نوڪر اوهان جي روٽي ٿو ڏاهي ۽ هڪ ماءُ پنهنجي ٻچن لاءِ ماني ٿي پچائي." فرق ڏسو.

"دنيا جون زنده قومون فقط اهڙي محنت پيدا ڪري سگهيون آهن جا محبت سان معمور هجي."

تنهن ڪانپوءِ هڪ عورت چيو. "سائين، اسان کي ڏک سک بابت به ڪجهه ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو ته، ڏک جڏهن پردي ۾ آهي ته ڏک آهي ۽ جڏهن بي نقاب ٿو ٿئي، تڏهن اوهان هن کي ٻيو نالو ڏيئي، سُک ٿا سڏيو. پوءِ ڇا ٿو ٿئي. جو جنهن چشمي کي اوهان پنهنجي لڙڪن جي پاڻيءَ سان ڀرپور ڪيو ٿا، انهي ساڳئي چشمي مان اوهان خوشي جا جام پيئندا ٿا رهو.

"ڏک جيترو اونهو اوهان جي وجود ۾ ويندو اوتري وڏيڪ اوهان وٽ خوشيءَ جي ماپڻ لاءِ جاءِ پيدا ڪندو."

"خيال ڪريو. جنهن جي ڪوزي ۾ اوهان فرحت ڏيندڙ ٺڏو پاڻي ٿا پيو سو اول اول ڪنهن ڪنڀر جي آويءَ ۾ جليو هوندو."

"يا جنهن بانسري جو مٺو آواز اوهان کي مست ڪندو ٿو رهي تنهن جو اندر ڪنهن تيز چاقو سان ڪوري خالي ڪيو آهي."

"جنهن وقت پاڻ کي بيحد خوش سمجهو، انهيءَ وقت مهرباني ڪري ٿورو غور ڪري ڏسو ته اوهان جي خوشي جي پيدا ٿيڻ جي جاءِ به ساڳي اُها آهي، جنهن مان ڪجهه اڳ درد پيدا ٿيندو رهيو يا نه؟"

"جيئن نر ۽ مادي قدرت جي بنايل جفت آهي، تيئن ڏک ۽ سُک به قدرتي جوڙو آهي، تنهن ڪري جي هڪ هوندو ته ٻئي جو هجڻ به لازمي آهي. پوءِ جي هڪ اوهان جي دسترخوان تي اوهان سان گڏ آهي، ته ٻيو وري بستري تي اوهان جو منتظر هوندو."

"حقيقت جي نظر سان ڏسبو تہ انسان، ڏک ۽ سک جي ٻن پارٽين جي وچ ۾ هڪ ڪينهون؛ مثال آهي. هيڏانهن هڪ ڏک تہ هوڏانهن ٻئي جي مهميز. اها بہ قدرت جي رانديگرن جي ڪيڏ ڇڻبي، جو ڪينهون ٻنهي حالتن سان مانوس ٿيو وڃي."

پوءِ وري هڪ رازي چيو تہ "سائين، ڪجهہ اسان جي گهرن بابت بہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو تہ "اوهان جا گهر وڏي پيماني تي اوهان جا آڏيل آهن. ڪاش مان اوهان جا گهر ريتيءَ جي ذرن وانگر ميڙي مٺ ۾ري هوا ۾ اڏائي سگهان!

"قدرت جا ٻار آهيو. اوهان کي قدرت جي ٺاهيل ڇت هيٺان رهڻ گهرجي، جيئن پنهنجون قدرت کان مليل طاقتون وڌائي سگهو. جهڙيءَ طرح وڻ، پکي ۽ ٻيا جاندار ٿا رهن."

"مون کي ٻڌايو تہ اوهان پنهنجن گهرن ۾ ڪهڙين قيمتي شين جي حفاظت ڪري ٿا سگهو؟ ڇا ڪسجي وڃڻ يا چوراڄجي وڃڻ جو خوف اوهان کي درن يا ديوارن اندر رهڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري؟"

"ڇا اوهان جا گهر، اوهان جي ذهني قوتن جي حفاظت ڪري سگهن ٿا؟ اوهان جي دلي يا روحاني خوشي انهن گهرن ۾ محفوظ آهي؟"

"اوهان پنهنجي قدرت کان مليل حسن جي حفاظت گهرن اندر ڪري سگهو ٿا؟ جي انهن سڀني سوالن جو جواب نفيءَ ۾ آهي تہ آءٌ چوندس تہ اوهان جا گهر فقط عيش پرستي جا منارا ۽ اوهان جي ڪوڙيءَ وڏائي جون ثابتيون آهن."

"اوهان جا گهر اهڙا هئڻ گهرجن، جهڙا اکين جي بچاءَ لاءِ قدرت اوهان کي ڇپر ڏنا آهن، جن ۾ آرام جي وقت اوهان محفوظ رهي سگهو. نہ تہ اهي بنگلا ۽ ماڙيون اوهان جي بي حساب قوتن کي زائل ڪري ڇڏينديون. اهي پلنگ ۽ آرام ڪرسيون اوهان مان جوانمردي ڪڍي ڇڏينديون. وڏين وڏين ديوارين جي اندر رهڻ ڪري اوهان جي تندرستي خراب ٿيندي. تازي هوا نہ ملڻ ڪري اوهان جو حسن بہ ويندو رهندو ۽ اها ٿڌي ڇانو ۽ آسائش اوهان کي اهڙو بيڪار ڪري ڇڏيندي، جو اوهان ڪنهن بہ سختي سهڻ لائق نہ رهندا."

تنهن کانپوءِ هڪ واپاري چيو تہ : "سائين، واپار بابت بہ ڪجھ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: "اوهان جو ڌنڌو ڏاڍو شاندار آهي ۽ اوهان ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا جي اوهان قدرت جي ڏي ـ وٺ جي اصول تي هلندا. ڌرتيءَ مان مليل يا هٿ ڪيل نعمتن جي اهڙي متاسنا ڪريو جيئن هر ڪو پنهنجي ڪيل محنت جو ميوو هٿ ڪري راضي رهي، پر جيڪڏهن اوهان جي متاسنا، محبت ۽ انصاف تي ٻڌل نہ هوندي تہ اوهان مان ڪي حريص ٿي پوندا تہ ڪي وري بکيا رهجي ويندا.

"اوهان وٽ وهنوار سانگي ڪيترائي ڪاسبي ايندا ڪڙمي، باغائي، ڪوري، موچي، ڪنهار ۽ ٻيا پنهنجي محنت جا ڦل کڻي اوهان وٽ ايندا. اوهان کين محبت ۽ سچائي سان يقين ڏياريندا رهو تہ حقدار کي ضرورت حق پلئہ پوندو. جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ هٿين خالي پنهنجي گھر موٽيو تہ قدرت جو ڪوپ اوهان تي ڪرندو، ڇو تہ جي قدرت پنهنجي هر هڪ ٻچي جون روزانيون ضرورتون پوريون ٿيل نہ ڏسندي تہ ظلم ڪندڙ کي سک سمهڻ ڪين ڏيندي. اڄ نہ سڀان، خود ڪان، نہ تہ سندس پوين ڪان، سمورو حساب ڪتاب چڪتو ڪري وٺندي."

پوءِ هڪ منصف اڳتي وڌي آيو ۽ چيائين، تہ "سائين، اسان کي ڪجھ ڏوھ ۽ سزا بابت بہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: "جڏهن اوهان جو روح (جو اوهان جو سچو رهبر آهي) غير حاضر آهي ۽ اوهين اڪيلا ۽ بي رهبر آهيو، تڏهن اوهان ٻين جو ڏوھ ٿا ڪريو. اهو حقيقت ۾ پاڻ تي ظلم ٿا ڪريو.

"هر انسان تي ٽن قوتن جو حڪم ٿو هلي: هڪ سندس "صالح" حصي جو، جنهن کي "نوري" حصو بہ چئجي ٿو، ٻيو "انسانيت جي حصي جو" ۽ ٽيون "حيوانيت جي حصي جو"، اهو حيوانيت جو حصو اوهان جو غلام آهي. اوهين جيئن هن کي چوندا، تيئن

ڪندو. اوهان جو نوري حصو ڏوھ ۽ گناھ کان پاڪ. باقي رهيو اوهان جو انساني حصو جو گناھ به ڪري ٿو ۽ سزا به پوڳي ٿو.

اوهان جڏهن ڪنهن ڏوهيءَ جو ذڪر ڪندا آهيو ته اٿين معلوم ٿيندو آهي جڻ ته هو اوهان مان هڪ فرد نه آهي، بلڪ ڪنهن ٻيءَ دنيا جو رهواسي آهي. ياد رکو ته انسانن مان جيڪو نيڪ کان نيڪ يا پاڪ کان پاڪ انسان آهي، سو به انسانيت جي دائري کان مٿي نٿو ٿي سگهي. خراب ۾ خراب انسان به هڪ حد کان هيٺ نٿو ڪري، ڇو ته انهيءَ ڪريل حالت ۾ به هو اوهان جي سماج جي هڪ فرد ليکجڻ ۾ ايندو. جيئن وڻ جي هر هڪ پن پنهنجي ساوڪ تڏهن ڇڏيندو جڏهن ان وڻ جو اندروني انتظامي ڪيس حڪم ڪندو، تيئن ڏوهي به ڏوھ تڏهن ڪري سگهندو جڏهن اسان جو سماج هن کي بُري ڪم لاءِ ميدان تيار ڪندو.

"هڪ وڏي لشڪر مان باقاعدي قدم کڻندي جيڪڏهن ڪو سپاهي ڪنهن پٿر تان ٿابو کائي ڪري ٿو پوي ته ڏوهي! سچ پچ هڏايو ته خطا ڪنهن جي؟ يقيناً انهن جي، جي هن کان اڳ اُتان لنگهيا، پر انهيءَ پٿر کي پري نه ڪياٿون. جنهن تان ٿابو کائي هيءُ گنهگار ڪري پيو ۽ ڪرندي ڪرندي به پنهنجي پٺيان ايندڙن کي خبردار ڪندو ويو ته سنڀالي لنگهن، متان ڪين به ٿابو نه اچي. تنهن ڪري اٿين نه سمجهو ته ٻي ڏوهي سچ پچ ٻي ڏوهي هئا. ڇاڪاڻ نه ٿابو ڪين کاڌاٿون ۽ ٿابو کائي ڪرڻ وارو يقيناً ڏوهي هو. ڇاڪاڻ ته ڪري پيو. ڇو نه هيئن چئو ته انهيءَ ڪرڻ واري اڳين جو ڏوھ به پنهنجي سر تي کنيو ۽ پوين لاءِ به رستو صاف ڪري ڇڏيو."

"هڪ ڪوري اڇيون ۽ ڪاريون تندون گڏ اُڻندو ٿو وڃي، پوءِ جيڪڏهن ڪا ڪاري تند ڇڇي پوي ته ڪوريءَ کي گهرجي ته اُڻڻ بند ڪري پنهنجي آڏاڻي کي جاچي ڏسي ته متان اڳتي هلي ڪي سفيد تندون به ڇڇي پون."

"ڪنهن عمارت جي اڏاوت ڪندي ڪن پٿرن کي زمين اندر پوريو ۽ ڪن کي چوٽي تي بيهاريو ويو آهي نه ته عمارت ڪين ٺهي سگهندي. پوءِ اوهان ڪيئن چئي سگهندا

تہ هيئيان پٽر مٿين پٿرن کان ذليل آهن. آخر ڪن کي تہ ضرورت هيٺ ڪرڻو آهي، جيئن بيا مٿي چڙهن."

پوءِ هڪ نوجوان چيو تہ "سائين، دوستي بابت بہ ڪجهہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: دوست! اوهان جي ضرورتن جو پيار ڀريو جواب آهي. دوستي هڪ اهڙو فصل آهي، جو محبت سان پوکبو آهي ۽ شڪريي سان لڻبو آهي. جيڪڏهن اوهان جو دوست خاموش آهي تہ کيس خاموش نہ سمجهو، ڇو تہ دوستي جو سُڪوت ايتريقدر فصيح آهي، جو هر هڪ لطيف خيال، پياري اُميد، مٺي نصيحت ۽ اندروني خوشيءَ جو اظهار انهيءَ گنگي طريقي سان ممڪن ٿيو پوي ۽ ناطق زبان ڪُٺيو پوي.

"دوستي فقط دوستي خاطر ڪجو ڇو تہ جيڪا دوستي ڪنهن مطلب لاءِ ڪئي ٿي وڃي سا دوستي نہ آهي پر هڪ ڄار آهي، جنهن ۾ صيد ۽ صياد ٻيئي ڦاسن."

"پنهنجي دوست کان پاڻ نہ لڪايو. جيڪڏهن هن کي فقط اوهان جي نيڪين جي ڄاڻ آهي تہ پنهنجون اوڻايون بہ مٿس ظاهر ڪيو."

پوءِ هڪ شاگرد چيو تہ "سائين، تقرير بابت اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟."

بزرگ فرمايو: "جڏهن اوهان جو پنهنجي خيالات سان جهيڙو ٿيندو آهي. تڏهن اوهان مجبوراً گفتگو شروع ڪندا آهيو. ڇو تہ جو شخص پنهنجي دل جي صحبت کان محروم ٿو ٿئي تنهن کي لاچار پنهنجي زبان جي صحبت اختيار ڪرڻي ٿي پوي، جيئن کيس پنهنجي آواز مان مزو اچي."

"تقرير ڪرڻ وقت اوهان کي پنهنجي خيالات کي مارڻو ٿو پوي ڇو تہ خيال هڪ آزاد پکي آهي جنهن کي لفظن جي پڃري ۾ جيڪڏهن قيد ڪبو تہ هو ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏيندو......"

"اوهان مان ڪي اهڙا آهن جن کي گهٽي ڳالهائڻ وارن جي سنگت پسند آهي. جو تہ اڪيلائي جي خاموشي سندس ضمير جي اڳيان سندن افعالن جي اگهاڙي تصوير اچي ٿي پيش ڪري، جا هو ڏسڻ نٿا گهرن."

پوءِ هڪ شخص چيو تہ "سائين قوم بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟"

بزرگ فرمايو: "منهنجا دوستو! افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جا وهم ۽ وسوسي سان ڀريل ۽ مذهب کان خالي آهي. افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جا ڪپڙا پائي ٿي پر ڌارين جا ٺهيل، روٽي کائي ٿي پر پرائي پوکيل اَن جي."

"افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جا جابر کي هيرو ۽ ظالم کي سخي ٿي سمجهي."

"افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جنهن جون دانهون فقط پنهنجن جنازن تي بلند ٿيون اچن، جا پنهنجي برباديءَ تي بہ فخر ڪندي ٿي رهي."

"افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي، جنهن جا اڳواڻ شيطان کان گهٽ نہ آهن، جنهن جو فيلسوف مداري ۽ جنهن جو هنر فقط نقل ڪرڻ آهي."

"افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جنهن جا مدبر گونگا ۽ ٻوڙا آهن ۽ جنهن جا نوجوان اڃا پينگهن مان هيٺ لهڻ نٿا گهرن."

"افسوس ڪاٿو انهيءَ قوم تي جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيئي آهي ۽ جنهن جو هر هڪ ٽڪرو پاڻ کي پوري قوم ٿو سمجهي."

آخر ۾ هڪ عابد چيو تہ "سائين! مذهب بابت ڪجهہ ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: "هن وقت تائين مذهب کان سواءِ ڪنهن ٻئي موضوع تي ڳالهايو اٿم ڇا؟ انساني زندگيءَ جو هر هڪ پهلو جنهن تي ٿورو يا گهٽو [illegible] ڪرٽو پوي ٿو، سو مذهب جو هڪ جدا باب آهي. سزا يا جزا انسان جي عمل تي منحصر آهي."

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

آغوش	جهولي، گود
تمهيد	آغاز، ابتدا
خادم	خدمت ڪندڙ
مخدوم	جنهن جي خدمت ڪئي وڃي
مهري	ان صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندڙ ڏندو
تخم	ٻج، نسل وڌائڻ وارو مادو
سائل	سوال ڪندڙ
مستحق	حقدار
پريتم	جنهن کي پيار ڪجي
نقاب	پوش، پردو
جُفت	ٻـڌي، جوڙو جوڙو
دسترخوان	ڪاڏي ڪائڻ وقت وڇائڻ وارو ڪپڙو
وهنوار	ڪاروبار، ڏيتي ليتي
ڪاسبي	مزوري ڪندڙ
ڪڙمي	هاري، ڪڙمت ڪندڙ
ڪوپ	ڏمر، ناراضگي
اوڻائي	خامي، ڪمزوري
سُڪوت	خاموش، جدائي
جزا	اجُر، اجرو

ٿهه	ٽوڪڙ، سنگن جا اهي ڇلڪا ، جن ۾ اُن تيار ٿيندو آهي.
آوي	ڪنڀر جي ٿانون پچائڻ واري ڪوري
صيد	شڪار
صياد	شڪاري. شڪار ڪندڙ

2.5 خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

هيٺيان حوالا ڏيئي، سمجهايو:

(1) "ميويدار وڻ، ميوو هن خيال سان نٿو ڏئي تہ ڪو لائق ڪائيندو يا نالائق؟"

(2) "محنت جو بهترين مظاهرو محبت آهي."

(3) "دوستي فقط دوستي خاطر ڪجو، ڇو تہ جا دوستي ڪنهن مطلب لاءِ ڪئي ٿي وڃي سان دوستي نہ آهي."

(4) "ميرو ڪپڙو هجي تہ لاهي اُڇلايان پر بدن جي ڪل تہ ايذاءَ ڪانسواءِ ڪين لهندي."

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لکو:

(1) بزرگ محبت جي باري ۾ ڇا وراڻيو؟

(2) بزرگ خيرات بابت ڪهڙي هدايت ڪئي؟

(3) محنت لاءِ بزرگ ڇا فرمايو؟

3. خود آزمائين جا جواب

خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

(1) آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ اها پهرين جڳ مشهور هلچل هلي هئي.

(2) پورهيتن اها هلچل پهرين مئي 1886ع ۾ هلائي هئي.

(3) پورهيتن جي اهم گهر اها هئي تہ "اهي سورهن ڪلاڪن جي بجاءِ اٺ ڪلاڪ ڪم ڪندا."

(4) دراصل سرمائيدارن ۽ مزورن جي انهيءَ طبقاتي جنگ جو پورهيتن جي پورهئي جي ڦرمار ۽ ڦرلٽ تي پايو وڌو هو.

(5) مالڪ ۽ مزور جي انهيءَ جهيڙي جي سماجي سبب اهو هو جو جيئن جاگيرداري سرشتي ۾ هاري کي جاگيردار پيو ڦريندو آهي، تيئن سرمائيداري نظام ۾ وري پورهيت ڦربو آهي، سرمائيدارن جي هٿان. سو هتي بہ پيدوار جي انهيءَ اڻ برابري ۽ ناانصافيءَ واري ورڇ جهيڙيءَ جو باعث بڻي.

(6) مزورن مٿان ٿيندڙ ظلم ڪين هڪ ڳالهہ تي متفق ڪيو هو.

(7) سرمائيدار سرشتي جو پايو مشيني دور ۾ پيو.

(8) مزورن پنهنجي حقن مڃرائڻ لاءِ ٽريڊ يونينون قائم ڪري، منظم نموني هلچل هلائي.

سوال نمبر (2)

هر مل جو مالڪ چاهي پيو تہ سندس پيدوار وڌي ۽ وڪرو بہ مل جي پيٽ ۾ گهٽجي نہ ٿي. ان لاءِ ضروري هو تہ مزور گهٽ وقت ڪم ڪري. پر مال جي گهٽي وڪري جو

دارومدار مال جي سستي هجڻ تي هو. مال سستو ان صورت ۾ ٿي پئي سگهيو، جڏهن ان تي خرچ گهٽ اچي. خرچ ان حالت ۾ گهٽ اچي پيو، جنهن حالت ۾ مزور کي رقم گهٽ ڏجي، تنهن ڪري هر ڪارخانيدار انهيءَ ڪوشش ۾ رهيو ته وٽس مزور ڪم گهڻو ڪن، پر اُجرت ڪيس گهٽ ڏيڻي پوي.

خود آزمائي نمبر 2

سوال نمبر (1)

(1) اهي سٽون، مصطفىٰ جي نصيحت واري مضمون تان ورتل آهن. اهي جملا بزرگ هڪ دولتمند طرفان خيرات بابت پڇيل سوالن جي جواب ۾ چيا هئا، جن جو مقصد آهي ته خيرات ڏيڻ ۾ صرف نيت سچي ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهه کي نه نهارجي ته سوال ڪندڙ خيرات کي ڪهڙي مقصد لاءِ ڪتب آڻيندو.

(2) هيءُ جملو "مصطفىٰ جي نصيحت" واري مضمون ۾ موجود آهي ۽ بزرگ هڪ مزور کي محنت بابت ٻڌائيندي چيو هو. ان جو مقصد آهي ته جيڪڏهن محنت ڪرڻ ۾ محبت، خلوص ۽ ايمانداري شامل آهي ته پوءِ پڪ اڳتي ان جو اُجرو به بهتر ملندو.

(3) هي سٽون "مصطفىٰ جي نصيحت" واري مضمون مان کنيون ويون آهن جيڪي هڪ نوجوان طرفان بزرگ کان دوستي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ بزرگ جون چيل آهن. انهن جو مطلب آهي ته دوستي اها آهي جيڪا ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي، پر جيڪڏهن لالچ رکي دوستي ڪبي ته پوءِ اها دوستي نه ڇٽبي.

(4) هي سٽون "مصطفىٰ جي نصيحت" واري مضمون مان کنيون ويون آهن. هن شهر کي ڇڏيندي پنهنجي يادن جي وهڪري ۾ وهندي چوي ٿو ته هي شهر ڇڏڻ درد ۽ تڪليف ڏيڻ کان گهٽ ڪونهي ڇو جو ميرو ڪپڙو ته لاهي اڇلائي ڇڏجي ٿو پر بدن جي کل ته ايذاءَ ۽ تڪليف کان سواءِ نٿي لهي.

سوال نمبر (2)

هيٺ لکيل سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) محبت جي باري ۾ بزرگ هدايت ڪئي تہ محبت جي دنيا نرالي آهي. ان دنيا ۾ تخت ۽ تختي يعني ڪاميابي يا ناڪامي، فائدي يا نقصان جو ڪو بہ تصور ناهي. ان دنيا جي هر خوشيءَ جي ابتدا غم مان ٿيندي آهي، پر اها فقط محبت آهي، جيڪا هر جاندار کي عام طور تي ۽ خاص طور تي انسانن کي اتحاد ۽ اتفاق ۾ رکي سگهي ٿي.

(2) بزرگ خيرات جي ڏس ۾ چيو تہ اها پنهنجي مشهوري ۽ نالي پيدا ڪرڻ لاءِ نہ ڏجي ۽ نہ ان جي ڏيڻ مهل اهو ڏسجي تہ خيرات جنهن کي ملي ٿي اهو ان کي ڪهڙي مقصد ۾ ڪتب آڻيندو. خيرات ڏيڻ وقت، ڏيندڙ کي سچي نيت ڪرڻ کپي ۽ بس.

(3) محنت جي ڳالهہ ڪندي، بزرگ چيو تہ هر ڪم جيڪو اوهان جي حوالي سان ڪيو ويو آهي، ان کي پوري ڪرڻ وقت محبت، ايمانداري ۽ سچائي جو مظاهرو ڪيو. ان ڪم ۾ لالچ نہ ڪيو. دنيا ۾ اهي ئي قومون زنده ليکجن ٿيون جن محنت کي محبت کان الڳ نہ ڪيو.

يونٽ نمبر 8

نظم جو ڀاڱو

شاعر

1. قاضي قادن
2. شاهه ڪريم
3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي
4. خواجه محمد زمان لنواري شريف

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

شاعريءَ واري حصي جو هيءُ پهريون ۽ پنهنجي نصاب جو اٺون يونٽ اوهان پڙهڻ شروع ڪيو آهي. هن يونٽ ۾ سنڌيءَ جي ڇهن اهم ۽ عظيم شاعرن جي احوالن سان گڏ سندن شاعريءَ مان به مثال ڏنا ويا آهن. اسان کي پڪ آهي ته هن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ اوهين انهيءَ لائق ٿي ويندا جو:

يونٽ جا مقصد

(1) شاعرن جي زندگين جي احوال کان آگاهه ٿي سگهندا.

(2) لفظن جي معنيٰ وسيلي شاعرن جي ڏنل پيغام کي سمجهي سگهندا.

(3) شاعرن جي ڪلام جو مقصد سمجهي سگهندا.

(4) شاعرن جي شعري روايتن کان واقف ٿي سگهندا.

فهرست

	صفحو
1. قاضي قادن	241
1.1 تعارف	241
1.2 بيت	242
1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	244
1.4 قاضي قادن جي بيتن جي سمجهاڻي	245
2. شاهه ڪريم	247
2.1 تعارف	247
2.2 بيت	247
2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	249
2.4 شاهه ڪريم جي بيتن جي سمجهاڻي	251
3. شاهه عبداللطيف ڀٽائي	253
3.1 تعارف	253
3.2 سُر ڪلياڻ	254
3.3 سُر يمن ڪلياڻ	254
3.4 سُر ڪنڀات	255
3.5 سُر ليلا چنيسر	256
3.6 ڏکين لفظن جي معنيٰ	257
3.7 سُر ڪلياڻ جي بيتن جي سمجهاڻي	261
3.8 سُر يمن ڪلياڻ جي بيتن جي سمجهاڻي	262

3.9 سُر کنهات جي بيتن جي سمجهاڻي 263

3.10 سُر ليلا چنيسر جي بيتن جي سمجهاڻي 264

4. حضرت خواجه محمد زمان 266

4.1 تعارف 266

4.2 بيت 266

4.3 ڏکين لفظن جي معنیٰ 268

4.4 بيتن جي سمجهاڻي 269

4.5 خود آزمائي نمبر 1 272

5 خود آزمائي جا جواب 274

1. قاضي قادن

1.1 تعارف

قاضي قادن جا وڏا اصل سيوهڻ جا هئا پر پوءِ بکر ۾ اچي رهيا هئا، ڪري قاضي صاحب کي ڪن عالمن "سيوستاني" يعني سيوهڻ جي پراڻي نالي سيوستان جو سڏيو آهي ته ڪن وري بکر جو هئڻ ڪري "بکري" چيو آهي.

سنڌ جو پهريون ۽ مڪمل شاعر آهي. قاضي قادن ابجد جو علم ڄاڻندو هو. سلوڪ جي رستن ۾ ڏاڍيون رياضتون ڪيل هئس. حرمين شريف جي زيارت ڪيل هئس. سنڌ ۾ ارغونن جي حڪومت جو وڏو قاضي مقرر ٿي رهيو.

قاضي قادن جا ست بيت سڀ کان پهرين شاهه ڪريم جي ڪلام جي پڇاڙي ۾ ڏنا ويا هئا. پر 1978ع ڌاري هندوستان جي هرياڻا صوبي جي ننڍڙي ڳوٺ راٽيلا جي صديون پراڻي مندر جي کنڊرن مان پراڻي ديوناگري رسم الخط ۾ لکيل 112 بيت هٿ آيا. ان کانپوءِ هندوستان جي وڏي عالم هيري ٺڪر انهن بيتن کي موجوده سنڌي ۾ ترتيب ڏيئي ڪتابي شڪل ۾ پڌرو ڪيو. قاضي قادن جو ڪلام نج سنڌي ٻولي جي هئڻ جي ڪري هن ۾ محاورا، عوامي قصا توڙي تاريخي داستان به شامل آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته قاضي صاحب جو سنڌ جي تاريخ سان گهرو واسطو رهيو آهي. هو پنهنجي وقت جي هڪ عظيم شخصيت هو جنهن کي ان زماني جي علمي ۽ سياسي حلقن ۾ به خاص اهميت حاصل هئي. قاضي قادن 958ھ برابر 1551ع ۾ وفات ڪئي.

1.2 بيت

1. زيران زبران آيتان، اڪر انتُ نہ پار
هيڪڙيو ايمان ۾، لهڻ سيني سار

2. ڪنز قدوري ڪافيا، ڪي ڪين پڙهيام
سو ڏيهو ٿي ڪو ٻيو، جان ٿي پرين لڌام

3. اڪر ٻيا وسار، الف اڳهون ٿي ياد ڪر
سوتون ڏيئو ٻارِ، جو نہ اجهنپہ ڪڏهين

4. لائي لام الف سان، ڪاتب لکين جيئن
مون هنيڙو پريان سانءِ لڳو آهي تيئن

5. دل اندر درياو ڀُڇڻ ڪيا سمندر ڪل
ماڻڪ اِهَ سرياو، چڳي چوڪي نہ ڪٽي

6. ڪايا مُهہ ڏيئي، ٻيڻا جي درياءَ ۾
پسندا سيئي، ماڻڪ اکڙين سين

7. جي سالو رو سڌِ لَهي، ڪنولان سنڌي ڪاءِ
تو پيو پاتال ۾، هوندو نہ متي ڪاءِ

8. اک اندر سريو، جاڳي پَسُ جُوانُ
منجهيئي مَکو ٿيڻ، منجهيئي مُلتان

9. جو ڳي جاڳيا يوس، سٿو هٿس تند ۾
تهان پيو ٿيوس، سندي پريان پيچري

10. سوئيڙيان سنهڙو، جتن ڪيوءِ نه تنيو
توکي اکيڙين ۾، پرين پيندو ڪنيو

1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

انت	آخر
هيڪڙيو	فقط هڪ
ڪوڙين	ڪروڙين (انيڪ)
ايهہ	اِها
جان جان	اِتان اِتان
ڪافيا	ديني فقہ جا ڪتاب
لوڪ	دنيا جا ماڻهو
اگهون	سڀ کان اڳ
اجهنپ	اجهامي، وسامي
ڪَلَ	پتو، ڄاڻ
مُهہ	منهن
بيتا	هڪ قدم نہ چُريا
سيئي	اهي ئي
سالورو	ڏيڏر
سڌ	ڄاڻ، خبر
ڪنولان	ڪنول جا گل
پاتال	تلاءُ جو ترو
سريو	سڌ ٿيڻ، حاصل ٿيڻ
سوئيڙيان	سنهڙي سٽي ڪان

1.4 قاضي قادن جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

زيرن، زبرن، آيتن ۽ اکرن جو ڪو انت پار نہ آهي. فقط پڪو ڀروسو رکڻ سان پرين سيني جي سار لهن ٿا.

بيت نمبر 2

ديني فقہ ۽ ويا ڪرڻ جا ڪتاب، ڪنز قدوري ڪافيا انهن ما ڪو بہ ڪو نہ پڙهيو اٿم. اهو هنڌ ٿي ڪو ٻيو آهي، جتان ٿي پنهنجي پريتم ڪي پاتو اٿم.

بيت نمبر 3

ٻيا سڀ اکر وساري، سڀ کان اڳ الف (الله) جو اکر ياد ڪر اهو ڏيٺو ٻار، جو ڪڏهن بہ نہ وسامي.

بيت نمبر 4

اي ڪاتب! (لکڻ وارا)، تون الله لکڻ وقت جيئن الف کي لام (ل) سان جوڙي لکين ٿو، منهنجو من پنهنجي پرين سان اٿين ٿي جڙيل آهي.

بيت نمبر 5

دل اندر ٿي درياه آهي، سمنڊ جو پتو چو پيو پڇين، دل جي درياه ۾ موتي ماڻڪ پيا آهن تون چونديي سچا ماڻڪ ڪٿين ٿي نٿو.

بيت نمبر 6

جيڪي پنهنجي سرير ڏانهن منهن ڪري سرير روپي درياه اندر گهرندا، اُهي ٿي پنهنجي اکين سان املهہ ماڻڪن جو درشن ڪندا.

بيت نمبر 7

جيڪڏهن ڏيڏر کي اها ڄاڻ پوي ته تلاءُ ۾ ڪنول به آهن ته اهو جيڪر پاتال ۾ ويهي مٽي نه کائي.

بيت نمبر 8

اي جوان، تون سجاڳ ٿي ڏس، تنهنجي اک اندر ئي سڀ مهيا آهي. مڪو به تنهنجي اندر ۾ آهي ته ملتان به تنهنجي من ۾ آهي.

بيت نمبر 9

مان غفلت جي ننڊ ۾ ستو پيو هوس، اچي جوڳي مونکي جاڳايو، منهنجي من مان ميران ڪڍي، مون کي محبوب جو سڌو پيچرو ڏيکاريائين.

بيت نمبر 10

پرين ته سنهڙي سئي ڪان به سنهڙو آهي. تو ان کي اکين ۾ سمائڻ لاءِ ان مطابق ڪوشش ئي نه ڪئي آهي. تنهنجي اکڙين ۾ پرين ڪيئن سمائجي سگهندو.

2. شاھ ڪريم

(1537ع. 1621ع)

2.1 تعارف

سيد عبدالڪريم بلڙي وارو متعلوي ساداتن مان هو. سن 944 هجري، (38. 1537ع) ۾ جائو ۽ سن 1030 ھ (22. 1621ع) ۾ وفات ڪيائين. سڄو ڏينهن عبادت ۾ مشغول رهندو هو. سندس حياتي ۽ ڪرامتن جو احوال، ڪتاب "بيان العارفين في تنبيه الغافلين" ۾ ڏنل آهي، جو ميان محمد رضا عرف، مير دريائي ٺٽوي؛ سندس وفات کان اٺ ورهيه پوءِ، يعني 1038 ھ ۾ تصنيف ڪيو.

شاھ ڪريم جا مقولا ۽ ارشاد "بيان العارفين" ۾ جمع ٿيل آهي، جو فارسيءَ ۾ لکيل آهي. سنڌي بيت بہ چيا اٿس، جي ڏوهيڙن جي شڪل ۾ آهن ۽ سنڌي شعر جي پهرين ڪڙي سمجهيا وڃن ٿا.

2.2 بيت

1. مُورک مَور نہ بَجهتا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن
ڪَتَر جنين اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

2. سڄڻ ساعت هيڪڙي، جي ٿئي اکيئيون ڏار
تہ ڪر سڀ جمار، ڏٺوسين نہ ڪڏهين.

3. مجازي موهي، ڪڏهن ويندءِ نڪري
اکڙيون توهي، مچڻ وهين وسهي.

4. جي جاڳندي مَن ۾، سُتي پڻ سيئي
مَن پريان نيئي، پڳهيو پاڻ ڳري.

5. پاٽياريءَ، سِر ڀڃڙو، جَر تي پڪي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾.

6. وَرُ سا سُڄي ويڙ، جتي سَڄَڻُ هيڪڙو
سو ماڳوئي ڦير، جتي ڪوڙ، ڪماڙوئين.

7. چاڄَر چُڳيرن، گهور نہ اچي گهاتوئين
اڪيون اُنين سنديون، ڪڏا ڪروُن پُڇن.

8. هنجهہ تتشين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاھ جو
اي ڪانيرو ڪوءِ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

مُتعلوِي	متيارين جي رهڻ وارن کي عربن انهيءَ اُچار سان لکيو آهي.
مورک	موڳو، اڻڄاڻ
مُور	اصل، بلڪل
ٻُجهڻ	سمجهڻ
ڪَتَرُ	ڪَکُ، ڦلو يا نفرت، بغض
ٻانئيون	خالي، خشڪ
ڍانڍا	برتن، ڍانچا، ڍُڳرو جسم
مجازي	مجاز وارا
موهي	لالچ ڏيئي
مچڻ	متان
وِسَهُ	اعتبار، ڀروسو، يقين
ڏکڻُ	ڏک هڻڻ، ڪُٽڻ
سڃو	سڪڻو، ويران، برباد
ڳرلائڻ	سُوري ڀهنجو ڪرڻ، ويجهو ڪرڻ، سيني سان لڳائڻ
پاڻياري	پاڻي ڀرڻ واري
سِرُ	مٺو
ٻهڙو	ٻيلهڙو
جرُ	پاڻي
ورُ	ڦيرو

وَرُ ڪرڻ	رخ موڙي وڃڻ، ڇڏي ڏيڻ
ماڳ	هنڌ، جاءِ
ڪماڙوئين	ڪوڙ ڳالهائيندڙ ڪوڙ جو ڪاروبار ڪندڙ
ڇاڇر	درياءَ جي ڪناري وارو گهٽ پاڻي، بيٺل يا خراب پاڻي
ڇڳير	بُزدل، ڏڄڻو
ڪَڏا	پاڻي جون ڪَڏون، جتي ٻڏڻ جو خطرو نہ هجي
ڪرون	پاڻي جا نشان
گهاتو	گُهتون هڻندڙ، اڻموٽ، بهادر، پاڻي ڪان نہ ڏڄندڙ، شڪاري
اوڙاهہ	وڏو پاڻي
ڪانيرو	درياهي پکي
ڇيرون ڪري	خوشيون ملهائي

2.4 شاهه ڪريم جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

شاعر، غافل انسان کي اهڙي مورک سان ڀيٽ ڪيو آهي جنهن کي خود فيصلي ڪرڻ جي سمجهه نه هوندي آهي. جيڪو به ڪيس ڪو ڏس ڏيندو آهي يا ڳالهه ٻڌائيندو آهي ته پنهنجي عقل ڪم آڻڻ کانسواءِ ان تي عمل شروع ڪري ڏيندو آهي، اهڙيءَ ريت اهو بجاءِ پنهنجي منزل تي رسڻ جي، سڄي عمر هيڏي هوڏي ڀٽڪندي گذاري ڇڏيندو آهي. شاعر جي نظر ۾ اهو شخص اهڙو ته ناڪام ۽ نامراد آهي، جنهن وٽ ان جو محبوب ملاقاتي ٿيڻ لاءِ خود هلي آيو، پر پاڻ ان کي ان ڪري ڏسي نه سگهي جو ان جي اکين ۾ سرٽ يا ڪک پنجي ويو هجي.

بيت نمبر 2

هن بيت ۾ شاعر، سالڪ ۽ حبيب جي وچ ۾ روحاني رشتي جي ڳالهه ڪندي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن سالڪ کان سندس پرين رڳو هڪ پل لاءِ پري ٿي وڃي ٿو ته کيس اٿين بيقراري ٿي محسوس ٿئي، جڏهن ته سڄي عمر هُن هڪبئي کي نه ڏٺو آهي.

بيت نمبر 3

شاعر، هن شعر ۾ سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته رڳو اکين تي ڀروسو ڪري نه ويهه، محبوبن جي چال (ادا) نرالي اٿئي، اُهي، توکي مجاز ۾ مرهي هليا ويندا ته پتو به ڪو نه پوندو.

بيت نمبر 4

شاعر زماني سازيءَ مان سالڪ کي مثال ڏيندي سمجهايو آهي ته جن کي جاڳندي ۾ ياد ڪيو رهبو آهي، ننڊ ۾ به اهي ئي ياد ايندا آهن. منهنجي مَن کي به منهنجي محبوب اٿين

ولي پاڻ وٽ قابو ڪيو آهي ۽ هاڻي جاڳندي توڙي سُتي ۾ سڄڻ سا ملاقات ٿيندي رهندي آهي.

بيت نمبر 5

پاڻيءَ جو ڪو پکي جڏهن ترڻ لڳي ٿو تڏهن اُن پاڻي ۾ پکيءَ جي وچ ۾ وار جي به وٿي ڪا نه بچندي آهي. منهنجي مَنَ ۽ محبوب جي وچ ۾ ڪا به وٿي رهيل ناهي.

بيت نمبر 6

اها جاءِ يا ماڳ مڪان جتي ڀيو ڪو به نه هجي پر جيڪڏهن پرين موجود آهي ته اهو هنڌ بابرڪت آهي، اتي وڃڻ به سجايو آهي. اهڙو هنڌ يا ماڳ ڇڏي ڏيڻ گهرجي، جتي موجود ماڻهن وٽ رڳو ڪوڙ ٿو ڪمائجي.

بيت نمبر 7

بي همت ۽ ڊڄڻا ماڻهو، ترڻ جي سڌ ڪري هلن ته ٿا، پر درياءَ ڏسيو دهلجيو ٿا وڃن. اهي وچ ۾ وڃي ترڻ جو اصل لطف حاصل ڪرڻ جي بجاءِ ڪناري واري ننڍي پاڻي ۾ پاسي ڪان ويهي پاڻي جا نشان ڏسيو پيا خوش ٿين.

پر جيڪي دلير ۽ گهاتو يا شڪاري آهن ۽ ترڻ کان واقف آهن، تن کي درياهه کان ڪو به ڀئو ڪو نه ٿو ٿئي. اهي ئي آهن، جيڪي وڏي ڪان وڏي پاڻي ۾ وڃي ترڻ جو اصل مزو ٿا ماڻين.

بيت نمبر 8

هنجهه پکيءَ جو هنڌ وڏو پاڻي آهي، پر ننڍي ۽ خراب پاڻي ۾ جيڪو ترُڳي رهيو آهي اهو هنجهه نه پر ڪانيرو پکي آهي ڀنهي جي خاصيتن ۾ اهو ئي وڏو فرق آهي.

3. شاھ عبداللطيف ڀٽائي

(1689ع-1752ع)

3.1 تعارف

سنڌ جو ناميارو شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي، حبيب شاھ جو فرزند ۽ شاھ عبدالڪريم بلڙي واري جو ٽڙ پوٽو ھو. سندس وڏا، امير تيمور جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيا ھئا ۽ حيدرآباد ضلعي موجوده مٽياري جي ھالا تعلقي ۾ اچي مقيم ٿيا.

شاھ عبداللطيف 1102 ھجري، مطابق 1689ع ۾ ڄائو. ننڍي ھوندي کان سندس طبع جو لاڙو فقيري ڏانھن ھو. جواني ۾ عشق جي چوٽ لڳيس، جنھن رچائي ريٽو ڪيس. ويھن ورھين جي عمر ۾ شادي ڪيائين، پر اولاد ڪو نہ ٿيس. شاھ صاحب سير ۽ سفر جو ڪوڏيو ھو. راڳ سندس روح جي راحت ھو. سندس شعر ۾ اھي سڀ خوبيون موجود آھن، جيڪي ھڪ الھامي شاعر ۾ ھئڻ گھرجن.

پنھنجي والد جي وفات کانپوءِ اھو لڏي اچي ھڪ واري جي ڀٽ تي رھيو ان ڪري کيس "ڀٽائي" ڪري چوندا آھن.

شاھ صاحب ھجري 1165ھ برابر سن 1752ع ۾ صفر مھيني جي چوڏھين تاريخ وفات ڪئي. ھر سال انھيءَ تاريخ تي ڀٽ تي ميلو لڳندو آھي.

3.2 سر ڪليا‎ڻ

1. تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا
جانب، منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع
صاحب! ڏيج شفا، ميان! مريضن کي.

2. تون حبيب ، تون طبيب، تون درد جو دارون
دوا آهن دل کي، تنهنجون تنواروُن
ڪريان ٿي ڪارون، جئن ڀڪي ڀنڊئون نہ ٿيي.

3. تون حبيب، تون طبيب، تنهنجو ڏٺن ڏُکُ
تون ڏيين، تون لاهيين، تُنهنجو هادي، ربُ
آهم اِيءُ عجب، جِن واريو ويڄ وهاريين.

4. تون حبيب، تون طبيب، تون دارون کي دردن
تون ڏيين، تون لاهيين، ڏاتر کي ڏکندن
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪر هوان کي.

3.3 سُريمن ڪليا‎ڻ

1. پڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون
آئثو وجهن آڳ ۾، جي پنهنجو جيءُ
جيٺري جنين کي، لڳا نيزا نيهہ جا.

2. پتنگ چايين پاڻ کي، تہ اَچي آگ اُجهاءِ
پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ
واقف ٿي وساءِ، آگ نہ ڏجي عام کي.

3. پتنگن پَهہ ڪئو، مڙئا مٿي مَچَ
پسي لهس نہ لچئا، سڙيا مٿي سَچَ
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا

4. چڙهئو چڪاسڻ چاءِ، آگ ٻرندي آئيا
وَهَسن واڙي ڦُل جنءِ، محبتي مچ لاءِ
آئي پاڻ اڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچ ۾.

3.4 سر ڪنڀات

1. چوڏهينءَ چنڊ! تون اُڀرين، سهسين ڪري سينگار
پَلَڪَ پريان جي نہ پرين، جي حيلَن ڪريين هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

2. سهسين سجڻ اُڀري، چوراسي چنڊن
با الله، ري پرينَ، سڀ اُنداهي ڀائيان.

3. چنڊ! چٽائي تُنهنجي، سياهيءَ ۾ سُور
لايان لال لڱن کي، چنڊن پري ٻُور
ڪومايو ڪَپُورُ، مون واجهائيندي پرينءَ کي.

4. چند! چئين حق، جي ڏرهين جي وچرين
ٻه اکيون ٿئو نڪ، تو ۾ ناه پرين جهو.

5. چند! چئين سچ، جي مٺي مور نه پاڻيين
ڪڏهين اُپرين سنهڙو، ڪڏهين اُپرين ڳچ
جو منهن ۾ ٻريئي مچ، سو پدم پريان جي پير ۾.

3.5 سُر ليلا چنيسر

1. ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوهي! سکيين
پاڻيءَ پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ گڏ
هڏ نه چندڙ لڏ، جي ڪارون آئين ڪانڌ کي.
2. جي ڪارون آئين ڪانڌ کي، ته روئي ريجهائيج
ليلا! ليلائيج، اٿئي ماڳ منٿ جو.
3. جي ليلائي نه لهين، تان پڻ ليلائيج
آسرم لاهيج، سڄڻ ها جهيندڙ گهٽو.
4. سيئي سها ڳٽيون، سيني ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار
ڊول تنين جي ڊار، هيٺاهيون هلن جي.

3.6 ڏکين لفظن جي معنيٰ

سر ڪلياڻ

آزار	تڪليف، مشڪلاتون
انواع	جمع آهي "نوع" جو. نوع = قسم، نمونو
شفاء	ڇوٽڪارو، نجات
دارون	علاج، دوا
تنوار	صدا، آواز، يادگيري
ڪارون	پڪارون
ٻُڪي	دوا جي پڙي
ٻنڌون	ٻين ڪان، ٻين وٽان
ڊپ	جهنگلي گاهه، سُتي، پساري جي دوا
هادي	هدايت ڏيندڙ
واريو	موٽايو
ويج	طبيب
ڏُکندو	ڏک، تڪيلف، بيماري
ڦُڪي	دوا جو وزن، دوا جي پڙي
آڳ	باهه
اَمُرُ	حڪم

سُريمن ڪلياڻ

ڪامڻ	سڙڻ
جيءُ	جان، وجود
نيهه	عشق

چاڻين	چواڻين
اجهاءِ	وساءِ
جيرو	ٻاھ جي جري
تَوَ	تپش، حرارت
سهائي	آسري تي، ڀروسي تي
اروٽ	ڪچرو، سيڪڙات
ڪوريُ	ٻرندڙ ٻاھ جو ھنڌ، جتي سرون يا ٿانو پچن
پَهَ	فيصلو، عزم
لهس	گرمي
لچڻا	ڊنا
گَجُ	وڏو حصو
وِهسَنُ	خوش ٿيڻ
واڙي	رڍن ٻڪرين جي ڏڻ ويهارڻ واري جاءِ، باغيچو، گلن جي واڙي
قَلَ	گُل
اڙائڻ	داخل ڪرڻ، شامل ڪرڻ، وجهڻ
سهسين	بي شمار، ڪيترائي
پَلَڪَ	اکين جا پلڪ
پَلَڪُ	گهڙي، پَلُ، ساعت
حيلا	ڪوششون، جَتَنَ
جمار	عمر
دم	ساھ
باالله	الله سان، الله جو قسم

ري	ڪانسوءِ، بغير
چٽائي	روشني
مٺي	مٺيان، ڪاوڙ، ناراضگي

سُر ڪنڀات

سياهي	ڪاراڻ، اونداهي
ڪپور	ڪافور
چٺين	چوان
وچرين	چڙين، ناراض ٿيڻ
ڇهو	جهڙو، وانگر
پدم	جُتي، روشني
جهڪو ٿيڻ	گهٽجڻ
ڪوماڻ	(ماضي ڪوماڻو) شرمائڻ، مُرجهائڻ
قُمرُ	چنڊ
ٽاٽب	غلام، حڪم هيٺ، خدمت ڪندڙ
ديکڻُ	ڏسڻ
جوهر	روشني
جمال	حُسن
سوڀ	فتح، ڪاميابي

سُر ليلا چنيسر

حيلا	بهانا، اجائي دليل بازي
پاند	جهولي، دامن

ڪانڌ	مڙس، ور
پاڻ غريبيءَ گڏ	پاڻ کي حقير سمجهڻ، غرور ۽ تڪبر ڪڍي ڇڏڻ
لڏ	هلي وڃ
ڪارون	ڪوششون، وسيلا
ريجهائڻ	پرچائڻ
ڍول	محبوب
ڏار	لاڙو، پاسو، رخ

3.7 سر ڪلياڻ جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

سالڪ پنهنجي مالڪ کي ٻڌائيندي چوي ٿو تہ اي مالڪ! تون ئي منهنجو حبيب بہ آهين ۽ طبيب بہ آهين. منهنجي جسم ۾ قسمين قسمين بيماريون ۽ مرض آهن انهن مرضن مان تون ئي ڇوٽڪارو ڏيار.

بيت نمبر 2

منهنجو حبيب بہ تون ۽ طبيب بہ تون ئي آهين. منهنجي دردن جي دوا بہ تون آهين. هي جي مرض لڳل اٿم، تن مان تنهنجي ذڪر سان شفا ملندي آهي. مان ان ڪري پڪارون پيو ڪيان تہ هن بيماري جي دوا ٻيو ڪير بہ ڪري نہ سگهندو.

بيت نمبر 3

تون ئي حبيب تون ئي طبيب آهين. منهنجي بيمار جان جو علاج بہ تون آهين. اهي درد ۽ تڪليفون ڏيڻ ۽ لاهڻ بہ تنهن جي هٿ ۾ آهن. هدايت ڏيندڙ ۽ جان جو مالڪ بہ تون آهين. اها ئي حيراني اٿم تہ جن مرضن جو علاج ويجن ۽ حڪيمن کان نٿو ٿئي اهو تون اهڙي انداز سان ڪريو ڇڏين، جو ويچ ڏسيو عبرت ٿا حاصل ڪن.

بيت نمبر 4

تون حبيب بہ آهين ۽ طبيب بہ تون ئي آهين ۽ تون ئي هنن دردن جي دوا درمل بہ آهين. اهي درد ۽ تڪليفون ڏيڻ ۽ لاهڻ وارو بہ تون آهين. ظاهر ۾ بيشڪ انهن تڪليفن جو علاج دوائن وسيلي ٿئي ٿو، پر اهي بہ اثر ان مهل ڪن ٿيون جڏهن تون انهن کي حڪم ڏيئي ٿو.

3.8 سُريمن ڪلياڻ جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

سالڪ شاعر کي صلاح ٿو ڏيئي تہ سڙڻ جون خبرون پتنگن کان پُڇ، جيڪي باھ ڏسڻ سان، پنهنجا جسم آڻيو ان ۾ اڙائين. (اهو ئي عشق آهي. انهن کي بہ عشق لڳل آهي، تڏهن بنا ڪنهن خوف خطري جي اچيو باھ ۾ پاڻ اڙائين.)

بيت نمبر 2

جيڪڏهن اي سالڪ! تون بہ پنهنجي عشق کي پتنگ وانگر پختو ٿو چاهين تہ اچ، اچي پنهنجي جسم جي ٿڌاڻ سان باھ کي وساءِ باھ جي تپش تہ هر شيءِ کي پچائيندي آهي، پر تون پاڻ ۾ اهڙي باھ پيدا ڪر، جو خود پچڻ بہ ان ۾ پچي وڃي. انهي راز کي پاڻ وٽ محفوظ رک ۽ هر ڪنهن کي ان کان آگاھ نہ ڪر.

بيت نمبر 3

پتنگن تہ پچڻ جو پَهہ ڪري ڇڏيو آهي. مَچ ڏسي، ڪيئن نہ خوشي خوشي ان جي چوڌاري گڏ ٿيا آهن. باھ ۾ تاءُ هوندي بہ اهي، ذري پر پوٌ نٿا ڪن. سچ تي سِر ڏيڻ وارا پلا ڪيئن سِرَ جو سانگو ڪندا. اهي ويچارا سدائين سچ جي ڳولا ۾ رهندا آهن. هاڻي سچ ڏسي، پلا پاڻ کي ان کان پري ڪيئن ڪندا. اهو ئي سبب آهي جو بنا خوف خطري جي اهي پنهنجي ڳچين جا ڳچ ڪرايو ٿا ڇڏين.

بيت نمبر 4

ڏيئو روشن ٿيو تہ اها روشني ڏسي، پتنگ ڪيئن نہ اچي ڪٺا ٿيا آهن. ڦيريون پايو سڙڻ ۽ برڻ واريءَ جاءِ کي پيا ڏسن. مچ جا اهي محبتي، باھ ۾ سڙڻ لاءِ واڙيءَ جي گلن وانگر پيا ٽڙن ۽ خوش ٿين. تون بہ جي عاشق آهين تہ پتنگن وانگر ڪوريءَ ۾ خوشي سان ڪاهي پئو.

3.9 سُر ڪنڀات جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

اي چوڏهينءَ جا چنڊ، اُڀرڻ مهل تو برابر ڏاڍا سينگار ڪيا آهن. پلي تون هزارين حيلا هلاءِ، پر پرينءَ جي پرونءَ برابر بہ ڪو نہ آهين. تنهنجي ساري عمر ۾ منهنجي محبوب جي هڪ پل جو جلوو، پوءِ بہ منهنجي محبوب جو جلوو توکان مٿي آهي.

بيت نمبر 2

ڪيترا ئي سج اُڀرن ۽ چنڊ بہ ساڻن گڏجي روشنايون ڪن، پر خدا جو قسم تہ جي منهنجو محبوب ناهي، تہ اهو سڀ ڪجهہ مون کي اونداهي مثل ٿو لڳي.

بيت نمبر 3

اي چنڊ، اونداهيءَ ۾ تنهنجي روشني اٿين تي لڳي، جڻ جسم جي ڪنهن حصي ۾ سور هجي. چندن جي خوشبوءِ واري ڀور سان جسم کي ۽ گهَر کي ڪافور جو واس ڏنو اٿم، چو جو محبوب اچڻو آهي. محبوب جو انتظار ڪري ڪري اهي ٻئي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ جهڪي ڪري چڪا آهن پر سڄڻ اجا ڪونهي آيو.

بيت نمبر 4

اي چنڊ، مان توکي چوندس سچي ڳالهہ پوءِ پلي ناراض ٿي. تو ۾ منهنجي محبوب وانگر ٻہ اکيون ۽ هڪ نڪ تہ نظر ٿي ڪو نہ ٿو اچي.

بيت نمبر 5

اي چنڊ، جي ڪاوڙ نہ پاڻثين تہ سچ چوانءِ، تون ڏس تہ ڪڏهن سنهڙو ۽ ڪڏهن وڏو ٿي پيو اُڀرين. پلي ڪٿي منهن مان روشني جا مچ نڪرنثي، پر تون انهيءَ جتيءَ جي برابر بہ ناهين، جيڪا منهنجو محبوب پير ۾ پائيندو آهي.

3.10 سُر ليلا چنيسر جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

شاهه سائين هن بيت ۾ ليلا کي مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توکي پنهنجي مڙس کان پنهنجي خطا معاف ڪرائڻي آهي ته هي حيلا ۽ بهانا ڇڏ! پنهنجي غلطي تي پردو وجهڻ لاءِ ان تي اجائي دليل بازي جو پردو نه وجهه جيڪڏهن معافي گهرڻ چاهين ٿي ۽ مڙس تي سوڀ حاصل ڪرڻ چاهين ٿي ته سندس منٿ ميڙ ڪر. ان جي اڳيان گڙ گڙاءِ ۽ وري معافي گهر. پنهنجو پاڻ کي ان جي اڳيان عاجز ۽ بيوس، حقير ۽ ناچيز تصور ڪر بس توکي پنهنجو ور تڙي نه ڪڍندو، تو تي ضرور رحم ڪندو ۽ توکي معاف ڪندو.

بيت نمبر 2

شاهه صاحب هن بيت ۾ ليلا کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو ته جيڪڏهن پنهنجي مڙس کان پنهنجي خطا جي معافي وٺين ٿي ته توکي گهرجي ته ان جي اڳيان منٿ ميڙ ڪر. ان جي اڳيان پڇتاوي جا ڳوڙها وهاءِ. هتي توکي عاجز ٿي پيش ٿيڻو پوندو ڇو ته اهو مقام ٿي اهڙو آهي جو توکي هٺ ۽ وڏائي دور ڪري عاجزي ۽ انڪساري کان ڪم وٺڻو پوندو.

بيت نمبر 3

شاهه صاحب ليلا کي مخاطب ٿي چوي ٿو ته منٿ ميڙ ڪرڻ سان به تنهنجو مڙس نٿو پرچي تڏهن به تون ڪوشش ڪر ۽ بار بار ڪوشش ڪر. مايوس نه ٿي ڇو ته هو ڏاڍو ٻاجهارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. هو رحم دل آهي تو کي ضرور معاف ڪندو.

بيت نمبر 4

هن بيت ۾ شاه صاحب چنيسر جي ناراضگي کانپوءِ ليلا کي پنهنجي ور کان معافي گهرڻ ۽ خطا معاف ڪرائڻ جي صلاح ڀڏائيندي فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن توکي پنهنجي مرد کان حقيقي طور تي معافي گهرڻي آهي تہ نياز ۽ نوڙت جي راه اختيار ڪر چو تہ جيڪڏهن تون هن کي عاجزي، انڪساري ۽ احترام سان هيٺاهين وٺي معافي گهرندئين تہ تنهنجو مڙس توکي بلڪل معاف ڪري ڇڏيندو.

4. حضرت خواجہ محمد زمان

(1713ع. 1774ع)

4.1 تعارف

حضرت خواجہ محمد زمان جن سنڌ جي اهم بزرگن مان هئا. سندن طريقو نقشبندي هو ۽ بدين ضلعي ۾ لنواري سندن ڳوٺ هو. سندن حياتيءَ جو گهڻو احوال "مرغوب احباب" نالي ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي. سندس ولادت 21. رمضان 1125 هجري (1713ع) ۾ ٿي. پاڻ جمندي جام هئا. سجو وقت الله تعالیٰ جي عبادت ۽ ماڻهن کي فيض ڏيڻ ۾ گذاريندا هئا. شاه عبداللطيف ڀٽائي جن بہ سندن ملاقات ۽ ڪانئن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ لنواري آيا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن سندن مبارڪ زبان مان بيساختہ سنڌي بيت پڻ جاري ٿي ويندا هئا. سندن وفات 1188 هجري (1774ع) ۾ ذوالقعد مهيني جي 4 تاريخ تي ٿي.

4.2 بيت

1. سجڻ ڏٺو جن، تن ڏسڻ غير گناه
جنين لڌي راهَ، وِهڻ تنين وِه ٿيو.

2. لڳو واءُ وِصالَ، جنين ساعت هيڪڙي
تن سا لڌي لعل، جنهن لئہ جڳ خلقيو.

3. عارف ۽ عشتاق، پسڻ گهرن پرينءَ جو
جَنت جا مشتاق، اچا اوراهان ٿيا.

4. تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سِيءَ جو
ماٺڻو تن ملير، جن جو مال مباح ڪيو.

5. چڏيان هي جهان، هُو پڻ گهوري گهوريان
پلڪ پريان ساڻ، جي مون سري جيڏيون.

6. سِڪُ روحاني ساميين، جسمي جاهلن
ٻگهن مڃي من، پارس پسن ڪينڪي.

7. پهرين پوءِ پچار، ملڪ ۾ ميثاق جي
ڪُڪ پن ڪَن اِقرار، اسين ٻانها، تون ڌڻي

8. پرِيان جي پچار ۾، اڇي جن آرام
دنيا تن ڪي دام، پڇن موسم موت جي.

9. ماهيت مينهن نه پوءِ، قُلزم اندر قطري
مگر وڃي سو، جڳ ڇڏي جالار ۾.

10. اکر پڙهه عشق جو، ڪَنزُ قدوري ڇڏ
چڙهه تنين جي مڏ، جي سُتي ڏين شراب جي.

11. صوفين صاف ڪئو، ڏوئي ورق وجود جو
تڏهن تن ٿيو، جيري پسڻ پرينءَ جو.

4.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

ڄام	قابل، لائق، سرادر، اڳواڻ
ولادت	پيدائش
بي ساخت	ٺاهه ٺوهه جي بغير، از خود
غير	ڌاريو، اڻ واقف
لعل	ڳاڙهي رنگ جو قيمتي پٿر
عارف	معرفت جو ڄاڻو
عُشاق	عاشق جو جمع
اوراهان	اورتي
سانگ	سانگو، احساس
سِسي	سِري، مُنڍي
ماڻڻ	حاصل ڪرڻ
جُسو	بدن
مُباحُ	حاضر ڪرڻ، پيش ڪرڻ
وهُلور	پري ٿيڻ
گهورڻ	صدقي ڪرڻ، قربان ڪرڻ
سَرَڻ	گذرڻ
ساميين	سامي فقيرن کي
پارس	اهڙو پٿر، جنهن لاءِ روايت آهي ته لوهه کي لڳي ته ان کي سون بنائي ڇڏي.
پچار	ذڪر، يادگيري
مشاق	معاهدو، ٺاهه، اقرار

اقرار ڪرڻ	وعدو ڪرڻ، قبول ڪرڻ
دام	قيد، ڪوڙڪي، ڦاسٽي
جالار	جام، گهڻو، بي حساب پاڻي
ڪنز قدوري	علم تصوف بابت ڪتابن جا نالا
قطرو	ڦڙو
مَذُ	پيهي

4.4 بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

سجڻ ڪي جنهن بہ هڪ ڀيرو ڏٺو، تنهن ٻئي ڏي نهارڻ گناهہ ڪري ڄاتو. جن بہ محبوب ڏي ويندڙ واٽ ڏسي ورتي، تن ڪي ويهڻ وري ڪيئن ايندو؟

بيت نمبر 2

جن ڪي رڳو هڪ گهڙي محبوب جي ملاقات نصيب ٿي، تن لاءِ اها ملاقات اٿين آهي، ڇوڻ تہ ڪين تمام ڪو اهڙو املهہ لعل لڀي ويو آهي، جنهن لعل لاءِ هيءَ ڪائنات خلقي وئي آهي.

بيت نمبر 3

معرفت جا صاحب ۽ عاشق هر وقت محبوب جي ديدار جي طلب ٿا رکن. پر جن کي جنت جي ملڻ جي لالچ ۽ حرص هو، اهي نہ جنت ماڻي سگهيا ۽ نہ انهن کي محبوب جو ديدار نصيب ٿيو.

بيت نمبر 4

جيستائين تو کي پنهنجو ساهہ عزيز آهي، تيستائين فقير نٿو بڻجي سگهين. ملير تہ انهن کي حاصل ٿيندو آهي جن پنهنجي جان ۽ جسم محبوب تان گهوري ڇڏيا.

بيت نمبر 5

هيءَ جهان بہ نہ گهرجيم ۽ هو جهان مليم تہ اهو بہ جيڪر قربان ڪري ڇڏيان، پر جي انهيءَ قرباني جي عيوض محبوب رڳو هڪ گهڙي گڏجي گذاري (تہ بہ اهو سودو سستو ڇاڻان.)

بيت نمبر 6

سامي فقير ٿي روحاني طور تي محبوب لاءِ سڪ رکن ٿا. باقي جن کي سڄڻ جي وجود لاءِ پيار آهي، اهي جاهل آهن. (اهي اٺين آهن). جيئن ٻگهہ پکيءَ کي رڳو مڇيءَ جي وات ۾ وجهڻ جي لالچ هوندي آهي. حالانڪہ مڇي بہ اتي ٿي آهي. جتي پارس پيل آهي، پر ٻگهہ کي اهو پارس نظر ٿي نٿو اچي.

بيت نمبر 7

سڄي ملڪ ۾ سالڪ ۽ مالڪ جي وچ ۾ ڪيل اقرار جي پچار پئي ٿي هلي. ڪڪ توڙي پن انهي واعدي (الست بربڪم ....قالوُ بلىٰ) جو اقرار پيا ڪن (چون پيا تہ) بيشڪ تون مالڪ ۽ اسين تنهنجا ٻانها آهيون.

بيت نمبر 8

اهي سالڪ، جيڪي محبوب جي پچار ٻڌڻ ۾ سڪون ۽ قرار ٿا محسوس ڪن، تن لاءِ هيءَ دنيا قيدخاني مثل آهي. اهي رڳو موت جي مُند جو انتظار پيا ڪن. جو انهن کي موت ڪانهوءِ واري وقت ۾ يقين آهي تہ اهي ان وقت پنهنجي پرين سان وڃي ملندا.

بيت نمبر 9

مينهن جي اصليت معلوم ڪرڻي اٿئي تہ درياءَ تي غور ڪر. جتان اهي قطرا ٻاڦ بڻجي، ڪڪر جي صورت ۾ مٿي ويا ۽ وري مينهن جو روپ وٺي موٽي درياهہ جي شڪل ۾ وهڻ لڳندا.

بيت نمبر 10

اهي ڪنز ۽ قدوريءَ جا فِقه وارا ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏي، تون رڳو عشق وارا سبق پڙهه، پنهنجي صحبت بہ انهن سان رک، جيڪي توکي عشق واري شراب جي سُرڪ پيارين ٿا.

بيت نمبر 11

صوفي فقير بہ جڏهن رياضتون ۽ عبادتون ڪري، پنهنجا اندر ڏوئي، اُجارين ٿا، تڏهن ڪين جيئري هوندي محبوب جو ديدار ٿو نصيب ٿئي.

4.5 خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

(1) قاضي قادن جا وڏا اصل ڪٿان جا هئا؟

(2) قاضي قادن ڪهڙي حڪومت ۾ وڏو قاضي مقرر ٿيو؟

(3) قاضي قادن جا 112 بيت هندوستان جي ڪهڙي سنڌي عالم ترتيب ڏئي ڪتابي شڪل ۾ پڌرا ڪيا؟

(4) قاضي قادن جي وفات ڪهڙي سال ۾ ٿي؟

سوال نمبر (2)

هيٺين سوال جا مختصر جواب لکو:

(1) اکين ۾ ڪنڊر هجڻ واري تشبيهہ جو مطلب ڇا آهي؟

(2) شاعر هنجهہ جو هنڌ ڪٿي ٻڌايو آهي؟

(3) شاعر پتنگ مان ڪهڙي مراد ورتي آهي؟

(4) شاعر سامين کي ڪهڙي سڪ رکندڙ ڪوٺيو آهي؟

(5) شاعر ڪهڙن ڪتابن جي بجاءِ عشق جي سبق پڙهڻ لاءِ هدايت ڪئي آهي؟

سوال نمبر (3)

هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:

(1) شاهہ ڪريم جي زندگيءَ جو احوال ڪهڙي ڪتاب ۾ آهي؟

(2) متعلوي جو ڇا مطلب آهي.

(3) شاهہ ڪريم رشتي ۾ شاهہ لطيف جو ڇا هو؟

(4) شاهہ ڪريم جا مقولا ءِ ارشاد ڪهڙي ڪتاب ۾ آهن؟

(5) خواجہ محمد زمان بابت گهڻو احوال ڪهڙي ڪتاب ۾ ڏنل آهي؟

سوال نمبر (4)

هيٺين بيتن جو مطلب لکو:

(1) شاهه ڪريم جو بيت نمبر 8

(2) سُر ڪليان جو بيت نمبر 3

(3) سُر ليلا چنيسر جو بيت نمبر 4

(4) خواجه محمد زمان جو بيت نمبر 5

(5) خواجه محمد زمان جو بيت نمبر 10

سوال نمبر (5)

سُر ڪنڀات جو خلاصو لکو.

سوال نمبر (6)

خواجه محمد زمان جي زندگيءَ جو مختصر احوال لکو.

5 خود آزمائي جا جواب

سوال نمبر (1)

(1) قاضي قادن جا وڏا اُصل سيوهڻ جا هئا.

(2) قاضي قادن ارغونن جي حڪومت ۾ وڏو قاضي مقرر ٿيو.

(3) قاضي قادن جا بيت هندوستان جي عالم ميرو نعمر ڪتابي صورت ۾ پڌرا ڪيا.

(4) قاضي قادن جي وفات 958هه 1551ع ۾ ٿي.

سوال نمبر (2)

(1) اهڙي شخص جو مثال ڏنو ويو آهي جنهن جي اک ۾ ڪک پئجي ويو هجي ۽ هو پنهنجي محبوب کي نه ڏسي سگهندو هجي.

(2) شاعر هنجھ جو هنڌ وڏي ۽ گهري پاڻي ۾ ٻڌايو آهي.

(3) شاعر پتنگ مان اهڙي قرباني ڏيندڙ شخص جو مثال ورتو آهي جيڪو مقصد ماڻڻ لاءِ وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان پوئتي نه پوي.

(4) شاعر سامين کي پنهنجي محبوب لاءِ روحاني سڪ رکندڙ ٻڌايو آهي.

(5) شاعر، فقھ جي ڪنز ۽ قدوري نالي وارن ڪتابن پڙهڻ جي بجاءِ، عشق جو سبق پڙهڻ جي هدايت ڪئي آهي.

سوال نمبر (3)

(1) بيان العارفين في تنبيھ الغافلين.

(2) متياري جو رهاڪو.

(3) ٽڙ ڏاڏو.

(4) بيان العارفين.

(5) مرغوب احباب.

يونٽ نمبر 9

شاعر

1. سچل سرمست
2. حمل فقير

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

هيءَ نائون يونٽ اوهان جي اڳيان آهي. هن يونٽ ۾ سنڌي جي ڪن ممتاز شاعرن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ سندس شاعري مان ڪجهه مثال پيش ڪيا ويا آهن تن مان سچل سرمست کي هفت زبان شاعر سڏيو ويو آهي. سندس شاعري سنڌي کانسواءِ ٻين ٻولين ۾ بہ آهي، ٻئي طرف حمل فقير لغاري جي شاعري اسان کي سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ بہ ملي آهي. ٻنهي شاعرن جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي حيثيت مجيل آهي.

انهن بابت هتي جيڪي ڪجهه ڏنو ويو آهي، تنهن جي مطالعي کانپوءِ اوهين انهيءَ لائق بڻجي ويندا جو:

يونٽ جو مقصد

(1) ٻنهي شاعرن جي زندگين جي احوالن کان واقف ٿي سگهندا.

(2) ٻنهي شاعرن جي بلند خيالي کان باخبر ٿي سگهندا.

(3) شاعري ۾ ڏنل سندن پيغام کي خود سمجهي سگهندا ۽ ٻين کي سمجهائي سگهندا.

(4) شاعرن جي ڏنل پيغام تي عمل ڪري، زندگي کي ڪامياب بڻائي سگهندا.

فهرست

صفحو

1. سچل سرمست	281
1.1 تعارف	281
1.2 سر سسئيءَ مان بيت	281
1.3 سُر سارنگ مان بيت	283
1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	285
1.5 سُر سسئي جي بيتن جي سمجهاڻي	288
1.6 سُر سارنگ جي بيتن جي سمجهاڻي	290
2. حمل فقير	292
2.1 تعارف	292
2.2 سِڪ بابت بيت	292
2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	295
2.4 بيتن جي سمجهاڻي	297
3. خود آزمائي نمبر 1	299

1. سچل سرمست

(1739ع. 1829ع)

1.1 تعارف

سچل سرمست جو نالو ميان عبدالوهاب هو. سندس مائٽ کيس سچو يا سچيڏنو ڪري سڏيندا هئا. شعر ۾ بہ پنهنجو ساڳيو نالو قائم رکيو ائس. سندس پيءُ ميان صلاح الدين فاروقي جي وفات کانپوءِ سندس چاچي ميان عبدالحق سندس سنڀال ڪئي ۽ طريقت جي دڳ تي لاتائينس.

سچل، قرآن پاڪ جو حافظ ۽ فارسي ۽ عربي جو عالم هو. چون ٿا تہ شاه عبداللطيف هڪ ڀيري درازن ۾ آيو، اتي ننڍي سچل کي ڏسي، ميان صاحب ڏني کي مخاطب ٿي چيائين: "جيڪو ڪنو اسان چاڙيو آهي تنهن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو."

سچل جو ڪلام بيباڪيءَ جو آئينو آهي، رندي ۽ مستي سان ڀريل آهي. جيڪو ڪلام سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ چيو ائس اهو سمورو ، سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

1.2 سر سسئيءَ مان بيت

1. اٺي ويا اوٺار، ڪٺي سات سويل جو
هاٺي اديون آٺيا ، ڏورڻ مون ڏونگار
ڀيا ڀي هوت هزار. منهنجو ڀيچ ڀنهونءَ سان.

2. منهنجو ڀيچ ڀنهونءَ سان، ازل لاڪون آه
هاٺي ويهڻ چاه، ڀينر هن ڀنيور ۾؟

3. ڪريان ڪوھ پنھور ۾، پنھون پجاڻاءَ
سوز چڪايو ساءَ، ويھڻ مون وھُ ٿيو.

4. ڪريان ڪوھ پنھور ۾، پجاڻان پرين
وار نہ سي ويھن، جنين مٿي مامرو.

5. ور ۾ وساريج، ھيءَ تان سنديو آھ
وڃي ڪيچ وٺن مَ، ھيءَ سڌر ساريج
تيتر مَ ماريج، جيتر توکي نہ مڙان.

6. ساري شھر پنھور جي، چڏي لوڪ لذت
توريءَ ڏٺي ڪو نہ ٿو، ماڻھو عام عزت
ٿئي ساھ صحت، جي ھيھر ھاروچا اچين.

7. ڪيو ڪميٺيءَ ڪچ، جو سُتي سويلي رھي
انھيءَ جي افسوس سين، ڪيو محبت مچ
پنھون جام پرچ، نامِيا نماڻي سان.

8. ٿيون ھن ھٿاءَ، ڪيٿي موراثون مديون
پنھون ڏسي پاڻ ڏي، آسڻ منھنجي آءَ
سانول توريءَ ساءَ، اچي ماڻھنان ڪين پنھورجي.

9. پنهون پنهون ٿي ڪريان، آءٌ پڻ پنهون پاڻ
اديون ٿيس اَجاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي

10. جان پروڙين پاڻ لي، تان پنهون پاڻ ٿي آهيان
ڪنهن طرف ڪاهيان، چوڌ طرف مڙيئي تم ٿيا.

11. پيهي پروڙيوم، تان پنهون پاڻ ٿي آهيان
پاڻ ۾ منجهان پاڻ کي، هيءُ پڙلاءُ پيوم
صحيح ڪن ڪيوم، تہ غير گمان اٿي ويا.

1.3 سر سارنگ مان بيت

1. مون ۾ آهين تون، تون ۾ آهيان مان
بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين.

2. سارنگ سندا سات، سرتيون سائڻ آيون
ڦيريو راڳن ناتَ، وجن ويس وَس ڪيا.

3. پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار
وڄن ۾ وڄڻ سان، چڙهن ٿا چوڌار
اَيي ڪي آبيندي، لڏثون سنڌڙيءَ سار
ساوا ٿيا سنگهار، مولئ سندي مهر سان.

4. راتاڪر ريهن سان، رڻ ڪياٺين ريج
پنهنجي راٺي ريج ڪري. جيٺن ساوڻ پيج
برن ۾ بهار ڪٺي، گلزاريءَ جي گيج
"سچل" سارنگ سيج، سونهي ساوڪ وچ ۾.

5. وسي پيو وڏڦڙو، پنيون، پٽ پريون
پٽاريون پٽن تان، وٽاٺين وريون
ڪيرن جون ڪريون، چاڏيين ڏنٺون چاھ مان.

6. والي وساٺيج، دردمنديءَ جو ديس
پرين مون پرديس، اٺي ايندم اوڏڙا.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

آسڻ	اگَڻ
ماٿهنان	ماٿهن مان
اڄاڻ	ناواقف، اڻڄاڻ
پروڙ	سمجهه، سوچ
پڙلاءُ	آواز، غوغاءُ
سپرين	پرين، پيارا
ساٽ	سوڻ
ٺاٽ	راڳ جو قسم ـ ٺٽ، ٺانگر، وڏائي، عيش
وس	وسڪارو، ڪوشش، حيلا ڪرڻ
پورب	اوڀر طرف، اوڀر ۽ اُتر طرف جي ڪنڊ
پار	ٻئي ڪناري تي، طرف، بدلو
ڪارونڀار	ڪڪرن جو ڪارو رنگ
وِڄُ	کنوڻ، آسماني بجلي
اُڀو	اوڀرپاسو
آبيندي	آب پياريندي = پاڻي ڏيندي، ريج ڪندي
سار	سنڀار، ياد
مِهرَ	رحم
ٻهه ٻهه	خوشين مان
ٻڪروال	ڪڪرن جو قسم، جنهن مان ڏاڍو مينهن وسندو آهي.
ٿَهَنُ	ٿاهه ڪائڻ، ڌجي وڃڻ
آهو	هَرَڻُ

چونگا	هرڻ جا چال
ٻلال	سارين جو سُڪل گاهه
منڊل	خوشيون، شادمانا
اُنا	وسيا
جهري پوڻ	مينهن جي ڪري جهڳين جو وسي پوڻ، جڳهين جو ٺمڻ
اجهال	مينهن نه جهلي سگهندڙ
ننگ پال	عزت رکندڙ
پت	عزت، مان
جهل	روڪ، رنڊ
ڪَهَل	رحم
ڪاهل	سست، رحم يا ڪهل جي لائق
راتاڪُر	رات کان وٺي
گيج	ڏيک
سونهي	سونهين = ٺهي، سهڻو لڳي
ڪڪوريا	اڳ پڌرا، ظاهر ٿيا
سورڻ	شروع ڪرڻ، اڳتي وڌائڻ
پتاريون	کير جون پهليون ڳٿون ۽ مينهون
چاڏي	کير جمائڻ لاءِ ڪتب ايندڙ ٺڪر جون وڏو ٿانءُ
کير جون ڪريون	کير ڏيڻ ۾ تيز
اوڏا	وُيجها، قريب
پر سوڻ	اُڏامڻ جي تياري ڪرڻ
پاتون پات	قسمين قسمين، ڪيترن قسمن جا

هاڄ	ڪمر ڪار
ڇنُ	ڪليل ڇت وارو گهر، ويڪرو منهن
رن	اها عورت، جنهن جو مڙس زنده نه هجي
واهر	مدد
واهرو	مدد گار، سنڀاليندڙ
ڪوڙ	چوٽيون
سوڙ	ڏاڍو مينهن
ميگهه	بارش، برسات
لوڙ	گهرج، ضرورت، ڳولا
قزح	اندلٺ، قوس و قزح
جُهلي آئي	لهي آئي،

1.5 سر سسئي جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

اٺن وارا اٺن تي سامان لڏي، سوير ئي اُٺ اٿاري ويا. اي ڀينر! انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ، پوئتي منهنجو ڪو بہ سهارو ڪونهي. هاڻي اهي جبل مون کي اڪيلي سِر پار ڪرڻا پوندا. هوت قبيلي جا ڀيا بہ ڪيتراڻي ماٺهو آهن، پر منهنجو پيچ تہ رڳو پنهون سان پيل آهي.

بيت نمبر 2

پنهونَ سان منهنجو اهو عشق اصل کان وٺي ٿيل آهي. سرتيون! پنهون هليو ويو، هاڻي پنهون بغير ڀنڀور ۾ رهڻ وري ڪهڙو؟

بيت نمبر 3

پنهون مونکي ڇڏي هليو ويو. مان انهيءَ جي بنا ڀنڀور ۾ رهي ڇا ڪنديس. سندس عشق ۾ ايڏو تہ لطف آيو اٿم، جو هاڻي ويهڻ وهُ ٿو لڳيم.

بيت نمبر 4

ٻرين جي وڃڻ ڪانپوءِ ڀنڀور کي ڇا ڪنديس! جنهن شخص جي مٿان مامرو (مصيبت، تڪليف) اچي پوندي آهي، اهو هڪ وار بہ ويهي نٿو سگهي.

بيت نمبر 5

اي منهنجا مالڪ! تون مونکي اصل نہ وسارجانءِ، مان توهان جي پنهنجي آهيان. اٿين نہ ٿئي جو تون مونکي وساري وڃي ڪيچ ۾ آرام سان ويهين. وساريو تہ مري وڃڻ ڪانپوءِ آهي، مون کي تيسين نہ مارجانءِ، جيسين تو سان ملاقات نہ ڪري وٺان.

بيت نمبر 6

ڀنڀور شهر مان تہ مزو چڙهائي ويو آهي، پر هاڻي ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ ڪو سواد نہ رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو تو ڪانسواءِ ڪير بہ عزت ڪو نہ ٿو ڏئيم. اي پيارا. هاڻي ڀيهر اچي ملندين تہ هن مٽل ۾ بہ وري زندگي اچي ويندي.

بيت نمبر 7

هن ڪميڻي اما ڪيڏي نہ غلطي ڪئي جو جاڳڻ جي بجاءِ سوير ئي سمهي پئي. هاڻي نہ رڳو ان ڳالهہ جي ڳڻتي اٿم. پنهون جام! الله لڳ رسڻ ڇڏ ۽ اچي پر ڇاڻ ڪر.

بيت نمبر 8

هن ٻندي ڪان ڪيترين ئي غفلتون ٿيون آهن، پر پنهل سردار! تون پاڻ ڏي ڏس منهنجي انهن عيبن ڏي نہ نهار. منهنجي اڳڻ تي اچ. اي سانول! توڪانسواءِ هت جيڪي بہ ماڻهو آهن تن جي ڏسڻ مان مونکي ڪو بہ لطف نٿو اچي.

بيت نمبر 9

مان بہ ڪيڏي نہ اڻ ڄاڻ. ناسمجهہ آهيان جون پنهون پنهون ڪندي پٺي وتان. جڏهن تہ پنهون مان پاڻ آهيان. اي منهنجون جيڏيون! مان اڻڄاڻ ٿي پيس جو ٻهريائين پنهنجو پاڻ سڃاڻان ها.

بيت نمبر 10

سچل سائين هن بيت ۾ چوي ٿو تہ جڏهن مون پاڻ کي پروڙيو تہ خبر پيم تہ دراصل آءٌ ئي پنهون آهيان. ڪهڙي پاسي وڃان چارئي طرف تہ آءٌ ئي آءٌ آهيان.

بيت نمبر 11

سچل سائين هن بيت ۾ چوي ٿو تہ جڏهن سسئي پهاڙن ۽ جبلن ۾ پنهجي ڏکي پنهون کي ڳوليو پئي ۽ پنهون کي نہ مليس تڏهن وڏي سوچ ويچار کانپوءِ چيائين آءُ پاڻ ئي پنهون آهيان. چاڪاڻ تہ منهنجو اندر اهو پڙلاءُ پيو ڪري. جڏهن اجا بہ غور ڪيم تہ يقين ٿي ويم ۽ سڀ شبها ختم ٿي ويا.

1.6 سر سارنگ جي بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

تنهنجي وجود ۾ مان ۽ منهنجي جان ۾ تون. اسين ٻئي هڪٻئي سان ائين لاڳاپيل آهيون، جيئن بادل ۾ بجلي هر وقت سمايل هوندي آهي.

بيت نمبر 2

اڄ سرتيون گڏجي، سارنگ جا ساڻ ڪرڻ آيون آهن. هيڏانهن سرتين سارنگ اچڻ بابت راڳ ڳائڻ شروع ڪيا ۽ هوڏانهن وڄون وري وسڻ جا ويس پهري تيار ٿي اچي پهتيون آهن.

بيت نمبر 3

پورب جي پاسي ڏي، ڪڪرن جي ڪاراڻ تہ ڏسو! وڄن جا چوڏاري وسڪارا لڳا پيا آهن ۽ ڪڪر آهن جو، ڪر ڪنيو مٿي اُپرندا پيا اچن. اوپر پاسي کي مينهن وسائي پاڻي پياري انهن هاڻي منهنجي سنڌ جي سرزمين جو رخ ڪيو آهي. مولا جي اها مهر ڏسي، مال وارا ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا آهن.

بيت نمبر 4

رات ڪان وٺي ڪڪرن ريهون ۽ رڙيون ڪيون آهن ۽ ڪنوڻين سان وسڪارا ڪري آباد ۽ رڻ پٽ جهڙيون ويران ٿيل زمينن تي خوب ريج ڪيا اٿائين. اهي سڀ "هُوَ" ساون وانگر پنهنجو پاڻ پسائيندو رهندو آهي. ويران پٽن تي مينهن وسڻ سان ساوڪ ٿي آئي آهي ۽ گل ڦل ڦٽي آيا آهن. اي سچل! سارنگ جي اها سيج ڏس تہ ساوڪ جي ڪري، ڪهڙي نہ سهڻي ٿي پئي آهي!

بيت نمبر 5

وڏ ڦڙي مينهن وسي وسي هيٺ مٿاهيون پاٽيءِ سان پري ڇڏيون آهن. ڪير ڏيندڙ ڀليون ڳئون ۽ مينهون پٽن ۽ پٽن تان ساوا ۽ سٺا گاهه چري، هاٺي وٿاڻن ڏي موٽڻ لڳيون آهن. اهي ڪير جون اڳئي ڀليون هيون، پر هاڻي تہ وڏيون چاڏيون ڪير سان ڀري ڏيڻ لڳيون آهن.

بيت نمبر 6

اهي منهنجا وارث والي! هن دردن ماري جوديس آباد ڪر تہ منهنجا پرين جيڪي ڪمائڻ لاءِ پرديس هليا ويا آهن، اهي بہ مينهن سبب آيل خوشحالي جون خبرون ٻڌي موٽي اچي ملن.

2.حمل فقير

(1225-1296هه)

2.1 تعارف

حمل فقير ذات جو لغاري بلوچ هو. سندس ولادت رياست خيرپور ۾ تقريباً 1225هه مطابق 1809ع ڌاري ٿي. ابتدائي عمر ۾ هو تعليم ڏيڻ جو شغل ڪندو هو. لنواري وارن بزرگن جو مريد ۽ خاص عقيدت مند هو. هن بزرگ چنچر رات، 2. صفر 1296هه ۾ وفات ڪئي.

سندس سمورو ڪلام، "ڪليات حمل" ۾ سهيڙيل آهي. جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سهيڙيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

2.2 سڪ بابت بيت

1. سانديم سدائي، سڪ توهان جي ساهه ۾
اندر ۾ اُڏما ڏئي، سا ڪل نه ڪنهن ڪائي
حمل چئي هيءُ دل تو، گهورن سا گهائي
جا لئون لوهان لائي، سا ڪنهن دم وسري ڪينڪي.

2. سڪندي ٿيڙم سال، تو سڪ نه لاٿي سپرين!
اُٺ ٿي پهر اندر ۾، آ تنهنجي سڪ سنڀال
اچين هوند حمل چئي، ڪري پلايون پال
ته ملڪ مڏيون سڀ مال، سر سوڌو صدقو ڪيان.

3. سڪ مڙيئي سور، سور بہ سرجيا سڪ مون
صبر سڪ وڃايو، ماٺ تہ اچي مور
ڏاڍهون درد فراق جون، ڏيهہ ڀڃهن ٿيون ڏور
حمل! هيءُ ڪلور، جو ساجن سٽي، ڪينڪي!

4. ساجن تنهنجي سڪ جي، آهہ اندر ۾ اُڻ تُڻ
ڦوڙائي فراق جا، ٿا چاڪ ڪرن چُڻ چُڻ
هيڪر حال حمل جو، ساجن تان سُڻ سُڻ
تنهنجون ڳالهيون ء ڳُڻ ڳُڻ، ڪنهن دم وسرن ڪينڪي.

5. ساجن تنهنجي سڪ، ڪيا اندر آڪيرا
راتيان ڏينهان روح ۾، ڪيا وَهمن واهيرا
اچين هوند حمل چئي، ڏينهان ڏهہ ڀيرا
تان جان جگر جيرا، توکي دوست دعا ڪرن.

6. سورن سَوَ هزار، لکڻ ليکو ناهہ ڪو
وهمن وڏي وڻ ڪيا، ڏکن مُڪا ڏار
دعا ڪريو تان دوست اچي، حمل چئي هيڪار
تان ساجن تئون سو وار، صدقو ساهہ سڀي ڪريان.

7. ساجن سدائي، جيئرو هئين جهان ۾
مون کي تو منهنجا پرين، ڪا لئون لڳجهي لائي
اندر آڳ عشق جي، تو دلبر دکائي
حمل چئي هن حال جي، ڪل پوئي ڪائي
تان جاني جدائي، هوند موٽي مون سان نہ ڪرين.

8. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهہ
ساندڻ سڪ سجڻ جي، مشڪل آهہ محال
اندر ۾ اڏما ڏئي، ويسند ناهہ هڪ وال
حمل هيءُ حوال، ڪنهن پر پهچي پرين کي.

9. ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ، آءُ ڪاٽون ڪڍان ڪن جون
نہ تہ ڪير ڪاڻ ڪير اسين، ڪير ڪڍي هوند ڪاڻ
اسين پاڻ اُتامرا، ڪڍون نہ ڪنهن جي ڪاڻ
پر حمل سرهي ساجن ڪاڻ، تا ڪاٽون ڪڍون ڪن جون.

2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

سانديل	سنڀالي رکيل، حفاظت ۾ رکيل
سهيڙڻ	گڏ ڪرڻ
اڏمون اچڻ	جذبن جو ڦاٽ ڪائي ٻاهر اچڻ
گهائڻ	ڦٽڻ، زخمي ڪرڻ
پال	قرب، ٿورا، احسان
مِلڪ	ملڪيت
مڏي	گهر، ملڪيت
سر سوڏو	جان سميت
سرجڻ	سائو ٿيڻ، اُپرڻ، ظاهر ٿيڻ
اُڻ تُڻ	ڳڻتي، چنتا
ڦوڙائو	غم، فڪر
چاڪ	ڦَٽَ، زخم
ليکو	حساب، ڳاٽيتو
ڳرهيان	ونديان، ورهايان، ورچيان
محال	ڏکيو، مشڪل
ويسند	واندڪائي، فراغت
ڪاڻ ڪڍڻ	نوڙت سان هلڻ، برداشت ڪرڻ، خيال رکڻ، احسان ڪرڻ.
اُتامرا	فخر وارا، ماناڻتا، مرتبي وارا
دم	گهڙي، پل

اٺئي پهر	ڏينهن رات ۾ اٺ پهر ٿيندا آهن، چار پهر ڏينهن جا ۽ چار پهر رات جا
فراق	جدائي
وهم	وسوسو، ڳڻتي
الم	دانهن، ڇڪ، رنج، صدمو

2.4 بيتن جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

تنهنجي سڪ ڪي مون سدائين ساهه ۾ سانڍي رکيو آهي. اها سڪ منهنجي دل ۾ جيڪي اُڌما ٿي اُٿاري، اُها رڳو مون کي خبر آهي. حمل فقير ٿو چئي ته هن دل کي تو گهورن سان گهايل ڪيو آهي. تنهنجي نيڻن جي ڪري، هڪ پل لاءِ به تنهنجي ياد دل مان نٿي نڪري.

بيت نمبر 2

اي منهنجا محبوب! تنهنجي لاءِ سڪندي، مونکي ڪيترا سال گذري ويا آهن، پر تو ڪڏهن اها سڪ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. مونکي دل ۾ اڃا به تنهنجي سڪ ڀريل آهي. حمل ٿو چوي ته قرب ڪري، مون وٽ هڪ گهڙي لاءِ اچين ته هيءُ پنهنجي جند جان ۽ سڄي مال ملڪيت انهيءَ گهڙيءَ تان قربان ڪري ڇڏيان.

بيت نمبر 3

شاعر سڪ جو فلسفو سمجهائيندي چوي ٿو ته سڪ سڄي سور آهي، پر سور به ته سڪ مان جنم وٺن ٿا. سڪ صبر ختم ڪري ڇڏيو ۽ عاشق رڳو درد فراق جون دانهون پيو ڪري ۽ حمل فقير کي اها ڳالهه حيران ٿي ڪري ته سڄڻ کي ان حالت جو پتو ئي ڪانهي.

بيت نمبر 4

اي منهنجا ساجن! تنهنجي لاءِ اندر ۾ رڳو ڳڻتي اٿم. جدائي جي ڪري، دل ۾ جيڪي زخم اٿم، اهي هر وقت سور ۾ سڙون پيا ڏين. حمل ٿو چوي ته هيڪر اچي منهنجو حال ڏسي وڃ ته اهو تنهنجو احسان سدائين ياد رهندو.

بيت نمبر 5

منهنجا ساجن! تنهنجي سڪ منهنجي دل ۾ ديرو لاتو آهي ۽ ڏينهن رات دل ۾ وهم پيا پون. جيڪڏهن ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا اچين ته منهنجو انگ انگ تنهنجو دعا گو رهندو.

بيت نمبر 6

سيني ۾ اڻ ڳڻيا سور اُڀريا اٿم، پر وهم به وڏي وڏا ٿيا آهن. دوستو، حمل کي دعا ڪيو ته رڳو هڪ ڀيرو ڪيس سڄڻ اچي ملي ته هوند ساهه جهڙي قيمتي شي به ان ساعت تي قربان ڪري ڇڏيندو.

بيت نمبر 7

منهنجا پرين شال سڄي جهان جون عمريون ماڻين. اي محبوب تو منهنجي دل ۾ ڪا اهڙي لنوَ لاتي آهي، جو اندر ۾ جڻ ته آڳ لڳي پئي آهي. شاعر حمل ٿو چوي ته جيڪڏهن توکي منهنجي اندر جي حالت معلوم ٿي وڃي ته هوند وري اهڙي جدائي نه ڪرين.

بيت نمبر 8

شاعر پريشاني جي عالم ۾ پڇي ٿو ته ڪيڏانهن وڃان ۽ ڪنهن سان دل جي اُها ڪيفيت ظاهر ڪيان. هاڻي ته سڪ سنڀالڻ به مشڪل ٿي پئي آهي. انهي اندر ۾ اُڌما لاٿي ڏنا آهن ۽ هڪ گهڙي جي وار به نٿي اچي. حمل ٿو چوي ته هاڻي اهو احوال ڪنهن پر پرين کي پهچي.

بيت نمبر 9

ڪنهن کي کهڙي خبر ته ڪنهن جي لاءِ ڪنهن ڪنهن جون ڳالهيون ٻڌڻيون ٿيون پون. جي اها جهوري لڳل نه هجيم ته هوند ڪير ٿو ڪنهن جي نوڙت ڪري ۽ هيڻاهون هلي. شاعر ٿو چوي ته اسين پاڻ هٺيلا آهيون ۽ ڪنهن جي غلامي ڪو نه ڪيون، پر حمل رڳو محبوب جي سر جي ڪري ٻين جون اهي ڳالهيون پيو برداشت ڪريان.

3. خود آزمائي نمبر 1

سوال نمبر (1)

سسئيءَ جي مختصر ڪهاڻي لکي ڏيکاريو.

سوال نمبر (2)

شاعر سسئيءَ جي موضوع تي ڪهڙن احسانن جو اظهار ڪيو آهي؟ وضاحت ڪيو.

سوال نمبر (3)

"سنڌ ۾ وسڪارو" جي عنوان تي گهٽ ۾ گهٽ 25 سٽن جو هڪ جامع مضمون لکو.

سوال نمبر (4)

"سارنگ" جي سري سان ڏنل شاعري ۾ پيش ڪيل ڪيفيتن کي بيان ڪيو.

سوال نمبر (5)

شاعر "سڪ" بابت جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، تن کي پنهنجي لفظن ۾ لکو.

نوٽ: سوال جا جواب توهان کي يونٽ جي متعلق حصي ۾ ملندا.

پوئنٹ نمبر 10

شاعر

1. خلیفو گل محمد
2. قادر بخش بیدل

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

اوهان پنهنجي نصاب جو هيءُ ڏهون يونٽ پڙهڻ شروع ڪيو آهي. هن يونٽ ۾ ذڪر ڪيل شاعرن جي زندگي جا احوال پڙهڻ سان گڏ، اوهان کي انهن جي، چونڊ شاعري پڙهڻ جو به موقعو ملندو.

اسان کي يقين آهي ته هن يونٽ جي مطالعي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ اوهان خود ٿي انهي لائق ٿي ويندا جو:

يونٽ جا مقصد

(1) خليفي گل جي غزل جو اندازو پروڙي سگهو.

(2) شاعرن جي زندگي جي احوال کان آشنا ٿي سگهو.

(3) سنڌي ڪافي جي شاعري کان آگاهه ٿي سگهو.

(4) سنڌي شاعري جي پيغام کي سمجهي سگهو ۽ سمجهائي سگهو.

فهرست

	صفحو
1. خليفو گل محمد	307
1.1 تعارف	307
1.2 غزل 1	307
1.3 غزل 2	308
1.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ	309
1.5 غزل نمبر 1 جي سمجهاڻي	311
1.6 غزل نمبر 2 جي سمجهاڻي	311
2. قادر بخش بيدل	312
2.1 تعارف	312
2.2 ڪافي 1	312
2.3 ڪافي 2	313
2.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ	315
2.5 ڪافي نمبر 1 جي سمجهاڻي	316
2.6 ڪافي نمبر 2 جي سمجهاڻي	317
3. خود آزمائي	318

1. خليفو گل محمد

1.1 تعارف

خليفو ميان گل محمد تخلص "گل" مشهور سانوٽي مُلن مان هو ۽ پراڻن هالن ۾ رهندو هو. فارسي، عربي ۽ علم تصوف مان گهڻي قدر واقف هو. ڪنگري واري پير پاڳاري جو مريد ٿيو. جتان خلافت جي پڳ مليس، جنهن ڪري خليفو سڏجڻ لڳو. گهڻو وقت ذڪر ۾ گذاريندو هو. آخري ڏينهن ۾ حرمين جي زيارت لاءِ اُسهيو. ممبئيءَ ۾ پنهنجي غزلن جو ڪتاب "ديوان گل" جي نالي سان ڇپايائين، پوءِ عربستان روانو ٿيو، جتي 1855 ع وفات ڪيائين.

خليفو گل محمد پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي الف۔ب جي قافين تي ديوان تيار ڪيو. سندس شعر بحر وزن تي آهي. پراڻي وقت جا نج سنڌ لفظ ڪم آندا اٿس.

1.2 غزل نمبر 1

1. نير رنگ واڌو ڪڍي، منجهہ جهگ جهب
عشق وارو وڌ وڌي منجهہ لوس لب

2. پاڻي تي ٿهڪي ٽپي جڻ جڻ ڪُنو
ٿو رجهي تيڻن ڪاج جيئن سانپين اُب

3. يون مَنيءَ تي ٿا ٿين پوکون پُڙ
گاهہ، ويءَ، بيلا، ڪَلَر ۾ ٿُبَ ٿَبَ

4. ٿي پڪي عادت وڏي، جا پٽي نندي
ٿيا پڪي پختا، ڪچي پيا جنهن کي ڪُبَ

5. ڪين نڪرن ٿا سلا سالم اُتي
جت هجي پون ڳاهُ ڪَرڙو ڪُبَ ڪَبَ

6. تڙ تڪڙ ۾ ڪيئن وجهي وک ترت ۾
پير ۾ "گل" جنهن جي نڪتي آهي ڳُهبُ

1.3 غزل نمبر 2

آئي رات سانوڻ سندي، مينهن وسي ڪيڙا ملهار.
ڍٺ وسيا برپٽ وسيا، سرها ٿيا سانگي سنگهار.
ڳاهه ساوا سبز ٿيا، هرسو پريا پاٽين تراهه
ڀريا پوٺن وٺي چو طرف پنهنجا ڏڻ ڏرار.
هڪ طرف ڳاجون ۽ گوڙيون، ٻئي طرف ڪنوٽيون ڪنون
مينهن ٿهه ٿهه ڪيو ٿمن، ٻاهيون ٻرن چوڏس هزار.
خوش ٿيون سرهيون سنگهاريون، پٽ ڦرن سينگار ڪيو
لويون لاڪيون لال سر تي، ڳچي پويون پايو هار.
ڪيا منڊل برسات برسي، "گلِ" ٿڙيا پوئن مٿي
زعفران و سنبل ونرگس ڪليا ۽ ڪٽنهار.

1.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

حرمين	حرم پاڪ، مڪو مدينو
اُسهڻ	روانو ٿيڻ
واڌو	زائد، وڌيڪ، اضافي
جهَنگَ	گجي، ڪير يا لسي جي گَجي
جهبڻ	جيئن زالون چاڏي مان مکڻ ڪڍڻ وقت جهبينديون آهن.
وڙ	جزو، مادو، احساس
لُوس لَبُ	خواري، بدنامي، رولڙو
ڪاڄ	ڪاڌو، ماکي جو ڪاڄ
اُبَ	ٻاڦ، حرارت
لويون	شالون
سانپيان	سچ سمجهڻ، هوبهو، وانگر
برپٽ	ميدان
پونءِ	زمين، ڌرتي
ڪُبَ	ڪُبو، ورَي ويل، وَر وارو
ڪرڙو	سخت زمين، زمين جو قسم
ڪنٿهار	گل جو قسم
سلو	ٻوٽو
ڪُبَ ڪُبَ	هيٺ مٿاهيون
ٽُرت	سُتت، بروقت، فوري

گهبَ	گندي پاڻي ۾ هلڻ سبب پير ۾ نڪرڻ واري ڦرڙي
ملهار	ٺڏڪار، بهاري
هرسُو	هر پاسي، هر طرف، چوڌاري
تراهه	هيٺاهين
لاڪيون	لاک جون ٺهيل، اوني

1.5 غزل نمبر هڪ جي سمجهاڻي

1. نير جو رنگ پساڻ ڪافي ناهي. پر ان ڪي جيئن هٿ سان جهڳبو تيئن ان ۾ گهاٽاڻ وڌندي. عشق بہ اشين آهي، جيئن ان کي رلائبو تيئن منجهس واڌارو ايندو.
2. جيئن ڪُني ۾ پاڻي باه تي ٽهڪي ٿو، تيئن ڪاچ کي تيار ٿيڻ لاءِ بہ تپش گهرجي ٿي، تڏهن ڪاڻ لائق ٿئي ٿو.
3. مٺي زمين ۾ هر قسم جا وڻ، ٻيلا ۽ ٻليون ۽ وکون ٿين ٿيون پر کلر ۾ رڳا ٿُبَ ٿُبَ ٿين ٿا.
4. جنهن شخص کي هڪ ڀيرو ڪا ننڍڙي عادت پوي ٿي اها وڏي پڪي ٿي وڃي ٿي. جيئن ڪنهن ڪچي ڪاٺي کي هيڪر وَرَ پون ٿا تہ پڪي ٿيڻ تائين پختا ٿيو وڃن ٿا.
5. ڪب ڪب ۽ ڪرڙي واري زمين ۾ ڪڏهن بہ سالم سلا نٿا نڪرن.
6. شاعر "گل" ٿو چوي تہ جنهن جي پير ۾ گهُبَ نڪتل هوندي اهو ٽڪڙو ٽڪڙو وري ڪيئن هلي سگهندو.

1.6 غزل نمبر ٻہ جي سمجهاڻي

هن غزل ۾ شاعر ساونڻ جي مهيني ۾ مينهن جي وسڪاري وقت ٻهراڙي واري نظاري کي لفظن ۾ تہ اهڙو اثرائتو ڪري بيان ڪيو آهي جو ڄڻ تہ هوبهو مينهن وسي پيو. وسڪاري هلندي گاه ڦٽي آيو آهي. اتي مال پيو چري، مال جي ڳچين ۾ ٻڌل چڙن ۽ ٽلين جو وڻندڙ آواز ٻڌيو مالوارا خوش پيا ٿين. مينهن جي پاڻي تي ڦٽل گاه چرڻ ڪري مال سگهارو ٿيو آهي ۽ ڪير واري مال ڪير وڌايو آهي جنهن ڪري مال وارن جي مالي حالت بهتر ٿي آهي ۽ اهي خوشين ۾ نٿا ماپن.

2.فقير قادر بخش بيدل

2.1 تعارف

فقيرقادر بخش "بيدل" سنڌ جي مشهور صوفي فقيرن ۽ شاعرن مان هڪ آهي. سندس والد جو نالو فقير محمد محسن هو. بيدل سندس تخلص هو. سندن ولادت 1230 هجري بمطابق 1814ع ۾ روهڙي ۾ ٿي. 14 سالن جي عمر ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم مڪمل ڪيائين. "بيدل" جي ڪلام تي مجاز جو رنگ ڇانيل آهي. سندس ڪلام سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڏي چاهه سان ڳايو ويندو آهي. روهڙي ۾ روحاني درس ڏيندي 1872ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام کي سيد عبدالحسين موسوي مرتب ڪيو جيڪو 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

2.2 ڪافي نمبر هڪ

ٿالهه. ڪانگ لنوي مٿي لاتِ

محب مسافر جاڻ ڪي ايندا.

1. جيڪي ڏانهان درد منهنجي جون

پهتيون اُتي پرڀات

اڄ اُميد تہ هيڻ نہ ڇڏيندا.

2. ورندا سيئي ساريان ٿي سڄڻان

طلب جنين جي آهي تات

ڳولي پانهنجي ڳڏ ڳڏيندا.

3. ايندا جو هت جانب جاني
وائي جنين حي مون آوات
دوست دلاسو دل کي ڏيندا.

4. درد فراق انهيءَ جي مون کي
حالئون نيو هيهات
وني وصال جي شال وندينداء

5. "بيدل" بلڪل ٿيءُ نہ ماندو
سنجهہ صبح کي رات
اچي هو توسان هڪ ٿيندا.

2.3 ڪافي نمبر ۾

ٿل. رات مون ڏي مارن جو، نئون نياپو آيو
ڏکيو ڏوراپو آيو.

1. جسمانيءَ جي ڪوٽ ۾
رکيئي رهڻ جو رايو.

2. مُلڪ مارن جو نت بهاريو
تو ڪيئن چتڙو چايو.

3. ويڙهيچن ڏانهن وچي ايڏانهن
تو ڪيئن خيال مٽايو.

4. مارن ريءَ هنن ماڙين ۾
تو چا سان من پرچايو.

5. هُتِ سنڀارن سانگيِ توکي

هِتِ ڪنهن سانگ رهايو.

6. ڪيهي سببان تو، هن ڏينهن

ڏيهون ڏور ڏسايو.

7. وڙ ساٿيهه ڏي سگهڙو "بيدل"

اُٿي سنبر ڪر سعيو.

2.4 ڏکين لفظن جي معنیٰ

لات	مٿي ڀولي
تاتِ	يادگيري، ذڪر
گولي	خادم، ملازم، نوڪرياڻي
واڻي	قول، ڳالهيون، گفتو، ٻول
دلاسو	دلداري، ڏڍُ
هيهات	افسوس
ماندو	غمگين
سنجهو	رات جو پهريون حصو
ڏوراپو	شڪوو، ميار
نت	سدائين
چت	عقل، دل
ويڙهيچا	ويڙهي وارا، ويڙهي ۾ رهندڙ، پنهنجا، مٽ مائٽ
پرڀائڻ	ريجهائڻ، سرچائڻ، خوش ڪرڻ
سانگ	سفر، ڪم جي مجبوري، ناتڪ
ڏيهون	ملڪ مان، ڏيهه ڪان
سنبر	تيار ٿي، تياري ڪر
سعيو	ڪوشش، تياري
رايو	مرضي، ارادو

2.5 ڪافي نمبر هڪ جي سمجهاڻي

ٿلهه.   ڪانگ اج ڏاڍي وڻندڙ ٻولي، ٻولي رهيو آهي. ان جي اها ٻولي ٻڌي اٿين ٿو لڳي تہ جڻ ڪي محبت وارا ايندا.

1. رات وڇوڙي واري درد جي ڪري جيڪي آهون ۽ دانهون پيئي ڪيون اٿم شايد اُهي محبوب ٻڌي ورتيون آهن. هاڻي اُميد اٿم تہ مون کي اهڙي حال ۾ ڪو نہ ڇڏيندا.
2. مون کي جن سڄڻن جي هر وقت تانگهہ ۽ طلب لڳل هوندي آهي اج بہ تن جي ياد ستائڻ لڳي اٿم. مونکي جن جي ايتري تات لڳل آهي تن کي بہ منهنجي اهڙي ئي سار هوندي. پڪ اٿم تہ اهي پنهنجي هن گولي کي اٿين ڪو نہ ڇڏيندا. سندس سار ضرور لهندا.
3. مون کي جن جي هر وقت طلب رهندي آهي، سي اميد تہ ايندا ۽ اچي دلاسا ڏيندم.
4. مونکي انهن جي در فراق، حال کان بي حال ڪري وڌو آ. شال وصال جو ڪو وارو وري.
5. اي بيدل! تون ماندو نہ ٿيءُ. رات يا صبح جو جڏهن بہ محبوب آيو تہ پڪ توسان ملڻ لاءِ اچي نڪرندو.

2.6 ڪافي نمبر ٻـ جي سمجهاڻي

مارئيءَ جي سُر ۾ شاعر هيءَ ڪافي جوڙي آهي، جنهن ۾ مارئي جي واتان چوايو آهي تہ مارن، رات ٺين نياپي ۾ ڏکن جو ڏوراپو موڪليو آهي تہ مارئي! تو ڪوٽن ۾ رهڻ جو پڪو ارادو ڪيئن ڪيو. مارن. مارئي کي خبر ڏني آهي تہ سندن ملڪ ۾ ڏاڍيون بهارون اچي ويون آهن تون ان جو آسرو پلي ڇڏيو آهي تو وطن وارن کان پري ٿيڻ وارو اهو خيال ڪيئن وساري ڇڏيو آهي. تنهنجي ملڪ وارا تہ توکي سيئني ياد پيا ڪن پر هڪڙي تون آهين جو (قيد جو) بهانو بنايو آهي اتي ويٺي آهين. ڪهڙو سبب آهي جو تو پنهنجي ڏيهہ کان پري ايترا ڏينهن گذاريا آهن. شاعر بيدل ٿو چوي تہ اُٿي تياري ڪر ۽ سنت ٿي سائيهہ ڏي ورڻ جي تياري ڪر.

3. خود آزمائي

بيت نمبر (1)

خليفي "گل" جي زندگي جو مختصر احوال لکو.

بيت نمبر (2)

خليفي "گل" جي شاعري جو مڪمل جائزو پيش ڪيو.

بيت نمبر (3)

خليفي "گل" سانوڻ واري مند جو جنهن انداز سان بيان ڪيو آهي، ان کي پنهنجي لفظن ۾ لکو.

بيت نمبر (4)

قادر بخش "بيدل" ڪافي نمبر 1 ۾ ڪهڙو مرڪزي خيال بيان ڪيو آهي.

بيت نمبر (5)

مارئي کي ڪير ڏور ايها ڏئي رهيا آهن.

بيت نمبر (6)

شاعر مارئي بابت جن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، اهو تفصيل سان لکو.

نوٽ: سوال جا جواب يونٽ جي واسطيدار حصن جو ابياس ڪرڻ سان اتي ئي ملي ويندا.

يونٽ نمبر 11

شاعر

1. مير عبدالحسين خان سانگي
2. مرزا قليچ بيگ

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

اوهان يونٽ نمبر يارهون پڙهڻ لاءِ ڪتاب هٿ ۾ کنيو آهي. هيءُ يونٽ ٻـ سنڌي جي ٻن اهم شاعرن جي زندگي جي احوال ۽ انهن جي چونڊ شاعري تي ترتيب ڏنل آهي.

يونٽ جا مقصد

هن يونٽ جي مطالعي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ اسان کي يقين آهي تہ اوهان:

(1) يونٽ ۾ ڏنل شاعرن جي زندگي تي خيال آرائي ڪري سگهندؤ.

(2) يونٽ ۾ ڏنل شاعري ۾ پيش ڪيل اعليٰ مقصد کي معلوم ڪري سگهندؤ.

(3) سنڌي شاعريءَ جي شعري خوبين کان واقف ٿي سگهندؤ.

(4) شاعرن جي ڏنل پيغام کي سمجهي ۽ سمجهائي سگهندؤ.

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] [illegible]

[illegible] [illegible]

[illegible] [illegible]

[illegible] [illegible]

[illegible]

فهرست

	صفحو
1. مير عبدالحسين خان سانگي	325
1.1 تعارف	325
1.2 غزل	326
1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	327
1.4 غزل جي سمجهاڻي	328
2. مرزا قليچ بيگ	329
2.1 تعارف	329
2.2 غزل 1	330
2.3 غزل 2	331
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	332
2.5 غزل نمبر 1 جي سمجهاڻي	333
2.6 غزل نمبر 2 جي سمجهاڻي	334
3. خود آزمائش	335

1. مير عبدالحسين خان سانگي

(1850.1924ع)

1.1 تعارف

ميرعبدالحسين خان "سانگيءَ" شهداداڻي ٽالپرن مان هو. سندس پيءُ مير عباس علي خان پنهنجي والد مير محمد نصير خان سنڌي جي پوٽين ٽالپر سان ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ نظر بند هو. اتي هڪ انگريز خاتون سان شادي ڪيائين جنهن مان 1850ع ڌاري مير عبدالحسين خان پيدا ٿيو. 1857ع ۾ سندس والد جي وفات ڪانپوءِ پنهنجي چاچي مير حسن علي خان سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ سندس سنڀال هيٺ رهڻ لڳو. حيدرآباد ۾ چڱي تعليم حاصل ڪيائين. سرڪار وٽان کيس اسپيشل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽي جو عهدو مليو.

کيس ننڍپڻ کان وٺي شاعري جو شوق هو. جواني ۾ سندس شاعري ڏاڍي ترقي ڪئي، سنڌ جا ناميارا شاعر جهڙوڪ حافظ حامد، سيد مرتضيٰ شاهه "مرتضائي" غلام محمد شاهه "گدا"، پير صاحبڏنو شاهه بلڙي وارو، سندس محل ۾ گڏجي شاعري جون محفلون ڪندا هئا. سندس ڪتابن مان "ديوان سانگي" ۽ لطائف لطيفي" ڪافي مشهور آهن، جي ڇپجي چڪا آهن، سندس مرزا پٽ شاهه تي آهي.

1.2 غزل

1. گذري جي ويا، سي زمانا ياد پيا

وسري جي ويا، سي ترانا ياد پيا.

دل تي آيا وامق و فرهاد و قيس

ڏسندي ئي دانا، ديوانا ياد پيا.

3. وادي مجنون ۾ ڏسندي سنگ و خار

عقل وارن جا خزانا ياد پيا.

4. ڏسندي ئي نو دولتن جون دولتون

اصل جي خانن جا خانا ياد پيا.

5. شيو يقين "سانگي" ترآهي سپ گذر

شان شاهن جا شهانا ياد پيا.

1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

ناميارو	نالي وارو، مشهور
ترانا	نغما
وامق	وامق ۽ عذرا : هڪڙي داستان جا اهم ڪردار
فرهاد	فرهاد ۽ شيرين به ايراني قصي جا مشهور ڪردار آهن.
قيس	ليليٰ جي عاشق مجنون جو نالو قيس هو
دانا	عاقل، عقل وارو
نادان	بي عقل
سنگ	پٿر
خار	ڪنڊا
چڪاس	جاچ جوچ
دولتن	دولت جو جمع، دولتون
خانن	خان جو جمع خان، سردار، مير، رئيس
خانا	چوڪڙيون، گهرڙا
شهانا	بادشاهن جهڙا

1.4 غزل جي سمجهاڻي

1. وري گذريل زمانا ياد پيا آهن ۽ وسري ويل گيت ۽ نغما ٻيهر ياد آيا اٿم

2. دل تي وامق، فرهاد ۽ قيس جا قصا ياد آيا آهن. داناءُ دوستن کي ڏسڻ سان ئي ديوانا ياد اچڻ لڳا آهن.

3. مجنون واري عشق جي وادي ۾ قدم رکڻ سان، کيس ماڻهن طرفان لڳل پٿر ۽ ڪنڊا ياد آيا اٿم ۽ انهن کي ڏسي، اهي عقل جا اڪابر به ياد آيا اٿم، جن اهڙن سچن عاشقن لاءِ عجيب فتوائون ۽ فيصلا ڏنا آهن.

4. جڏهن پرو ڀاون جي دولت ڏٺم ته مونکي حقيقي ۽ خانداني شاهوڪارن جي دولت ياد آئي.

5. غزل جو خالق، انسان کي چوي ٿو ته مونکي يقين آهي ته هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي، جيئن اڳين بادشاهن جا ٺٺ ٺاهه اڄ ماڻهن کان وسري ويل آهن.

2. مرزا قليچ بيگ

(1853-1929ع)

2.1 تعارف

مرزا قليچ بيگ جي والد جو نالو مرزا فريدون بيگ هو، جو مير مراد علي خان ۽ مير ڪرم علي خان جي ڏينهن ۾ ايران کان سنڌ ۾ آيو هو. مرزا قليچ بيگ 1853ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو.

ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪائين ۽ ميٽريڪيوليشن جو امتحان به اتان ڏنائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ممبئيءَ ويو. پوءِ اتان واپس اچي روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. آخر روينيو کاتي مان 1909ع ۾، ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان پينشن ورتائين. مرزا صاحب 76ورهين جي عمر ۾ ٽي جولاءِ 1929ع تي وفات ڪيائين.

مرزا صاحب جو سنڌي ٻولي تي هيءُ وڏو احسان آهي جو هن انگريزي ادب جي بهترين ڪتابن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌي جي مختلف شعبن ۾ وڏو علمي ذخيرو مهيا ڪيو. هن جا لکيل ناول، مضمون، ڊراما توڙي ٻيا علمي ڪتاب، سنڌي ادب ۾ وڏي عزت سان ڏٺا وڃن ٿا جي ذري گهٽ سمورا سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا آهن.

2.2 غزل نمبر هڪ

1. چڱائي ۽ انصاف جي ڪٿ ب يار
اجوڪي زماني ۾ ڪانهي پچار.

2. وڏا اڄ ننڍن جا ٿيا زيردست
سخي سڀ بخيلن اڳيان ٿيا خوار.

3. رزيلن جي در تي رلن ٿا شريف
ٿا منجهه بند، آزاد ڏسجن هزار.

4. رهن خوش ٿا نادان، ساٿن مزا
۽ دانا ڏکن ۾ رئن زار زار.

5. چڙهي لاءِ گڏهن تي پيا سونا سنج
ڦٿيا تازي گهوڙا، کٽي سخت بار.

6. مگر سچ چيو تن، ترن ڪک مٿي
رهن موتي پاتار ۾ شاهوار.

7. هريل جي سواري جا پيادا سي اڄ
هليا ٿي جي پيادا، اهي اڄ سوار.

8. جي آباد هنڌ هئا، سي ويران ٿيا
۽ آباد، ويران هئا جي ديار.

9. ٿيا افسوس! بيقدر، ايماندار
ٿيا قدر وارا شرير ۽ مڪار.

10. مثال اُن سندا ڪيترائي ڏئي، "قليچ"
نموني جي مُٺ مان پروڙيو خرار.

2.3 غزل نمبر ٻيو

1. مشڪل ۾ پئو تہ آسان، مشڪل بہ ٿي پوي ٿو
پاڻي اندر ٽپڻ سان درياءَ جي ڊپ لهي ٿو
2. بدبوءِ ڪلن رڱڻ جي، گندن ڪمن ڪرڻ جي
خوشبوءِ ٿئي بدلجي، ماڻهو جڏهن هري ٿو
3. آفيم سنکيو ۽ ڀيا، جي زهر قاتل آهن
عادت سان ماڻهو تن جو، ڳنڍيو ڳهي وڃي ٿو
4. ڊوڙڻ، نچڻ، رسي تي، ليٽڻ، هٿن ٿا بازيون
ٻئي جو مٿو ڦري ٿو ۽ هو مٿان ڪري ٿو
5. گهوڙا بہ گڏهہ ڊوڙائي، بيهي پٺن تي تن جي
هڪلن لغام ڏاران، چهبڪ بہ هو هڻي ٿو.
6. سيکو هنر يا حرفت آهي اول ۾ مشڪل
ورزش ڪان ڏکيو ڪم پي، آخر سکيو ٿئي ٿو
7. دل ۽ دماغ جا ڪم، عضون ڪان گهٽ نہ آهن
هر ڪو ڪرامت آن ڪي، يا معجزو چوي ٿو
8. پنهنجو شرف تون ڏاتي، ڏس ڏيان سان، "قليچا"
هل رستو سو هميشہ، هت توکي جو ٺهي ٿو.

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

زيردست	ماتحت، حڪم هيٺ
بخيل	بُخل ڪرڻ وارو، ڪنجوس
رزيل	وِيَلُ، بيڪار، ڪميڻو
بند	قيدخانو
پاتار	پاتالُ، ترو
ديار	ڌرتي، زمين
مڪار	مڪريل، فريبي، ٺگُ
شرير	شرارت ڪندڙ
سندا	پنهنجا، جهڙا، جا
بدبو	ڌَپَ
هرڻ	عادت ٿيڻ
سنکيو	ڪچو زهر، توتيو
ڌاران	ڪانسواءِ، بغير
ڪرامت	ولين هٿان ٿيندڙ ڪارناما
معجزا	نبين هٿان ٿيندڙ ڪارناما
شرف	شان، عزت، مانُ، اعزاز
پچار	گفتگو، ڳالهه ٻولهه
زيردست	قبضي ۾ اچي وڃڻ
نادان	بي وقوف، اڻ ڄاڻ
دانا	عقلمند، شعور رکندڙ
پيادو	بناسواري جي پيرين پنڌ

2.5 غزل نمبر هڪ جي سمجهاڻي

1. شاعر پنهنجي زماني جي بي مروتي ڏسي افسوس ڪندي چوي ٿو ته چڱائي ۽ انصاف جي ڳالهه، تي ڪير به ڪو نه ٿو ڪري.

2. اڄ ننڍا ، وڏن جي حڪم هيٺ آهن سخي سڀ بخيلن جي اڳيان خوار آهن.

3. شريف ويچارا رزيلن جي درن تي رلن پيا اهي ٿي شريف بند ۾ آهن ۽ بدمعاش ٻاهر آزاد آهن.

4. نادان خوشين ۾ وتن گذاريندا ۽ دانا ڏکن ۾ آهن جو زارو زار رئن پيا.

5. شاهي سواري ڏاج آهي گهوڙن جو ۽ سونا سنج به مٿن ٺا ٺهن. پر اڄ گڏهن تي سونا سنج پيل آهن ۽ ان کي شاهي سواري جو مرتبو مليو آهي. ان جي ابتڙ، گهوڙن کان گڏهن وارو بار ڍوئڻ جو ڪم وٺي هاٿي اهي ڦٽجي ۽ زخمي ٿي پيا آهن.

6. اها حقيقت آهي ته ڪک پاڻي تي ترندا آهن پر موتي ۽ گوهر تري ۾ پيا هوندا آهن.

7. جيڪي سواري جا هيراڪ هئا اهي پيادا آهن ۽ جيڪي اڳي پيادا هوندا هئا تن کي سوار ٿو ڏسجي.

8. آباد هنڌ ويراني ۾ ۽ ويران هنڌ آبادي ۾ بدلجي ويا آهن.

9. افسوس آهي جو بي قدرا اڄ ايماندار ۽ قدر وارا شرير ۽ مڪر وارا ٿا ڪوٺجن.

10. اي قبيلچ اهڙا ڪيترائي مثال آهن. هت ته رڳو ان جي خرار مان مُٺ پري زماني جو نمونو ظاهر ڪيو ويو آهي.

2.6 غزل نمبر ٻه جي سمجهاڻي

1. جي ڪو ڪم مشڪل هجي پر ڪرڻ جو ارادو ڪجو تہ اهو آسان ٿي پوندو. جيئن درياهہ جو ٻوڙ پاڻي ۾ گهڙڻ کانپوءِ ختم ٿي وڃي ٿو.

2. جي رنگ ۽ ٻڙ ڪنهن وقت ڏاڍي ڏپ ايندي آهي پر هري وڃڻ کانپوءِ اها ڏپ خوشبوءِ ۾ بدلجي ويندي آهي.

3. شاعر جو چوڻ ۾ چوي ٿو تہ آفيم جهڙي غليظ زهر جهڙي نشي جو جڏهن ماڻهو عادي بڻجي وڃي ٿو تہ پوءِ اهڙي زهر جهڙين ڳنڍين بہ ڳهي وڃڻ ۾ هو دير نہ ٿو ڪري.

4. عشق جي نظارن کي پري کان ڏسڻ سان مٿو ڦيرو ڦري. پر ڏسو تہ ڪاريگر ڪيئن تہ انهن ٿي دوڙن، نچن ۽ ٽپا ڏين.

5. ميدان جي جنگ ۾ گهوڙا ڊوڙائي انهن جي پٺيءَ تي ويهي هلڻ بہ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي.

5. هر ڪم شروع ۾ مشڪل آهي. پر اهو سڀ وري وري ڪرڻ سان سولو ٿيو ٿو پوي.

7. دل ۽ دماغ وارا ڪم بہ هٿن پيرن سان ٿين ٿا اهي ڪنهن کان سولا ناهن. پر ڏسو تہ اهي ڪيئن نہ ٿيو وڃن ۽ ماڻهو ان کي ڪرامت ۽ معجزا ٿيا چون.

8. اي غليظ! توهان پنهنجو اعزاز بہ ڏيان سان نہ. هت سدائين ان رستي کي هلڻ جي ڪوشش ڪر. جيڪو توکي سونهين ۽ جڳائي.

3. خود آزمائي

سوال نمبر (1)

مير عبدالحسين خان سانگي جي زندگي بابت جيڪي اوهان پڙهيو آهي تنهن کي پنهجن لفظن ۾ بيان ڪيو.

سوال نمبر (2)

سانگي جي غزل جو خلاصو پيش ڪيو.

سوال نمبر (3)

مرزا قليچ بيگ جي زندگيءَ جو مختصر احوال لکو.

سوال نمبر (4)

مرزا قليچ بيگ مرحوم جي شاعريءَ جي مرڪزي خيال کي پنهنجن لفظن ۾ لکو.

سوال نمبر (5)

هيٺين هدايل شعرن جو مطلب سمجهايو:

(الف) سانگي جي غزل جو شعر نمبر 6

(ب) مرزا قليچ بيگ جي شاعري جو شعر نمبر 9

(ت) شريف اڄ ڪنهن جي درن تي رُلن ٿا؟ شاعر جو ان مان مطلب ڇا آهي کولي سمجهايو.

نوٽ: ضروري سوالن جا جواب يونٽ جي واسطيدار حصن تان ڏسي سگهجن ٿا.

یونٹ نمبر 12

شاعر

1. محمد ھاشم مخلص
2. شیخ عبداللّٰہ عبد

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

پنهنجي نصاب جو هيءُ ٻارهون يونٽ اوهان پڙهڻ لاءِ کوليو آهي. هن يونٽ ۾ اوهين محمد هاشم "مخلص" ۽ شيخ عبد الله عبدالواسع "عبد" بابت ڄاڻ سچان حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن شاعري جي ڪجهه مثالن کي به واقف ٿيندؤ. هن يونٽ جي پڙهائي پوري ڪرڻ کانپوءِ اسان کي پڪ آهي ته توهين:

يونٽ جا مقصد

(1) هنن ٻنهي شاعرن جي زندگيءَ بابت مختصر، ليڪن مڪمل معلومات حاصل ڪري سگهندا.

(2) ٻنهي شاعرن جي شعري خوبين کان آگاهه ٿي سگهندا

(3) ٻنهي شاعرن جي علمي ۽ ادبي صلاحيتن جو داد ڏيئي سگهندا

(4) شاعرن جي شاعري پڙهي، ان جو مطلب سمجهي ۽ سمجهائي سگهندا

فهرست

	صفحو
1. محمد هاشم مخلص	343
1.1 تعارف	343
1.2 غزل	344
1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	345
1.4 غزل جي سمجهاڻي	346
2. شيخ عبدالله عبد	347
2.1 تعارف	347
2.2 قادر جي قدرت	347
2.3 شرط	348
2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ	349
2.5 قادر جي قدرت بابت شعرن جي سمجهاڻي	352
2.6 "شرط" بابت شعرن جي سمجهاڻي	353
3. خود آزمائش	354
4. جواب	355

1. محمد هاشم مخلص

(1860-1934ع)

1.1 تعارف

ٺٽي جي مشهور علمي خاندان مان، سنڌ جي مشهور شاعر حامد جو فرزند هو. "مخلص" سنڌي شاعري ۾ پنهنجو خاص مقام رکي ٿو. سندس طبيعت ۾ غضب جي رواني هئي. هڪ ئي نشست ۾ سو ڏيڍ سو شعر چئي ويندو هو. ادبي جهيڙن جهٽن ۾ سندس طبيعت جا جوهر کلندا هئا. اخبارون ۽ رسالا گهڻي ئي ڪڍيائين ۽ بند ڪيائين. پوئين وقت ۾ ميرپور خاص مان "مسلمان" نالي هڪ اخبار ڪڍيائين. جا پنهنجي ادبي حيثيت ۽ مزاحيه مضمون ڪري ڏاڍي چاهه سان پڙهي ويندي هئي. سندس شعر ۾ پختگي ۽ حسن ۽ رواني آهي. ظرافت ۽ خوش طبعي سندس طبعي خصوصيتون هيون جن جو عڪس سندس مضمونن ۽ شعرن مان نمايان نظر اچي ٿو.

1.2 غزل

1. دل ڪنهن سان رڪان، هاءِ جو دلبر نہ مليو ٿو
چا ظلم سهان ڪوئي ستمگر نہ مليو ٿو

2. خط منهنجو نيو جنهن سو ڪبوتر نہ مليو ٿو
چا ذڪر ڪبوتر سندو، هڪ پر نہ مليو ٿو

3. زلفن جي طرح عمر بسر آه ٿي منهنجي
هن خانہ بدوشن کي ڪٿي گهر نہ مليو ٿو

4. چا ساڻ ڏيان يار جي دندان کي تشبيهہ
ڪنهن جاءِ تي اهڙو تہ ڪو گوهر نہ مليو ٿو

5. هڪ طالب، زر بت نہ ٿيو، غور سان ڏس تون
حق آهي تہ الله بہ بي زر نہ مليو ٿو

6. جا هجر ڪان ٿي چاڪ، سا دل منهنجي سِبي ڪير
اهڙو ڪوئي اُستاد رفوگر نہ مليو ٿو.

7. "مخلص" جو لبالب ٿئي عرفان مئي سان
ساغر اوبجز ساقي ڪوثر نہ مليو ٿو.

1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

هاشم	حشمت وارو، ڏيا رکندڙ
مخلص	خلوص وارو، وفادار
مزاح	کل ڀوڳ، ظرافت
نمايان	پڌرو، ظاهر
ستمگر	ستم ڪندڙ، ظالم
نِيڻ	وڏي وڇڻ، ڪٿي وڇڻ
زُلف	ڊگها ۽ نرم وار
بسر ڪرڻ	گذارڻ
خانہ بدوش	لاڏو هجرت ڪرڻ وارو، هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ متاڻ وارو
دندان	ڏند
تشبيهہ ڏيڻ	ڀيٽ ڪرڻ، هڪ جهڙائي ظاهر ڪرڻ
هجر	فراق، جدائي
رفو	ساڳئي رنگ جي ڌاڳي سان ڪپڙي ۾ ٿيل سوراخ کي بند ڪرڻ
رفوگر	رفو ڪندڙ
لبالب	ٽمٽار، صفا ڀريل
ساغرُ	سمنڊ
اُو	هُو
ہجز	هوبهو، جهڙو، وانگر
ساقي	شراب جو پيالو پياريندڙ، سهڻو سائي

1.4 غزل جي سمجهاڻي

1. دل ڪنهن سان لڳايان اهڙو ڪو دلبر ئي نظر نٿو اچي. ظلم به ڪنهن جو سهان، اهڙو ڪو سچو پچو ظالم به ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي

2. يار کي جنهن ڪبوتر هٿان خط موڪليم سو ڪبوتر نٿو ملي ڪبوتر ته پري، مورڳوان جو ڪو پر ئي نٿو نظر اچي.

3. منهنجي عمر محبوب جي زلفن وانگر گذري وئي. جيئن اهي للائن وانگر هڪ هنڌ ٽڪي رهي سگهن. تيئن مان به (آرامي ۾) هڪ هنڌ ويهي نٿو سگهان.

4. يار جي ڏندن سان ڪهڙي شئي جي ڀيٽ ڪيان. اهڙو ڪو موتي سچي، دنيا ۾ مون کي نظر ئي نٿو اچي.

5. چون ٿا ته ٻتن کي دولت نٿي گهرجي پر مون ڏٺو ته دولت کان بنا الله به نٿو ملي

6. جيڪا دل دلبر جي جدائي ۾ چيرجي ڦاڪون ڦاڪون ٿي پئي آهي. هاڻي تنهن کي جوڙائڻ لاءِ اهڙو ڪو ڄاڻو رفو گر يعني ڪاريگر ئي نٿو ملي.

7. مخلص صاحب غزل جي آخري بند ۾ پاڻ کي مخاطب ٿيندو. چوي ٿو ته جنهن عقيدت جي پيالي سان مخلص جي ٽوٽس ختم ٿيندي سا فقط ساقي ڪوثر جي معرفت يعني حضرت علي عليہ السلام جي ذريعي ملي سگهي ٿي.

2. شيخ عبدالله عبد

(1910-1973ع)

2.1 تعارف

ڪراچي ۾ رهندڙ "عبد" هڪ نهايت خاموش ادبي خادم هو. هن جي ادبي تنقيدن ادبي حلقن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ ادب ۾ فني ۽ عروضي تڪ مسائل ڏانهن وڏيڪ توجه ٿيڻ لڳو. هن جي شعر ۾ رواني ۽ پختگي آهي ۽ ترڪيبن ۽ تشبيهن جو استعمال چڱو لطف پيدا ڪري ٿو. هن حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن سان گڏجي "سنڌي ستار سوسائٽي" جي معرفت سنڌي زبان ۽ ادب جي واڌاري لاءِ چڱو ڪم ڪيو آهي.

2.2 قادر جي قدرت

1. هي آسمان هي بلندي تي نيلگون چادر
هي ماه و مهر جنهين تي مدار شام و سحر
2. هي صبح جنهن جي ڏجي حوئي نور سان تشبيهه
هي شام جنهن جي ڏجي زلف حور سان تشبيهه
3. شفق هي خون شهيد اداءِ شيرين جو
هي ابر دونهن ڪنهين دل ڏکيل ۽ غمگين جو
4. هي برق جا ٿي تجلي حسن جي تنوير
هي مينهن عاشق گريان جي حال جي تصوير
5. هي برف سان ڍڪيل چوٽيون ڪوهسارن جون
هي تن تي رانديون شعاعن جون ماهپارن جون

6. نسيم صبح، هي مستي جو عاشقن کي پيام
هواءِ شام، هي ڪنهن شوخ جو حسين خرامُ
7. سڀئي هي قدرت قادر کي آشڪار ٿا ڪن
اسان کي پنهنجي ڏٿيءَ جي اڳيان وٺي ٿا هلن

2.3 شرطُ

1. مسلمان! جيڪي تون چاهين، سو برابر ٿي پوي
چيز بدتر بہ چوڻ تنهنجي سان بهتر ٿي پوي
2. خاڪ کي مُٺ ۾ رکين جي تہ اها زر ٿي پوي
سنگريزه جي کڻين هٿ ۾ تہ گوهر ٿي پوي
3. لوهاڻ گهڙٿي تي ڦيراسين جي هٿ تون پنهنجا
باليقين لوهہ جو سو ٽڪرو بہ زيور ٿي پوي
4. تنهنجو الطاف جي غمخواري ڪرڻ ساڻ اياز
تہ سو، هم قسمت محمود و سڪندر ٿي پوي
5. جي وجهين نظري تون ڪنهن جهنگ ۽ ويراني ۾
تہ سو، ويرانو عدن باغ جو هڪ گهر ٿي پوي.
6. تيز طوفان ۾ روشن جي ڪرين تون ڪو چراغ
تہ جهڪو ان جي اڳيان ماه منور ٿي پوي.
7. الغرض تنهنجو ارادو، جيڪو چاهي سو ٿئي
تنهنجا الفاظ چون جيڪي سو اکثر ٿي پوي.

2.4 ڏکين لفظن جي معنيٰ

مرغزار	پکين جي رهڻ واري جاءِ، باغيچو
نسيم سحر	صبح واري ٿڌي هير
پيام	پيغام، سنيهو، نياپو
خرام	ٽهلڻ
قادر	قدرت وارو، هر ڪم ڪري سگهندڙ
آشڪار	ظاهر
بدتر	(بهتر جو ضد) ويل، بيڪار
سنگريزه	پٿر جو ٽڪرو
گوهر	موتي
باليقين	يقين سان، ڀروسي سان
الطاف	(لطف جو جمع) لطف، ڪرم، رحمت
غمخواري	غم ۾ شريڪ ٿيڻ
هم قسمت	ساڳي قسمت وارو
هيچ	گهٽ، نه جهڙو
پرتو	عڪس، پاڇو
همسري	برابري
باغ عدن	عدن وارو باغ (شداد ڪافر طرفان جوڙايل باغ ڏي اشارو آهي)
چراغ	ڏيو
ماه منور	روشن چنڊ
تابع	حڪم تي هلندڙ

عبد	ٻانهو، غلامي ڏيندڙ
تقاضا	گهُر، طلب، مطالبو
بلندي	اوچائي
نيلگون	جهڪيل، نيرو رنگ
خوب نور	نور وارو هنڌ، چمڪندڙ جاءِ
شفق	شام جو جونجهاڪڙو
ادا	ناز، نخرو
ابر	ڪڪر
غمگين	عمر ۾ گذاريندڙ، ڏکويل
برق	بجلي
تنوير	ڪرڻو
گريه	آه و زاري
گريان	آه زاري ڪندڙ
چرخ	جهان
چهارم	چوٿون
سبزه زار	ساوڪ
زمردين	زمرد جي رنگ جهڙو ساوو
آبشار	اوچائي تان ڪرندڙ پاڻي جو چشمو
ڪوهسار	جابلو علائقو
ماه	مهينو، چنڊ
ماه پاره	چنڊ جو ٽڪرو
قمر	چنڊ
شمس	سج

الغرض	غرض ته، مطلب ته
الفاظ	لفظ جو جمع
الفج	دور ڏسڻ، نجات لهڻ، چوڌاري ڏسڻ
الفت	پيار
علامت	نشاني
لازم	ضروري
شامل	مخصوص، پورو
اوقات	وقت جو جمع
[illegible]	جيت جهڙو ساع
[illegible]	[illegible]

2.5 قادر جي قدرت بابت شعرن جي سمجهاڻي

1. هوءُ آسمان ۽ بلنديءَ تي نيري رنگ جي چادر ۽ جيڪي چنڊ تارا آهن، تن تيِ ڏينهن ۽ رات جو دارومدار آهي.
2. هيءُ صبح جنهن کي نور سان تشبيهه ڏجي ۽ هوءَ شام جنهن کي شاعر حور جي وارن سان ڀيٽ ڏين ٿا.
3. هيءُ سانجهيءَ جي شفق، جنهن کي ڪنهن جي مئڙي ادا سان شهيد ٿيل جي خون سان ڀيٽ ڏجي ٿي ۽ هيءُ ڪَڪرُ، جن کي ڪنهن جي غمن ڀريل دُکي دل جي دونهين (آه) سان تشبيهه ڏيڻ کپي.
4. ڪڪرن جي ڪنوڻ جڻ ڪنهن سهڻي ڇهري جي چمڪ آهي پر برسات جو وسڻ جڻ محبوب جي وڇوڙي ۾ عاشق جا لڙڪ وهائڻ آهي.
5. برف سان اڇيون ٿيل جبل جون اوچيون چوٽيون، تن جي مٿان چنڊ جي ڪرڻن جڻ تہ راند رچائي آهي.
6. هيءُ صبح جي ٿڌڙي هير جڻ تہ حسينن جي هلڻ جو هڪ اندازو ڀيو ڀانئجي.
7. هي سڀ قادر جي قدرت کي ظاهر ٿا ڪن ۽ اسان کي پنهنجي ڏٺي اڳيان وٺي ٿا هلن.

2.6 شرط بابت شعرن جي سمجهاڻي

1. اي مسلمان! تون جيڪي ڪرڻ چاهين اهو ٿي پوندو. جي تون ڪنهن خراب شيءِ کي بهتر بڻائڻ چاهين ته اهو به ٿي سگهندو.
2. تو ۾ ايتري همت آهي جو مٽي جي ذري کي مٺ ۾ رکي سون بڻائين ۽ جي ڪنهن پٿر کي هٿ ۾ رکي موتي بڻائين ته اهو به ٿي پوندو.
3. اڻ گهڙيل لوهه جي مٿان رڳو هٿ رکين ته يقيناً اهو به زيور ٺهي پوندو.
4. تون جنهن جي مٿان لطف ڪرين ۽ جنهن جي غمخواري ڪرين ته هوند، ان جي قسمت به محمود ۽ سڪندر جهڙي ٿي پوي.
5. جي تون ڪنهن جهنگ ۽ ويراني ۾ نڪري وڃين ته اهو به ويرانو به عدن واري جنت جو هڪ حصو بڻجي پوندو.
6. جي تون تيز طوفان ۾ ڏيو ٻارڻ جو ارادو ڪرين ته (ان جي روشني ايتري تيز ٿي پوي) . جو ان ڏيئي جي اڳيان چوڏهين جو چنڊ به جهڪو نظر ايندو.
7. مطلب اهو ته تون جيڪو به ارادو ڪندين ته نه رڳو اهو ٿي پوندو پر جيڪي تنهنجي ڪلام ۾ (زبان تي) آهي اهو به يقيناً ٿي پوندو.

3. خود آزمائي

سوال نمبر (1)

هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:

(1) "مخلص" ڪهڙي اخبار جو ايڊيٽر هو؟

(2) "مخلص" ڪهڙي شهر مان اخبار ڪڍندو هو؟

(3) "مخلص" جو تعلق سنڌ ۾ ڪهڙي علائقي ۽ شاعريءَ سان هو؟

(4) شيخ عبد الله "عبد" ڪهڙي اداري جي معرفت ادب جي خدمت ڪئي؟

(5) هن يونٽ ۾ "عبد" جي شاعري ڪهڙن عنوانن سان ڏني وئي آهي.

سوال نمبر (2)

هيٺ ڏنل تشبيهون سمجهايو:

(1) عاشق گريان جي حال جي تصوير.

(2) چانديءَ جو چشمه ڪوثر.

(3) ابر دونهن ڪنهن دل دُکيل جو.

(4) هم قسمت محمود و سڪندر.

(5) شاعر غزل خوان جي صدا.

سوال نمبر (3)

"مخلص" جي غزل جو اختصار لکو.

سوال نمبر (4)

"قادر جي قدرت" کي نثر ۾ لکي ڏيکاريو.

سوال نمبر (5)

"شرط" جو مرڪزي خيال بيان ڪيو.

4. جواب

سوال نمبر (1)

(1) "مخلص" ، "مسلمان" اخبار جو ايڊيٽر هو.

(2) "مخلص" ميرپور خاص مان اخبار ڪڍندو هو.

(3) "مخلص" جو تعلق سنڌ جي ٿَر واري علائقي جي شاعرن سان هو.

(4) شيخ عبد الله "عبد" "سنڌي سڌار سوسائٽي" نالي اداري جي معرفت ادب جي خدمت ڪئي.

(5) هن يونٽ ۾ "عبد" جي شاعري جا ٻه عنوان آهن: هڪ قادر جي قدرت ۽ ٻيو شرط

سوال نمبر (2)

(1) آه و زاري ڪندڙ ڪنهن عاشق وانگر هيءَ بارش به لڳاتار وسڪارو لايو بيٺي آهي.

(2) آبشار مان هيٺ ڪرندڙ پاڻي تي چنڊ جي پوندڙ روشني ان کي اهڙو بنايو آهي، جو ڄڻ ته اهو چشمو پاڻي جو نه پر چاندي جو آهي.

(3) ڪاري دونهين جهڙا ڪڪر ائين ٿا لڳن جهڙي ڪا ڏکايل دل هجي.

(4) تاريخ ۾ مسلمان سپه سالار محمود ۽ يوناني بادشاهه سڪندر اعظم کي بهترين قسمت جا ڌڻي ڪوٺيو ويو آهي. هتي انهن ڏانهن اشارو ٿيل آهي.

(5) شاعر جي انهيءَ مخصوص انداز ڏانهن اشارو آهي، جيڪو پنهنجي ڏکيءَ دل جي صدا کي شاعري جي حوالي سان ظاهر ڪندو آهي.

یونٹ نمبر 13

شاعر

1. حافظ محمد احسن
2. شیخ عبدالحلیم جوش

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

هيءُ اوهان جي نصاب جو ٽيرهون يونٽ آهي. هن ۾ اسان اوهان سان حافظ محمد "احسن" ۽ شيخ عبدالحليم "جوش" کي متعارف ڪرائڻ سان گڏ اوهان کي انهن جي چونڊ شاعري جو اڀياس ڪرائڻ چاهيون ٿا ته جيئن هن يونٽ جي مطالعي کانپوءِ توهان:

يونٽ جا مقصد

(1) شاعرن سان متعارف ٿي سگهو.

(2) سندن شاعريءَ جي انداز سان واقف ٿي سگهو.

(3) هنن شاعرن جي عظمت ۽ علميت پرکي سگهو.

(4) هنن شاعرن جي پيغام کي هٿين سان هنڊائي انهن جي فن ۽ فڪر جي اپٽار ڪري سگهو.

فهرست

	صفحو
1. حافظ محمد احسن	363
1.1 تعارف	363
1.2 وطن	363
1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	364
1.4 وطن جي شعرن بابت سمجهاڻي	364
2. شيخ عبدالحليم جوش	365
2.1 تعارف	365
2.2 نوجوانن جو عزم	365
2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	366
2.4 شعرن جي سمجهاڻي	367
3. خود آزمائشي	368
4. جواب	369

1. حافظ محمد احسن

1.1 تعارف

حافظ محمد احسن چنا، 12 اپريل 1900ع تي ڳوٺ ملڪاڻي، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس نالو جمع خان هو. موجوده وقت جو هڪ سٺو شاعر هو. هر قسم جو شعر چيو اٿس سندس شاعريءَ ۾ قومي ۽ اخلاقي رنگ وڌيڪ آهي. پاڻ 18 جون 1986ع تي لاڏاڻو ڪيائين.

1.2 وطن

(1)

وطن پنهنجي سان هر انسان جي اُلفت، محبت آهه
وطن تان جان پي قربان صدقي ساري دولت آهه
وطن جي حب ٿي ايمان جي بيشڪ علامت آهه
وطن جي پڻ ڪرڻ هر فرد تي لازم ٿي خدمت آهه
وطن پنهنجو ٿيو هر ڪنهن کي دلبر ۽ پيارو آهه
وطن ۾ پنهنجي هر هڪ فرد عزت شان وارو آهه.

(2)

يقين ڪامل اسان کي آهه، هر دم حق جي رحمت ۾
بسر اوقات ٿيندا حق جي طاعت عبادت ۾
اسان جي زندگي ساري گذر ٿيندي محبت ۾
وطن پنهنجو سدا باغ ِارم ٿيندو حقيقت ۾
نه نالو رهندو ڪو غم جو، خوشي ۽ سادگي هوندي
اسان جي رشڪ جي قابل هي "احسن" زندگي هوندي.

1.3 ڏکين لفظن جي معنىٰ

هاشم	حشمت وارو، ڏيا رکندڙ
فرد	شخص، ڄڻو
طاعت	فرمانبرداري، چيو مڃڻ
قابل	سياڻو، لائق
عنصر	جُزو
شاعر	شعر جوڙيندڙ

1.4 وطن جي شعرن بابت سمجهاڻي

(1)

هر انسان کي پنهنجي وطن سان پيار ۽ محبت آهي. وطن تان جان ۽ مال قربان آهي، وطن جي حُب ايمان جي نشاني آهي. وطن جي خدمت ڪرڻ هر ڪنهن جي فرض مثل آهي. وطن پنهنجو هر ڪنهن جو دلبر ۽ هر ڪنهن کي پيارو آهي. پنهنجي وطن ۾ هر فرد کي عزت ۽ شان ملي ٿو.

(2)

اسان کي حق جي رحمت ۾ پورو پورو يقين آهي. سمورو وقت حق جي پيروي ۽ عبادت ۾ گذارڻ گهرجي. اسان جي سڄي زندگي محبت ۾ گذري ته حقيقت ۾ سارو وطن جنت وارو باغ بڻجي پوي. ائين ڪرڻ سان ملڪ مان غم جو نالو به متجي وڃي ۽ رڳو خوشي ۽ خوشحالي ڏسڻ ۾ ايندي. اي "احسن" هيءَ زندگي اهڙي ٿيندي جنهن تي ٻين کي به ريس پئي ايندي.

2. شيخ عبدالحليم جوش

2.1 تعارف

هي ڪراچي جي نئو آباد محلي جو رهاڪو هو. شعر ۾ اظهار خيال جي وسعتن پيدا ڪرڻ ۽ زبان کي نون رجحانن سان آشنا ڪرڻ جو ڪيس ولولو هو ۽ چاهيو پيو تہ سنڌي زبان هر لحاظ سان بين ترقي يافتہ زبانن سان همدوش ٿئي. سندس غزل ۾ بيان جي سلاست ۽ خيال جي جدت نظر اچي ٿي.

2.2 نوجوانن جو عزم

(1)

نئين نظام ۾ وڌڻ جون پُر خلوص ڪوششون
حيات خوشگوار جون، اِهي اٿو علامتون
وطن جي آبرو وڌي، اسين جي خود ڪفيل ٿيون
اسان تي ٿي جهان جي نگاهہ آهي ساٿيو!
اچو اچو، هلو هلو، وڌو وڌو، اي دوستو!

(2)

وقار قوم جو، اسان جي ولولن جي دام ۾
وطن جي آبرو اسان جي ڪوششن جي جام ۾
ملي اسان کي منزل مراد گام گام ۾
عمل جي راهہ ۾ اوهين اچا بہ تيز تر هلو!
اچو اچو، اي ساٿيو! وڌو وڌو، اي دوستو!

(3)

قدم قدم تي زندگي ٿي مشڪندي نظر اچي
اسان جي فڪر مان ٿي روشني ڪنيو سحر اچي
اچي اچي، ڀلي تہ ڪائي راه پر خطر اچي
اسان جو هر قدم وڌائي ٿو اسان جو حوصلو
اچو اچو، اي ساٿيو! وڌو وڌو، اي دوستو!

(4)

وطن جو ذرو ذرو آفتاب ٿو نظر اچي
زمين تي آسمان جو شباب ٿو نظر اچي
سيان جو رُخ تہ اڄ ٿي بي نقاب ٿو نظر اچي
اسان جي عزم سان جنون جو ساٿ آهي ساٿيو!
اچو اچو، هلو هلو، هلو هلو، اي دوستو!

2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

خوشگوار	وڻندڙ
خود ڪفيل	پاڻپرو
آبرو	عزت
گام	وِک، قدم
تيز تر	وڌيڪ تيز
سحر	صبح جو سُجهندو
حوصلو	ڏيُ

2.4 شعرن جي سمجهاڻي

(1) نئين نظام ۾ سچائيءَ سان ترقي لاءِ ٿيڻ واريون ڪوششون لطف سان زندگي گهارڻ واريون علامتون آهن. جيڪڏهن پاڻپرا ٿي وياسين ته ان سان وطن جي عزت ۽ آبرو وڌندي. اسين ٿي آهيون. جنهن تي سڄي جهان جون نگاهون لڳل آهن. اي دوستو! وک وڌايو اڳتي هلو سڀ دوستو.

(2) قوم جو مان ۽ شان اسان جو جوش ۽ ولولي ۾ موجود آهي ۽ وطن جي عزت اسان جي ڪوششن سان ملي ٿي. جيڪڏهن عمل جي راهه ۾ اوهان تيز تيز هلندؤ ته مقصد واري منزل جڻ ته وک پنڌ تي بيٺي آهي.

(3) اسان جي هر ڪامياب قدم تي زندگي کلندي ڪڏندي ڏسجي ٿي. اسان جي ٿي فڪر ۽ سوچ سان رات جي اونداهي مان ترقي جو سج اڀرندو. جي ڪا خطري واري وات هجي ته اها ب پلي اچي. اسين حوصلي سان قدم وڌائي ، ان خطري مان ب پار پئجي ويندا سين.

(4) اسان جي وطن جو ذرو ذرو چنڊ وانگر چمڪندو ٿو ڏسجي. خوشحال ماڻهو ۽ سر سبز زمين، جڻ ته آسمان جي ب جواني آهي. جيڪڏهن اسان جي پڪي ارادي سان جنون ب شامل رهيو ته اها سياڻي جي تصوير آهي. جيڪا اڄ پٺي نظر اچي.

3. خود آزمائي

سوال نمبر (1)

"وطن" جي شاعريءَ کي نثر ۾ لکو.

سوال نمبر (2)

"نوجوان جو عزم" کي نثر ۾ بيان ڪيو.

سوال نمبر (3)

شاعر وطن بابت جنهن جذبي جو اظهار ڪيو آهي، تنهن کي پنهنجي لفظن ۾ لکو.

سوال نمبر (4)

نوجوان جي "عزم" جو خلاصو لکو.

سوال نمبر (5)

هيٺين سوالن جا مختصر جواب ڏيو:-

(1) وطن جي حُبَ کي شاعر ڇا جي علامت ڪوٺيو آهي؟

(2) وطن مان غم کي ڪيئن متائي سگهبو؟

(3) وطن جي آبرو ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي؟

(4) قوم جو وقار ڇا ۾ موجود آهي؟

(5) وطن کي خطري مان ڪيئن پار ڪري سگهبو؟

4. جواب

سوال نمبر (5)

(1) شاعر وطن جي حُب کي ايمان جي علامت ڪوٺيو آهي.

(2) محنت سان خوشحالي ايندي ۽ محنت ۽ خوشحالي گڏجي وطن مان غم متائڻ ۾ مددگار ٿيندا.

(3) محنت سان ملڪ کي پاڻيهري بنائڻ سان ملڪ جي آبرو وڌندي.

(4) قوم جو وقار ان جي عوام جي جوش ۽ ولولي ۾ آهي.

(5) وطن کي عزم سان خطري مان پار ڪري سگهجي ٿو.

نوٽ: باقي سوال نموني طور ڏنل آهن جيڪي خود حل ڪرڻا آهن.

يونٽ نمبر 14

شاعر

1. شيخ اياز
2. سرويچ سجاولي
3. حڪيم نياز همايوني

يونٽ جو تعارف

شاگرد ساٿيو!

هن نصاب جو آخري ۽ چوڏهون يونٽ هن وقت اوهان پڙهڻ لاءِ کوليو آهي. هن يونٽ ۾ ٽن شاعرن جو تعارف شامل آهي. اها ته توهان کي به خبر آهي ته اهو تعارف تڏهن وجهي مڪمل ٿيندو، جڏهن شاعرن جي زندگي جي احوال سان گڏ سندس شاعري جو به اڀياس ڪنداسين. انهي ڳالهه کي اڳيان رکي، اسان هن يونٽ ۾ به شاعرن جي باري ۾ معلومات ڏيڻ سان گڏ سندن پيغام به پيش ڪيو آهي. هن يونٽ جي اڀياس ڪرڻ کانپوءِ اسان کي يقين آهي ته توهان:

يونٽ جا مقصد

(1) شاعرن جي زندگي جي باري ۾ معلوم ڪري سگهندؤ.

(2) شاعري ۾ پيش ڪيل خيالن جي روشني ۾ هاري جي محنت بابت ڄاڻي سگهندو.

(3) مزور جنهن مشقت سان حق حلال جي روزي ڪمائي ٿو تنهن جي تڪليف کي پرکي سگهندؤ.

(4) شاعري جي خوبين ۽ شاعر جي ڏنل پيغام کي به شاعري مان پروڙي سگهندؤ.

فهرست

	صفحو
1. شيخ اياز	377
1.1 تعارف	377
1.2 نظم نمبر هڪ ۽ ٻه	377
1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	379
1.4 نظمن جي سمجهاڻي	380
2. سرويچ سجاولي	381
2.1 تعارف	381
2.2 هاري ۽ مزور - نظم	381
2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	383
2.4 شعرن جي سمجهاڻي	383
3. حڪيم نياز همايوني	385
3.1 تعارف	385
3.2 وطن جو ترانو - نظم	385
3.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ	386
3.4 نظم جي سمجهاڻي	387
4 خود آزمائي	388
5. جواب	389

1. شيخ اياز

1.1 تعارف

شيخ اياز 3 مارچ 1923 ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو سندس پورو نالو شيخ مبارڪ علي هو. شيخ اياز موجوده دور جو اهم ۽ وڏو شاعر هو. هن جديد سنڌي کي نئون لهجو ۽ نئون اسلوب عطا ڪيو. هن نون سالن جي عمر ۾ پهريون پختو نظم لکيو ۽ تڏهن کان هو لڳاتار لکندو رهيو. شاعري ۾ هن جو رنگ يڪتا آهي. هن نہ رڳو گهڻو ڀر سٺو لکيو آهي. هن نثر ۾ توڙي نظم تي هڪ جيتري دسترس حاصل هئي. هن جا ٽيهاروڪن مجموعا ڇپجي چڪا آهن. هو ڪيترو ئي عرصو سکر ۾ رهيو جتي هو هاءِ ڪورٽ جو هڪ ڪامياب وڪيل هو. پاڻ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو وائيس چانسلر پڻ رهيو. ان کانپوءِ هو مستقل طور تي ڪراچي ۾ رهائش پذير ٿيو ۽ اتي ئي تاريخ 28 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪيائين. سندس آخري آرام گاهه ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي ڀٽ شاهه ۾ آهي.

1.2 نظم

(1)

سوچيو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏاند!
اکيون ٻہ هن جون بند، تہ آهي جسم ٻہ هن جو باند
پنهنجي سڄي آهن جي ڦٽ ڦٽ، سٽ سٽ جي آراند
سوچيو آهي انهيءِ تي ڪڏهين هن ڍيهي هيڪاند!

رکي سُکي تي راضي آهي، تنتي ٿڏي پيو ڪاهي
ڦٽ پٽ جو هو عادي آهي، ڪٽ پٽ هن ۾ ناهي
اوشل سينو ساهي، پاڄاري لاهي سانپاهي،

ٿونهي تي ٿونهي سان، هن چاڪي جو چڪر ڊاهي!
آخر ڪيسين جڳ جي جاندهه اونڌي اٿين گهلبي!

(2)

ملين تہ اچ ٿي ملي وڃ سايان هجان نہ هجان
خبر نہ آهہ، گهٽا ڏينهن زندگي آهي!
سياٽي سج نہ نڪري متان گهٽائن مان
سياٽي ٿهڪ نہ ٻڌجن متان فضائن مان
سياٽي مهڪ نہ ايندي، اٿين هوائن مان
اچين تہ راهہ ۾ رابيل اچ ٽڙي آهي
وري سڄڻ اٿين ٻي اچي ڪڏهن نہ متان
ملين تہ اچ ٿي ملي وڃ، سيان هجان نہ هجان.

1.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

رُکي سُکي	جيڪو مليو سو کائي ويو
راضي	خوش
تتي ٿڌي	گرمي سردي
عادي	هيراڪ
ضد پٽ	انڪاري. ڪهپي
سيني ساهي	مقابلو
جڳ	دنيا
جانده	جنهن ۾ ساهه پيل آهي
گهلبي	چڪبي، هڪلبي
ڀان	سياڻي
زندگي	حياتي
فضائن	هوائن مان
گهٽائن	ڪڪرن مان
مهڪ	خوشبو
ٽڙي	کلي پوندا
سڳنڌ	خوشبو

1.4 نظمن جي سمجهاڻي

(1) اياز پنهنجي نظم ۾ "چاڪي جو ڏاند" جي علامت ڪم آندي آهي. جيڪا برمحل ۽ برجستہ آهي "اياز" جنهن ڏاند جو ذڪر ڪري ٿو سو زبردست مشقت ۽ محنت ڪري ٿو. هن ۾ قوت آهي ۽ طاقت آهي. چنانچ ٻنهي سگهڻ جي طاقت آهي ۽ مالڪ سان وڙهي سگهڻ جي سگهہ آهي. هو محنت ۽ مشقت ڪري ٿو، پر سندس اکيون بند آهن ۽ جسم بہ هڏل آهي. هو گرمي سردي ۾ پيو هلي ۽ عيوض ۾ ڪيس رُکي سُکي بہ پيٽ ڀري کائڻ جيتري نٿي ملي. محنت هو ڪري ٿو ۽ وقت بوقت تڪليف هو سهي ٿو ڇهبڪ هو کائي ٿو، پر سندس محنت جو ثمر چاڪي کائي ٿو. جيڪو ڪيس جوٽي وجي هڻي ڪنهن ڪم جي حوالي ڪري ٿو. آخرڪار اهڙين دنيا ۾ جانور ڪيستائين اونڌي گهلبي رهندي؟

(2) هن نظم ۾ شيخ اياز پنهنجي محبوب کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ ملڻو اٿئي تہ اڄ ئي ملي وڃ. ڇو جو خبر نہ آهي تہ زندگي باقي گهڙيا ڏينهن آهي. ڇو جو ايتري بہ خبر نہ آهي تہ ڪالهہ وارو سڄ ڪڪرن مان نڪري بہ الائي نہ. اهين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ٽهڪن جا آواز بہ سهائي هوائن ۾ هڏبا بہ الائي ڪو نہ. جيڪڏهن تون هلي ايندين تہ رستي ۾ لڱل رابيل بہ ڪلي پوندا. ڇو جو انهن جي ٻيهر خوشبو بہ اچي الائي نہ ملڻو اٿئي تہ اڄ ملي وڃ سهائي متان هجان يا نہ هجان.

2. سرويچ سجاولي

2.1 تعارف

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو، شاعري جي دنيا ۾ "سرويچ سجاولي" جي نالي سان مشهور آهي. هي 14 مارچ 1937ع تي ڳوٺ محمد ابراهيم تارڙي لڳ سجاول، ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم فقط چار درجا سنڌي اٿس

سرويچ سنڌ جي عوامي شاعر مولانا حاجي احمد ملاح کان متاثر ٿيل آهي.

1959ع کان شعر چوڻ لڳو آهي. سرويچ جي شعر جي سڀ کان وڏي ۽ اُتم خوبي هي آهي جو سندس شعر بلڪل ٺيٺ سنڌي ٻولي ۾ آهن ۽ سندس لفظن ۾ ٻهراڙي جي زندگي جو عڪس آهي.

سندس شعرن جو مجموعو "آليون اکيون اُٿيا وار" ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي جو ڏاڍو پسند ڪيو وڃي ٿو.

2.2 هاري ۽ مزور

مزدور ٿيو چور ڪٽي ٻار پُٽن تي
انسان ڪٽي بوج، ڪجي جيڪو اُٺن تي
چا چا نہ ڪيو تنهن تہ آڱرن ڙي رُکن تي
افسوس! ڪيو ترس نہ ڪنهن تنهنجي ڏکن تي
هر سال وهي ڏاند جيان پيو ٿو ويچارو!
تحقيق هي مزدور آ قومن جو سهارو!

ڪوڏر بہ صبح شام هٿي ڪو تہ خبر پئي
ڏلها بہ متيءَ سر تي ڪٿي ڪو تہ خبر پئي
ڳتين ۾ سجا ڏينهن ڳٿي ڪو تہ خبر پئي
راتيون بہ بکئي پيٽ ٽٽي ڪو تہ خبر پئي
۽ گوڏ ڳنڍيءَ ۾ تہ ڪري ڪير گذارو!
ڪاٺي ڪو سڄي رات بنا سَوڙ سيارو!
هي بُٽ زمينون بہ ڪو کيڙي تہ خبر پئي
هر سنگ جدا تنهن کي سهيڙي تہ خبر پئي
هي ڪوڙ اَنن جا بہ ڪو ميڙي تہ خبر پئي
رستن تي پٿر سخت پکيڙي تہ خبر پئي
ڪورا بہ جلائي ڪو صبح شام ٻپهارو!
ڏامر جو لڳاتار ڪري ڪو تہ پگهارو!
ان ڪان بہ ڏسان پوءِ ٿو تن کي تہ ڏکيو ڙي!
بُت صاف اُگهاڙو ۽ سندس پيٽ بکيو ڙي!
سجڻن جا پسيو سُور وجي ساهہ سڪيو ڙي!
دم دم ۾ وڃي تن ليءِ، سندم دل تہ ڏکيو ڙي!
"سرويچ" پلا ملڪ ۾ ورندو بہ ڪو وارو؟
ملندو بہ غريبن کي جيئڻ جو ڪو سهارو!

2.3 ڏکين لفظن جي معنيٰ

سرويچ	سر جو سودو ڪرڻ وارو
متاثر	اثر وٺندڙ
اُتم	متاهون
نيٺ	نج، خالص
ترس	ڪهل، رحم
ڏلهو	مٽي کڻڻ جو ٽوڪرو
بُٺ	خشڪ ٿيل زمين
ڪوڙا	ڍِگَ، ڍير
ٻپهارو	ٻن پهرن جو وقت
پگهارو	پگهارڻ
سندم	منهنجو
سهيڙي	گڏ ڪري

2.4 شعرن جي سمجهاڻي

هڪ مزدور آهي جيڪو پٺن تي بار ڍوئي ٿڪجي چور ٿي پوي ٿو. اهو بار جي ڍوئڻ جو آهي، جيڪو هڪ انسان پيٽ خاطر پٺن تي ڍوئي ٿو. واقعي مزدور ئي آهي قوم جو سهارو.

ڌرتي ماءُ تي هڪ انسان ڪيڏا وڏا وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا آهن. پر افسوس ان ڳالهه جو آهي جو سندس حال تي ڪڏهن، ڪنهن کي به ترس نه آيو آهي. (جيئوٽيڪ) ڏاندان

وانگر هو سجو سال وهندو رهي ٿو. پر اها حقيقت آهي تہ هي مزدور ئي ڪري سڀني قومن جو سهارو رهي ٿو.

صبح شام ڪير ٿو ڪوڏر هٿي. هر ڪنهن جون هوند همتون جواب ڏيو وڃن. پر هيءُ تہ مٽي تي مٽي جا ڏلهابہ ٿو ڍوئي. ايتري محنت ڪانپوءِ بہ، پنهنجي زندگي جا ڏينهن گهٽيندي ٿو گذاري. بکئي پيٽ راتيون گذارڻ ڪيڏو مشڪل آهي. هن ڪي (مزدور ڪي) جسم تي پورو لباس بہ ناهي ۽ سجو ڏينهن گنجي ۽ گوڏ ۾ ٿو گذاري.

سياري جي سردي واري رات، سواءِ سوڙ جي گذارڻ، سُڪي ٺوٺ ٿي ويل زمين کيڙڻ، هڪ هڪ سنگ چوندي، گڏ ڪرڻ ۽ ڪوڙا اُنن جا ميڙڻ ڪيڏا نہ ڏکيا ڪم آهن. پر اهي سڀ ڏکيا ڪم مزدور ئي ڪن ٿا.

رستن تي پٿر پکيڙڻ، صبح شام ۽ ڪاڙهي تتي، ٻنپهرن ۾ ڪورا جلائڻ ۽ ڏامر پگهارڻ جهڙا مشڪل ڪم بہ هيءُ ئي ڪري ٿو، پر پوءِ بہ سندس زندگي ڏکن ۾ گذاري ٿو.

مزدور ۽ هاري ڪي ايتري ساري محنت ڪانپوءِ بہ ڏکيو، پيٽ بکيو ۽ بت اگهاڙو ڏسان ٿو. مزدور دوستن جا اهڙا حال ڏسي دل ڏکيو وڃي ٿي شاعر پاڻ ڪي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ "سرويچ" آخر ڪڏهن انهن مسڪين محنت ڪشن جو وارو ايندو. ڪين ڪڏهن ملندو انهن غريبن ڪي جيئڻ جو وارو؟

3. حڪيم نياز همايوني

3.1 تعارف

سندس نالو نياز حسن ۽ تخلص "نياز" آهي. اصل وينل ڳوٺ همايون، تعلقي شڪارپور جو. گهڻو عرصو حيدرآباد ۾ رهيو. مرڪزي اردو بورڊ حيدرآباد ۾ لئبررين جي عهدي تي فائز رهيو. سٺي پايي جو حڪيم به رهيو آهي. قومي تحريڪن ۾ بهري وٺڻ سبب سندس شعر ۾ قومي رنگ نمايان آهي.

3.2 وطن جو ترانو

1. آباد رک خدا يا! هي گلستان اسان جو
اُجڙي نہ بادِ صرصر، ڪان بوستان اسان جو
نازان رهن ٿا جنهن تي، شاه و گدا هميشہ
آهي سو ملڪ بيشڪ، جنت سمان اسان جو.

2. اوج و ڪمال اسان جو، دنيا ڏسي رهي آ
آهي بلند سڀ ڪان، نام و نشان اسان جو.

3. مشڪل ڪي منهن ڏيڻ ۾، همت شڪن نہ آهيون
اي آسمان بلاشڪ، وٺ امتحان اسان جو.

4. جهولي هي سبز جهنڊو، جاه وحشم سان هردم
پاڇي ۾ ان جي پلجي، پيرو جوان اسان جو.

5. اڄڪلهه "نياز" ان ۾، سڀ ڪجهه ڏسون پسون پيا
آهي وطن اسان لئه، گويا جهان اسان جو.

3.3 ڏکين لفظن جي معنیٰ

سرويچ	سر جو سودو ڪرڻ وارو
گلستان	سر سبز، شاداب
بوستان	وطن، ديس
اجڙي	ويران، برباد
نازان	فخر، وڏائي
گدا	فقير
بيشڪ	هميشه
اوج	عروج
همت شڪن	مايوس
پاڇي	ڇانو
جاه وحشم	رعب، دهدبو
جهان	دنيا
پيرو جوان	پيرسن ۽ جوان مڙس

3.4 نظم جي سمجهاڻي

بيت نمبر 1

نياز همايوني هن بيت ۾ چوي ٿو تہ اي پروردگار اسان جي هن گلستان جهڙي وطن کي هميشہ آباد رکج. سرءُ جي موسم ۾ بہ گرم هوا کان اجڙڻ بچائي جنهن ملڪ ۾ فقير ۽ شاھ سڀ فخر سان رهن ٿا سو اسان جو ٿي جنت جهڙو ملڪ آهي.

بيت نمبر 2

همايوني صاحب هن بيت ۾ چوي ٿو تہ ترقي ۽ خوشحالي اسان جي ملڪ جي سجي دنيا ڏسي رهي آهي. اسان جي وطن جو نالو نشان سڀ کان بلند ۽ بالا آهي.

بيت نمبر 3

همايوني صاحب هن بيت ۾ چوي ٿو تہ ڏکئي وقت ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻ ۾ ڪنهن کان گهٽ نہ آهيون اي آسمان جيڪڏن اسان جو امتحان وٺو اسان تہ آزمائي ڏس.

بيت نمبر 4

همايوني صاحب هن بيت ۾ چوي ٿو تہ هيءُ سائو پرچم هر گهڙي شان ۽ شوڪت سان جهولي پيو. انهيءَ جي ڇانو ۾ پيرسن ۽ نوجوان پلجن پيا.

بيت نمبر 5

همايوني صاحب تراني جي آخري بيت ۾ پاڻ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ "نياز" اڄ ڪلھ سڀ ڪجھ انهيءَ وطن ۾ ڏسون پيا پر تڏهن بہ سچو وطن اسان لاءِ جهان جيان آهي.

4. خود آزمائي

سوال نمبر (1)

(1) شيخ اياز ڪهڙي دور جو اهم شاعر آهي؟

(2) شيخ اياز ڪيتري عمر ۾ پهريون نظم لکيو؟

(3) شيخ اياز جو اصل نالو ڇا هو ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

(4) شيخ اياز جي مزار ڪٿي آهي؟

(5) شيخ اياز جي شاعري جو مجموعي تاثر پنهنجن لفظن ۾ لکو؟

سوال نمبر (2)

(1) سرويچ سجاولي سنڌ جي ڪهڙي عوامي شاعر کان متاثر ٿيل آهي؟

(2) سرويچ جي شعر جي سڀ کان وڏي ۽ اُتم خوبي ڪهڙي آهي؟

(3) سرويچ جي شاعري جو ڪهڙو مجموعو گهڻي قدر پسند ڪيو ويو ٿو؟

(4) ٻئي زمينن کي ڪير ڪيڙي ٿو ۽ سنگ جدا ڪري انهن کي ڪير سهيڙي ٿو؟

(5) نظم کي خيال ۾ رکي هاري ۽ مزدور جي وچ ۾ خيالي گفتگو لکو.

سوال نمبر (3)

(1) حڪيم نياز همايوني اُصل ڪٿان جو ويٺل هو؟

(2) ڪهڙي اداري ۾ نوڪري ڪندو هو؟

(3) ڪهڙين تحريڪن ۾ بهرو ورتائين؟

(4) نظم "وطن جو ترانو" جو خلاصو لکو؟

5. خود آزمائي جا جواب

سوال نمبر (1)

(1) شيخ اياز جديد دور جو اهم شاعر آهي.

(2) شيخ اياز نون سالن جي عمر ۾ پهريون پختو نظم لکيو.

(3) شيخ اياز جو اصل نالو شيخ مبارڪ ۽ پاڻ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو

(4) شيخ اياز جي مزارڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي ڀٽ شاهه ۾ آهي.

(5) خود ڪتاب جي مدد سان حل ڪريو.

سوال نمبر (2)

(1) سرويچ سجاولي سنڌ جي عوامي شاعر حاجي احمد ملاح کان متاثر ٿيل آهي.

(2) سرويچ جي شعر جي سڀ کان وڏي ۽ اُتم خوبي اها آهي تہ سندس شعر بلڪل ٺيٺ سنڌي ٻولي ۾ آهن ۽ سندس لفظن ۾ ٻهراڙي جي زندگي جو عڪس آهي.

(3) سرويچ جي شاعري جو مجموعو جيڪو پسند ڪيو ويو ٿو سو آهي "آليون اکيون اُٿيا وار".

(4) ٻُٺ زمينن کي هاري کيڙي ٿو ۽ سنگ بہ هاري سهيڙي ٿو.

(5) خود لکڻو آهي.

سوال نمبر (3)

(1) حڪيم نياز همايوني اُصل شڪارپور جو ويٺل هو.

(2) مرڪزي اردو بورڊ ۾ نوڪري ڪندو هو.

(3) قومي تحريڪن ۾ اڳ پرو ٿي بهرو ورتائين.

(4) خود لکڻو آهي.

یونٹ نمبر 15 تا 18

حِصہ اُردو

موضوعات

- نبی کریمﷺ کی ہجرت
- اسلامی حکومت کا امیر سب کا خادم ہوتا ہے
- سب سے بڑا اسلامی شاعر
- پاکستان کے لیے پہلا جہاد
- اسلامی کردار

فہرست مضامین

	صفحہ نمبر
☆ یونٹ کا تعارف	397
☆ یونٹ کے مقاصد	397
1۔ نبی کریمؐ کی ہجرت	**399**
1.1۔ مصنف کا تعارف	399
1.2۔ سبق کا تعارف	399
1.3۔ متن	399
1.4۔ مشکل الفاظ کے معنی	401
1.5۔ تشریحات	402
1.6۔ خود آزمائی نمبر 1	403
2۔ اسلامی حکومت کا امیر سب کا خادم ہوتا ہے	**404**
2.1۔ مصنف کا تعارف	404
2.2۔ سبق کا تعارف	404
2.3۔ متن	404
2.4۔ مشکل الفاظ کے معنی	406
2.5۔ تشریحات	407
2.6۔ خود آزمائی نمبر 2	408

3۔ سب سے بڑا اسلامی شاعر	409
3.1۔ سبق کا تعارف	409
3.2۔ متن	409
3.3۔ مشکل الفاظ کے معنی	411
3.4۔ تشریحات	412
3.5۔ خود آزمائی نمبر 3	412
4۔ پاکستان کے لیے پہلا جہاد	414
4.1۔ سبق کا تعارف	414
4.2۔ متن	414
4.3۔ مشکل الفاظ کے معنی	417
4.4۔ تشریحات	417
4.5۔ خود آزمائی نمبر 4	418
5۔ اسلامی کردار	420
5.1۔ سبق کا تعارف	420
5.2۔ متن	420
5.3۔ مشکل الفاظ کے معنی	422
5.4۔ تشریحات	424
5.5۔ خود آزمائی نمبر 5	424
6۔ جوابات	426

یونٹ کا تعارف

عزیز طلبہ و طالبات!

اس یونٹ میں آپ پانچ مضامین پڑھیں گے جن کے عنوانات حسب ذیل ہیں:

- ☆ نبی کریم ﷺ کی ہجرت
- ☆ اسلامی حکومت کا امیر سب کا خادم ہوتا ہے
- ☆ سب سے بڑا اسلامی شاعر
- ☆ پاکستان کے لیے پہلا جہاد
- ☆ اسلامی کردار

یونٹ کے مقاصد

اس یونٹ کو پڑھنے کے بعد آپ اس قابل ہو جائیں گے کہ:

1۔ آپ یہ وضاحت کر سکیں کہ ہجرت کسے کہتے ہیں اور تاریخ میں نبی کریم کی ہجرت کا واقعہ کیا اہمیت رکھتا ہے۔
2۔ حضرت عمر فاروقؓ کے کردار سے واقف ہو سکیں اور بیان کر سکیں۔
3۔ اسلامی شاعر علامہ اقبال کے خیالات پر روشنی ڈال سکیں۔
4۔ جہاد کے مفہوم اور اس کی اہمیت کو سمجھا سکیں۔
5۔ آپ کے اندر اسلامی اخوت پیدا ہو سکے۔

1- نبی کریمؐ کی ہجرت

سب سے پہلے جو سبق آپ پڑھیں گے، اس کا عنوان ہے "نبی کریم ﷺ کی ہجرت" جس کے مصنف علامہ سید سلیمان ندوی ہیں۔ اس میں مصنف نے نبی کریمؐ کی ہجرت کا واقعہ مختصراً بیان کیا ہے۔

1.1۔ مصنف کا تعارف

علامہ سید سلیمان ندوی برصغیر (پاکستان اور ہندوستان) کے عالم دین، مورخ اور اردو کے نامور مصنف تھے۔ انھوں نے نبی کریمؐ کی پاک سیرت پر کئی کتابیں لکھی ہیں۔ وہ جو کچھ لکھتے تھے، بڑی چھان بین کے بعد لکھتے تھے۔ ان کی تحریروں میں سادگی اور روانی پائی جاتی ہے۔

1.2۔ سبق کا تعارف

نبی کریمؐ کی ہجرت کا مضمون علامہ سید سلیمان ندوی کی کتاب "رحمتِ عالم" کا ایک حصہ ہے۔ اس میں مصنف نے نبی کریمؐ کی ہجرت کا واقعہ بیان کیا ہے۔ اہلِ قریش رسول اللہ ﷺ کے مذہب کے سخت مخالف تھے۔ جب وہ ان کو (نعوذ باللہ) قتل کرنے کے منصوبے بنانے لگے تو رسول اللہ کو ان کے ارادوں کا علم ہو گیا۔ انھوں نے ہجرت کی ٹھان لی اور ایک روز اپنے بستر پر حضرت علیؓ کو سُلا کر حضرت ابوبکرؓ کے ساتھ مدینے روانہ ہو گئے۔ اب آپ اصل سبق پڑھیے۔

1.3۔ متن

یثرب میں مسلمانوں کو امن کی جگہ مل گئی تھی اس لیے آنحضرت ﷺ نے مکّے کے مسلمانوں کو اجازت دی کہ وہ اپنا دیس چھوڑ کر یثرب کو چلے جائیں۔ مسلمانوں نے اب آہستہ آہستہ یثرب کو ہجرت کرنی شروع کی۔ آخر میں حضرت محمد ﷺ نے بھی مکہ چھوڑ کر ہجرت کرنی چاہی۔ قریش کے لوگوں کو بھی اس کی خبر مل چکی تھی۔ انھوں نے آپس میں مل کر یہ طے کیا کہ رات کو ہر قبیلے کا ایک ایک آدمی جمع ہو اور سب مل کر ایک ساتھ محمد ﷺ کو سوتے ہوئے قتل کر دیں۔ خدا نے آپ ﷺ کو ان کے اس مشورے کی خبر کر دی۔

مکّے والوں کو آنحضرتؐ کے مذہب سے گو سخت مخالفت تھی مگر پھر بھی سب کو آپ کی دیانت اور امانت پر بڑا بھروسہ

تھا چنانچہ بہت سے لوگوں کی امانتیں آپؐ کے پاس تھیں۔ آپؐ نے یہ امانتیں حضرت علی مرتضیٰؓ کو سپرد کیں اور فرمایا کہ آج تم میرے بستر پر آرام کرنا اور صبح لوگوں کو ان کی یہ امانتیں دے کر تم بھی چلے آنا۔ اس حکم کے مطابق حضرت علیؓ نے رات کو آنحضرت ﷺ کے بستر پر آرام کیا۔ قریش کے لوگ صبح تک گھر کو گھیرے پڑے رہے۔ صبح سویرے یہ دیکھ کر حیران رہ گئے کہ محمد ﷺ کے بجائے علیؓ ابن ابی طالب ہیں۔

